ٻوليءَ سندا ٻول

سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ معنائن لفظن
۽ پهاڪن جي تشريحي لغت

شهيد سومرو

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

ٻوليءَ سندا ٻول

(سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ معنائن لفظن
۽ پهاڪن جي تشريحي لغت)

شهيد سومرو

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر91

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

پوليءَ سندا پول پاران ایم ایچ پنھور انسٽیٹیوٹ آف سنڌ اسٹڊیز، چامشورو.

مصنف: شهيد سومرو

ڇاپو: پهريون

سال: 2005ع

تعداد: 1000

قيمت: 200 روپيا، 10 ڊالر، 6 پائونڊ

Catalogue Reference
Soomro Shaheed.
Boli-a Sanda Bol
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 969-8194-42-8

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Boli – a Sanda Bol

By	:	Shaheed Soomro
Edition	:	1st 2005
Quantity	:	1000
Published by	:	Sindhi Language Authority, National Highway, Hyd.
Tel	:	022- 9240050-3
Fax	:	022- 9240051
E-mail	:	sindhila@yahoo.com,sindhila1@hotmail.com
Website	:	www.sindhila.com.pk
Printers	:	Sindhu Publications, Hyderabad.
Price	:	Rs. 200/=$10, £ 6

هيءُ ڪتاب سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري غلام نبي ٻُليدي، سنڌو پبليڪيشن گاڏي کاتي، حيدرآباد مان ڇپرائي، اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

ناشر پاران:

لغت کي کنهن بہ ٻوليءَ ۾ لاڳاپيل ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو بنيادي ۽ اهم دستاويز تصور ڪيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو بين الاقوامي سطح تي ڳالهائيون ۽ سمجهيون ويندڙ ٻوليون ، هر سال واڌارن ۽ سڌارن سان لاڳاپيل لغتن جي اشاعت کي يقيني بڻائينديون پيون اچن. ڪنهن بہ موضوع تي لغت جي تياري، هڪ يا ٻن ڏينهن جو پورهيو نہ، بلڪ سالن جي تحقيق ۽ مطالعي جو نچوڙ هوندي آهي، تنهن ڪري اها موضوع ۽ تحقيق جي لحاظ کان پنهنجي اندر وسعت رکڻ ڪري سمورين علمي خوبين سان صدين تائين ٻين کي فائدو پهچائي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ ملڪي سطح تي اردوءَ کان پوءِ جنهن ٻوليءَ ۾ وڌ کان وڌ ادبي ذخيرو ۽ لغت جي اشاعت ممڪن بڻي آهي، اها سنڌي ٻولي ئي آهي . ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران گهڻ موضوعاتي لغتن جي تياري ۽ اشاعت واريون ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ ان جون حرفي پڇاڙيون متحرڪ ۽ سُر واريون آهن. اعرابن جي معمولي ڦيرڦار سان لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ واضح فرق سامهون اچيو وڃي. ڪيترائي لفظ تہ وري اهڙا آهن جيڪي ساڳيون اعرابون رکڻ جي باوجود بہ پنهنجي اندر معنيٰ ۽ مطلب ۾ انفراديت رکندي نظر اچن ٿا.

محترم عبدالخالق "شهيد سومرو" پاران تيار ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي خاص لفظن ۽ اصطلاحن جي هيءَ تقابلي ۽ تشريحي لغت ان سلسلي ۾ هڪ جامع اپياس پيش ڪري ٿي. ان کان علاوه هن لغت ۾ مختلف جاين تي اهڙن خاص لفظن جي تشريح ۽ سمجهاڻي بيان ڪندي حوالي طور شاهہ لطيف جي بيتن کي پڻ ڪتب آندو ويو آهي. جيڪي ڇڙ تہ هن تحقيق جي سَنَد جون ساکون پرينديون نظر ٿا اچن.

سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ تقابلي اپياس واري موضوع تي تيار ڪرايل هن لغت جي ڇپائيءَ سان نہ صرف ٻوليءَ ۾ گهٽ ۽ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن کي محفوظ ڪري سگهبو، پر ٻوليءَ تي تحقيق واري سلسلي کي پڻ هٿي ڏئي سگهبي.

لغت جو مسودو اداري ۾ بطور چيئرمين ذميواريون سنڀالڻ کان پهرين ڪمپوز ٿي چڪو هو، جنهن لاءِ اداري جي اشاعتي شعبي جي سربراهه خالد آزاد ۽ سندس سائين جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. آئون هن لغت جي مرتب محترم عبدالخالق شهيد سومري جو پڻ ٿورائتو آهيان جو هن اداري سان سهڪار ڪيو.

اميد ته هيءَ لغت سنڌي ٻولي، ادب ۽ لغت جي ڪم سان لاڳاپيل ٻين عالمن، اديبن، استادن ۽ شاگردن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندي.

عبدالقادر جوڻيجو
چيئرمين

17 آڪٽوبر 2005ع
حيدرآباد، سنڌ.

پنهنجي طرفان

شڪر الحمدلله ! جو اڄ منهنجو هيءُ ننڍڙو ڪتاب 'ٻوليءَ سندا ٻول" اوهان جي هٿن تائين پهچي ويو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد، سنڌ طرفان ڇپرايو ويو آهي. هونئن ته ڪنهن شاعر جو شعري مجموعو يا ڪنهن اديب جو نثر ۾ ڪتاب ڇپجي جڏهن پڙهندڙن جي هٿن تائين رَسندو آهي، تڏهن لکندڙ جي خوشيءَ جي حد ئي نه رهندي آهي. ائين ڄڻ ته ٿر ۾ مينهن پوڻ کان پوءِ اُتي جي ماڻهن جا مُنهن مُرڪي پوندا آهن. جيءَ جَرڪي پوندا آهن. سارنگ ڪين سڪن جون شاخون موڪليندو آهي، تيئن آئون به اڄ نهايت خوش آهيان. اصل ۾ مان ڪو وڏو اديب يا عالم ڪو نه آهيان. پر بنيادي طرح هڪ ننڍڙو شاعر آهيان. جو ڪَچي ڦِڪي شاعري ڪري يوسف جي خريدارن ۾ نالو لکرائيندو آهيان. بهر صورت گهڻي عرصي کان اهو علمي ۽ ادبي ذوق هو ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا به هڪ جهڙا لفظ آهن. جن جون اعرابون به ساڳيون آهن. پر انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم جدا جدا آهن.

مثال: مَنگَل': باهه "مَنگَل' منهنجي من ۾، ٻاريو هوت حمام" (شاهه)
مَنگَل': ماڻهوءَ جو نالو.
مَنگَل': ڏينهن جو نالو.

اهڙي نموني جا ڪيئي لفظ هن ڪتاب ۾ اوهان کي نظر ايندا. مطلب ته سڄو ڪتاب اُن رنگ ۾ رڱيل آهي.

منهنجا سائين! هتي هي به عرض ڪندو هلان ته مون پنهنجي زندگيءَ جو گُهڻو حصو درس و تدريس ۽ گذر معاش جي سلسلي ۾ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن سان گذاريو آهي. انهن سادن ۽ صاف انسانن وٽ جيڪو ٻوليءَ جو خزانو آهي، سو ڊگريون ۽ سرٽيفڪيٽ رکندڙ پڙهيل لکيل ماڻهن وٽ مشڪل نظر اچي ٿو. مون کي ٻوليءَ جا گهڻا لفظ انهن هارين ۽ پورهيت ماڻهن کان حاصل ٿيا ۽ اُهي مونتين جهڙا لفظ جڏهن شاهه سائين جي رسالي سان ڀيٽيم ته ساڳيا لفظ هوبهو ملڻ شروع ٿي ويا.

مون جڏهن هيءُ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو، تڏهن منهنجي سامهون شاهه سائينءَ جا ٻه رسالا موجود هئا. پهريون سائين غلام محمد شاهوانيءَ جو ۽ ٻيو سائين ڪلياڻ آڏوانيءَ جو ترتيب ڏنل. بهر صورت هن ڪَٺن ڪم ۾ مون کي پورو هڪ سال لڳي ويو ۽ گهربل مقصد وارو ڪتاب تيار ٿي ويو.

البت هن ڪتاب کي مڪمل لغت چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته مڪمل لغت لکڻ لاءِ وڏا علمي اصول ۽ قاعدا آهن، جنهن جي مون کي ڄاڻ ڪانهي، ڇو ته جتي ڏونري جهڙا ٿلها ڪارائتا لغت جا ڪتاب لکيل آهن اتي هيءُ ڪتاب ڀانهون ڀڏيو بيٺو آهي. بس هڪڙي ادبي ۽ علمي جُهوپڙي ٺاهي ان ۾ هڪ ڏيئو ٻاريو اٿم. الله ڪيس هوائن کان بچائي.

باقي هڪڙو عرض ڪندو هلان ته هن ڪتاب ۾ مون جيڪا نواڻ آندي آهي، اُها هيءَ آهي ته هر لفظ جي معنيٰ لکي ان لفظ جي حوالي سان شاهه سائين جا بيت، سنڌي چوڻيون ۽ سنڌيءَ ۾ جملا پڻ ڏنا اٿم، جيئن منهنجي هن ذهني پورهئي کي هر پڙهندڙ آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.

سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي، جيڪا اسان کي ڌرتي ماءُ جيان آهي، ته سڃاڻپ به آهي. عشق اهو هئڻ گهرجي ته جيجل ماءُ جي ٻوليءَ کي اسان وڏايون، ويجهايون، پاڻ پڙهون ۽ ٻين کي پڙهي ٻڌايون، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان هر روشن خيال سنڌي ماڻهوءَ ۾ فڪري، قومي ۽ تخليقي سگهه پيدا ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو مون هيءُ ڪتاب ’ٻوليءَ سندا ٻول‘ سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. شال هي منهنجو علمي ۽ ادبي پورهيو ساب پوي. اهڙي طرح هي گذارش ڪندو هلان ته ڪو به ڪتاب، سواءِ قرآن پاڪ جي، حَرفِ آخر ٿي نٿو سگهي، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته منهنجي هن ڪم ۾ ڪي فني ۽ علمي جهول به هجن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن عالمن کي عرض آهي ته منهنجي هن ڪتاب جي پڙهڻ ڪانپوءِ ادبي نيڪ نظر به ڦيرائن جيئن منهنجي رهنمائي ٿي سگهي. مون کي سندن مانائتي موٽ جو انتظار رهندو.

آخر ۾ آئون هن اداري جي چيئرمين صاحب، سيڪريٽري صاحب، اداري ۾ اشاعتي شعبي جي سٽ ۽ ڪمپيوٽر آپريٽرن جو نهايت ٿورائتو آهيان جن پنهنجو فرض نڀائيندي دلي طرح تعاون ڪري هيءُ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو.

مهرباني

الله ڏاهِي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

مونسين مون پرينَ، پورائيءَ ۾ پال ڪيا. (شاهه)

دعاگو

شهيد سومرو

21-12-2005

الف

آٻِرو بيمار، ضعيف، ڪمزور.
1- بَس يارَ! بيماريءَ آٻِرو ڪري ڇڏيو آهي.
2- بَس پيارا! ڪيتي ڳالهيُون آهن، جو آٻِروٽي ويو آهيان.

آٻِرو مسڪينُ، غريبُ.
1- ادا! کهڙو به آهيان، پَرَ اوهان جو آٻِرو ٻاءُ ته آهيان.
2- سائين آٻِرو ضرور آهيان، پَرَ بي ضمير ناهيان.

آٻِري ضعيفُ، ڪمزورِ، هيٺي، لَتَّلَ.
1- آدَّرِ نـــدَّرَ، آٻـــرِي، اوڳي اوائِي. (شـــاهـــ)
2- آدَّرِ نــدِر، آٻِري، گَمَنِ گُســاتِي. (شـــاهـــ)

آٻِري مسڪينِ، غريبِ، محتاجِ.
آدِي آئون به اوهان جي آٻِري ٻينڻ آهيان، مِڙئي پارَت هجيوَ.
ڇوئي: آٻِري کي مچر گهڻو. 2- آٻِري سوِيرَ ئي پلاٽي.

اُتَرُ طرفُ، پاسو.
1- اُتَر اوتُون ڏي، نـــ مـون سَوَڙِ، نـــ گَبرو، (شـاهــ)
2- اُتَرُ ڏنـــي اوتَ، نـ مـون سَوَڙِ نـ گبـرو، (شـاهــ)

اُتَرُ اصل رقم کان وڌيڪ پئسا.
1- هزار رپيا اُتَرُ ڏيندين، ته پوءِ هي ڍڳو تنهنجو آهي.
2- ٻه هزار رپيا اُتَرُ ڏئي، هيءَ مينهن ورتي اٿم.

اُتَرُ اصلي تور کان وڌيڪ ساهميءَ جي پڙ ۾ سامان وجهي ڏيڻ.
1- سيٺ صاحب! ڪجھ اُتَرُ ته ڏي.
2- توربندي ٿورو گهڻو وڌيڪ سامان اُتر ڏيڻ کپي.

اُتَرَ طرفَ، پاسي.
1- اج پڻ اُتـرَ پـارَ ڏي، تاڙي ڪـنـي تـنـوارَ، (شـاهــ)

2- لـڳي اُتر واءُ، ڪينـجهر هنـدورو ٿئـي. (شاهه)

3- لـڳي اُترَ جي هيرَ، مارو منهنجا ميـرَ. (شاهه)

اُتار نقل ڪر، هڪ پني تان، ٻئي پني تي لکڻ.

اُتارِ لاهه، هُتي چڙهه، هتي چڙه.

اَڇ پاڻي.

1- جاتـو ڏِٺي اَڇَ، تَنهِن بـاڻيءَ پُـنا ڏيـنهـڙا. (شاهه)

اَڇَ چڊو ڏُڏُ چڊي لَسي.

1- مـيـهـارُ مَلاحَنِ ڪـي، اُيـو آڇي اَڇَ. (شـاهه)

اَڇَ رُڃَ، ميدان.

هتي تہ ڪابہ شئي ڪانهي، رڳو اَڇَ لڳي پئي آهي.

اَحَدُ الله تعاليٰ جو صفاتي نالو

1- اَحـدُ احـمـد پـاڻَ ۾، آهـي مـيـمُ فَرقُ. (شـاهه)

اَحَدُ هڪڙو، واحدُ

2- اَحَدا جي اَرڪَ تيا، سي ڪاٿَر ڪيا ڪانهَ. (شاهه)

اَڙي ڦاٿي، قابو ٿي.

1- مُنهنجي دل اوهان سان، الائي ڇو اَڙي آ- (محمد فقير کٽياڻ)

اَڙي گوهِي، بي ايمانِي، ڪَمُ نہ ڪَرڻُ، جوابُ ڏيڻ، ضد ڪرڻ.

1- توهان هر ڇڳي ڪَمَ ۾ اَڙي ڪندا آهيو.

2- يارَ گهوڙو تہ ڀلو آهي، پر هلندي هلندي اَڙي ٿو ڪري.

اَڙي اَٽڪي، ڦاسي.

1- ڪـا جا انـگ اَڙي، جِـئـن ڇُـتـا ڦُٽَ ڇڙي پـيـا. (شـاهه)

2- آڙيـڪَن اَڙي، پِيَس هـوتَ پـنهـونءَ سـين. (شـاهه)

اَگهِي بيمار، مريض، محتاج، لاچارُ.

1- اَديـون! اگـهـي آهـيـان، پـرينِ پـجاڻـان. (شـاهه)

2- پـجاڻـان پِرينِ، ادبـون! اگـهـي آهـيـان. (شـاهه)

3- جَڏِيءَ رَيءَ جَمالَ، اگهِي ٿِي آهُون ڪري، (شاهـ)

اَگهِي قبول پئي، اثر ٿيو.

1- اگهِي اَگهائي رنجُ پريان ڪي رسِئو. (شاهـ)

اَگهائي بيماري.

1- اگهي اَگهائِي، رَنجُ پريان ڪي رسِئو. (شاهـ)

2- اگهائِي سَگها ٿِيا، جي وينا وَتِ ويڄِنِ. (شاهـ)

چوڻي: اگهائي ايندي گهوڙي وانگر آهي، ۽ ويندي جُونءِ وانگر آهي.

اَگهِائي قبول ڪئي، منظور ٿي.

1- رب پاڪ جي در دعا اَگهائِي ۽ ٻيڙا پار ٿي ويا.

2- بس يار! ڪنهن جي دعا اگهائي، جو نوڪري ملي وئي.

اَلَڙُ تڪڙو، هُوڙه، اڻ آزمودگار.

1- اُلڙُ ٿي مَ آڇِ مَ ٽون، واتاڙن وائِي، (شاهـ)

اَلَڙُ ٻَڇَ، مارائڻ، تڪليف ڏيڻ.

1- وڏيري اڄ مرونءَ ۽ ڪتن جو اَلَڙُ ڪرايو.

2- اهو اَلَڙُ توئي ڪرايو آهي، جو مسڪينن کي مارايو اٿئي.

اَنگُ ڀاڳُ، نصيبُ، لکيو، قسمتَ.

1- موليٰ ڪَيو مَعمُور، انگُ اَزل ۾ اُنَ جي. (شاهـ)

2- اَنگُ اُتيئي لکيو، جِتِ نه رَسي ٻانَهن، (شاهـ)

3- لکيو جو نِراڙَ، سو اَنگُ ڪياڙيءَ نه ٿئي، (شاهـ)

4- اَنگُ اڳهِين لِکيو، مُنهنجو ميثاقءِ، (شاهـ)

اَنگُ عضوو.

1- اَنگُن چاڙهي اَنگ، رئندِي سا رَتَ ڦُڙا. (شاهـ)

2- ڪاهوڙين اُهجاڻَ، اَنگُ نه سڄِي اڳِڙي، (شاهـ)

3- اَڄُ پڻُ انـگِيَم، انـگَ، هَٿـان حـبِيـبَنِ جي، (شاهـ)

اَنگُ نوڪَ، چُهنب، نوڪدار.

1- ڪـاجا انـگُ اَڙِي، جنَن چُنـا ڦُٽَ چڙي پيـا. (شاهـ)

اَنگُ مَلَهـ جو انـگ. جهڙوڪ 'وارو'، جانـنـو، ڪَس، وڃـين، ڦڙڪ، اُٿَ ڏاوڻ، گُهمائڻ.

اَنگُ عَدَدُ. ستِ، سَتَر، اَسي، هزار، پنج هزار.

انگ خصوصيت.

اَٽيا سُڪل، بنا تيل جي.

1- اٽيـا سَٽيـا نـ ڪـري، سـونـهن وجايَس سُورَ. (شـاهـ)

اَٽيا غريب، مسـڪين، آٽڻَ ۽ چاڙهڻ وارا ماڻهو.

اوپرا ڌاريا، پراوا، اڻ ڏٺل، غير.

1- پـنـهـنجي ڳوٺ ۾ اڄ مـون ڪـي اوپـرا مـاڻـهو ڏٺـا، الائجي ڪير هئا.

2- جڏهن بـ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪي اوپرا مـاڻهو ڏسـو تـ اول انهن کان خبرون وٺو.

3- اسان بـ هِنَ ترجا آهيـون، اوپرا ڪـونـ آهيـون، هڪ ٻئي کي سڃاڻون ٿا.

4- اگڻ مـــــتـــــي اوپـــــرا، جڏهـــــن ڏِٺءِ اُٺَ.

5- اگڻ مـــتـــي اوپـــرا، جڏهـــن ڏِٺءِ تـــوڏا.

اوپرا کَٽَ جي سيراندي ۽ پيرانديءَ واريون ڪاٺيون.

کَٽَ کي چار ڪـاٺيـون ٿيـنديـون آهن، ٻـن کي ٻـانهـيـون چئبـو آهي ۽ ٻن کي اوپرا چئبو آهي. ٻـانهيـون ڊگهيـون ٿينديون آهن ۽ اوپرا ننڍا ٿين.

اوڙاهُ سمنڊ جو تَرو، وڏي ۽ اونهي ڪُنَ.

1- هي چارون ۽ هي چِڃ، اِجا اوڙاه اڳاهـون ٿـئـو. (شاهـ)

2- ويـر مَ لاهــي ويـهُ، مَٿــي آرَ اوڙاه جي. (شـــاهـــ)

3- پـاڻَهِ وِجهـي ڪُنَ ۾، پـاڻَهِ اُڪـاري اوڙاه. (شـاهـ)

اوڙاهُ ٻاه، مَچُ.

لڳو منهنجي اندر ۾ اوڙاه، سورن منهنجو سُک ڦٽايو.
(رڪيل شاهہ)

اوڙاهُ مصيبت، مشڪلات، تڪليف.

1- بس يار پاڻ کي بہ اوڙاه ۾ وڌائين ۽ اسان کي بہ آزار ۾ وڌائين.

ايمانُ ڀروسو، يقين. اٽل فيصلو.

1- وَحدَهٗ لاشريڪ لـه، جن اُتـوسِين ايمان. (شـاهـ)

2- اِنَ پَر نـہ ايمان، جنءَ ڪلمي گو ڪوٺائين، (شاهہ)

3- نـڪي احمد موڪليـو، عربَ ڪان ايمان، (سَچلُ)

4- تـوئِي ابـرِ رِحـمـت، تـوئِي رَنـگ شَفـقـت
سـندم جان تو ۾ ۽ ايمانُ تو ۾! (حيدربخش جتوئي)

ايمانُ همت، حوصلو.

1- ڪابہ تر ۾ بيماري ڪانهي، خادم خواه ڪٺي ايمان لاٿو اٿئي.

2- يار! خسيس ڳالهہ تي، پنهنجو ايمان هاري وينو آهين.

ايمان سچ.

چوڻي: اَنُ آهي تہ ايمانُ آهي.

چوڻي: ايمان مهمان آهي.

اَئِي ٻَڪري. اَئِي جو جمع اَيُون. (ٻڌَ ـيون)

1- يار! هن سال اهڙي بيماري پئي جو هڪ بہ اَئِي ڪانہ بچي.

2- بس ٻَئي اَئِيون آهن، انهن تي گذر سفر ٿئي پيو.

اَئِي اَڙي! ٻَڙي!

1- اَئي تو کي ٻہ سچائيون ٿي، هر ڀيرو منهنجو وات نہ کول.
2- آئي شرم اچئي ٿو، پاڻ ۾ ڀٽ وجهي، هينئر آئي آهين سَڏُ ڏيڻ!

اَدبَ نياز، نوڙت.
1- اَنئي پهرَ ادبَ سين، پَر اهائي پار، (شاهہ)
2- ادبَ ءِ اخلاص جا، سِڙہ ٻَڌج سوري، (شاهہ)

اَدبَ اخلاق، خُلقَ.
1- اُپيُون گهٽي اَدبَ سين، حورون حيرت هندَ، (شاهہ)
2- موتي جن هٿان، آنديءِ گهٽي اَدبَ سين. (شاهہ)

اَدبُ لحاظُ، خيالُ، فڪرُ.
1- وَٽُ ڪاتي وَڍِ اَنگڙا، ادبُ ڪَرِمَ ڪريءِ، (شاهہ)

اَدبُ عزت، مان.
1- آديسين اَدبُ، آهي اکڙين ۾. (شاهہ)
چوڻي: جيترو اَدبُ، اوترو سببُ.

اَدَبُ پرهيز.
هتي ادب جي معنيٰ پرهيز ءِ سڏي وات ڏيکاريندڙ روحاني رهبر آهي.
1- ادبُ اکڙين کي، ڏيهائي ڏيان، (شاهہ)

اَنگُورَ ڏُکَ، ڦٽَ.
اُبريام اَنگُورَ، سَٽي سُپيرين جا.

اَنگُورَ ميوات جو قسم.
چوڻي: لنگورَ جي هٿ ۾ انگورُ!

اَگهَنِ بيمارَن، مَريضَن.
1- آهي گهٽو اَگهن جو، تَرسُ طَبيبَنِ، (شاهہ)
2- اَگهنَ مِڙي اَڄُ، ڪَيو سَڏُ صحَتَ ڪي. (شاهہ)

اَگهنِ قِيمَتنِ، بَها.

1- اَبا شهر وچي پيو شين جي اگھَن جي ب خبرچار رکيون اَچجانءِ.
2- توهان کي جيڪي شيون ڪپن سي وٺو، اگھَنِ ۾ اوهان کان وڌيڪ ڪونہ وٺبو.
3- ڦٽيون جيڪي بہ هَجَنِ سي ڪارخاني تي پهچايو، اگھنِ ۾ پاڻ نهي ويندا سين.

آثارُ نشاني، اُهڃاڻ.
1- ذرو ناه يَزيدَ کي، اي عِشق جو آثارُ. (شاهہ)

آثارُ نمونو، رُخُ.
1- اَڄ مينهَن پوڻ جو آثارُ ڏسجي پيو.
2- تُنهنجي مُنهَن جو آثارُ ٻڌائي ٿو تہ تُنهنجي نيت ۾ خَلَلَ آهي.

آچارُ رَوِش، هلت.
1- اَوٺت جو آچارُ، ڪانڌ ڪَنهِين سين مَ ڪري. (شاهہ)

آچارُ ڏينهن جو نالو. آچارُ (آچَرُ)
1- صبحاڻي آچارُ آهي، موڪَل بہ آهي، بهتر آهي اِهو ڏينهن گڏجاڻي جو ڪَيُون.

آچارُ ڪَتاڻِ، ساندانُ.
انبڙي جو آچارُ، ليمي جو آچار، گجرن جو آچارُ مرچن جو آچارُ.

آچارُ نالو، ماڻهوءَ جو نالو، آچارُ.
1- چَني جو انتظام مامو آچارُ ئي سنڀالي سگهي ٿو.
2- مون پنهنجي پُٽَ جو نالو آچارُ رکيو آهي، اِن لاءِ تہ هو آچارَ ڏينهن ڄائو آهي.

آچار ڪارڻ، سبب.
چوڻي: لاچارَ ڪي، آچارُ ڪونهي.

ب

باري	الله تعاليٰ جو نالو. صفاتي نالو.
بارِي	ڳرا، وزن وارا.
	1- او قـابيـل! اکـين ۾، تـوکـي بـاري بَانَ. (شـاهـ)
	2- وڏا وَڻَ وڻـڪـار جا، جتـي بَرَ سُجنِ بـاري. (شـاهـ)
باري	ڳرو وزن کڻي هلندڙ اُنَن جو هڪ قسم.
	چوڻي: باري کڻندا بارَ، کونهي کَم کنواٽن جو.
بارِي	تڪليف ڏيندڙ، اڙانگو.
	1- واقـف نـه وڻ ڪـارجي، بـاري سُجَنِ بَرَ. (شـاهـ)
بارِي	تڪليفَ ۽ مُشڪل کي مُنهن ڏيَڻ وارو.
	1- اَبـــڙو آڳاهَنِ ۾، پَرچَهــلــو بــاري. (شــاهــ)
بازِي	حرفت.
	1- سونـا! وانءُ صراف سِينءَ، پـيچي چڏ بـازِي. (شـاهـ)
بازِي	تماشو.
	1- اڻ هـونـدي بـازِي، بـازيـگر بَرحـال ڪـي. (سـامـي)
	2- زَرجي تِي زور بازِي، زَرِ آتـه عـشقُ نَهَ پَهـَ. (بـلبـل)
بازِي	شَرطَ.
	1- تنهنجي ۽ منهنجي اڄ بازي لڳي، هڪ ڏينهُن ضرور خدا پاڻ کي بہ وارو ڏيندو.
	2- سائين! توهان سان تہ سِرَجي بازي آهي، هرحالت ۾ ٻَڌَلُ آهيان.
بازي	گوءِ.
	'الف' خان 'ب' خان کان بازي کڻي ويو.
بَرابَرِ	هڪ جهڙائي، هڪ جَهڙو، پاڻ جَهڙو، مَٽُ.

1- رب جي نظر ۾ سڀ انسان برابر (هڪجهڙا) آهن.
2- دنيا ۾ سڀ ماڻهو پاڻ ۾ برابر ناهن.
چوڻي: گهوڙي ڪَن برابر آهن.
1- گهرُ، سورڻ نہ پڙي، جانِ تَندُنِ برابر توريان. (شاھہ)
2- سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون. (شاھہ)

بَرابَرِ بيشڪ، صحيح، دُرست.
1- الله پاڪ جا فيصلا برابر هوندا آهن.
2- تنهنجي اها ڳالھہ، برابر ناهي.
3- اول ماڻهو خود کي برابر رکڻو آهي.
1- سون برابر سڳڙا لُون لونُ برابر لکَ. (شاھہ)

ٻَري ٻڪري جو قسم.

ٻِري ڇڏي ڏيڻ، آزاد ڪَرڻ. ٻَري رهڻ.
1- ڪورٽ سڳوري سيني کي بي قصور قرار ڏيندي ٻَري ڪري ڇڏيو.
2- جيترو بہ ٿي سگهي، مُنافقنِ کان ماڻهو ٻَري رَهي.

ٻَري ميداني فوج.
1- ڪالھہ گڏيوسون ڪاپڙي، بابُو بان ٻَري. (شاھہ)

ٻُرِي بُڇڙي، خراب، ناپسنديده.
1- ٻُريءَ بيڪاريءَ سين، هارِي! پاڻُ مَ هيرِ. (شاھہ)
1- نشو ڪرڻ بلڪل ٻُري عادت آهي.
2- ٻُري سنگت مان هميشہ خطرو جاڻِ.
3- سَچُ چوڻ، ٻُري ڳالھہ ڪانهي.
4- جيڪڏهن منهنجي چڱي ڳالھہ بہ، توکي ٻُري ٿي لڳي، تہ تون چاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻي.
5- ڪوڙ کان وڏيڪ دنيا ۾ ڪا بہ ٻُري بَلا آهي ئي ڪانہ.
چوڻي: ٻُري دوستي جو اَثر، جيئن ڪاٺَ کي سُرو.

ٻِري نياڳِي، ڇَنڊِي، نياڳ.
1- هيءَ جاءِ ٻُري آهي، هتان لڏڻ گهرجي.
2- اَهڙي ڪاوڪَ ٻُري اَٿئي، جو ٽيڻ وارو ڪم به نٿو ٿئي.
3- مائي حاجاڻي هروڀرو ٻِري ڪانهي، پر غربت هن کي ٻُري بڻايو آهي.

بَگِي ٽانگي جو پراڻو قسم.
1- اَبا! ان بَگِي واري کي سَڏ ڪر ته اسٽيشن تي ڇڏي اچي.
2- هن سال سانوڻ خان جو بگِي ۽ گهوڙو ڪاميٽي ۾ پهريون نمبر آيا.

بَگِي اُڇي، سفيد.
1- بَس يار! تون پاڻ ڏِس وقت ڪان اڳ ڏاڙهي بَگِي ٿي ويئي آهي.
2- اها بگِي ڳئون وڪڻين، ته مون کي ڏجانءِ.
3- مان تون وٽ بگِي ڏاڙهي ڪٽي آيو هوس، پر تو منهنجو هڪ به ڪم نه ڪيو.

ٻُلُ ٽپو، ڇلانگ، جَهمپُ. ٻُلُ جو جمع ٻُلَ (ٽپا).
1- جوانُ مڙس هئو، هڪڙوئي ٻُلُ ڏنائين ۽ واهُ ٽپي ويو.
2- اوچتو پيٽ ۾ سُور پيس، سڄي رات ٻُلَ ڏنا اٿس.

ٻُلُ موقعو، وارو، چانس. ٻُلُ جو جمع ٻُلَ (موقعا، وارا، چانسُون.) وارو.
1- يار! صاحب سان ملڻ جو هي واه جو ٻُلُ اَٿئي.
2- خير پرواه ناهي، اسان جي به ٻُلَ ۾ آيو ته گهٽ نه ٿيندس.
3- ڪڏهن ته فصل به ٻُلُ ڏيندو، سدائين هَڙا ڪونه هونداسين.
4- قدرت تو کي گهڻائي ٻُلَ عطا ڪيا، پر تو پاڻهين

وڃائي ڇڏيا.

بِلو واهر، مدد، ڪوشش.
1- خدا کان سواءِ ٻيو ڪير بِلو ڪندو.
2- يار! اُتي تـه هلي ڪو بِلو ڪيون، تـه تنهنجي ڳوٺ ۾ بـه ڪو اسڪول ٿئي.
3- يار! ناراض نـه ٿجانءِ، توبه اسانجو دل سان بلو نـه ڪيو.
"ڪـونهـي ڪـميـٺـيءَ جو، بِگڙ تـو بِلـو." (شاهـ)

بِلو بندوبست.
1- رُشوت خورن لاءِ بـه ضرور بِلو ٿيندو.
2- مـون پـنـهـنـجي ڪم جو پاڻ بِلو ڪيو، تڏهن ڪمُ ٿيو.
3- ويچاري جو بِلو نـه ڪيو، پوءِ ڪَٿيس سندس قسمت.

بَندِي قيدي.
1- بَندي آخر بندي آهي.
2- بَس يار! نوڪري ڪرڻي ڪانهي، پر بندي آهي.
3- ٻلا هڪ مجبور ۽ بندِي، (باندي) ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي.
"بَنـدِي ٻيا قَرار، آسـين لـوڙهُون لـوهـَ ڪـي". (شاهـ)

بندي روڪ.
اڄ ڪلهه پاڻيءَ جي بندي لڳي پيئي آهي.

بَندِي لکڻ جي بَندي، حساب ڪتاب جي بَندِي.
1- سيٺ! بَندِي ڪَڍُ، منهنجو حساب ڪتاب صاف ڪر.
2- جيڪو بـه حـساب ڪتاب پنهنجو ٿئي سو بَنديءَ ۾ آڻيندا ڪيو.
3- پاڻ يار! ان جو حـ... ڪيون، تَڪا بندِي رکون، ڪم توڪل تي پيو هَلي.

ٻانڌي نوڪرياڻي، ٻانهي، غلام، حڪم جي ٻانڌي.

1- سائنڻ! ٻانڌي تہ هونءَ ئي حڪم جي ٻانڌي آهي، جيئن حڪم ڪندا ٻانڌي تيئن ڪندي.

2- نوري تہ گندري، گندي ۽ ٻانڌي هئي، پر سمي ڪٿي سندري ڪئي.

3- سائنڻ! ٻانڌي ضرور آهيان، پر گندي ناهيان.

ٻنو نالو. ماڻهوءَ جو نالو ٻنو.

ٻنو گهوٽ.

1- آخر خدا مون کي بہ ٻنو ڪندو.

2- نهي گهر ڪوند، هليو آ ٻنو 'گهوٽ' تيڻ.

3- آئون پنهنجي پٽ کي شال ٻنو ڏسي پوءِ مران.

ٻڻ پيڙهي، ٻڻ جو جمع ٻڻ. (پيڙهيون.)

1- هن ڳوٺ ۾ ٻڻ کان وٺي، اسان لوهارڪو ڌنڌو ڪندا اچون.

2- شڪر خدا جو آهي، جو اسان جي ٻڻ ۾ ڪوبہ اڻ پڙهيل ڪونهي.

3- دعا ڪيو تہ ٽرمان، ڏڪار جو ٻڻ ختم ٿئي.

ٻڻ خاندان، گهراڻو.

1- ٻڻ تہ سٺو اٿس، پر خدا ڪٿي ڦتايو اٿس.

2- اڙي! چوانءِ ٿي تہ چپ ڪر، نہ تہ ڪريانءِ ٿي ٻڻ پڌرو.

ٻڻ پاڙ، بنياد، شروعات.

1- هي ٻير ائين ڪونہ ڪرندو، ٻڻ کان ڪپيوس.

2- ڏاڏا! دودي چنيسر جي ڳالهہ مون کي ٻڻ کان وٺي سڻاءِ.

3- ڳالهہ جو نڪو ٻڻ نڪو بنياد، خواہ مخواہ ڪٿي مٿو ڪاڙو آٿئي.

ٻِنيُون قبرون، مزارُون.

1- جي ڳالهين ڳنگاٽيا، تن ٻنن پاسي ٻنيُون. (شاهه)

2- هن مقام ۾ اسان جي وڏڙن جُون ٻنيون (قبرُون) آهن.

3- سونهن ۽ ثقافت جي لحاظ کان، جي ٻُنيون (قبرون-مزارُون) ڏسڻيون اٿئي، تہ مڪلي مُقام (ٺٽي) ۾ وڃي ڏسي اَچُ.

ٻُنيُون دڙا، دڙيُون، مٿانهان ويرانُ ڍير ۽ هنڌَ.

1- هي جي پَريان ٻُنيُون (دڙا) ڏسين پيو، ڪڏهن هتي بہ وڏي آبادي ۽ شهرُ هو.

ٻَنيون سرن پچائڻ جا هنڌ.

اميد پور جي پر ۾ جام ٻنيون آهن.

ٻَرُ رڻ، سَڄَ، ميدانُ.

1- نهاريندين نڪري، ٻوٽن ڪارڻ ٻَرُ. (شاهه)

2- ٻَرُ مڙوئي ٻوءِ، ڇپر ڇاتون مُڪيُون. (شاهه)

3- ٻره مٿايَس ٻَرُ، نات سَگهي ڪير سَڏون ڪري؟ (شاهه)

ٻَرُ ڪپڙي جي ويڪر.

1- سيٺ! ڪپڙو مون کي اُهو ڏيکارِ جنهن جو ٻَرُ وڏو هجي.

2- ڪپڙو تہ ڀلو آهي، پر ٻَرُ ننڍو اٿس.

باسَ هٻڪار، ٻوءِ.

1- پيئي جنين باسَ، گَنجي ڏونگرَ گامَ جي. (شاهه)

2- جَڏهن پيئي باس، ڇپر هوت پنهونءَ جي. (شاهه)

باسَ ڌپ، بدبوءِ.

1- اُچي جي عبداللطيفُ چئي، باس نہ ڀُهتي بوءِ؟ (شاهه)

باسَ دُعا، تمنا، خواهشَ.

1- جڏهن بہ منهنجي دل جي باسَ پوري ٿي، تڏهن سين

ڪي مِنٿون ڪارائيندسُ.
2- ڏيءَ! تنهنجي لاءِ تہ هميشه اهي ٿي ٻاسون ٻاسينديِ آهيان، تہ ڪٿ پنهنجي ورَ جي گهرَ سان خوش هجين.

بارَ
سِرنِ جون قطارون.
رازا جڏهن ڪنهن جاءِ جون پيتيون ڪٽندا آهن، تڏهن سِرنِ جون قطارون هڪ ٻئي جي مٿان هڻندا ويندا آهن، تہ اهڙين سرن جي قطار کي بارَ چئبو آهي.
1- بس بابا! باقي ٻہ بارَ هڻون تہ پوءِ ٿا ڇانهہ پٺون.
2- سيٺ! اجا چار بارَ سِرُن جا لڳندا پوءِ ڀِت مڪمل ٿيندي.

بارَ
دفعا، گهمرا، ڀيرا.
1- يار! آئون ڪيتي بارَ تنهنجي گهرِ آيو آهيان، پر تون ملين نٿو.
2- مون تہ ڪيتي بارَ توکي سمجهايو آهي، پر تون مڙين نٿو.

بارَ
وزن.
چوڻي: بارَ ڪٽندا ٻارِي، ڪونهي ڪم ڪنوارُن جو.
چوڻي: بارَ ڳڏهہ تي، هينگي ڪودي.

بارَ
احسانَ، ٿورا، مهربانيون.
1- پيارا! اهي تنهنجا بارَ لاهي تہ نٿو سگهان، پر ڳائيندس ضرور پيو.
2- ٻئي ڪي ايڏي دِل بہ ڪانهي، جو توکان سواءِ منهنجا بار کڻي سگهي.
ءِ ٿي: بارَ هميشہ وڏن تي هوندا آهن.

بارَ
داريون.
- هلَن جي هنگلاجَ ڏي، بابُو جڏي بارَ. (شاهہ)

ٻ

ٻارِ دُکاءِ، مَچاءِ.
1- اَمان! ٻاهه ٻار تہ ماني پچايون.
2- ڇوڪرِي ٻاهه چڱي طرح ٻارِ، اجا ڌکي ڪانهي.

ٻارِ ديرو، ڪَرو.
ڪٽڪ جي ٻار 'ديرو' جُوئر جي ٻار 'ديرو' ٻارِ کي لاڙ ۾ ڪَرو بہ چوندا آهن.
جنهن جاءِ تي هاري فصل لُٽي وِجي رکندا آهن. اُن هنڌ کي ٻار چئبو آهي.

ٻارِ پنهنجي مُڙسِي ڪر، پنهنجي همت ڪري، پنهنجو ڪماءِ، پنهنجو ڪاءِ.
1- هاڻي پنهنجي ٻارِ تہ خبر پَوَئي.
2- اُٿي پنهنجي ٻارِ، ڪوبہ ڪم ڪونہ ايندءِ.

ٻارِ اوجَهلُ پاڻي، اونهون پاڻي.
"ايءَ سائين جو سبب، جِئن ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان". (شاهہ)

ٻارِڻُ رَڌَ پچاءِ لاءِ ٻارڻ ۾ ڪم ايندڙ 'ڪاٺيون'.
1- ٻارڻ آهي ڪونہ، پَٽُ ڪٿان رَڌبو.
2- اَبا! شهر وڃي پيو، ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون وٺيو اچجانءِ.

ٻارَڻُ مصيبت، تڪليف، پريشاني.
1- حالت اِها آهي، جو چورن وري ٻارُڻ ٻاري ڇڏيو آهي.
2- پَلي مَستِي ڪر، اجهو ٿو تولاءِ بہ ٻارڻ ٻَري.
3- سڀ خبرون پون پَيُون، جن هِي ٻارَڻُ ٻارِيو آهي.

ٻارَڻُ ذات.
ٻارَڻُ جو جمع ٻارَڻَ. ذات جو ٻارڻ.

ٻارڻ سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ رهن ٿا.

ٻانهن انسان جي جسم جو عضوو، ڄيلو، وسيلو، مدد.
1- انگ اُتي لکيو، جت نہ پُهچي ٻانهن. (شاهه)
2- ڏانڍي ڪپيءِ ڏارمان، يا تو ڪپي ٻانهن. (شيخ اياز)
3- موڪي مليرَ سامهون، وٺي ٻانهن وڃانس، (شاهه)
4- سمي سُڃاڻي، پيرڙو ٻڌس ٻانهن ۾. (شاهه)
5- ويچ ڏنيئين ڪُہ ٻانهن؟ سُو رَهنئين ڪي سامهون. (شاهه)
چوڻي: ڪني ٻانهن وڍي چڱي.

ٻانَهن زال، گهرواري، سُهڻي.
1- تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي؟ ٻيلي مُنهنجي ٻانَهن. (شاهه)

ٻانَهنَ فرد.
اڙي! فلاڻي جي ٻانهن منهنجي حوالي ڪر.

ٻانهُون مدد، دستگيري.
1- جيڪي ڏي ٻُڏن کي ٻانَهن، نات ساڻن وڃن سيرَ م. (شاهه)

ٻانهُون بدن جا عضوا.
1- سُتي لوڪ سيد چئي، ٻني ڪڇ ٻانهُون. (شاهه)
2- اُيي آلکَ سامهُون، ٻانهُون ٻڌائُون. (شاهه)

ٻُتَ ذات.
ذات جا ٻُتَ، ميهڙ تعلقي ۾ رهن ٿا.
ٻوري ميهڙ تعلقي ۾ ٻُت سرائي ڳوٺ مشهور آهي.

ٻُتَ هڪ ساهي يا يَڪَ ساهي.
هڪ ئي ساهي ۾ يا هڪ ئي دَمَ ۾ لاڳيتو ڪم ڪرڻ يا لاڳيتو ٻنڌ ڪرڻ.
1- بَس ٻُتَ ۾ وَڃُ، ٻُت ۾ اَچُ.
2- يار! هي پتيوالو واهَ جو آهي، ٻُتَ ۾ وڃي ٻُتَ ۾ اچي.

ٻُتَ اصل نه ڇڏڻُ، هرگز نه ڇڏڻ، اصل نه اَچڻ، اصل نه وَڃڻ.

1- تو به گهٽيون مَستيون ڪيون آهن، هاڻي ٻُتَ نه ڇڏيندو سانءِ.

2- هاڻي ته صاحب ٻُتَ موڪل نٿو ڏئي.

3- ٻِلي نه اَچي، ٻُتَ ٿي نه اَچي، ڪو فرق نه پوندو.

ٻَتَ اونداهي، اونده.

1- ڪَهڙي ٻَتَ ۾ ٻاهر نه وَڃُ.

2- بجلي ڪانهي، تنهن ڪري ٻَتَ لڳي پئي آهي.

3- متان ڇَئين هُت اُونده هُئي، هتي به ٻَتَ لڳي پئي اٿئي.

چوڻي: اوهان به ٻَتَ ڪيو وينا آهيو، کهڙي ٻارِيو وينا آهيو.

ٻُتَ مُنهَن ڍَڪيل يا ويڙهيل.

ٻُتَ ۾ فقط اکيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن باقي سڄو مُنهن ڍڪيل، ويڙهيلُ ۽ لَڪلُ هوندو آهي. جنهن ۾ ٻُتَ واري ماڻهوءَ کي سُڃاڻي نه سگهبو آهي.

ٻُتَ اَجرڪ، پٽڪي يا ڪپڙي سان ٻڌي ويندي آهي.

چورَ هميشه ٻُتون ٻڌي چوريون ۽ ڦُرون ڪندا آهن. ماڪي لاهڻ لاءِ به ماڪي لاهيندڙ مُنهن کي ٻُتَ ويڙهي پوءِ ماڪي لاهيندا آهن، اِن ڪري جو متان ماڪيءَ جي مَکِ مُنهن تي ڏنگ نه هڻي.

ٻُڙا زيورن جا ننگَ يا موتي.

1- ڌِهريءَ ۾ واهَ جا سوناري ٻُڙا جَڙيا آهن.

2- پيرل جا پيءُ، ڪنگڻ جا هي ٻُڙا مٿائي، ٻيا نوان وجهرائي اَچُ.

3- اَدي! هي هارُ ڪتان نهرايو اٿئي، ٻُڙا ڏاڍا سُهڻا ٿا لڳنِ.

ٻڙا پاڻي جا ٻڙا. جيڪي اکين جي بيماريءَ ۾ ڪتبِ ايندا آهن.

ٻُڙا عطر جا ٻڙا.
اڳئين وقت ۾ ماڻهو ڪپهہ جي ذرڙن کي عطر ۾ ٻوڙي ڪنن ۾ وجهندا هئا. جن کي عِطرَ جا ٻُڙا چئبو هو. هاڻي نہ اُهي عِطرَ رهيا آهن، نہ وري اُهي شوقين عِطر لڳائڻ وارا رهيا آهن.
اڄ ڪلهہ خوشبُو جو جديد دور آيو آهي، جنهن ۾ سينٽَ ءِ پائوڊر پنهنجا رنگ پيا ڏيکارين.

ٻُڙا ٻاجهہ، ڪرم ءِ فضل جا هَٿَ. مَهرَ نظر.
1- اي پروردگار! اسان انسانن تان پنهنجي هٿن جا ٻُڙا ڪڏهن بہ نہ لاهجانءِ.
2- انسان کي هر دور ۾ سندس (رب) ٻُڙنِ جي ضرورت آهي.
”مون تان مَهرَ نظر، پرين لاهَ مَ پنهنجي“ (شاهہ)

ٻَگهِي سنهڙي قسم جي مک. چوپائي مال تي وهندي آهي.
ان مکيءَ جي ويهڻ سان مال ۾ خارش پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڪري چوپايو مال آرام نہ ڪري سگهندو آهي.

ٻَگهي (ٽانگو) گهوڙي گاڏي، جنهن کي اڳئين دور ۾ ٻِگهي يا ٻگي بہ چوندا هئا.

ٻِلو جانورُ جو قسم.
ٻِلا ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا گهَرو ٻلا، ٻيا جهنگلي ٻِلا. ٻلي جو جمع ٻِلا. معنيٰ ءِ مقصد ساڳيو آهي.

ٻِلو پکيءَ جو قسم.
اُهو پکي چَنُونَ يا طوطو آهي، جنهن کي هاري ٻلو بہ چوندا آهن. اُهو هن ڪري جو فصل پچڻ تي صبح ءِ

شام جي وقت طوطا (چَٽون) ولرن جي صورت ۾ اچي سنگن تي ويهي آنُ ڪائيندا آهن. هارِي صبح توڙي شام جو پيهي تي چڙهي ڪانياٺي سان جهارِ هڪليندا آهن. جنهن ۾ خاص ڪري، طوطي کي زور سان وڏي آواز سان چوندا ته: هَورِ ٻلو! هورِ ٻلو! متان ويو آهين! اهڙي آواز ۾ ڪانياٺي جي ٺڪاءَ تي اُهي ٻلا (طوطا) اُڏامي ويندا آهن.

ٻِلو اهڙي انعام کي ٻِلو به چوندا آهن، جيڪو سونَ، چاندي، پتل، ٽامي جو ٺهيل هوندو آهي ۽ اهو ٻلو (انعام) ان ماڻهوءَ کي حڪومت يا ڪنهن اداري يا تنظيم طرفان ملندو آهي، جنهن جي قومي، علمي، ادبي، مذهبي، اخلاقي، تعليمي ميدان ۾ پنهنجي وطن ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريل هوندي آهي.

ٻَنو پوک جو ٻَنو. ٻَني جمع ۾ ٻَنا.
پوک واسطي زمين ۾ ٻارا ٺاهي ٻارن جا ٻَنا ٺاهيا آهن. جيئن ٻارن مان پاڻي وَهي نه وڃي. گويا ٻَنا پاڻي روڪڻ جو هڪ طريقو به آهي.
محنتي ۽ ڄاڻو هارِي وري ٻَنا زمين تي اهڙا خوبصورت ٺاهيندا آهن جيئن زمين جو سمورو فصل آسانيءَ سان گهُمي سگهجي.

ٻَنو ڏيک، نماءُ.
1- اصل ۾ يار حال ڪونهي، پر ٻاهريون ٻَنو ڪونه ٿا ڇڏيون.
2- گهر ۾ ٻِلي ڪُٺي اٽو نه به هجي، پر ٻاهريون ٻَنو ٺاهي ڇڏڻو.
3- ٻاهريون ٻنو رکڻ معنيٰ پاڻ کي دوکي ۾ رکڻو آهي.

ٻَنو هڪ شهر جو نالو.

جيڪو ٺٽي ضلعي ۾ سجاول تعلقي ۾ آهي.

ٻَنو — نشان، سَنڌو، داغ، زخم، ٻَنو جو جمع ٻَنا.
1- مينهن جو سڱ اهڙو لڳو اٿم، جو پاڻهن ۾ ٻنو ٿي پيو آهي.
2- پوليس اهڙو ماريو اٿس، جو بدن تي ٻَنا ٿي پيا اٿس.
3- ڪٽڪ جون ڳوڻيون ايتريون ڍويون اٿم، جو جسم تي ٻَنا ٿي پيا آهن.

ٻُوٽِيُون — ٻُوريُون، ٻَند ڪَيُون.
1- يار! افسوس جو چاڻ سڄاڻ هوندي به ڪٿي اکيون ٻوٽيون اٿئي.
2- ٻَس مرحوم اکيون ٻوٽيون، هنن لاءِ جهيڙو شروع ٿيو.
چوڻي: مهاڻو مڇي تي اکيون ٻوٽيندو (ٻند) ڪندو آهي.
ٻي چوڻي اها به آهي ته: مهاڻو مڇيءَ تي مُنهن مٽيندو آهي.
1- پرين سي پَسن، ٻئي جنين ٻوٽيون. (شاهه)
2- جَرڪي جَرڪي جاڳ، اٿاسي ڳوٺ اکيون ٻوٽيون. (شيخ اياز)

ٻُوٽِيُون — حڪمت جون دوائون.
جيڪي جبلن، پهاڙن ۽ جهنگن جي وڻن ۽ ٻوٽن مان حاصل ٿينديون آهن. حڪيم ۽ طبيب انهن ٻوٽين کي پنهنجي حڪمت ۽ علم سان ٺاهي، صاف ڪري دوائون تيار ڪندا آهن. جديد توڙي قديم دور ۾ ٻوٽين جو طِبَ ۾ وڏو ڪمال آهي. يوناني حڪيم اڳ ۾ ٻُوٽِيون گهٽيون استعمال ڪندا هئا.

ٻُوٽِيُون — ماسُ جا ٽڪرا.
1- ڪي ڪي چور اهڙا هوندا آهن جو ٻُوٽيون ڪڍي

وِڇائُن تہ بہ چوري نہ ٻاسيندا.
2- شاباس هُجيوَ! ٻُوٽيون سڀ کائي، باقي هڏا مون لاءِ بچايا اٿوَ.
3- مون کي پِلي ٻوٽيُون ٻوٽيُون ڪري ڇڏيو، پر آئون اسڪول ڪونہ وِيندس.
4- ڪُتا هميشہ ٻوٽين ۽ هڏن تان وڙهندا آهن.
1- ٻانهپڻ تي ٻُوٽيُون، تہ ڪُتا ڪِينئِي ڪيچَ جا. (شاهہ)

ٻولِي زبان، گفتگو، ڳالهائڻ.
1- مغل بادشاهن جي ٻولِي پارسي هئي.
2- سنڌ جي ماڻهن جي ٻولِي سنڌِي آهي.
3- ڪوئِلِ جي ٻولي ڏاڍِي مِٺِي ٿئي ٿي.
هوتُ پُنهون تا نَين، ٻاروچي ٻولِي ڪري. (شاهہ)
1- رڍِ ڇا ڄاڻي راڳ مان، جنهن جي ٻولي ٻي.
سُر مَنڊل جي ساز مان، ساندو ڇا سَمجهي. (شاعر نامعلوم)

ٻولِي واعدو، انجامُ
1- بهتر آهي تہ تون پنهنجي ٻوليءَ کي پاڙي ڏي.
2- تُنهنجي مون سان اِها ٻولِي هئي، تہ دڪان مسواڙ تي توکي ڏيندس.
3- اسان پنهنجِي ٻولِي پوري ڪئي، هاڻي اوهان ڄاڻو، اوهان جو ڪمُ ڄاڻي.
"ڪوءِ ٻولي! ٻَنِ ٻَروچ! گهورِي ذات جَتَنِ جي". (شاهہ)

ٻولِي نيڪو، نيڪيدارِي، ڪو ڪم نيڪيءَ تي يا ٻولَ تي ڪڻڻ
ٻاڇين ۽ ميوَنِ جا واپاري صبح جو پڙي ۾ مال کپائڻ جي ٻولي هڻندا آهن.
1- هيءَ سڄي جاءِ ٻوليءَ ۾ مرمت لاءِ ڪنئين اٿم.
2- مون هاڻي ٻولي وارو ڪاروبار ڇڏي ڏنو آهي.

ٻِيائِي
بَدِ نيتي، دوکو، ٺڳي، حسد، ٻُوئِي.
1- سنگت يا دوستيءَ ۾ جيڪو ٻيائي ڪندو آهي اُن جي ٻيڙي ٻڏندي آهي.
2- ڏس! پنهنجو خيرُ ناهه ته ٿيو آهي، پر اجا تون ٻيائي ڇڏين نٿو.
3- سنگت سان ٻيائي ڪيئون، ته دوکو به کاڌائون.
1- "ٻَن! ٻِيائِي، سُپرين! پاڻان مون کي پَل". (شاهه)
2- "واڄِي وَتِ مَ وَڄ، ٻُڌُ تـه ٻِيـائِي لَهـي". (شـاهـه)

ٻِيائِي
ٻِيا ماڻهو.
1- جيڪڏهن ساڳيا مزور نٿا ملن، ته ٻيائي وَٺِي اَچو.
2- جيڪڏهن هي شاهدي نٿا ڏين، ته ٻيائي حَق جي شاهدي ڏيندا.
3- شادي ۾ دَعوتن کان سواءِ، ٻيائي ڪافي ماڻهو پَتْ کائي ويا.

ٻيڙو
نالو. ماڻهوءَ جو نالو.

ٻيڙو
ٻيڙو ڪنيار، سنڌ جو مشهور جاڻ وارو سُگهڙ.

ٻيڙو
ٻَٽَڻ. ڪوٽ جو ٻٽڻ، قميص جو ٻٽڻ.
شاديءَ وقت، ٻانهن ۾ ٻڌڻ واري ڏور.
سَمـي سُجاڻِي،، ٻـيـڙو ٻَڌُس ٻـانَهِن ۾". (شـاهـه)

ٻِري
وڳي.
1- ٻـيـلـي ٻـاسِ ٻِري، مون کـي ڇَڙَنِ چوريـو. (شاهـه)
2- هنڌين ماڳين هوءِ ٿي، تُنهنجِي ٻيجل! دانهَن ٻِري. (شاهه)
3- سـارَ ڇڏيـائـين سـيـرَ مِ، ٻانـهُن کـان ٻِري. (شـاهـه)

ٻيڙيون
زنجيرون.
1- تـوتـان بـنـدُ ٻِدا ٿيـو، ٻيـڙيُون نيـئـي ٻارِ. (شـاهـه)

ٻيڙيون
ڪشتيُون.

ڪنهن وقت ۾ ٻيڙيون جيڪي سڙهن سان سنواريل
هونديون هيون، سي سنڌو درياهہ جي سونهن ۽ سوڀيا
هونديون هيون، هاڻي تہ نہ اُهي ٻيڙيون رهيون آهن نہ
وري اُهو سنڌو درياهہ رهيو آهي.
1- ٻانهپَ ٻَري ٻيڙيُون، هلِيا جوپَ جُوانَ. (شاهہ)

ٻاڻُ ڪانُ، گز.
لڳمُ ٻاڻُ ٻَروچ جو، ڪَرها ٿيا قَضاڪَ. (شاهہ)
ٻَلِر لڳو ٻاڻُ، پسو جوءِ جرا ٿئي، (شاهہ)

ٻاڻُ ترڪُ ڪرڻُ، ڇڏي ڏيڻُ، ڦِٽو ڪرڻُ.
ٻَگهَنِ سين ٻاڻُ هَٽِي، اُڏاڻُ آڪاس. (شاهہ)

ٻانگَ خدا جو سَڏُ. نماز پڙهڻ لاءِ آوازُ.

ٻانگَ ڪُڪڙن جي ٻانگَ، (ڪُڪَڙَنِ جو آوازُ).
1- گهڙي گهڙو هَٽ ڪري، سٽي سانجهيءَ ٻانگَ. (شاهہ)
2- جا اسلامان اَڳي هُئي، سُٽاڪُون ٻانگَ. (شاهہ)
3- ڏِيا تيل ڦُليلَ جا، ٻَاريَمِ تاتين ٻانگَ. (شاهہ)

ٻانهِين زيور.
عورتن جي ٻانهَن ۾ پائڻ جو زيورُ (ٻانهِين).
1- ساندِ پَنهنجِي ساه، ٻاهِين ٿِي ٻُورا ڪريان. (شاهہ)
2- اُن جي وَنِيءَ رَتُ رُنو،
ٻانهِين ٻَجي مُنهُن ٻِتيو. (ثابت علي شاهہ)

ٻانهِين کَٽَ جِي ٻانهِين، پينگهِي جِي ٻانهين.

ٻِپِڙي ٻن پُڙن واري (سِپَ).
1- ٻاڙ ٻي نہ ٻِپُڙي، مِنو مُنهن لَڳوسِ. (شاهہ)

ٻِپُڙي ٻِپِڙي اَجرڪ.
ٻِپِڙي اَجرڪَ اُن کي چئبو آهي، جنهن اَجرڪَ جا ٻئي پاسا
هڪجهڙا ٿيندا آهن.

ٻ

ڀاڙو ڪِرايو.
بَسِ جو ڀاڙو، بَسِ جو ڪرايو، رڪشا جو ڀاڙو، ريل گاڏيءَ جو ڀاڙو، هوائي جهاز جي ٽڪيٽَ.

ڀاڙو ڪاڻ، خوراڪ.
1- اَبا! مينهِن کي ڀاڙو وجهه، ته کير ڏُهون.
2- اڄ مال کي ڀاڙو گهٽ وڌو اٿو، تڏهن کيرُ به گهٽ ٿيو آهي.

ڀاڙو عيوضو.
1- چڱائي جو ڀاڙو خدا ڏيندو آهي.
2- هِتي توڙي هُتي، چڱائِي جو ڀاڙو ضرور ملڻو آهي.

ڀانيو سَمجهو، ڄاتو.
1- جِنين ڀانيو پاڻ، ڪري ٽَوائِي تن ڪي. (شاهه)
2- تو جو ڀانيو هارُ، سو سُورَنِ جو سَگُرو، (شاهه)
3- مون ڀانيو تَنهِن وِيرَ، ڪوجهي ڪندو ڀِريڙي، (شاهه)
4- مون نٿي ڀانيو ته آخر، ڏارَ ويڇارِي ڪندا. پر لَڃا آهن اُميدون، محب موچارِي ڪندا. (طالب المولى)

ڀانيو پيار ڪيو، قرب ڪيو، عزت ۽ آبرو ڪيو.
1- مون ته توکي گهڻوئي ڀانيو، پر منهنجو ڀانئِڻُ توکي ڀانءِ نه پيو.
2- ٻين کي اوهان ڀانيو ٿا، مون سان ايڏو سخت رويو ڇو؟

ڀَرِ ڀِرڻُ، ٿاهڻ، ٿاهه.
1- ادي! اُت اُتي ڀاڻي ڀَرِ.

2- ابا! اوطاق جو پاڻي ٻَرِ، مَٽَ خالي پيا آهن.
3- ادي! هَھڙو ٻَرتُ ٻَرِ، تڏهن مڃانءِ!

ڀِرِ — ويجهو، اوڏو، ڀرسان، نزديڪ.
1- ٿيءُ ٻانهي ڀِرِ! وائيُون لَڏِمَ ڀَسِي لَڪُ (شاهه)
2- آئون ته سانئڻ ٻانهي آهيان، اوهان جي ڀِرِ ۾ ڪيئنَ وهان.
3- يار! منهنجو گهَرُ بالڪل، اسٽيشن جي ڀِرِ ۾ آهي.

ڀَرِ — ڀَري ڏيڻ، ادا ڪرڻ، ڀَري ڏي، پُورا ڪَرِ.
1- هاڻي چَٽي ڀَٽي اٿيئي، ڀَرِ ته خبر پوئي.
2- هتان ٻاڙو تون ڀَرِ، هُتان آئون ڀريندسُ.
1- ڀَلا ڀيري ڀَرِ، پالهو پاندُ پينارَجو. (شاهه)
ڪو وقت هو جو هر شئي ٺڪرن جي ٿانون ۾ استعمال ٿيندي هُئي. اهو سبب هو اُن وقت ۾ بيماريون گهٽ ٿينديون هيون ۽ ماڻهو صحت مند رهندا هُئا. افسوس جو اسان پنهنجي وڏ ماڻهپ ۾ اچي، پنهنجي ثقافت سان سچا نه رهيا آهيون، جنهن ڪري ٺڪر جي ٿانون ۾ اسان هاڻي نڪو رڌيون، نڪو پچايون، نڪو کائون، نڪو پئُون.

ڀانَ — مگڻهار ذات جي هڪ نُک.
1- ڪِي جو پيجلَ ٻوليو، ڀنيءَ ويهي ڀانَ. (شاهه)
2- اڳي ڪونه آئيو، ڀيرِ تنهَين جي ڀانَ. (شاهه)
3- وينو ڀني ڀِنِّو، ڪر ڀيرو مَٿي ڀانَ. (شاهه)

ڀانَ — ذات.

ڀان — شهر جو نالو. ڀانَ، دادو ضلعي جو مشهور شهر. جنهن کي ڀان سعيد آباد به چوندا آهن.

ڀوڳُ — طعام، عيش.

1- پِڳِنِ ڪونهي پوڳُ، نانگا وَڃَنِ نگيا. (شاهه)
2- جنين پاتيو پوڳُ، رامَ تنين کي ريٽيو. (شاهه)

پوڳُ
ڇَرچو، مسخِري.
1- يار! مون تہ توسان پوڳ ڪيو، تون وِري سا پيا سَمجهي ويٺو آهين.
2- ماڻهو هروڀَرو اهڙو پوڳ نہ ڪري، جو وِري ڳچيءَ ۾ پئجي وَڃي.

پوڳُ
سَهُہ.
هاڻي ويٺو پوڳ، جڏهن وڃي جند ڇُٽئي.

پاڳيا
گهرڌَڻي، گهر جا مالڪ.
1- چورَ بہ مَس گهرَ ۾ گهڙيا، تہ پاڳيا بہ سجاڳَ ٿي پيا.
2- پاڳا جاڳايا ڪونہ، تَنهِن ڪري مينهُون چوري ٿِي وِيَنِ.

پاڳِيا
پاڳَنِ وارا، خوشِ قِسمتَ، خوشِ نصِيبَ.
1- شڪر آهي جو پاڳيا ماڻهو آهيون، کير، مکڻ پنهنجو اٿئون.
2- ڪو وقت هو جو اسان جا وڏڙا بہ پاڳيا هئا، پر هاڻي ٻڪري بہ در تي ڪانهي.
پاڳيا مالوند ماڻهو هوندا آهن، جن وٽ چوپايو مال هوندو آهي، جن کي هُو رزق بہ چوندا آهن. پاڳين ماڻهن جو گذر سفر ان مال تي هوندو آهي. پاڳيا لفظ جي عام طرح معنيٰ آهي پاڳن وارا، نصيبن وارا. جن وٽ پنهنجو کير، مکڻ، ڏڌ ءِ لَسي هجي.
چوڻي: کير ءِ پُٽَ ڪِنِ پاڳن وارن جا هوندا آهن.
چوڻي: پاڳين جا پانءَ خالي نہ هوندا آهن.

پاڳيا
نڪر جا ٿانوَ، لوٽا ءِ دَڪيُون.

اڳئين زماني ۾ وڏڙيون نڪرن جي ٿانوَن ۽ ڏڪڻ ۾ ڪير ڏھنديون ھيون، جنھن کي پاڳيا چئبو ھو. اُنھن پاڳين ۾ گرمي جي موسم ۾ ڪير ھميشہ ٿڌڙيل ۽ ٿڌو رھندو ھو. ڪير رات جو ختم ٿيو، صبح جو ورڻ وڏڙيون ڳوٺ جي ڪنھن پاڻيءَ جي تلاءَ يا پاڻي جي ڪڏ ۾ اُھي پاڳيا ڌوئي وري ان ئي تلاءَ ۾ اُھي نڪر وارا ٿانوَ، پاڳيا، وجھي ڇڏينديون ھيون. شام تي ان ساڳئي تلاءَ مان پاڳيا ڪڍي پاڻي سان صاف، اُجرا ڪري آگھاري گھر کڻي اينديون ھيون ۽ اھو عمل گرميءَ جي موسم ۾ اڪثر ڪيو ويندو ھو.

1- ادي! شڪر آھي، ھڪ ڏڳڙي آھي، پاڳيو ڪن ڪير جو اٿس.

2- ڏيءُ! اھو پاڳيو تہ کٽي وَٺُ، پٺين جو ڪير وِجھي رکان.

3- ادا! شُڪر آھي مينھن مان رات جو پاڳيو ۽ صبح جو ٻہ پاڳيو ڪن ڪير مليو وجي.

پانءِ سَمجھ، سمجھين.

1- تان تان پوُ مَ پانءِ، جان جان لوڏي نہ چڙھين. (شاھ)

2- سَنھا پانءِ مَ سَپُ، سُڪا جَنين پيٽَ، (شاھ)

3- سَنھا پانءِ مَ سَپَ، وياءَ واسينگَنِ جا. (شاھ)

4- سُورِي پانءِ مَ شڪُ، عاشق ٿيءُ تہ اُبھينَ. (شاھ)

پانءِ راس اچڻ.

1- پونءِ نہ آئي پانءِ، الا! ماڻ اُڏري ويندوسانءِ. (شيخ اياز)

1- مون کي لاھور پانءِ نہ پيو، بيمار ٿي پيس.

2- ڪراچيءَ جو پاڻي اُصل پانءِ نٿو پوي.

پانءِ پيار ڪر، پنھنجائپ، ڏيکار.

1- نيٺ تہ ڀانئيندين تون، هاڻي نہ مون کي پانءِ
الا مان اُڏري ويندو سانءِ.
(شيخ اياز)

ڀِڻي گهمَين.
1- احمد ڏي خبر، اڄ ڪلهہ ڪٿي پيو ڀِڻي.
2- يار! ڀِڻي ڀُڻي ٿڪو آهيان، پر نوڪري نٿي مِلي.
3- پيارا معاف ڪجانءِ! تازو لاهور ڀِڻي آيو آهيان، پنھو ڪونهي ڪو.

ڀُڻي ڳالهائين.
1- ڏي خبر يار! پنهنجي مُنهن سان پيو ڀُڻي، چريو ڪونہ ٿيو آهين.
چوڻي: رُني آهين گهوٽ سان، ڀُڻي نٿي ڳوٺ سان.
"ڪالهہ مونسان ڳُڏ هَئين، اَڄ غير سان وينو ڀُڻي".

ڀُڻَنِ گهُمَنِ.
بيڙيءَ جي ڀُڻَنِ، نينهن نہ ڪجي تِن سين. (شاهہ)

ڀُورِي نالو. عورت جو نالو ڀُورِي.

ڀورِي مينهِن جو قسم.
ڀوري مينهن ٻين مينهُنِ کان وڌيڪ خوبصورت ۽ کير ڏيڻ ۾ بہ ڀَلي آهي.
چوندا آهن تہ: کير تہ ڀُورِيءَ مينهِن جو.

ڀُورِي انگريز عورت.
جڏهن انگريزن جي حڪومت سنڌ ۾ هوندي هئي تڏهن هِتان جا ديسي ماڻهو انهن کي، ڀورا بہ چوندا هئا ۽ انهن جي زالن کي ڀُورِيُون چوندا هئا.
1- ڏس هُو ڀُورو ۽ ڀُوري ڳڏ پيا اچن.
2- خدا بہ واهہ جو ناهيو اٿس، ڀُورِي بہ واهہ جو ڀُوري آ.

هتي ٻُوري لفظ ٻه دفعا استعمال ڪيل آهي. هڪ ٻوري انگريز مائي ۽ ٻيو ٻُوري سُهڻي.

ٻُوري سِڪي جو هڪ پلسو. اکر ٻوري.

ٻند ذات. ذات جا ٻند.

خاص ڪري دادو ضلعي ۾ هيءَ قبيلو گهڻو رهي ٿو.

ٻَندَ ڪلڪل، گهپي.

1- نياڳا! ٻنيان اِها ٻَندَ ڇڏيندين ٻه يا نه؟

2- يار! ڏينس پنج رپيا، اهو ٻندُ ڪونه ڇڏيندءِ.

3- ٻيلي! صبح جو ٻَهَرُ آهي، هينئر ٻَندَ ڇڏ.

4- چوانءِ ٿو ته مُنهنجي اکين اڳيان ٽَرُ، سوير کان وٺي ٻَندَ لايو ويٺو آهين.

ٻَندَ ڏَنڊ، چٽيون.

1- پُٽَ! آئون گهڻا ڏينهن جيئرو هوندس جو تُنهنجا ٻندَ ڀَريندو رهندس.

2- هاڻي ته وڏيري جا ٻَندَ ڀري ڀري سُڃا ٿي ويا آهيون.

3- اهو ڪهڙو انصاف آهي جو، چوري هڪڙا ڪن، ۽ ٻَندَ اَسان ڀَريُون.

ٻَندَ نه ڇڏ قسم جا ٻينو.

ڪنهن زماني ۾ ٻَندَ فقير هوندا هئا، جيڪي ٻن سِنَ تي گدر سفر ڪندا هُئا. جيڪي خيرات وَٺڻ کان سواءِ ماڻهوءَ کي اصل نه ڇڏيندا هئا.

1- جيستائين ڪم ۾ ٻند فقير ٿي نه لڳندين، تسين ڪَمُ ڪونه ٿيندءِ.

2- ڪلارڪ کي ٻَندُ فقير ٿي لڳندين، تڏهن ڪاغذ ملندءِ.

3- بابا! آئون به ٻندُ فقير آهيان، ڪونه ڇڏيندوسانءِ.

چوڻي: ماڻهو آهين يا پنڊ فقير.

پـڳا
توڙيا.
1- هي مَتَ ڪنهن پَڳا آهن.
2- اما! آئون سچ ٿي چوان تہ ايهي ٽانوَ مون ڪونہ پَڳا آهن.
چوڻي: نڪرُ پَجي هڪڙو، ۽ پَتَ وَجي سَينِ جي.

پـڳا
ڊوڙ ڪيائون.
"پڳو آئون نہ چوان، ماريو تہ وِسهاءِ". (شاهہ)
1- پڳا ڪونہ آهيون، بيٺا آهيون، اڃو تہ خبر پوي.
2- ويچارا غريب، پوليس ڏِسي وَٺي پڳا.

پـڳا
سمجھہ ۾ آيا.
1- اَڳلڙِي آئون، مون ڪان پڙا پڳا نہ ٿيا. (شاهہ)

پُلَ
غلطي، ڪوتاهي.
1- يار! اها برابر مون کان پُلَ ٿي آهي. معاف ڪجانءِ.
2- انشاءَ الله آئينده اهڙي پُلَ ڪانہ ٿيندي.
چوڻي: پِلي پُلي ياڏَ آئي، سا بہ نہ پِلي.

پُلَ
ويسر، وسري وڃڻ، ياد نہ پوڻ.
1- يار! پُلَ ۾ تنهنجا ڪپڙا رهجي ويا.
2- اها پُلَ ڪڏهن توکي ضرور نقصان ڏيندي.
"حَقَ حَقيقي هيڪڙو، پوليءَ پيءَ مَ پُلَ". (شاهہ)

پَلي
سٺي.
1- پيارا! ڳالھہ تہ ڏاڍي پَلي ڪَئِي اٿئي.
2- ڳالھہ تو پَلي ڪَئِي، جو سينې کي وَٺي.
3- اسان جي ڪٽڪ هِن سال تمام پَلي ٿي آهي.
چوڻي: پَلي ٻکَ پِرمَ جي، شال نہ وَجي شانْ.

پِلي
جيءَ ڪري اچڻ.

"ڀلي آئينَ ڀَلا پرين، هِيئَن نہ مناسب هوءِ" (شاهہ)

ڀلي هاڪار ڪرڻ. جيئن تو چوندين، جيئن حڪم ڪندين.

1- ڀلي هن آچر تي اسان جي غريب ڪکن تي اچجو.

ڀَلي چڱائي.

1- رک رب تي، الله مڙوئي ڀَلي ڪندو.

چوڻي: ڀَلي ڪر تہ ڀَلو ٿِيئي.

ڀَلي بهتر، چڱي.

1- ڪنهن سان ڏکئي وقت ۾ ڪَم اچڻ ڀَلي ڳالهہ آهي.

2- ڀَلي ڳالهہ، غور سان ٻڌڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.

3- ڳالهہ هميشہ ڀلي ۽ بهتر ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڪنهن ڪي وڻي يا نہ وڻي.

ڀڙَڪَ شعلا.

1- ڀِنيءَ ڀڙَڪَ ڪَنِ، ٻاهيون ٻيراڳن جون، (شاهہ)

ڀڙَڪَ اُڏام، اُٿپَ.

پُٽ! ڀڙَڪ ڪاءِ، ڀڙَڪَ ۾ وڃَ، ڀڙَڪَ ۾ اَچُ، ميوو وَٺي آءِ، مهمانَ اچڻ وارا آهن.

ت

تاتِ — طلب، گهرج.

وَرَسي ڪينجهر ڄاڻيون، جن تماچيءَ تات (شاهه)

تات — جهوري، ڳڻتي، انتظار.

تاتَ — نپائڻ، سانڍڻ، تيار ڪرڻ.

تاتَ — رعب.

چڱو هاڻي صبر ڪر، تات نه ڄمائي.

تِرَ — فَصل.

1- هن سال اسان تِرَ پوکيا آهن.

2- يار! تِرَ اوهان جا پلا ٿيا آهن، مبارڪ! هجيوَ.

چوڻي: تِرَ پوکي، ڪٽڪ ڪانه لڻبي.

چوڻي: تِرن جو تيلُ، تِرَن مان ئي ڪڍبو.

تِرَ — جسم تي نڪرندڙ ننڍو ڪارو نشانُ.

1- تارا، تِرَ تروڪٽيُون، مَتَنِ ڦُلَڙيُون. (شاهه)

2- يار! هو ڏِسُ هُنَ ماڻهو کي، مُنهَن تي ڪيڏو نه سهڻو تِرُ ٿو ٺهي.

تِرَ — ذري جيتري.

1- سي ڪاپڙي ڪينَ، جي ڏاريِن تعلُقُ تِرَ جيترو. (شاهه)

چوڻي: تِرَ جي ڳُتي، سَئو چوٽون کائي.

2- تنين تِرَ جيترو، پلڪ نه پچياس. (شاهه)

3- تَنهِن مان تِرَ جيتري، جي پَئي خَبر ڪَرِن. (شاهه)

تَرُ — پاڻيءَ م ترڻ.

چوڻي: تَرُڻ، تير هڻڻ، پڙهڻ ۽ گهوڙي سواري، ننڍي هوندي نه سکيو، ته وڏي هوندي خواري.

1- گهَڙو پيگو نہ گهوربو، تان ڪِي تَرِهَنيان. (شاهه)

تَرُ جُوءِ.

1- هي بہ اسان جو تَرُ آهي. هتي بہ پنهنجا دوست رهن ٿا.

2- هن تَرَ ۾ ديولَ خان جا ڍڳا گوءِ ۾ مشهور آهن.

3- هِنَ تَرَ جا ماڻهو، هڪڙا ٻُڪيا، ٻيو وَري ڏُڪيا.

تَرُ تَرو يا هيٺ زمين جي تهہ تائين گهرائي. سمنڊ جو تَرُ، درياهہ جو تَرُ، کوهَ جو تَرُ، هيٺانهون حصو.

جاڏي هِنَ جَبلَ جو، تانگهينديسِ تَرو. (شاهه)

تَرُ ڪپڙي جي ٿان (تاڪيي) جو وچ وارو حصو.

ڏاها ۽ عقلمند ماڻهو جڏهن ڪپڙو خريد ڪندا آهن تہ اول ڪپڙي جو ٻَرُ بہ ڏسندا آهن تہ تَرُ بہ ڏسندا آهن. تَرُ ان لاءِ ڏسندا آهن تہ متان ڪپڙو اندران سنهو هجي، کهُرو هجي، يا سُٺو نهيل نہ هجي، متان اندران ئي اندر سُٽَ جون گهاريون هجن.

تَرُ ديڳ جو هيٺانهون حصو.

1- هن ديڳ جو تَرُ آهي ئي ڪونہ، ديڳ ڪيئن رَڌبي.

2- چانورن جو تَرُ سڙي ويو آهي، ٻي ديڳ چاڙهيو.

تَرُ ٿانَڪ.

1- هُنَ پنهنجي محنت ڪري پنهنجو تَرُ ٺاهيو آهي.

2- هُو اڄ ڪلهه جا سيٺيون ڪونهن، هُنن جو وڏڙن ڪان وٺي تَرُ ٻڌل آهي.

3- جنهن ماڻهوءَ جو تَرُ ٻڌل آهي، سو مشڪلاتن ۽ مسئلن کي منهن بہ ڏئي سگهي ٿو.

تَڏو زمين تي وڇائڻ لاءِ ڪکن مان نهيل هنڌ.

تَڏو عزت.

راڄ وارا ڪاوڙجي پيا، پوءِ ڪٿي تڏو بخشرائينداسون.

تَڏو گهرُ يا رهڻ جي جاءِ يا اوطاق.

1- يار! دعا ڪر تہ ڪو پنهنجو تڏو ٺاهيون. في الحال مسواڙي تي پيا رهون.

2- مرحوم جو تڏو بہ سندس اوطاق تي ڪيو اٿن، اُتي ماڻهو رَضا الاهي ڪرڻ اچن پيا. البت اهو تڏو گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن وڇايل هوندو آهي.

تَڏو تڏو وڇائڻ، ڏک جو اظهار ڪرڻ.

هڪڙو تڏو اهو بہ ٿيندو آهي، جو ڪو ماڻهو وفات ڪري ويندو آهي تہ انجي غم ۽ ڏک ۾ تڏو وڇايو ويندو آهي ۽ اُتي ماڻهو دعا لاءِ ايندا ويندا آهن.

تازِي جنهن ۾ دير نہ ٿيل هُجي. سَجَرَ.

1- ماءُ! مـنهـنجي ڪَرهي، تـازِي ڦُلَنِ هيرَ. (شـاهہ)

2- ڪَر موجَ روز تازِي، زرِ آتہ عشق نَهہ پَهہ. (بُلبل)

3- رڳون سَڀُ رَڇَن، تَنَ ۾ تـازائِي تـشـي. (شـاهـہ)

1- اڄ درياه تان تازِي، مڇي وٺي آيو آهيان.

2- اما! مون کي تازِي ماني پچائي ڏي، ڏاڍي بُک لڳي آهي.

تازِي نوبني.

1- مومل ڏاڍي تازي تواني لڳي پيئي آهي.

تازِي چست ۽ منگولين نسل جي گهوڙن جو قسم.

ڪي ڪي ماڻهو گهوڙن کي غازي بہ چوندا آهن.

1- تـازِي طنـبيـلَنِ ۾، گـهـوڙا گـهَرَ گـهـٽـا. (شاهہ)

2- اگڻ تَازِي، ٻَهَرِ ڪنڏيون. پَڪا پيٽ سُنهَن. (شاهہ)

3- تـازِي طَـنـبيـلَن ۾، گـهـوڙا گـهَرَ گـهـٽـا. (شـاهـہ)

4- ڪـڏهـن تـازِي پُٺ تـي، ڪـڏهـن هـيـٺ هَلَنِ. (شاهہ)

5- تـازِي ڏهـوس تـڪـڙو، جَوَهَر پـائـي زِيـنَ. (شـاهـہ)

چوٽي: ٽنوءَ کي تارو، تاڙيءَ کي اِشارو.

تازِي ڪُتي جو قسم.
جيڪو بدن ۾ سنهڙو ۽ قد ۾ ڊگهو ٿئي ٿو. گهڻو ڪري هِن تازِي ڪُتي جو رنگ هلڪو ڳاڙهو ٿيندو آهي.
1- تازي ڪتن رڃ کي اچي جهليو.

تاڙي ڪَجيءَ مان نهيل شراب.

تاڙِي ڪَنَ جو بَندِ ٿيڻُ.
ڪڏهن ڪڏهن ڪَنَنَ ۾ وهنجندي پاڻي پئجي ويندو آهي ۽ ڪنن ۾ تاڙي ٿي ويندي آهي. پاڻي نڪرڻ کان پوءِ ڪَنُ جڏهن صاف ٿيندو آهي ته پوءِ ٻئي ڪنهن جو آواز چڱي طرح ٻڌي سگهبو آهي. اهڙيءَ طرح جهيڙي جَهتي ۾ بہ ڪَنَ ۾ ڌَڪَ لڳڻ ڪري ڪَنَنَ ۾ تاڙيون چڙهي وينديون آهن.

تاڙِي ڏني اٿم، ڏسي آيو آهيان، نظر مان ڪڍي اٿم.
1- جاءِ تہ تاڙِي اٿم رڳو مالڪ ملي تہ ڳالهايانسِ.
2- ڪراچيءَ ۾ هڪ نوڪري تاڙِي اٿم، خدا ڪري تہ اُها ملِي وڃي.
3- اجا ڪابہ نوڪري تاڙِي ڪانهيم، سوچان پيو تہ نوڪري ڪيان يا نہ ڪَيان.
4- يار! جهنگ ۾ هڪ ماکِي تاڙِي اٿم، هَلُ تہ هَلي لاهي اَچون.

تاڙِي دروازي جي تاڙِي، دروازي جي ڪُنڍِي يا ڪَڙو.
1- دروازي کي تاڙِي ڏيئي ڇڏيو، هر هر پيو کُلي.
2- رات جو دروازن کي تاڙي ڏئي ڪلف هڻي ڇڏيندا ڪريو.
3- اُستاد! دَرَنِ ۽ دَريُنِ جون تاڙيون مضبوط ڪري

ناهجاڻ.

(تاڙي جو جمع تاڙيُون آهي)

تاڙيُون — ڪَنَ جو بند هَٽڻُ.

1- ڪَنَ آڏيُون تاڙيـون، گُنگُنِ جَنَ گـهَمـن. (شـاهـ)

1- اَهڙِي ڇَماٽ هنيائينس، جو ڪَنَ مان تاڙيون نڪرِي وِيس.

تاڙِيون — پنهين هٿن جون ترِيون زور سان هڪ ٻئي تي هڻڻ.

تار — تانگهه، اُڪير، چِڪَ، سِڪَ.

1- تو ڪي تہ سدائين آفيس جي تار هوندي آهي.

2- يار! ڳوٺ وڃڻ لاءِ، اندر ۾ تارَ ڏاڍي آهي.

3- مون ڪي تو وانگر، هرويرو ايڏي تارَ ڪانهي.

تـار تـنـد تـن مـن انـدر ۾، تُون تـہ تُون تُون تُون لـڳِي.

(حاجي احمد ملاح)

تارَ — يڪتاري جي تار، تنبوري جي تار، سارنڱِي ءِ سِتار جي تار.

ڳائڻ جو صحيح طريقو.

1- تون تار ۾ نٿو ڳائين، اجا راڳ جو رياض ڪر.

2- اَبا! رات ڇوڪر واهہ جو تارَ ءِ سُرَ ۾ ڳايو.

3- جيڪو ڳائڻو تارَ ۾ نٿو ڳائي سو راڳي ناهي.

تارَ — ٽيليگرام.

تَهہ — تير بسَير، آخري حد ءِ آخر تائين پهچڻ.

1- اول تون هُن ڪي ڳالهہ تَهہَ تائين ڪرڻ ڏي.

تَهہَ — اندرين حقيقت يا اصلي معاملو.

1- چوري هَٽ ڪرڻ لاءِ تَهہَ تائين پهچي ويا آهيـون.

2- ڪوهہ ڪوٽي رهيا آهيـون، پاڻي جي تَهہَ تائين پُهچڻ وارا آهيون.

عالمن جو چوڻ آهي تہ ٺٽي جو مشهور ۽ تاريخي شهر بہ تَهَن مٿان تَهَن جيان ٺهيل آهي. هي شهر ڪيئي دفعا ٺهيو آهي ۽ ڪيئي دفعا نابود ۽ ناس ٿيو آهي. يقيناً سمنڊ جي ويڙن، درياهن جي ٻوڏن ۽ دشمن جي حملن ڪري ائين ٿيو هوندو.

تَهَہ زمين جا هيٺان مٿان حصا.

تهہ مٿاهري مٿان چڙهيل ڪو پيو مادو.
1- ڪتابن تي مِٽي جا تَهہ چڙهي ويا آهن.
2- اکين تي پردا اٿئي يا تَهہ، ڏسين ڪونہ ٿو ڇا؟

تَهَہ رلي ءَ جا پُڙ.

تَهَہ ترتيب وارو سليقو. ڪپڙن کي تہ ڪري رک.

تَلَ ترانگهڙا تلاءَ.
1- ٻَري تَلَ ترائيُون، جوڙي هَليُون جُوءِ. (شاهہ)
2- هَڏَ اڪَنيا هَليو، ٻَري ترائيُون تَلَ. (شاهہ)

تَلَ گهوڙي کي سنجڻ مهل پهريان تل وجهبا آهن ۽ پوءِ پيو سنجڻ جو سامان رکبو آهي.

تودِي اُٺ جي مادي ٻچي، جيڪا پير جهلي مس هلي سگهي.
چوڻي: ڏاچي هَٽي ڏَہ، تہ تودِي هَٽي تيرهَن.

تودِي اجايو ضد ڪندڙ.
1- تون تہ صفا تودِي آهين.
2- انَ تودِيءَ بہ ڪَمُ ڪيو.
3- بَس يار! خدا جو شانُ آهي تودِي بہ ٿو شادي ڪري.

تودِي وفادار محبوب.
1- تودِي تا ڪن وِچَ م، چِت ڪڙڪو ڪَنَ ڪري. (شاهہ)
2- تودِي تونڙائين، نِينهَن نوازي سَڄَڻي. (شاهہ)
3- جي پرينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪو تودِيءَ تَڙُ ڪيو. (شاهہ)

تُڪيو ماڳُ، آستان، تيرٿ.

1- جِتي ماڻڪَ ماڳ، تتي چوران تَڪيو. (شاهه)

2- مَنُ ماري ڪر مات، تہ تيرٿَ پَسين تَڪيو. (شاهه)

تَڪيو وهاڻو.

1- جڏهن پاسي پاڻَ ٿئي، تڏهن ڇڏج تَڪيو. (شاهه)

تَڪيو ڪنهن مان اک نہ ڪَڍڻُ، تَڪَڻُ تاڙيو.

1- آئون بہ تَڪيو بيٺو آهيانس،

2- اَبا! ڪنهن کي تڪيو بيٺو آهين.

3- بنگلو ڏاڍو سُٺو آهي، تڪيو ويٺو آهيان، جي مالڪ وڪڻڻ تہ وٺان.

تَڪيا ماڳ، تَڪيو جو جمع تَڪيا.

1- جي فَنا ڪَيا فقيرَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تن جا. (شاهه)

تَڪيا اُميدون.

1- تِهان پوءِ تَمامُ، تِنِ تَڪِيا تاڪي ڇڏيا. (شاهه)

تَڪيا جانچي ڏٺا.

اسان تتر تڪيا، پر اُڏامي ويا.

تَڙَنِ ٻيڙين جي بيهڻ جون جايون يا گهيڙ.

1- سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بندر جن تَڙَنِ تي. (شاهه)

تَڙَنِ ماڳن.

1- تون ڪيئن تَڙَن، اَچيو، اَسارِي! گهڙين؟ (شاهه)

تَڙَنِ منزلن.

1- تَڙَن جي تَلاسَ، لاهہ تہ لالَنَ لڳ ٿئين. (شاهه)

تَڙُ ڀروسو.

ڏيئي توڪل تَڪيو، آرُ لنگهيا آسانَ. (شاهه)

تَڙُ اَمنَ ۽ سلامتي واري جاءِ، ڏکي ۽ اَڻانگي جاءِ.

1- ڪنهن جنهن گهيڙَ گهڙي، جئن اَوتَڙان تَڙُ ٿيوس. (شاهه)

تِڙ غُسل، وهنجارڻ.

1- پلا ميتَ کي تِڙ ڏنو اٿن يا نه؟

2- ميت کي تِڙ ڏيڻ، هر مسلمان جو فرضُ به آهي، ته

تَڙِ ثوابُ به آهي.

3- مولانا کي وٺي اچو ته ميت کي اَچي تِڙ ڏئي.

تَڙَ گهيڙ، گهٽَ، واٽَ، هَنڌَ.

1- اُونهي تڙ آگهَٽيا، آڏي پٽي آڻَ، (شاهه)

2- اَپو تڙ ميهارُ، مَلاحَن سَڏُ ڪَري. (شاهه)

تَڙ هَکَل، کَڏُ، کَڏِيسِ، تَڙِيسِ، هَکِليسِ.

1- ڪُتي کي تَڙ، اندر ٿو اَچي.

2- تون وڃي جهار تَڙ، ۽ مان ٿو وڃي گاهَ مُٺِ ڪَريان.

3- هي ماٺهو هتان تَڙ، اَجايو گوڙ پيا ڪَن.

تَڙ سوپاريءَ جو حصو، گوشت يا ماسَ جي تَڙَ.

1- يار! سوپاريءَ جي تَڙَ ته ڪاراءِ.

تَڙَ مصريءَ جو ٽُڪر.

1- مصريءَ جي تَڙ ڪاٽيندين پيو ته، وات ۾ بوءِ ڪانه ٿيندءِ.

تَڙَ ٻوٽي.

يار! ٻٽي گوشت جون تَڙُون ته پاتِ ۾ وجُهه.

(تـڙ جو جمع تَڙُون)

تَڙَ چِڙپَ.

1- ڪڏهن به ڪنهن سان تَڙَ ۾ نه ڳالهائجي.

تَڙْ گهيڙَ

1- اُپيون تَڙ پُوڇِينِ، وَهون وڻجارن جون. (شاهه)

2- نه سي تَڙَ هوڙاڪَ، نه وايُون وڻجارن جُون. (شاهه)

3- مون اُپي تَڙ پاسِ، پِريَنِ پڳَهَ چوڙيا. (شاهه)

4- تَڙَ تَڪَڙِ تارِ گهڙڻ، ايءَ ڪاٺيارنِ ڪَمُ. (شاهه)

تَڙِ پاڻيءَ جا تلاءَ.

تَڙُ ماڳُ.

1- يار! ڪڏهن اسانجو به غريباڻو، تڙُ ڏسي وڃُ.

2- اهو تڙُ مون هينئر ڏٺو آهي.

3- چڱو ٿيو جو تڙُ هٿِ اچي ويو، نه ته دربدر ٿيون ها.

1- سو تَڙُ سونائين، جيڏانهن عالمُ آسرو. (شاهه)

2- گهيڙان ڪري نه گهُورَ، تڙُ تڪڙِ سان نه لهي. (شاهه)

تَرسُ ڪهلَ ڪهڪاءُ.

1- جانورن تي هميشه تَرسُ ڪرڻ گهرجي.

2- غريبَ تي ترسُ ڪرڻ تي خدا خوش ٿئي ٿو.

3- جنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ تَرسُ ناهي، سو انسان نه چئبو.

4- ظالم ماڻهو ڪڏهن به تَرسُ نه ڪندا آهن.

1- پاروچاڻان پارَ، توڙان تَرسُ نه سِڪيا. (شاهه)

تَرسُ ويهه، اجان نه وڃُ، آرام ڪر، ويهُ.

1- ٿورو تَرسُ، آئون اُچان ٿو.

2- اڄ اسان وٽ تَرسُ، صبحاڻي ٿي وڃجانءِ.

3- يار! گهڙي ڪن ته اسان وٽ به تَرسُ، ته ڪچهري ڪَيون.

تُري تُرڻ، توراڻ وزن ڪرڻ.

1- تاڃي توريائون، ته عيبَ نڪتا اڳيان. (شاهه)

1- سيٺ! ڪيهه منهنجي ڪاله تُري، ٻڌايو ته ڪيتري ٿي.

2- شڪر آهي جو تنهنجي ڪڻڪ تُري، هن سال پنج سئو مڻ ٿيا.

1- اَگهيا سُٺَ سَندنِ، پاڻي تَرازِيءَ نه توريا. (شاهه)

2- سُتُ جنين جو سَڦرو، ويا ترازوءَ توري. (شاهه)
3- تَن جو صرافَنِ، اَڻ توريو ئِي اَگهائيو. (شاهه)

تِري جُنار يا جوئر جو هڪ قِسمُ.

هن جوئرَ جو ڪانو تمام ِمنو ٿيندو آهي. جڏهن لابارا شروع ٿيندا آهن، تڏهن سنگ لُٽي باقي ڪانا رهندا آهن. انهن کي مٿهو ڳنا چوندا آهن. ڳنا منا ۽ سوادي ٿين ٿا. لڳ ڀڳ ڪمند جهڙا ئي منا ٿين ٿا. هي فصل جابلو ۽ ڪاڇي واري علائقي ۾ ٿئي ٿو.

ٿ

ٿورا اَحسانَ، ڳُڻُ، ڀلائِيون.

1- ٿــورا نــہ ٿــورا، مــون تــي مــاروئڙن جا، (شــاھـ)

2- ٿورا منجھہ ٿَرِن، مون سين ماروءَ جي ڪيا، (شاھ)

3- مــون ڪــي اَڪــڙيُن، وڏا ٿــورا لائيــا. (شــاھــ)

چوڻي: يار! تنهنجا ٿورا لاهي تہ ڪونہ سگهندس، پَر ڳائيندس ضرور پيو.

1- زاغَ تُنهنــجِي ذات جو، ٿــورو مَٿــي مون، (شــاھـ)

ٿورا گهَٽ.

1- گـهـوڙن ۽ گـهـوٽـن جِنَھَ ٿـورا ڏِيـنـهَڙا، (شـاھـ)

2- ٿيـم نــہ ٿورا ڏِيـنـهَڙا، ماڙيُن ڳارِيم ماہَ، (شاھ)

3- آئـون گَڏِي پِرِيَ ڪـي، ٿورا ڏيـنـهن ٿـيا، (شـاھـ)

ٿورِي ذات جا ٿوري.

لــنگهيــائين لـطيـفُ چَئي، ٿرن جا ٿــورِي، (شــاھـــ)

ٿورِي مختصر.

ٿورو احسانُ، ڳُڻُ.

1- سـو مون ٿـورو لاہ، جِنَ جِنَري مِلان جَتَ ڪـي. (شاھ)

2- ٿـورو منـجھہ ٿَرَان، هُندَ لَڳِي لوئـڙيـاربين! (شاھـ)

3- هَڻُ حـبيـبَ هَٿَ ڪـٺي، ٿيــڪ مِرَ، ٿـورو لاءِ، (شـاھـ)

ٿورو گهَٽ.

1- ڪَتَڻَ واريءَ ڪَتيو، ٿُلهو ۽ ٿورو.

چوڻي: ٿورو ڏِسي نہ اُرهو ٿجي، گهڻو ڏِسي نہ سَرهو ٿجي.

ٿ

ٿارو ڪنهن بہ سائي وڻ جو ٿـڙاٽيءَ وارو حصو. چار جو ٿـارو نہ وڍ.

ٿارو هيڪا هيڪي.
1- اوهان سيني کي ٿارو آهي، جيڪو ڪرٽو اٿوَ سو وجي کَيو.
2- آهيـو مڙس يـا غيرت وارا تـہ ان ٿـاري سـان مقابـلو کَيو.
چوڻي: ٿَٿوءَ کي ٿارو، تازيءَ کي اِشارو.

ٿارو پاسو ڪرڻ، مُنهَن تي نہ چڙهڻُ.
1- ٻرندڙ ٻاه کان، هميشہ ماڻهو ٿارو ڪري.
2- منافقن کان ٿارو ڪرڻ بهتر آهي.
3- صاحب! ڪارڙيو وينو آهي، في الحال ٿارو ڪري وَڃُ.
4- مِينهُن ڏايو ٻوي ها، پر ٿارو ڪري ويو.

ٿاڪيو ڳنڍيو.

ٿاڪِيو ذرو پرزو ڳولڻ.
1- رائِي ڪـي رنجُورَ، ٿَڪـر توءِ ٿـاڪـيو چڙهي. (شاهہ)
1- شاباس! انهن ماڻهن کي هجي جو هيڏو جَبلُ ٿاڪيو اٿن.
2- مون سڄو جبل ٿاڪيو، پر ڪٿي بہ هَرَڻُ نظر نہ آيو.

ٿَرِي گهر ٿي وڃڻ.
1- ٿَرِي وَڃُ، نہ تہ ويلَ م پَئجِي ويندين.
2- في الحال تون ٿَرِي وَڃُ، جيسـتائين صاحبُ ٿڌو ٿئي.
3- ٿَرِي وڃين تہ ڏِسُ فائدو ٿيو اَٿئي، نہ تہ الائجي ڇا ٿِئي ها.
چوڻي: آئي تہ روزي، ٿَرِي تہ بَلا.

1- ٿوليان تنهن مَ ٿَرُ، جنهن روحُ رچايو راهَ مر. (شاهه)

ٿَري گُدري وِئي.

1- راڻو رات نه آئيو، ويل ٿَري ويئي. (شاهه)

ٿِڪو ڏنگ يا چَڪُ.

1- تن جا مُنهن مَلَڪَنِ جهڙا، ٿِڪو تان نه ٿَري، (شاهه)

ٿِڪو رَهو يا ترِسو.

يار! اڄوڪو ڏينهن اسان وَٽ ٿِڪو، صبحاڻي ٿي وڃجو.

ٿوڙِي سر جو نالو.

ٿوڙِي يا ميان جي ٿوڙِي.

ٿوڙِي پَڪِي يا جهورِي.

1- اما! سچ ٻڌايانءِ، اها پاٽ بابي (بابا) ٿوڙِي آهي.

2- توئي منهنجي دل ٿوڙِي، نه ته اها زمين آئون ضرور وٺان ها.

ٿولَ منائيون يا رانديڪا.

1- بابا! پِتائي جي ميلي مان منهنجا ٿولَ ضرور آڻجو.

2- شڪارپور جا ٿول مشهور آهن، ڪڏهن اُهي ته ڪارايو.

ٿولَ سَٺيون.

1- سِڱيون، سيلِيُون، گَبرِيُون، ٿيئي ٿولَ ٿَڳو. (شاهه)

ٿَڳو ذات.

ٿَڳو جَٺيو يا ڏاڳا.

سِڱيون، سيلِيُون، گَبرِيُون، ٿيئي ٿول ٿڳو.

ٿولَنِ رانديڪن يا منائين.

1- افسوس! جو هيترن ٿولَنِ هوندي به تنهنجو پيٽ نٿو ڀرجي.

2- هروڀرو پيِن ٿولَن تي اجايو خرچُ نه ڪر.

3- هيترن ٿولَنِ هوندي، پِيا ٿولَ چوٿو وٺين.

تولَنِ حِصن.
1- ڏُکُ فقط اِهو آهي جو اسان تولَن ۾ ورهائجي وِياسين.
2- دُشمن اسان کي تولَنِ ۾ تولي ڇڏيو آهي.
1- حَسنَ مير حُسين کي، رُنو تِنِ تولَن. (شاهه)

تارِي پري ڪرڻ يا گم ڪرڻ.
1- مون ته ڳالهه تاري ڇڏي، پر تون هرويرو تڪڙو ٿي وئين.
2- الله پاڪ ڪٿي مصيبت تارِي، نه ته وڏي آزار ۾ پئجي وڃن ها.

تارِي ٻِرَ جي تاري، ٻير جي تارِي، نم جي تارِي، لام. ٻِرَ جي لامَ، ٻير جي لامَ، نمُ جي لامَ.
1- تاريءَ تاريءَ ڇانگَ، سَسئي موريچَن جئن. (شاهه)
چوڻي: تو کي ٻه تاري آهه، جيڪو ڪرڻو اٿئي سو وَجي ڪر.

تارَ پاسو ڪرڻ.
1- ان ماڻهوءَ کان مڙوئي تارَ ڪندو ڪر.
2- اسان ته مڙئا! تارَ ڪرڻ وارا ماڻهو ئي ڪونه آهيون.
3- بيهُودي ماڻهوءَ کان هميشه تارَ ڪجي.
4- چڱو ٿيو جو آئون تار ڪري وِيس، نه ته نقصان ٿئي ها.

تورِ ڇِنُ، پِٽ.
1- تون انب تورِ، ته مان وري پيو تو کَمُ ڪيان.
2- صوف پَڪا هجن ته پلي تورِ، ڪَچا هجن ته نه پِٽ.

تورِ ختم ڪر.
جي پانئين جوڳي ٿيان، ته سڳَ سَپيئي تورِ. (شاهه)

تَرِي غائب ٿيڻ.
1- چئوس ته منهنجي اڳيان تَري، نه ته بي عزت ڪندو سانس.

2- صاحبُ رڳو تورو ترَي، تہ پوءِ ٿا چانھ پئون.

ترَي نہ گُسي.

چوڻي: لکيو پَري، باقي ترَي کونہ.

تن جا مُنهن مَلڪن جهڙا، تڪو تان نہ ترَي. (شاهہ)

ٿاڻَ ٿانڪون.

ٿاڻَ مھلون.

1- اڳيان پَريان ٿاڻَ، وِيا ويچارن وسري. (شاهہ)

تِڪي رهي يا ترِسي.

1- مون کي خبر آهي تہ تو کان دل ۾ ڳالھ تِڪي کانہ سگهندي.

هينئر رات آهي تِڪي پئو، صبح جو وڃجو.

ٿاڪرِ تِڪي کانہ، جَبلُ سڀ جلي وَڃي. (شاهہ)

تِڪي هار مڃڻ.

تون تِڪي پِر، تہ پوءِ ڳالھ ٻڌايانءِ.

تڪي گوري، دوا.

تَڪِي عيب، نشان.

1- مينهن ڀلي آهي، پران تِڪي کم وڃايو آهي.

2- ان تِڪي لاهڻ ڪري، تو کي فيصلو ڪرائڻو پوندو.

تِڪي ترسي.

احمد اجا تڪي تہ ڀلي تڪي، هيءَ پنهنجو گھر اٿس.

تِڪو زيورُ.

عورت جي هڪ قِسمَ جو زيورُ جيڪو پيشاني تي ٻڌبو آهي.

تِڪو هڪ ماڳ جو نالو.

تِڪو بارَڻ. جيڪو تعلقي ٿاڻي بولاخان ۾ ڪوهستاني علائقي ۾ آهي.

تِڪو رَهو، ترسو.

اَڄ اسان وٽ تِڪو، صبحاڻي ٿي وڃجو.

تڪو لوھ جو ٽڪو يا چِڪو جنهن ۾ مَٿي سامان رکبو آهي.

تَڪو نشان.

1- هي نراڙ تي تِڪو ڇا جو اٿئي؟

تِڪو الزام.

1- هُو چورُ ناهي، هرويرو غريب تي تِڪو نہ هڻو.

2- ڏنڊ ڏوھ سنگت جو پربو، پر تِڪو نہ لائبو.

تِڪو چَڪَ، ڏنگ، وات.

تن جا منهن مَلڪن جهڙا، تِڪو تان نہ تري (شاهہ)

تِڪُيون رَهيون، تَرسيون، رَهي پيُون، تَرسي پيُون.

1- ماسي جن کي منٿون تہ گهڻيون ڪيون سين، پر ڪونہ تِڪيُون.

2- رات تِڪيون، صبحاڻي ٿي وڃجو.

تڪيُون مٽائيءَ جون تِڪيون.

تَڪِيون ٻيرن جو ميوو.

ٽَڪَر ننڍا جبل.

1- آڏو ٽَڪَرَ ٽُڪُ، مـتـان روهَ رِتيـون ٿـين. (شـاهـ)

2- ٽَڪَرَ مَٿـي ٻـاهـڙِي، ٻـارِي ٻـاروچَن. (شـاهـ)

ٽَڪَر مقابلا ۽ جهيڙا يا جنگيون يا لڙائيون.

1- سنڌ جي ماڻهن هميشہ ارغونن ۽ ترخانن سان ٽَڪَرَ کاڌا.

2- گهيـٽـا اَڇي پاڻ ۾ وڙهيا، ڏاڍا هڪ ٻئي کي ٽَڪَرَ هنيائون.

3- اهان کي ڪي بہ وهم ۽ گمان نہ هـڻـڻ ڪـپن، اوهان سين ڪي بہ ٽَڪَرَ ڪونهن.

4- ٽَڪَرَ جَن سان آهن تن سان آهن، تـوسـان بـالـڪـل

	ڪونهن.
تڪَ	آرسي يا آئينو يا دَرسِني.
تَڪَ	هڪ هنڌ ويهي رهڻ.
	جيئن لاٽون تڪَ ٻڌي ڦرندو آهي.
تِڪَ	چولن، ٽوپين، گجَنِ ۾ ڪاٺي، شيشي، جون ٽِڪُون لڳل هونديون آهن. جيڪي پنهنجي خوبصورتي ڪري نمايان نظر ايندڙيون آهن.
	(تڪَ جو جمع ٽِڪُون)
تڪاڻو	هَنڌُ، جاءِ، ويهڻ جي جڳهه، ماڳ.
	1- پکين ۽ پرديسين جو هڪ هنڌ تڪاڻو نه ٿيندو آهي.
	2- تنهنجو ٻه هڪ هنڌ تڪاڻو هجي جو توکي هَٿِ ڪيون.
تِڪاڻو	هندن جي پوڄان پاٺ ڪرڻ جو هنڌ.
	تِڪاڻي ۾ هڪ سارسنيال ۽ حفاظت لاءِ ماڻهو رهندو آهي، جنهن کي هِندُو ٻاٺو چوندا آهن. جنهن کي هندو هرحالت ۾ عزت سان ڏسندا آهن. جيئن مسلمان پنهنجي پيش امام کي احترام سان ڏسندا آهن. هندن جي وقت ۾ سنڌ ۾ تمام گهڻا تڪاڻان هوندا هئا. جتي هُو ڀڄن ۽ گيت ٻه ڳائيندا هئا. هِندن جي وڃڻ ڪري هاڻي وڃي تڪاڻان ٿورا رهيا آهن ۽ رهيا اُتي آهن جتي هندن جي اڪثريت آهي.
	تڪاڻي جو جمع تڪاڻان.
تِڪاڻان	هَنڌَ، ماڳَ، رهڻ جو جايون، عمارتون.
	1- تڪاڻان ء تول، وسه مون وِهُ ٿيا. (شاهه)

پ

پاڻي — پلانڊُ يا عيوضو.

1- رکَ خدا تي اچا اوهان سان پاڻي ٿيندا.

2- بابا! وڙهبو ڪونہ، برادر جو جيڪو بہ پاءُ پاڻي جو هوندو سو پري ڏبو.

چوڻي: پاڻيءَ تي پي پاڻي ٿيندو.

پاڻي — ٿڌو ٿيڻ يا خاموش ٿي وڃڻ.

1- اول تہ همراه ڏاڍو گرم هئو، پر ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ بالڪل ٿڌو پاڻي ٿي ويو.

2- تقرير اهڙي سهڻي ڪيائين، جو سيني جو وات پاڻي ٿي ويو.

پاڻي — جوهَر يا همت.

1- يار! تو واري گهوڙيءَ ۾، ڏاڍا پاڻي آهن.

2- همراه ۾ مڙوئي پاڻي جا جَوهَر آهن.

3- ڇوڪرا اڄ تہ ڪي پاڻي جا جَوهَر ڏيکار.

پاڙيان — پورا ڪيان يا زبان کي پاڻي ڏيان يا ڳالهہ رَهجي اَچي.

1- دُعا ڪر تہ جيڪي توسان واعدا ڪَيا اَٿم، سي سَبُ پاڙيان.

2- اُهو تو کي وقت ٻڌائيندو تہ، مان ڪيل قول پاڙيان ٿو يا نہ ٿو پاڙيان.

1- پهرين تون پاريج، پارَڻ پوءِ پُنهون تي. (شاهہ)

پاڙيان — مَٽ نہ سمجهان يا اُن جهڙو نہ سمجهان يا ڪنهن بہ جهڙو نہ سمجهان

1- چَنڊَ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرينءَ سِين. (شاهہ)

2- پاڇا ھِي نہ پاڙيان، سَرتيُون! سِنِي ساڻُ (شاھہ)

پارو ھڪ قسم جو ڏاتُو.

اُھو ڏاتو اڪثر ڪري حڪيم دوائن ۾ ڪَمِ آڻيندا آھن، جنھن کي پارو چئبو آھي.

پارو سخت ٿڌ يا سخت سردي يا سخت سيءُ.

جڏھن سخت ٿڌ ۽ تمام گھڻو سيءُ پوندو آھي تہ ان وقت پاڻي جمي برف (پارو) ٿي پوندو آھي. اھڙي جميل برف کي پارو چوندا آھن. اڳئين وقت ۾ ڏاڍا سيءَ پوندا ھئا جنھن ڪري پارا ڄمندا ھئا. رات جو زمين سيءَ ھڻڻ ڪري ڏاڍي ٿڌي ٿي پوندي ھئي، جنھن ڪري ھاري ويچارا پيرين اگھاڙا ڌرتي تي ھلي نہ سگھندا ھئا. ڪاش! ھاڻي نہ اُھي ٿڌيون ۽ سرديون آھن، نہ وري اُھي سيارا ۽ پارا آھن.

1- سہَ سيارو، پاڻي پارو، ڄت ڄھڙ، جَھڪَ ۽ جھولَ. (شاھہ)

پارو نڪَرَ جو ٽانءُ.

1- ڏيءُ! ھي ڳُڙ ڪٽي پاري ۾ وجھي ڇڏ.

2- ڏيءُ! جَنڊَ مان اَٽو ڪڍي، پاري ۾ وجھي ڇڏ.

3- ادا! ڪنير وَٽ وڃين پيو، ڪو پارو ڪير لاءِ وٺيو اچجانءِ.

اڳئين وقت ۾ عورتون اُنھن پارن (نڪرن جي ٽانوَن) ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان رکنديون ھيُون. اڪثر ڪري ڳوٺن، وَھڻن، ننڍن شھرن ۾ نڪرن جي ٽانون ۾ رڌڻ، پچائڻ ۽ کائڻ پيئڻ جو رواج ھوندو ھئو. نڪرن جي ٽاون ۾: ڪنيون، ڪُنا، ٻاٽيون، ٻاٽولا، ٺوٻيُون، دِليون، دلا، مَٽ، ماٽيون، دَڪيون، ٽبڪَ، ڍاڪون، ڍَڪڻ ۽ پارا ھوندا ھئا. جن ۾ کائڻ، رڌڻ، پچائڻ ۽ پيئڻ ڪري ھر ماڻھوءَ جي صحت بالڪل صحيح ھوندي ھئي. البت اڄا

ڪن ڪن ڳوٺن ۾ ٺڪرن جي ٿانون جي رسم ختم ڪانه ٿي آهي، پر سراسري طرح ختم ٿي چڪي آهي. جديد دور ۾ اسان ماڻهو ٺڪرن جي ٿانون کي ڇڏي، نوان ٿانوَ استعمال ڪيون ٿا، نتيجي ۾ بيماريون به گهرَ گهرَ ۾ پهچي وَيون آهن.

ٻارو جهڙو يا مٿل.

1- يار! تو پارو، دوست ملي وڃي، ته پوءِ باقي ڇا کپي.

2- اسان پارو ماڻهو، هر ڪنهن سان هَلي نٿو سگهي.

3- جتي تو پارو ماڻهو هوندو، اُتي خير ڪڏهن به نه هوندو.

پارِ ٻئي پاسي.

1- صبحاڻي آئون پارِ ويندسُ ۽ شام جو موٽي ايندسُ.

2- بَس ٿليلي پار ڪندين، ته پريان اسان جو ڳوٺ اَٿئي.

1- جي چِتو جي چوهُ، ته پوريندئِس پارِ مَٿي. (شاهه)

2- سانده سَبُ درياه، پَري ڪنڌي پارَ جي. (شاهه)

3- هِنَ پارِ، نه هُن، وِيچاري وَهَ وِچَ ۾! (شاهه)

4- اوران آهُون ڪَريان، پُهچان ڪَل پرار. (شاهه)

5- اورارِ نه پَرارِ، ويچارِي وَڏُ وِچَ ۾! (شاهه)

پارِ ڏانهن.

1- اڪيون پارِ پرين جي، تيون گامَ نهارين گسَ. (شاهه)

پارِ سوبَ.

1- نيت نيڪ آهي، ته هر طرف کان ٻيڙا پارِ آهن.

2- يار! دعا ڪر ته ٻيڙا پارِ ٿين.

پارِ زبان کي پاڙي ڏي يا انجام جو سچو ٿي يا واعدو پورو ڪر.

1- اول تون پنهنجي زبان پارِ، پوءِ ٻي ڳالهه ڪر.
2- پنهنجو واعدو پارِ، منائي ڪاراءِ.
1- تي سَتِي ٻڌ سندرو، پرتِ پنهونءَ سين پارِ. (شاهه)
2- پاڙيو ويني پاڙِ (پار) جيڪي لالَن لکيو. (شاهه)

بارَ طرف يا پاسا.
1- اڄ پڻ اُترَ پارَ ڏي، تاڙي ڪئي تنوار. (شاهه)
2- پرين سندي پارَ جي، مِڙئي مِنائي. (شاهه)
3- سَڪَوتُ ئي سَلامَ، پريان سندي پارَ جو. (شاهه)
4- نيو مَنُ لائين، پريان سندي پارَ ڏي. (شاهه)

پارَ روچ، پتڪو.
1- پتين ءِ پار ڪڍن، رَڏُ ڳجيو راڙو ٿيو. (شاهه)
2- چيتاريون چون، پارَ منهنجي پرينءَ جا. (شاهه)
3- ڪي جي ڪڍيا پارَ، ڏکيءَ ڏونگرَ پانڌ ۾. (شاهه)

پارَ افعال، رويا، نمونا ۽ انداز.
1- هي جي پارَ اٿئي، ته توبه نوڪري ڪَئي!
2- اول پنهنجا پارَ ڏس، پوءِ ٻين کي چئو.
3- مون سمجهو ته تون هيترن تڪليفن هوندي سڌري ويندين، پر تنهنجا ته اُهي ساڳيائي پارَ آهن.
چوڻي: ساڳيا ڇڳهه، ساڳيا لاڻون.
1- پرت نه پسين پارَ، نينهن جنان تي لڳيو. (شاهه)
2- وري پيچ وينين ڪان، سندا پنهونءَ پارَ. (شاهه)

پارَ طرفان.
1- پَرين جي پارا، مون سين وڏائي وَڙَ ٿيا. (شاهه)
2- جَرِهي آيو جنگ تي، هَلي هن پارا. (شاهه)
3- پارا پڇي آءَ، خبر ڪاهوڙين جي. (شاهه)

پارا سخت ميءِ. سَخَتْ سِيئُنَ جون جَميلَ بَرفُون.

1- بابا! پَرُ سالِ سياري جا ڏاڍا پارا پيا هُئا.
2- يار! پارا اُهڙا پيا آهن جو ڪٽڪون سڙي وِيُون آهن.

پارا نڪر جا ٿانوَ.
جنهن ۾ ڀـهراڙيءَ جون زالون ڪـائـڻ پيسڻ جو سامان رکنديون آهن.

پورِي ختم ٿيڻ.

پورِي سَچِي يا صحيحَ يا دُرست.
1- پرتِ جن پُورِي، تَن رويـو وِهـامي راتـڙي. (شـاهـ)
2- ڀـنـهـي جي پوري، جيءَ ڏني رِيءَ نـہ جڙي. (شـاهـ)

پُورِي پُهچِي نہ سگهين، پُجِي نہ سگهين.
1- ليـلا! پُورِي نـہ پَئين، چَنـي چَنيـسَرَ سـاڻ. (شـاهـ)

پُورِي مئدي جي پَڪَلَ سوڪَ ماني.
حلوائِن جي دڪانن تي صبح جو پَهَر ۾ اڪثرُ ءِ گهَرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوريون پَچنديون آهن.
چوڻي: گهرَ ۾ لَپي اَٽو ڪونہَ، ماءُ ڪي چوي تہ پُوري پچائي ڏي.

پاري پارو.
سياري ۾ گهٽي سيءَ ۽ ٿڌ ڪري برف (پارو).
(1) پاري منجهہ پاٽي، تيـئـن سـاڪي ڏنو سيـپ ۾ (سامي)

پاري پانهي، پاليل.
1- هـوتَ! تـنـهـنـجي هَٿَ ري، پُهـچي نـہ پـاري، (شـاهـ)
2- پُنـهـون هـوءِ پَهتُ، تـہ پـاري نين پـاڻ سـين. (شـاهـ)
3- آتڻ اورانـگهـي ويـا، پـاري چِڏي پـوءِ، (شـاهـ)

پارِي مسـڪينن ۽ غريبن ڪي پارڻ ۽ سنڀالڻ وارو.
1- پُڄي ســي پـارِي، جي عـاجزَ اُجورَنِ ۾. (شـاهـ)

پاري پُوري ڪري يا مڪمل ڪري.

1- اَلَسْتُ بِرَبِڪُم قَالُوابَلـيٰ، پَر اِهـا پـاري، (شـاهـ)

2- جيڪي آيَسِ ڏانهن عَهدَ، سو پاري مُنڍَ پاتارَم. (شاهـ)

3- سائِي پَر پـاري، جا گـهرَ سـمـي جي سَپِجي. (شـاهـ)

پاري نڪر جو ٿانءُ.

1- ڏيءُ! ان پاري ۾ اَتو پيو اَٽئي، سو ڪٽي اَچُ.

2- ڏيءُ! هي ڳُڙ بہ اَٽئي، ڪنهن پاري ۾ وجهي ڇڏ.

پارِي شڪاري.

پِرياڻ پريتڻو يا پرين.

1- هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پِرياڻُ. (شاهـ)

2- آتـڻُ ۾ پـريـاڻُ، هـو سَپنـين جيـڏيين. (شـاهـ)

پَرَيَاڻُ نشانُ يا اُهڃاڻُ يا پَتو.

1- سُپَڪَ جو سـيـدُ چَئـي، پُڇي نـہ پَريـاڻُ. (شـاهــ)

2- سَدا جن پَريـاڻُ، پـانـڌي پَڪـي لَڌسِينَ. (شـاهــ)

پَرياڻَ خيال يا فڪرَ يا سوچَ.

1- پِيا ڪَنهِن پرياڻَ ۾، ڇَهين ڏيـنهُن ڇَٽي، (شاهـ)

پَرِيَاڻَ حالُ احوالُ.

1- پاڻهين ويـنـا پـاڻ سِين، پَر ۾ ڪَنِ پَريـاڻُ. (شاهـ)

پالهو خالي.

1- پيو جو پاتـار، سو ڪِئن پَسڻَ ڪان پالـهو رَهي، (شاهـ)

2- پَلا! پـيري پَر، پـالـهو پانـد پيـنار جو. (شـاهـ)

3- دَر دَر گهُري دانُ، پالهو آندو پـانڊ مون، (شيخ اياز)

پالهو واندو.

1- بہ ڏينهن ڪَمُ اٿم، پوءِ بالڪل پالهو آهيان.

2- هڪ ٻـي ڪَمَ مان پالـهو ڪونـہ ٿيـو آهيان، تہ پيو وري ڪيئن ڪندس.

3- يار! ڪوبہ ڏنڊو ڪونهي، گهر ۾ پالهو وينو آهيان.
چوڻي: پالهو هجين تہ وَڃُ، پيرن وٽ پاڻي پيءِ.

پَهَتُ راضپو، پرچاءُ.
1- پُنهون هوءِ پَهَتُ، تہ ساري نين پاڻهين. (شاهہ)

پَهتُ مبارڪ، مدد، پُوئو.
شاديءَ ۾ شادي وارن کي مبارڪ جا پئسا ڏيا آهن تن کي پَهَتُ چئبو آهي.

پَرَڻُ هلڻ، پنڌ ڪرڻ.
1- پَرَڻُ پنهونءَ پُٺ ۾، اي سعادت سنڌيام. (شاهہ)

پَرَڻُ اٽي ڇاڻڻ جو پَرڻ.
گهرن ۾ عورتون اڪثر ڪري پَرَڻُ ۾ اٽو ڇاڻينديون آهن. سنڌ جي ڪن علائقن ۾ پَرَڻُ کي پُروڻ پڻ چون ٿا.

پَڪا ڪرڙ جو ميوو.
1- پَڪا پهنوارن ڏي، ميوا، مَچَرَ، مَڪَ. (شاهہ)
2- جت ڪَرڙَ ڪِنا ءِ ڪاهيُون، پَال، پَڪا ءِ پَڪ. (شاهہ)
3- وَليُون، وَڻَ ڦُلاريا، ڪِرڙَ پَڪا ڪي ڪي. (شاهہ)

پَڪا پَڪلَ يا راس ٿيل.
1- پَڪارَ ڪُنيارَجا، پَڪي نيسهائين. (شاهہ)
2- جي جَنين جا جَمِ، پَڪاسي پُچنديون. (شاهہ)

پَڪا ڪَنجوس.
1- اهي ماڻهو انتهائي پڪا ماڻهو آهن. پاڻَ تي ٽَڪو بہ خرچ ڪونہ ڪَنِ.
چوڻي: چمڙي وڃي تہ وڃڻ ڏي، پر دَمڙي نہ وڃي.

پَڪا مُنهَن جا ڏاڍا.
1- هي اهڙا ماڻهو پڪا اٿئي، جو ڪيڏي بہ جُن يا بيعزتي ٿيندن، تہ مُنهَن ۾ حرامُ جو ڪو سَرُ يا گهُنجُ

پوين.

پَڪا مضبوطُ، پَنهنجا، اعتماد وارا.

1- هي دوست پنهنجا پڪا دوست آهن، هرحالت ۾ پاڻ سان گڏ هوندا آهن.

2- دوست ڀَلي ٿورائي هُجَن، پر اُهي پَڪا، پُختا ۽ سَچا هُجَن.

پَردو لَڄَ، شَرمُ، حياءُ.

پردو ڍَڪُ.

1- پاڻَ پردو پاڻَ کي، سُٽِي ڪَرِ سنڀالَ. (شاهه)

2- پاڻَ پَردو پاڻَ کي، طالب سٽج تون، (شاهه)

پَنڊِ ڪجور جو قسم، جيڪا ڪاٺ ۾ نرم ٿئي.

پِنڊ سرير، جسم، بدن.

(1) ڀليتيءَ کان پاڻهنجا، پاڪ رکيائون پِنڊَ.

پيهي ڪَکن ۽ ڪانن جو ٺهيل ننڍڙو گهَرُ.

مسڪين مارو ماڻهو جيڪي پنهنجو پڪو گهر نٿا ٺهرائي سگهن سي سڄي حياتي ائين ڪکن ڪانن جون پيهيون ٺاهي انهن ۾ رهندا آهن.

پيهي لِڪي يا گم ٿي.

1- مون کي ڇَٽي لوڇَ، پيهي ويا ڇَپرين. (شاهه)

2- پيهي جا پاڻ ۾، ڪَيم روحَ رِهاڻ. (شاهه)

3- پٿر ۾ پيهي، گهڙيم تُنهنجيءَ گهورَ کي. (شيخ اياز)

پيهي پاڻمرادو هلي اچڻ.

1- دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو. (شاهه)

2- اڄ پڻ جڙيم جوڙَ، دوست پيهي در آئيو. (شاهه)

پيهي جهارِ هَڪلڻ جي ڇَني.

فصلن ۾ جهارِ هڪلڻ لاءِ پيها ۽ پيهيون هوندا آهن.

انهن تي چڙهي جهارِ هڪلبي آهي. پيها وڏا ٿيندا آهن ۽ پيهيون ننڍيون ٿينديون آهن.

مثال: ٻاجهر جو فصل جوئر جي فصل کان ننڍو ٿئي ٿو، تنهن ڪري اتي جهارِ هڪلڻ لاءِ پيهي ناهي ويندي آهي.

پَهي قاصدُ.

1- ڪڏهن ڪونہ آئيو، تن پَهنوارن پَهي، (شاهہ)

2- پَهي سُڪَا! پيونِ ڪِيہَ! ڪو نينهن نياپو مارئين؟ (شاهہ)

3- پَهي نَہ پانڌي ڪو، جنهن ڪرِ پُڇي لوءِ. (شاهہ)

پَهي واٽهڙو، پانڌي.

1- مون توهيسين سَگَ، پُڇايو پُڇان پَهي. (شاهہ)

2- هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پَهي؟ (شاهہ)

پَهي ڪَپَهہَ جي پوکي.

1- پَهي ڪامَ پچاءِ، اَمَڙ! مُنهنجي آسري، (شاهہ)

پيلو رنگ جو هڪ قسم.

1- خزان جي موسم ۾ وڻن جي پنن جا رنگ پيلا ٿي ويندا آهن.

2- نانگ ۽ ٻلا جي چَڪَ هڻڻ سان بہ ماڻهو پيلو ٿي ويندو آهي.

3- ڪڏهن ڪڏهن انسان کي ڪي بيماريون بہ ٿينديون آهن جنهن سان ماڻهو پيلو ٿي ويندو آهي.

پيلو ڪُڪَڙَ جو قسم.

ڪڪڙن ويڙهائڻ جا خفتي جيڪي هوندا آهن، انهن وٽ هڪَ اَصيل قسم جا ڪڪڙ هوندا آهن. جن جا رنگن جي حساب سان جدا جدا نالا آهن. جهڙوڪ: پيلو، ڦلڦليو، جاڻون، خاڪي وغيره.

پِيلو — هڪ راڳ يا راڳڻيءَ جو نالو.

پِيلو — تيرُ، ڪانُ.

1- تنگرُ تِکئو، ڪِينَ ڪِين، پارِ لنگھئو پيلو. (شاھ)

پِيڙَ — سَزا.

1- چڱو ڇورا! پڙھين اَڃي تہ پيڙ تي ڪڍرايانءِ.

2- جيستائين پوليس جي پيڙَ نہ ايندس، تيستائين ڪونہ سڌرندو.

پِيڙَ — پيڙجڻ جو عمل.

1- يارَ! اڄ آءٌ واندو ڪونہ آهيان، ڪمند جي پِيڙَ اَٿئون.

2- هيءَ ڪمند جي پِيڙَ جي نبارِ رَسُ اَٿئي ٻي تہ ڏِس!

پِيڙَ — سُور.

1- پيارا! بخار اهڙي بدن ۾ پيڙ ڪڍي آهي جو في الحال چڱيءَ طرح هلي بہ نٿو سگھان.

2- ڊاڪٽرصاحب! توهان جي دوائن مان بخار تہ ڇڏي ويو پر بدن ۾ پيڙ ڏاڍي آهي.

پِيري — رَهنمائي.

1- هتي ڪانہ هلندي، ڪا پيري فقيري. (طالب المولىٰ)
نڪا بادشاهي، نہ ڪنهن جي اَميري.
اِها پيري ۽ مخدومي بہ هڪڙو ڍنگُ اَڄُ آهي، فقط رندن سان الفت، مستانن کي پُوڄيون ٿا. (طالب المولىٰ)

1- يارَ! جنهن کي پيري مُريدي هجي ان کي کھڙي ڳڻتي.

2- اڄ ڪلھ نہ اُها پيري رَهي آهي، نہ اُها مُريدي.

1- مخدومي ۽ شيخي پيري، خام ڇڏي ڏي خانِي. (سچل)
چوڻي: مَلھ ۾ نڪا پيرِي، نڪا سيدِي.

پِيري — پوڙھپڻ يا عمر جو آخري حصو.

1- شڪر آهي جو پيريءَ ۾ پُٽُ ڄائو اٿس.
2- يارَ! جوانيءَ جون خبرون، پيريءَ ۾ ڪهڙيون ٻڌايانوَ.
3- پيريءَ ۾ شادي، توهان پاڻ سان پاٺهين ڄٽ ڪئي آهي.
1- پيريءَ ۾ پيئي، اکيُون آريءَ ڏي ڪٽي، (شاهه)
چوڻي: پيري واري پُٽَ کان، اڳياڙي واري ڌيءَ چڱي.
2- تون دوباره پرين ٿو پيار ڪرين،
جڻ تہ پيريءَ اندر شباب آيو. (طالب المولى)
پيرَ افعال.
1- اول پنهنجا پيرَ ڏس، پوءِ ٻين کي چئُ.
2- توبہ ساڳيا پيءُ وارا پيرَ ڪنيا آهن.
3- اهي جي پيرَ ڪنيئي، تہ پوءِ توبہ نوڪري ڪئي ساڪئي.
4- اَبا! شابس اٿئي!
پيرَ اِهي جي پير ڪَنئي، تہ پوءِ ٻُڪ ڪونہ مرندين.
چوڻي: پيچي وڃ تنهنجي جاءِ ڪانهي، پيرَ اگهاڙا اٿئي.
چوڻي: اسانجا پيرَ اڳ ۾ئي اگهاڙا آهن، اوهان پنهنجي ڪيو.
پيرَ نشانَ.
ٻهراڙي ۾ اڪثر چوپائي مال جي جڏهن ڪا چوري ٿيندي آهي تہ ماڻهو انهن چورن جا پير ڪڍندا نشان ڏيندا ويندا آهن.
1- جنهن چوريءَ م چوهُ، ساپٿون ٿيندي پيرَ تي. (شاهہ)
2- پُڃان پيرُ پنهونءَ جو، وڃهان وِڪَ وِڏي. (شاهہ)
3- جيڏانهن پيرُ پُنهونءَ جو، سي نہ ڪي رؤن نہ جُونِ. (شاهہ)
پيرَ واسطا يا تعلقاتَ يا وابستگيُون.
1- اسان جا ءِ اوهان جا پاڻ ۾ وڏڙن کان وٺي پيرَ پنڌ

آهن.

2- بابا! انشاءَ الله اِهي پير پنڌ دائم ۽ قائم رهندا ايندا.

3- ڏٺوسين ته اسان اوهان سان ڪونه هَلي سگهنداسين، تنهن ڪري ڪٽي پنهنجا پيرَ جهلياسُون.

پَهُه منصوبو يا حرفت.

1- مَتان مارِينئي، پاڙهيرِي پَهُه ڪري. (شاهه)

2- ڪوهُ ڪندا ڪي تَنِ، پاڙهيرِي پَهُه ڪري. (شاهه)

پَهَه خيال، وهم.

چوڻي: اجايا پَهَه نه پچاءِ.

پَهَه رستي، واٽ.

پيچي پَهَه پَکين کي پيئي منڌ پرياڻ (شاهه)

پَهُه دل سان حال اورڻ.

1- پُڄُ پاڻ کي پَهُه، هِنگلاج هَلڻ جو. (شاهه)

پَهُه روحَ تي چڏيل يا مرضي.

1- عجبُ عِبادَتَ، پَهُه پروڙڻُ اُن جو. (شاهه)

پَهُه نيت، صلاح، خيال.

1- پَتنگُن پَهُه ڪيو، مِڙيا مٿي مَچَ، (شاهه)

2- پَهُه ڪيائون پاڻَ ۾، مُنهانَ مَخفِي مامَ، (شاهه)

3- ڪر پَهُه پِيسو جوڳين، پُريا تَنهن پارِ. (شاهه)

پَهُه خيال، وهم.

پهه ڪم يا سزا.

چوڻي: اهڙو پَهُه ڪندوسانءِ، جيئَن ٻرڙو ڪري ٻارن سان.

پَت تيزُ مناڻ. ڪَنڌ جي پَت، پَتاشَنِ جي پَت. ڳَڙَ جي پَت.

پتِ عزت يا آبرو يا لَڄَ يا شرمُ يا حياءُ.

1- پَرِ، پيرن سندي پَتِ، سِرُئي سدائين تو رکي. (طالب المولي)

2- پنوهارِ ڪي پَتِ، پيهي پُڄُ ملير ۾. (شاهہ)

3- جا ڏِٺَ ڏَڪيامِ، تَنهن جو پرورَ پَتِ رهائيين. (شاهہ)

4- طالب مولا تن سان، شل اچي پَتِ پَري. (طالب المولىٰ)

پَتو راند ڪرڻ جو پتو.

پتو بيڙين جو پتو (پَنُ).

جنهن مان بيئڙ جو بيڙيون ٺهنديون آهن.

پَتو ائڊريس، سرنامون.

پتو خبر، سُڌِ، چاڻَ. ڏسُ.

1- اَبا ڏي خبر همراه جو ڪو ڏسُ پتو پيو؟

2- اَبا! تنهنجو بہ پتو نٿو پوي، حج تي وڃڻ جي نيت اٿئي يا نہ؟

3- پيارا! منهنجو پتو بلڪل سولو آهي، بس اسٽاپ تي لهندين تہ سامهون منهنجو بنگلو اٿئي.

4- تون اَمير ماڻهو آهين، توکي پتو ڪهڙو تہ غريبي ڇا آهي.

1- جي اڳيون هُجن پيرَ، تہ پَتو پوين پنڌجو. (طالب المولىٰ)

2- وِهائيءَ ويا وسري! پَتو ڪونہ پيوءِ. (شيخ اياز)

پَبُ پير جي ترِيءَ جو اڳيون حصو.

پٻ جَبلُ، جَبَل جو نالو پَٻُ جَبَلُ.

1- مَرُ مَتا ڏيني، پُنهُون ڪارڻ پَٻَ ۾. (شاهہ)

2- تون جي پَهَڻَ پَٻَ جا، تہ لِڳ منهنجا لوهُ. (شاهہ)

3- پَٻُ وِڃهنديسِ پُٺِ تي، صُبح سوارو. (شاهہ)

پَتِ اعتبار يا ڀروسو.

1- آئون تنهنجي هرڳالهہ تي پَتِ ڪندو آهيان.

2- توکي پاڻ تي ئي ڀروسو ڪونهي، تہ ٻين تي پَتِ ڪيئن ڪندين!

پَتِ عزت.

چوڻي: ٺِڪَرُ پَچي ھڪڙو، پَتِ وڃي سَڀِنِ جي.

پَرِ نمونو، طريقو.

1- پـسـٹو پَرِ عـجيـبَ جِي، لِڇٹو وڃي لوهُ. (شـاهـ)

2- هـٿ ڪـاتي ڳُڙ واتِ، پـچڻ پَرِ پـريـنءَ جي. (شاهـ)

پَرِ رِيت يا رَسمَ.

1- سـائي پَرِ پارِي، جا گـهَرِ سـمـي جي سَچِي. (شاهـ)

2- سا پَرِ سـامـي سـڪـيـا، جا پَرِ جوڳ جُڳاءِ. (شاهـ)

3- ڪَـيـهـيءَ پَرِ پـريـنِ، ڏُڪِي! ڏاتـارن ري؟ (شاهـ)

4- لا مَقـصُود فـي الـداريـنِ، اِن پَرِ اُتـائون. (شـاهـ)

پَرِ پنھنجي خيال ۾، پنھنجي اندر ۾.

1- پَرِ ۾ پـچي پِري لَءِ، هـيءِ! هـنجُون هـاريـنِ. (شـاهـ)

2- روحُ پـنـهـنجي رامَ سَين، پَري ۾ پوتـائـون. (شاهـ)

پَرِ مخفي لِڪ ۾ يا ڳجھه ڳوهَ ۾.

1- پَرِ ۾ پُـچيـائـون، عـشـق جي اَسـبـاب ڪـي. (شـاهـ)

2- ڪــوٺــي ڪــاپــاٽِن، پَرِ ۾ پــچائُون. (شــاهـ)

پَرِ پاسو يا طرف.

1- اِن پَرِ اُتـي اَچُ، تـه سـودو تـيـنـي سَفـرو. (شـاهـ)

2- سـاٿُ نـيـايـو نينِ، اي پَرِ سَنـدِي سـڄڻين. (شـاهـ)

پاسِ پاسي ۾ يا پرسان.

1- هينڙا! تنين پاس، گھار تـه گھايل نـه ٿيئن. (شاهـ)

2- تـه گورِ منـهنجي سومرا، ڪج پنوهارن پاس. (شاهـ)

3- هـي تـنـين جو هــنڌ، مَتـن پـاسِ مَرَنِ جي. (شـاهـ)

4- مـاروءَ پـاس مـلـيـر ۾، ڏوئـي مَرُ مَران! (شــاهـ)

پاڻِي آبُ.

1- پـاڻي نـاهي پـنڌ گـهٹو، اڳيان رائـو رُجَ. (شاهـ)

2- پاڻي مٿي جهوپڙا، موڪ اُڃ مَرن (شاهه)
3- پاڻي پُرڃ پَتَنِ ۾، پکي پاند پِينِ. (شاهه)
4- پاڻي پنيءَ ٻوڙ، سُڪٽيءَ ليکي سير ۾. (شاهه)
5- هنجون نه هارِينِ، پاڻي پنهون چام ريءَ. (شاهه)

چوڻي: جتي پاڻي اُتي پاڻ.

چوڻي: پاڻيءَ کان اڳ ۾ ڪپڙا نه لاهجن.

چوڻي: اِجا ٻار آهين، وات مان پاڻي پيو وهَني.

پاڻي تڏو تيڻ، خاموش ٿي وڃڻ.

(1) اول ته همراهه ڏاڍو گرم هو، پر ڳالهاين ٻڌڻ کان پوءِ تڏو پاڻي ٿي ويو.

چوڻي: پاڻي پي، تڏو ٿيءُ.

پاڻي پلاند، عيوضو، حساب ڪتاب.

(1) رک خدا تي، اِجا اوهان سان پاڻي ٿيندا.

(2) بابا وڙهبو ڪونه، برادر جو جيڪو به پاءُ پاڻيءَ جو هوندو، سو پري ڏبو.

چوڻي: پاڻيءَ تي پي پاڻي ٿيندو.

چوڻي: پتو پاڻي ٿي پيس.

پاڻي جوهر.

(1) يار تو واري گهوڙيءَ ۾ ڏاڍا پاڻي آهن.

(2) همراهه ۾ مڙيوئي پاڻي جا جوهر آهن.

(3) ڇوڪرا! اڄ ته ڪي پاڻيءَ جا جوهر ڏيکار.

پيچ وَرُ.

1- اِجا ته تنهنجي پيچ ۾ ڪونه ڦاٿا آهيون.
2- اسان جي به پيچ ۾ جڏهن ايندا، ته گهٽ ڪانه ٿيندن.
3- اِجا ته اوهان جي پيچ ۾ ڦاٿل آهيان.
4- الله ڪري ته تو جهڙي بيڪار ماڻهوءَ جي پيچ ۾ نه

اچان.
5- احمد! تو جهڙو سياڻو ۽ قابل ماڻهو ڪيئن هنن جي پيچَ ۾ اچي ويو.
6- هر هوشيار ۽ مڪار ماڻهو ٻئي ڪي پنهنجي پيچ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

پيچَ ڳنڍيون.
1- اوهان سان ته دل جا پيچ پيل آهن.
2- جڏهن تو پنهنجي پيار وارا پيچ ختم ڪيا، ته اسان به ڪٺي پنهنجا پير جهليا.

پيچَ ڏگ، رستا، رويا.
1- بس! هاڻي اوهان جا جدا پيچَ، اسان جا جدا پيچَ.
2- جنهن پيچ مان تون اچين پيو، اتائين مون کي چورن ڦريو هو.

پيچ اُميد يا آسرو.
پيچ وَٿَ، پيٽ ۾ وَٽ، پيٽ ۾ گهمرا. (پيٽ جون بيماريون) واسطا، تعلقات، وابستگيون.
1- اسان جا پيرل خان وارن سان پراڻا پيچ پنڌ آهن.

پَٽُ ڪستو، جَمني.
1- پنن ڪينَ پَٽُ ڪٺي، گهُرن ڪينَ گهران. (شاهه)
2- پنن جو پَٽُ ڪٺي، سو جي سچاڻن. (شاهه)
3- پَٽُ هٽي پَٽَ سين، پيري تن پڳو. (شاهه)

پَٽُ ريشم.
1- پَٽُ نه پرهيان سومرا! جانڪيتان جيان. (شاهه)

پَٽُ ميدان.
ياءُ! هي پَٽَ نشون خريد ڪيو اٿم، رهڻ لاءِ جاءِ تو نهرايان.

3- رب کي راضي ڪرڻ لاءِ، ڪيئي پيچ آهن.

پيرَ عضوي جو قسم.

انسانن تي رب پاڪ جي خاص عنايت ۽ نعمت، اهي پير به آهن جنهن سان ماڻهو، هلي، ڇڙي پُري سگهي ٿو.

1- ٿو ڇُمان پنهنجا پيرَ، جو وَني تو وٽ آئيا. (طالب المولیٰ)

2- تنهنجي پيرَ پٽي، ذات سموري ڏيهه َجي. (شيخ اياز)

3- اَحسان ڪيا اکين تي، پرتِ منجهان پيرن. (طالب المولیٰ)

4- تُنهنجا پيرَ ڇُهان، ڏرتي، منهنجي ماٽِڙي. (شيخ اياز)

5- آگر آگونئي نـه مـڙي، چپُون پيـر چِنِن. (شـاهـ)

6- پيرين آئون نه پُڄِي، بـابَلُ ڏئي نه ٻُورُ. (شاهـ)

چوڻي: جيڏانهن پيرُ، تيڏانهن خير!

چوڻي: پيرَ ۾ ڪنڊو، صاحب لوڪ مَندو.

چوڻي: پنهنجي پيرَ تي پاڻهين ڪهاڙو هنيو اٿئي.

چوڻي: پيرن هيٺان، ڇڻ باه ٻري رَئي.

پياسَ اُڃ يا تاس.

1- يار! ڪو پاڻيءَ ڍُڪ ته پياريو، پياسَ لڳي آهي.

2- پنڌ گهڻو ڪيو اٿئي تڏهن پياسَ لڳي اٿئي.

3- پياسَ ايتري ڪانهي، بـک لـڳي آهي اول مـانـي ڪارايو.

1- پانڌيئڙن کي پياسَ ۾، پاڻي پيارين، (شيخ اياز)

پِياسَ پيار يا محبت يا قُرب.

1- اولاد کان وڌيـڪ ٻئي ڪنهن سان به پياسَ ٿي نٿي سگهي.

2- جڏهن دوستن کي پياسَ ڏجي ٿي تڏهن هو به پياسَ ڏين ٿا.

3- دنيا ۾ پياس جهڙو مِٺو ميوو ٻيو آهي ئي ڪونه.

پُورُ درياهہ جي ٻيڙين جي اچڻ وڃڻ جو وقت يا ڦيرا.
1- يار! هي منهنجي ٻيڙي جو پهريون پُورُ آهي.
2- بس هي منهنجي پَتڻ جو آخري پُورُ آهي.
3- ٽورو ترسو هي پُور ڇڏي، سگهو ٿو وري اچي اوهان کي کڻان.
1- پاڻ چَڙهي پُورِ، وِڪ وڌائين وِتَري. (شاهہ)
زندگي بہ هڪ ٻيڙي جو پُورُ آهي، جنهن ۾ هڪڙا لهن پيا پيا چڙهن پيا.

پُورُ گهرو ويچارُ. پُورُ جو جمع پُورَ.
1- يار! ڪهڙي پُورَ ۾ وينو آهين.
2- اڄ اوچتو پُورُ پيم، تہ تو وٽان ٿي وڃان.
3- هُن جي جُدائي جو هروقت پُورُ رهندو رَهي ٿو.
1- جنهن کي سِڪَ ساهڙ جي، پَورن مَٿي پُورَ. (شاهہ)
2- پُڇيوئي تان پُور، نات پڇڻ هوءِ مَ پرينءَ کي. (شاهہ)
چوڻي: ڏاڍو اڪين پُورُ ٿي پيو آهين.

پُورُ ڍنگهرن ۽ ڪنڊن جو پُور ڏيڻ.
ٻن گِنڊيل قدرتي ڪائين کي ٻڃانگِي ڪانِي چوندا آهن. ۽ ان ٻِڃانگِي ڪانِي کي صاف ڪري اُن مان ٻهراڙي جا ماڻهو وِري ٻيانِي يا ٻيانو ٺاهيندا آهن ۽ اُنهيءَ ٻيانِي يا ٻيانِي سانا هي ڍنگر ۽ ڪنڊا ڪٺي گهرن جي لوڙهن کي پُورَ ڏيندا آهن.
1- اَبا! ٻيانِي ڪٺي لوڙهي کي ٻنّي پور ڏئي ڇڏيو.
2- هرسال پُورَ ڏينداسين تہ لوڙهو مضبوط ٿيندو ويندو.

ٻَهاڙي راڄڻي يا سَرَ جو نالو.

ٻهاڙِي ٽَڪري.
1- ٻَهاڙي علائقي جا ماڻهو بهادر ۽ مهمان نواز ٿيندا

آهن.

2- هرڻ ۽ ٻيا خوفناڪ جانور هميشہ ڀهاڙي وارن ماڳن تي جنم وٺندا آهن ۽ اُتي وڌندا ۽ ويجهندا آهن.

3- ڀهاڙي علائقا قدرتي طرح ڏاڍا خوبصورت، دلفريب، من موهيندڙ منظر هوندا آهن.

ٻَليو اُٺن تي ٻاڪڙا وجهو يا اُٺن کي سفر لاءِ تيار ڪريو.

1- اُٺو اُٺي اُٺ ٻَليو، صبح ٿي ويو آهي.

2- اَڃا تائين تو ٻنهنجو اُٺ نہ ٻَليو آهي.

ٻَلي ساڳ جو قسم.

ٻِلي اَنَ رکڻ جِي جاءِ.

ويچارن غريب هارين کي ان رکڻ لاءِ ڪي گهرن ۾ ڀانڊا يا ڪوٺيون نہ هونديون آهن. تنهن ڪري ٻنهنجي سال جي کاڌ لاءِ ٻنهنجو ان رکڻ لاءِ. هو ڇا ڪندا آهن جو ڪاٺين، ٻڪن ۽ ٽوڻن سان هڪ گول گنبذ وانگر مٽيءَ سان هڪ جاءِ ٺاهيندا آهن ۽ انَ ۾ اُن رکندا آهن، جنهن کي ٻَلي چئبو آهي.

1- اڄا توڙِ جي تنگي ڪانهي، الله جي فضل سان ٻَليون اڃا خالي ڪونہ ٿيون آهن.

ٻَلي ناري ۾ رهندڙ هڪ ذات.

ٻِلي روڪي. فلاڻي ٻلي چڱي آهي.

ٻِليو روڪيو يا جهليو.

1- ٻَليان ٻَليو نہ رَهي، نرتئون نينهن نبارَ. (شاهہ)

2- هوند نہ ٻَليو ماڻ، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي. (شاهہ)

3- مون ڪان ٻَليو نہ ٿئي، شوق اوهان جي جو شينهن. (شاهہ)

ٻَليو نينو.

1- علي بخش اسان جي ٿي گهر ۾ ٻَليو آهي.

2- اسان غريب سمجهي نندڙو ڪري وڏو ڪري پاليو آهي، تنهن ڪري اسان کي ڏاڍو پيارو آهي.

پَلِئُہ پلاند.

پُلِئُہ ڳچيءَ ۾ پوتي وجهي ڪنهن کي راضي ڪرڻ يا رِيجهائڻ يا پاند وجهڻ.
1- طالب مولا تن کي پلئہ پاند وڌوم. (طالب المولیٰ)
2- پلئہ پائي سچ، آچيندي لَڄَ مران. (شاهہ)
3- وڃينءَ جان ويهي، جَر پلئہ پائِيان. (شاهہ)

پَلِئُہ بَدلو يا انتقام.
1- توهان ڏي اسانجو پلئہ رهيل آهي.
2- اوهان جو جيڪو بہ پلئہ پاٿي هوندو سو فيصلي موجب ڀَري ڏيندا سون.
چوڻي: پلئہ ۾ فاتحون پراٿا ناهن ٿيندا.

پَلِئہ آجو ٿيڻ.
الف خان پنهنجو پلئہ ڇڏائي سرخرو ٿي ويو.

پِلِئہ عيوضو.

پِرُ ڪنبُ.

پِرُ گذريل سال.
1- وينو ڀُڃين پَرُ، ڪرڪا هِيئار هلڻ جي. (شاهہ)
چوڻي: مٺا پَرُ، پِتجَنِ هيلَ.

پَرِياڻُ ڏاريو ماڻهو، غير ماڻهو.
1- وَرُ وَڏَوڻو ايهين، جِنَن پَرُ پُڇتوءَ پاند. (شاهہ)

پَرِياڻُ نشان، ڏَسُ، پَتو، اهڃاڻ.
1- سَپَڪَ جو سيڏ ڇتي، ٻُڇي نہ پَرياڻُ. (شاهہ)

پرياڻُ محبوب، پرين، پيارو.
1- هوتُ تنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پرياڻُ. (شاهہ)

پرِياڻ کو ٻيو.

1- پاڻان ڏارَ پَريَاڻَ، ڪانڌَ ڪنهن جو نه وَٽي. (شاهه)

پَرِياڻَ فڪر يا خيال.

1- چَهين ڏينهن چِٽي، پيا ڪنهن پَرياڻَ ۾. (شاهه)

پَڳَ وراثت ۾ مليل چڳَ مڙسي.

سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اڪثر سرداري نظام صدين کان وٺي هلندو اچي. جڏهن به ڪي راڄَ يا قبيلا پنهنجو اڳواڻ ۽ سردار منتخب ڪندا آهن ته ان ماڻهو کي سرداريءَ جي پَڳَ ٻڌرائيندا آهن. اهڙي طرح سنڌ ۾ سمات قوم ۾ به ڪو گهر جو وڏو وفات ڪري ويندو آهي ته اُن جي وڏي فرزند کي وارث سمجهي پَڳَ ٻڌرائي ويندي آهي.

1- اڄ يار! رئيس احمد کي پَڳَ ٽي ٻڌائون، سو اوڏانهن ويا هئاسين.

2- اهڙي ماڻهوءَ کي پڳ ٻڌرائي اٿن، جو هاڻي راڄن جو رَتُ پيئندو.

3- اوهان به منهنجا دوست آهيو، دعا ڪَيو ته هن پَڳَ جو تقدس برقرار رکان.

چوڻي: توبه پَڳَ ٻڌي!

چوڻي: مون کي اڳ ۾ ئي خبر هئي، جيڪا تون پَڳَ ٻڌرائيندين.

چوڻي: دودي ۽ چنيسر جي جنگ به پَڳ تان ٿي هُئي.

چوڻي: اَچي پڳَ ۾ پَسُ، اندر مڙوئي اڱڙيُون.

پَڳَ کوهه جي مٿان ٺهيل ننڍڙي پِٽ.

زمين جي سطح کان به ٽي فوٽ مٿي کوهَ جي چوڌاري گول سرن جي ديوار ٻڌل هوندي آهي. جنهن کي پڳ چئبو آهي جو مباده کو ٻارُ ٻچو کوهَ ۾ يا کُهيءَ ۾ ڪري

نہ پوي. گويا اُها پَڳ هر ساهہ واري شئي جو بچاءُ ۽ محافظ هوندي آهي.

پَڳَ پَٽڪو يا دستار يا سَنَدَ.

اسلامي دستور مطابق جڏهن ڪو شخص مذهبي علم جي تڪميل ڪندو آهي تہ ان کي عالم دستار ٻڌندا آهن. جنهن کي دستاربندي چئبو آهي. گويا اُها دستار ان علم جي سَنَدَ يا سرٽيفڪيٽ هوندو آهي.

پٽڪو سنڌ جي خاص علامت ۽ سڃاڻپ آهي. اڳ ۾ ڇوڪرو ايا ائن يا ڏهن سالن جو مس ٿيندو هو تہ مائٽ ان کي پٽڪو ٻڌڻ سيکاريندا هئا. پٽڪن جا قسم هوندا آهن جهڙوڪ: بوسڪي جو پٽڪو، ململ جو پٽڪو، اجرڪ جو پٽڪو، لونگيءَ جو پٽڪو. سيني ڪان بوسڪي جو پٽڪو سٺو هوندو آهي. سنڌ جا ماڻهو پٽڪي ٻڌڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. پٽڪو بہ اهڙو ٻڌندا جهڙو سندن مٿي تي تاج رکيو آهي. افسوس رڳو اهو آهي تہ اڄ هِنَ سُهڻي سڃاڻپ کي وساريو پيو وڃي.

پَڳَ پير.

1- ماءِ! منهنجي ڪرهي، پَڌَري پَڳَ نہ لڳُ. (شاهہ)

پَڪا ڪکن جا ڇپيل گهرَ.

1- بَس يار! اَيرا سَيرا پنهنجا پکا ڇپيل آهن.

2- پَريان اِهي پکا ڏسين ٿو، اهي پنهنجا گهرَ آهن.

چوڻي: پَرايون ماڙيُون ڏِسي پَنهنجا پَکا نَہ ڊاهجَن.

1- پکَن جِي پِريت، ماڙيُن سين نہ مَٽيان. (شاهہ)

2- پکا ۽ پَنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا. (شاهہ)

3- پکن منجهہ پَساهُ، قالبُ آهي ڪوٽَ ۾. (شاهہ)

4- جُهڙَ ڦُڙَ جِت ٿيانِ، اُت اڏايائون پکڙا. (شاهہ)

پَڪا گهر.

چوڻي: ڪَچا يا پَڪا، پَرَهُجَن پنهنجا پَڪا.

پَڪا وِڄَڻا.

وِڄڻن کي وڄڻيون بہ چئبو آهي. ڪي ماڻهو وڄڻا بہ چون تہ ڪي وري وڄڻيون بہ چون.

سنڌ جي اُترئين علائقي ۾ گرمي تمام گهڻي ٿيندي، تنهنڪري اُتي جا رهاڪو وڄڻا ۽ وڄڻيون گهڻو استعمال ڪندا آهن. پڪا ڪکن جا ٺهيل هوندا آهن جي بدن کي هٿڻ مهل هلڪا محسوس ٿين. گرمي جي موسم ۾ اُتر ۾ هرهڪ ماڻهو جي هَٿَ ۾ پکو وِڄڻو ضرور هوندو آهي. شادي جي موقعي تي گهوٽ لاءِ بہ خوبصورت پکو (وِڄڻو) ستارن ۽ موتين تي ٺاهيو ويندو آهي، جيڪو ڏسڻ وٽان هوندو آهي.

پَڪِي پچي ويل.

1- ڪٽڪ پَڪِي بيٺي آهي، هاڻي لابارو شروع ڪبو.

2- ٻير ۾ ٻيرَ پچي ويا آهن. صبحاڻي ٻير کي ڏوڙينداسون.

3- بابا! اسان جي عمر هاڻي پڪي بيٺي آهي، ڪنهن وقت بہ موت جو ملائڪ لابارو وجهي سگهي ٿو.

چوڻي: پَڪِي ڪاءِ، پَڪَي لُڻُ.

پَڪِي مضبوط يا پُختِي يا ڏاڍي.

1- هيءَ ڳِت ايجا پَڪي آهي نہ ڍاهيو.

2- دوستي هميشہ پڪي رکجي، نہ تہ اصل نہ رکجي.

3- شادِي جي تاريخ ايجا پَڪِي ڪانہ ٻَڌي اٿئون.

4- يار! دِل پَڪِي ڪر، چو هِنيو لاٿو اَٿِي.

پَڪِي ڪنجوس (مونث).

1- ناني اسان جي ڏاڏي پڪي آهي.
2- اَدي! تون ٻہ هاڻي پَڪي ٿيندي ٿي وڃين.
3- اَما ٻہ اڳي نہ، پر هاڻي پَڪِي ٿيندي ٿي وَڃي.

پُڙي ڪاغذ جي پُڙي، جنهن ۾ دڪاندار شيون ٻڌي ڏيندا آهن.

پُڙي هَٿَ جي پُڙي (زهرُ)
1- خدا ڄاڻي الائجي ڀاڻهين طبعي موت ٿيس يا ڏنئونس هَٿ جي پُڙي.
2- هَٿ جي پُڙيءَ جو نڪو وِيڄُ نڪو علاجُ.
3- ڪُتو ڇِتو ٿي پيو آهي، پُڙي ڏيوس تہ مَري وَڃي.

پُڙي ڏوڪو ڏيڻ.

پِڙي سزا.
1- پُٽَ! تولاءِ پُڙي تيار ڪيو ويٺو آهيان رڳو گهر تائين پهچُ.
2- احمد کي ننڍَ ڪانہ اَچي، جي اَچي تہ ڄڻ ڪُتي کي پُڙي.
3- پوليس ٿِي چورن لاءِ پُڙي هوندي آهي.
4- ڄاڻو ڪيڏو بہ ڀاڙ کي متي ٿو سَمجهي، پَر پَرِيلُ پُڙي اَٿس.

ٻَري تصوراتي طور تي سهڻي.
1- مُني! اڄ تہ جهڙي پَري پئي لڳين.
2- انشاءَ الله پُٽ کي پَري ڪنوار پَرڻائيندس.
3- ڪُنوار ڏِنيسون، پَري ڪانهي، ماڻهو ماڻهوءَ جهڙي آهي.

ٻَري نالو، عورت جو نالو پَري.
1- ادي! پَري اڄ تہ، مون کي ڪم ۾ مدد ڪرائجانءِ.

2- مـون کـي جيـڪـڏهـن ڏيءِ ڇائي تـه نـالـو ٻري رکنديسانس.
3- پيـڻ پري! ڪـڏهن ڪـڏهن تـه مُنهُن بـه ڏيکاريندا ڪريو.

ٻَري — پُوري ٿي. پوري ڪيم.
1- شال پَتِ پَري اچي.
2- چگو ٿيو جو آئون خود ويس جو دوستن وٽ پتِ پَري آئي.
(1) طالب المولىٰ تن سان، شل اچي پت پَري (طالب المولىٰ)

پروانو — پتنگُ.
پرواني جو شمع تي يا باهہ تي ساهہ ڏيڻ ئي، هُن جي منزل آهي، فتح آهي، جيت آهي ۽ ڪاميابي آهي.

پروانو — اجازت نامو.
1- مون کي ڊپٽي ڪمشنر بندوق جو پروانو ڏنو آهي.
2- بـنـدوق جي پـرواني جي درخواسـت ڏِني اٿم، جلـد پروانو ملندو.
3- بنا پرواني جي بندوق رَکَڻ وڏو ڏوه آهي.

پَروانو — قربان ٿيڻ وارو يا جان ڏيڻ وارو يا فدا ٿيڻ وارو.
حضرت حُرَ جو ذڪرُ.
1- آهيـان عـاشـقُ آڳ جو، پـتـنـگُ پَروانـو، (شـاهہ)

پُرزا — مشين جا اوزار.

پِرزا — خطَ يا چِٺيُون.
1- يار! توڏي ڪافي پُرزا موڪليا اٿم، پر تو جواب نه ڏنو آهي.
2- پيـارا! تنهنجا پرزا پهچندا رهن ٿا، ليڪن گهڻن ڪمن ڪري جواب نه ڏنو اٿم.

3- بابا سائين! اوهان جي دعائن ۽ پيار جا پُرزا ملندا رهن ٿا.

پُرزا ٽُڪرا ٽڪرا يا ذرا ذرا.

پرتو پَرچيو يا راضي ٿيو يا رِيڏو يا رِيجهيو.

1- مَس مَس! مامي وارا پِرتا آهن.

2- ماسات جو ڪونہ پَرتو آهي، هل تہ پَرچايُونسِ!

3- شڪر آهي جو ڳوٺ وارا سڀ پاڻ ۾ پِرتا آهن.

پَرتو حوالي ٿيو.

1- اَبا! نندو ڀاءُ هاڻي تنهنجي حوالي آهي، پَرتو اٿئي.

2- سائين! ڇوڪري ڪي تنهنجي حوالي ڪيو اٿم، پَرتو اَٿوَ.

3- اَبا! هي ڳوٺ جا ماڻهو آهن، بہ ڏينهن تو وٽ رهندا پَرتا اَٿئي.

پِردو لڪَ يا ڳجهہ.

پردو پناهہ ۽ لوڙهو.

پهو اڄڻ وڃڻ جو ننڍڙو رستو يا گسُ.

ٻهراڙي ۾ اڄڻ وڃڻ لاءِ ننڍا پهَا گسَ، نهيل هوندا آهن، جِتان ماڻهو ايندا ويندا آهن.

پَهو ڪڻهاڙي جي ڳَنَ وجهڻ جي جاءِ، ڪهاڙي جي ڦرَ جو چونڪُ.

پَهو ملمر پَٽي.

اڳئين وقت ۾ جڏهن ههڙيون اکين جون بيماريون بنهہ ڪونہ هونديون هيون، تڏهن وڏڙيون ٻارن جون جڏهن اکيون اُٿنديون (بيمار) هيون تڏهن اکين تي پها رکنديون هيون ۽ اُنهن پَهَنِ رکڻ سان اکيون صاف، نؤ بنيُون ۽ صحتمند ٿي وينديون هيون.

اڄ بہ جڏهن سخت بخار ماڻهوءَ کي ٿيندو آهي تہ گهرو علاج مطابق مريض کي پيشانيءَ (نراڙ) تي پاڻي جا پَها يا پاڻي جون پٽيون پُسائي رکبيون آهن تہ بخار جَهڪو ٿيندو ويندو آهي.

1- بابا! نراڙ تي پاڻي جا پَها رکوس تہ بخار جَهڪو ٿئيس.

2- پوليس اهڙو ماريو اٿس جو هاڻي پَها رکائيندو پيو وتي.

پَٽيون ڦرهيون.

اڳئين وقت ۾ پٽين تي پڙهائڻ ۽ لکرائڻ تي گهڻو زور ۽ توجهہ هوندو هو.

پَٽيُون ڪوليُون، ڪولڻ.

1- مَس مَس ننڊ مان اکيون پٽيون اٿئي.

2- هينئر بہ جي اکيون نہ پٽينديں، تہ وچي ڏوڙ پاءِ.

3- هيڏي نقصان پوندي بہ، تنهنجون اکيون ڪونہ پَٽيون.

پٽيُون ڇت جون پٽيون، جيڪي ڪاٺ جون نهيل هونديون آهن.

پَٽيون علاج لاءِ ڪم ايندڙ پَها.

1- تُرتُ ٻڌائون پَٽيُون، روز ڪيائون راسِ. (شاهہ)

2- جُہ پڙ پَين سَنجهہ، هُو پنيُون هو پَٽيون. (شاهہ)

3- پاڻهين ٻَڌِن پَٽيون، پاڻهين ڇڪيا ڪَنِ. (شاهہ)

پَٽيُون نيڊڙا ءِ سوڙها رستا.

اڪثر ڪري اهي پٽيون واهَن ۽ شاخُن سان هونديون آهن جيڪي اُتان نڪري ڪنهن ڳوٺ يا وَهڻَ تائين ڳَسَ جي صورت ۾ هونديون آهن.

پَريو ماڻهوءَ جو نالو.

1- يار! ڏي خبر پاڻ وارو يارُ پَريو ڏسَڻ ۾ نٿو اَچي.
2- پيارا! پرينهَن پَريو به ايندو ۽ تون به اچجان تہ ڪا رهاڻ ڪريون.

پَريو — پورو ٿيو، پورو ڪيو، ٿي ويو.

پُريو — ڇُهونو.

پِريو — هڪ ذات.

ذات جو پَريو، پَريو جو جمع پَريا. دادو ضلعي ۾ ذات جا پَريا رَهن ٿا.

پرڪَ — خبر.

1- پيئي ايَ پَرڪَ، تہ سوڍيُون سجهائي ويا. (شاهہ)
2- پيئي جا پَرڪَ، گنجي ڏونگر گامَ جي. (شاهہ)

پَرڪَ — نظر يا نرت.

1- جيڏانهُن ڪريان پَرڪَ، تيڏانهن سجڻ سامهُون. (شاهہ)

پَرَڪُ — ڏس، نگاهہ ڪر.

(1) تون تان پاڻ پَرَڪُ، سڀ ڪنهن ڏانهن سامهون (شاهہ)

پَرَڪُ — سڃاڻ، صحيح ڪر.

وتي واتاڙئن ڪي، تان پيارِي پَرَڪُ (شاهہ)

ج

جيتَ ڄيوڙا.

جيتَن جا قسم: ماڪوڙيُون، ڪيليون، 'ڪيولِيُون' ماڪوڙا، مڪَيون، پتنگ، مَڇَرَ، ٽِنڊَڻ، ٽِنڊِڙيُون وغيره.

جيتَ سوڀَ يا فتح يا ڪاميابي يا فتحيابي.

1- بَس مٺڙا! ڪڏهن جيت ۾ آهيون ته ڪڏهن هارَ ۾.

2- همت ۽ حوصلي سان رهندين ته جيتَ به ٿيندءِ، نه ته هارَ ئي هارَ پٺي پلءِ پوندءِ.

3- اَلحمدلله! ڪابه ڪنهن سان شِڪايت ڪانهي، بَس اهائي منهنجي جيتَ آهي.

1- مون ٻارِي جا جوت، اُنهيءَ جي جِيتَ اَمرِ ٿي وينديِ.
ته تنهنجي رات اَمر ٿي ويندي. (شيخ اياز)

2- جَنم جَنم جِي جِيتَ اياز،
شاهه، سچل، سامِي ڪجهه نام. (شيخ اياز)

3- هارَ جيت ڏُک سُک ڪون، اَگم اَلارِي، (سامي)

4- ڪنهن جي هار به آهي جيتَ،
ڪنهن جو موت به جِيوَت آ. (شيخ اياز)

جوڙِي ڪَفَنُ.

ڀراڙيءَ ۾ ماڻهو ڪَفَنَ کي جوڙِي پوتِي به چوندا آهن.

1- اَبا! تون وڃي مرحوم جي شهر مان جوڙِي وٺي اَچُ.

2- ادا! ويچارو غريبُ ضرور هئو، پر پنهنجي جوڙي پوتِي جيتري ئي وَٺِي ڇڏِي هئائين.

3- بَس يار! همراه کي درياه لوڙهي ويو جوڙِي 'ڪفن' به نصيبُ ڪونه ٿيس.

چوڻي: جوڙِي (ڪفن) بہ يا نصيبُ!
چوڻي: مرڻ حق آهي جوڙِيءَ (ڪفنَ) ۾ شڪ آهي.

جوڙِي ٻن ڄڻن جو ساٿ.
جوڙِي ٽاهي.
جوڙِي ڳنڍي.
جوڳُون ساٿُ.
1- دوستن جون هميشہ مون سان جوڳون رهيُون آهن.
2- جوڳون بہ ڪي مُڙس ڏيندا آهن.

جوڳُون مهلون، مشڪل وقت، آزمائشن جون گهڙيُون.
1- اسان جون بہ ڪن مائٽن سان جوڳون وَهيلَ آهن.
2- بس يارَ جهڙو حال آهي، يارن سان پيا جوڳون ڏيُون.

جوڳُون هَرن جا ڦيرا، گهُمرا.

جوڙ ڳنڍ.
جُتين، بوٽن جا جوڙ، ڪپڙن جا جوڙَ.
ٽنگن، ٻانهُن، بلڪ پوري بدن جا جوڙ.
اَجا بہ ائين ڪٿي ڇنجي تہ هي سڄو انساني پڃرو جوڙن ۽ ڳنڍين سان جڙيل آهي.

جوڙَ ٽولا، جماعتون، گروپ.

جوڙ واڌو.
ابتدائي تعليم ۾ حسابي 'رياضي' علم ۾ اول جوڙ، ڪٽ، ضرب ۽ ونڊ سيکاريي آهي.
1- اڄ پاڻ جوڙَ جا حساب سکنداسين.
2- يارَ! افسوس آهي اهي جوڙَ جا سَوَلا حساب بہ توکي نٿا اچن.
3- پيارا! مهرباني ڪري مون کي جوڙ جا حساب سيکار.

جوڙَ
نظام.
رب پاڪ جو نظام ۽ جوڙجڪ، جنهن ۾ سج، چنڊ، تارا، آسمان، زمين، انسان، ڪائنات، درياه، سمنڊ، نديون، جبل، پهاڙ، رڻ پٽ، جانور، گاهَ، ٻيلا، جهنگل وغيره. مطلب تہ اها سڄي سموري سربستي سنڌس تخليق آهي. جنهن کي اسان جوڙَ چئون ٿا.
1- جوڙي جوڙَ جهان جي، جڏهن جوڙيائين. (شاهہ)
2- آخر ڇا ڇاٿي، جوڙينہ جوڙَ جهانَ جي! (شيخ اياز)

جوڙَ
رونق.
1- ڪيچان آيو قافلو، جنگ سُهاريءَ جوڙ (شاهہ)
2- موتي ماڻڪ جي، جُڙي ڪيائين جوڙ (شاهہ)

جوڙَ
ميڙاڪو، ڪچهري.
1- اَڄ نہ اوطاقن ۾ سنڌي جوڳين جوڙَ. (شاهہ)
2- جيسين جوڙَ ٿي، جوڳيءَ لاٿو جارُ. (شاهہ)

جَوابُ
موٽ، ورندي.
1- خط ٻاءِ ڏانهن لکيو اٿم، پر اڃان جوابُ نہ آيو آهي.
2- ٺيڪ آهي تو هُن کي جوابُ ڏنو، موٽ ۾ تو کي ڇا چيائين؟
3- مون ٻہ خط تون ڏي لکيا آهن، پر هڪڙي جو بہ جواب نہ آيو آهي.

جوابُ
انڪار.
1- تحقيق جي تڪبيرَ چئي، جسمانُ ڪيئون جوابُ. (شاهہ)
2- ڏين جنبڻ ڪانُ جوابُ، تہ بہ سِرُ سِريو پُڄي سڄڻين. (طالب المولي)

جوابُ
مثال ناهي.
1- پيارا! واقعي ٿي تون لاجوابُ آهين.

2- سچڻ! تنهنجو ڪو جواب ئي ڪونهي.

جوابُ حسابُ ڪتابُ.

سندو ذات جوابُ، تون ڪيئن ٻُڇين تن کي. (شاهہ)

جِمالُ نالو.

جَمالُ سُونهن يا حُسن يا سُهڻائپ.

1- جانب جو جَمال، پسڻان ئي پري ٿيو. (شاهہ)

2- جَهڪو ٿيو جو هُرُ، جانبَ جي جمال سين. (شاهہ)

3- جَڏيءَ ريءَ جمالَ، اگهي ٿي آهون ڪري. (شاهہ)

جمالُ شان وارو، وڻندڙ.

1- پاڻهين جَلُ جلالہ، پاڻهين جان جمالُ. (شاهہ)

2- سپڪ ڀانيان سُهڻيءَ، جوڀنَ جي جَمالَ. (شاهہ)

3- مَري، جِيءُ، تہ ماڻيئن، جانبَ جو جمالُ. (شاهہ)

جامَ پيالا يا ساغر.

1- جدائي جو جامُ، ڏنائون ڏُکيءَ کي. (شاهہ)

2- پيالو ڀرِ ڪري، جوپُ پيتائون جامُ. (شاهہ)

3- آندي مون سا اوتِ، جيڪا تنهنجا جامَ ۾. (شيخ اياز)

گهڻي جي معنيٰ ۾:

4- ساوڻ جي مُڌ ماتي رات،

أيَ ۾ ڪيئي جَلندا جامَ. (شيخ اياز)

5- هن زهد ريائي کُجهہ نہ مڃي،

اهو پهتو ٻَري، آهي ويتَر وڃي،

ڏئي جامُ چڏينس تون هستي ٻڃي،

ڪر دير نہ، آڻ، پيار پيالا! (طالب المولى)

جامَ گهڻا يا زياده.

1- شڪر آهي جو محفل ۾ ماڻهو جامَ آيا آهن.

2- ميرپورخاص ۾ انب جام ٿيندا آهن، انهيءَ ڪري

جو اُتي انبن جا باغ جام آهن.
3- يارَ! ماڻهو تہ جامَ اڃڻا هئا، پر برسات پوڻ ڪري گهڻا اچي نہ سگهيا.

جامَ هر شيءِ بند، چُرڻ ڦرڻ بند.
(1) اڄ ڦيٽا جام هڙتال آهي.
(2) بس يار همراهہ کي اهڙي بيماري ٿي آهي جو هٿ پير جام ٿي ويا اٿس. (فالج جي بيماريءَ ۾ هٿ پير جام ٿي ويندا آهن)

جاڳو سجاڳ ٿيو يا هوشيار ٿيو.
1- هن حالت ۾ بہ اوهان نٿا جاڳو، تہ پوءِ ڪڏهن جاڳندو.
2- رات جو نٿا جاڳو، تڏهن ٿا گدڙ گدرا کايو وڃن.
3- نٿا جاڳو تہ وَجي ڏوڙ پايو، پوءِ دانھُون بہ نہ ڪيو.
1- جاڳو جاڙيــجا! سَمـا سُکِ مَ ســمــهــو. (شــاهــہ)
2- پهريون پَهَرُ، جدائي جاڳ،
اُڀَ م چندرما جِي آڳ! (شيخ اياز)

جاڳو لوڪ ادب جي صنف.
لوڪ ادب ۾ شاعري جي هڪ صنف جاڳو بہ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، اُٿو، سجاڳ ٿيو، روزا رکو.
حقيقت هن ريت آهي تہ جاڳا رمضان شريف ۾ اَسرَ مهل ڳايائيندا هئا، ۽ اُهي ٽولن جي صورت ۾ ڳڌجي شهرن جي گهٽين ۾ ڏاڍي مِٺي آواز سان ڳايا ويندا هئا. اهڙن مِٺن سُرن تي ماڻهو سجاڳ ٿي روزا رکندا هئا. جاڳن ۾ رمضان شريف جي فضيلتن، هدايتن، اللہ پاڪ جي حمد و ثنا جهڙا مضمون هوندا هئا. افسوس جو هاڻي اُها رسم ختم ٿي وئي آهي. شايد اُهي بزرگ صورتون

ٻہ نہ رهيون آهن جيڪي جاڳائينديون هيون.

جاڙا ٻہ.

هڪ ئي وقت ماءُ جي پيٽ مان ٻن ٻارن جي ڄمڻ وارن ڪي جاڙا ٻارَ يا جاڙا ٻار چئبو آهي.

1- رحيم بخش ۽ ڪريم بخش ٻئي جاڙا ٻار آهن.

2- پيارا! مبارڪون هُجنئي ٻہ جاڙا پُٽَ ڄاوا اٿئي.

3- يار! مُون کي تہ ٻنهي جاڙن ٻارن جي خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڄاڻ ڪهڙو آهي ۽ خانڻ ڪهڙو آهي.

4- هيءَ عورتَ هَميشہ جاڙا ٻارَ ڄڻيندي آهي.

جاڙا مانڊهوءَ جو نالو.

چوڻي: جاڙا خان ڪُتي کي جهلجهانءِ.

جاڙَ غفلت، سستي، ٽلولي.

1- جيڏيُون! ڇڏي جاڙَ، سَپِ نِنگيُون تي نڪرو. (شاهہ)

2- سُتينءَ پير ڊِگها ڪَري، وَڏي جاڙَ ڪياءِ. (شاهہ)

3- جِيئن ايندِي موٽئين، مينڌرا! وڏي جاڙَ ڪَياءِ. (شاهہ)

جاڙَ زنجير، اجايو، جنهن ۾ فائدو نہ ٿئي.

1- همير ن هَڪون، جاڙ جُسي کي پاتيون. (شاهہ)

2- سي هنهين جاڙ جيئن، ٽلها ناپر سڪٺا (شاهہ)

3- جَتا! شال جِئو! جئو! تا جاڙُون ڪَريو. (شاهہ)

4- واڪو ڪنديَس، ووا! موڙ سين جبلُ تو جاڙُون ڪَري. (شاهہ)

جاڙُون غفلتون يا گيسرائون.

1- ڪينَ ساڳاهيَم سُپرينَ! جاڙُون ڪَيمُ جالَ. (شاهہ)

2- ڪين ساڳاهيمَ سُپرينَ! جاڙُون ڪَيمُ جت. (شاهہ)

3- ڪين ساڳاهيمَ سُپرينَ! جاڙُون ڪَيمُ جي. (شاهہ)

جوءِ زال (سڄڻي)

1- ڏوڏي پَچي ڏيہ جا. جَرَسرِ اُپي جوءِ. (شاهہ)

2- ساهڙ ڏاران سُهڻي، هِيَ تان جُنبي جوءِ. (شاهه)

جوءِ عورت، زال (سهڻي)

1- تيلاهين تنگُون ڪَرِيين، جيلاهين تون جوءِ. (شاهه)

2- ٻَلَ لڳو ٻانڌ، پَسو! جوءِ جَرا تني. (شاهه)

3- هورَنِ هاڙهو لَنگهيو، تِيءَ جُريدِي، جوءِ! (شاهه)

4- مَرُ تہ موچاري تيين، وِيهِي جيءُ مَ جوءِ! (شاهه)

جوءِ زال، استري، گهرواري (وِڳند فقير جي زال) وڳند واڻيو شاهه جو فقير هو.

1- محڪم لڳس موچڙا، ذرو نَہ ڏِنسُ جوءِ. (شاهه)

جوءِ زال، عورت، استري (مارئي)

1- مِلڪَ ماروءَ جي آهيان، جورِ نہ ٿيان جوءِ. (شاهه)

جَبَلِي جبل جا رهندڙ ماڻهو.

1- اسان جَبلِي ماڻهو شهرن ۾ ننڍا گذاري سگهون.

2- واقع ئي جَبلِي ماڻهو بهادر ۽ مهمان نواز ٿين ٿا.

جَبَلِي نالو.

جَلَ سَڙُ يا ٻَڄُ يا ٻَرُ.

1- جان جِيئَن تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري. (شاهه)

2- جانبَ لءِ مَ جَلُ، سُورُ وِسارَ مَ سُئِي! (شاهه)

3- جَلَڻَ رِءَ مَ جَلُ، رئَڻ رِءَ متان رُئين. (شاهه)

جَلُ پاڻي.

1- اَندرِ جَر جَلُ زور وَهي، ٻاهَرِ ميگهہ ملهارَ. (دلپَت)

2- جَل ۾ جَلُ تَرنگُ، لَہ ڏِنو جَنهن لَڪَ سان. (سامي)

3- جِتَن جَلُ اَٿاهَ جِي، سامِي! بيگ نَدي. (سامي)

ڄ

چارو — ڪوريئڙي جو گهر.
ڪوريئڙي جو گهر سچو چاري جو نهيل هوندو آهي. هُو ايڏو تہ پنهنجي گهر 'چاري' ٺاهڻ ۾ هوشيار آهي، جو جيڪڏهن پنهنجي رهڻ جي جاءِ ڪي مائٽهو صاف نہ ڪندو تہ سچو گهر چارو ٿي ويندو. تنهن ڪري سگهڙ زالون خاص ڪري گهر ۾ چارو بالڪل پسند نہ ڪنديون آهن. هونءَ بہ چوندا آهن تہ چارو نياڳَ جي نشاني يا علامت آهي.
ميوَنِ ۾ انبن ۾ بہ چارو هوندو آهي. چاري وارا انب اڪثر ناپسند ڪيا ويندا آهن.

چارو — چارُ يا چارِي.
1- عشق ايئن ڪَري، جيئن چارو چَام ڪلهي تي. (شاهه)
2- چامَ هٿ ۾ چارُ، چِلي ڄُهيري وِچ ۾. (شاهہ)

چارو — ريشو.
انبن ۾ ڏاڍو چارو آهي.

ڄَمي — مضبوط ٿئي يا مشهور ٿئي يا پَڪو ٿئي.
1- جيستائين دڪان ڄمي، تيستائين محنت ڪرڻي پوندي.
2- جيستائين فرش ڄَمي، تيستائين مٿان نہ هلجو، مٿان خراب ٿي وڃي.
3- ڏونئرو ڄمي، تہ پوءِ مون لاءِ مانيءَ لاءِ رکجو.

ڄَمي — پيدا ٿئي.
1- الله ڪري تہ تو کي پُٽُ ڄَمي.

2- يار! ڏيءَ ڄمي يا پُٽ، دعا ڪيو تہ اولاد وارو ٿيان.
3- نياڻا! توجهڙي پُٽ کان جيڪڏهن ڌيءَ ڄمي ها تہ سُٺو هو.
چوڻي: نہ ڄمي ها مارئي، نہ مارُو پون ها مامري.
چوڻي: نَہ ڄمي ها سسئي، نہ ڏِسي ها سُورَ.

ڄَمُون — ميوات جو قسم.

ڄِمون — مٺائي جو قسم. اردو وارا ڄَمون کي گلاب جامن چون.

ڄمون — رنگ جو قسم.
1- رمضان هروڀرو ايڏو ڪارو ڪونهي، پر ڄمون رنگ اٿس.
2- ڄمون رنگ واري ماڻهو جي مُنهن ۾ نمڪ هوندو آهي. (وڻندڙ چهرو)

ڄَمُون — پيدا ٿيڻ.
1- بس يار! نہ ڄَمُون ها، نہ آزارَ ئي ڏسون ها.
چوڻي: نہ ڄَمي ها مارِئي، نہ مارو پون ها مامري.

ڄَمُ — پاڻ.
چوپائي مال جو پاڻ. جيڪو ٻَنين ۾ وڃبو آهي. ٿٽي ضلعي جا ماڻهو پاڻَ کي ڄَمُ بہ چوندا آهن.
1- اَبا! مال جو گهڻو ڄَمُ ٿي ويو آهي، اهو ڪٺي وڃي ٻنيءَ ۾ وجهو.
2- يار! اسان وٽ ڄَمُ ڪونهي، هڪ بہ گاڏي ڄَمَ جي ڏيو تہ وڃي زمين ۾ وجهون.

ڄَمُ — جنم يا پيدائش.
1- تون ڪلهوڪو بار آهين، آءُ ن تنهنجو ڄَمُ بہ سَنبران.
2- منهنجو ڄَمُ 1933ع ۾ ٿيو آهي.

3- آئون هتي ڪونہ ڄائو هئس، ليڪن منهنجو ڄمُ عربستان ۾ ٿيو هو.
گهڻن ماڻهن کي تہ پنهنجو ڄمُ بہ ياد نہ هوندو آهي، تہ آئون ڪهڙي سال ۾ ڄائو هوس.
ڇوٿي: ماڻهو جنهن جي ڄمَ کان واقف، تنهن جا ڏند ڇا ڏسجن.

ڄاڻُ اطلاع يا خَبَرَ.
ڳوٺن ۾ ڪو ماڻهو وفات ڪري ويندو آهي تہ آس پاس ۾ اطلاع لاءِ ماڻهو موڪليو آهي تہ جيئن ڪين خبر پوي. اهڙي اطلاع ۽ خبر کي ڄاڻُ چئبو آهي.
1- اَبا! ڳوٺن ۾ ڄاڻ ڪيو اَٿو؟
2- صفر! تون جيپ ۾ چڙھ، سيني آس پاس وارن کي ڄاڻُ ڪري اَچ.
3- توهان مرحوم جو ڄاڻُ بہ ڪونہ ڪرايو، نہ تہ بروقت پهچي وڃون ها.
1- ڄُلُ وڃائي ڄاڻُ، عاشق اَجل سامهون. (شاهہ)
2- تنين سندو ڄاڻُ، آهي آڳڙين کي. (شاهہ)

ڄاڻُ جلدي يا سگهو يا ترتُ يا اِجهو.
1- اَبا ڪيڏانهن بہ نہ وَڃ، ڄاڻُ مهمان آيا.
2- دير نہ ڪيو، اوطاق صاف ڪيو ڄاڻ ٿا دوست اَچن.
3- احمد جي شادي بہ ڄاڻُ ٿيڻ واري آهي.
ڪَڏهن ڪَنهين نہ ڪيو، ڄُلَڻُ منجهان ڄاڻ. (شاهہ)

ڄاڻُ پيغام يا نياپو.
سنڌ جي اولهہ ۽ ڏکڻ وارن علائقن ۾ نياپي کي ڀاراپو بہ چوندا آهن.
1- احمد کي ڄاڻُ ڏجانءِ تہ اَن جون ٻوريون ڪٺائي وڃي.

2- ٻس منهنجو اوهان کي اهو ڄاڻ 'پيغام' آهي تہ سچ ڳالهايو، محبت سان هلو.
1- ڄاڻ نہ آهي ڄاڻ، مانڊيءَ مَنڊ پڪيڙيو. (شاهہ)

ڄامُ نالو. ماڻهوءَ جو نالو ڄامُ خان.

ڄامُ شهزادو يا بادشاهہ.
جيئن: ڄامُ منا خان، ڄامُ ڪانيُو خان، ڄامُ نظام الدين سمون، ڄامُ تماچي وغيره.
اصل ۾ سَما بادشاه سڀ ڄامَ خطاب سان سڏيا ۽ سڃاتا ويندا هئا.

ڄامُ حضور پاڪ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن لاءِ ڪتب آيل لفظ.
1- ميرَ مديني جا ڏٺي، تون ڄامن سندو ڄامُ. (شاهہ)
2- پرواهَ نہ ڪيندس ڪا ڪنهن جي، بَس طالب مولا جو آهيان، مان پنهنجو اڳي ۽ پوءِ محمد ﷺ ڄامُ، سَهارو سَمجهان ٿو.
ڏنو وڃي تہ ڄامَ لفظ ۾ ايڏي تہ ڪا قدرتي طرح مٺيا رکيل آهي جو جيڪي بہ تاريخي لحاظ سان ڄامَ ٿيا آهن، سي وڏا سخي، بهادر ۽ انسانيت جا حامي رهيا آهن.

ڄامُ زيتونُ.
ٺٽي ضلعي، ڪراچي مليرجا ماڻهو زيتون کي ڄامُ چوندا آهن.

ڄارِيُون وڻ جو قسم.
ڄاريُون جبل، ٿَر ۽ ڪلراٺي زمين ۾ ٿيندڙيون آهن. انهن ڄارين ۾ هڪ قسم جو ميوو بہ ٿيندو آهي، جنهن کي پيرُون چئبو آهي.

چارِيون مڇيءَ ڦاسائڻ جون چاريُون.
ميربحر، مهاڻا، ملاح انهن چارين ۾ مَڇيُون ماري پنهنجو گذران ڪندا آهن.

چارِيُون سيمينٽ يا لوهه يا ڪاٺ جو اڏيل چارُ.
اهي چارِيون گهرن، اوطاقن ۽ بنگلن ۾ سونهن ۽ نزاڪت لاءِ ٻه هٿايون وينديون آهن ۽ تحفظ لاءِ به تمام بهتر ڪم ڏين ٿيون.

جھ

جَھپَ جَھٽَ يا ڦُرڙ يا کَسڻ.

1- بابا! جَھپَ نہ هڻو، سيني کي مٺائي ملندي.

2- چورَن اهڙا جَھپَ هنيا آهن، جو ڪپڙا خراب ٿي پيا آهن.

3- جيڪو جنهن کي جهپ ۾ آيو، سو کڻي ويو.

جَھپَ ننڊ، جُھوٽو.

1- ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ ۾، جَھپَ نہ اچي جهات. (شاهہ)

2- سيجَ سُتي نُون جَھپَ نہ آوي، نيڻين نندَ حرامُ. عشق تمام بره تمام. (شاهہ)

3- جيھرَ لوڪُ جَھپَ ڪري، اوهيَرَ اُڏامن. (شاهہ)

4- جيھرَ لوڪُ جَھپَ ڪري، ذرو جاڳ نہ هوءِ. (شاهہ)

1- پٽ! تون ٿورو دڪان تي ويھہ، تہ آئون ڪجھہ جَھپَ ڪري وٺان.

2- سڄي رات جو اوجاڳو اٿم، ڇڏيو تہ گهڙي کنُ جَھپَ ڪري وٺان.

3- همراهَ ٿڪلَ آهي، ڇڏيون، تہ ڪجھہ وقت جَھپَ ڪري وَٺن.

جِھرڪَ ذات.

ذات جا جِھرڪَ ٺٽي ضلعي ۾ آهن.

جِھرڪَ هڪ شهر جو نالو جِھرڪَ هي شهر ٺٽي ضلعي ۾ آهي. جتي محمد علي جناح ڄائو هو.

جَھرڪَ جھرڪيءَ جو مذڪر.

جِھرڪَ جو واحد آهي جِھرڪُ.

1- جيڪَر هُجان جهرڪُ، وهان پرينءَ جي ڇڄَ تي.

جهوڪَ آستانو.

1- جهڄان پَسي جهوڪَ، آيل سنگهارن جا. (شاهہ)

2- منڌيون مَٽَ کڙن، جهوڪَ ٻہ سُونَهن پَهيڙا.

جهوڪَ اُنن جي ويهڻ جي جاءِ.

1- مٿي جهوڪَ جُهري، پوندين پارِيچن جي. (شاهہ)

2- مزمانن مَهرِي، آٿي جهوڪيا جهوڪَ مِ. (شاهہ)

3- سچڻ سانوڻ مينهَن جِئَن، جُهڙڪَن پاسي جهوڪَ. (شاهہ)

جهوڪَ شهر جو نالو (جهوڪَ)

سنڌ جي برگُزيده بزرگ، شهيد حضرت شاهہ عنايت صوفيءَ جو شَهرُ جتي سندن مزار مبارڪ تي خوبصورت گُنبذ (قُبو) ٺهيل آهي.

جهوڪَ ڇِڪ ڏيڻ.

جهوڪ نہ ڏي، ڪري پوندس.

جَهلَ ڪنارو يا پِر.

1- مون اُپي تَرَ جَهلَ، پريَن پڳَہ چوڙيا. (شاهہ)

جَهلَ تکَ مِ تکا.

1- قطارئا ڪالهہ ويا، توڏا توهين جَهلَ. (شاهہ)

جَهلَ منعَ، روڪَ.

1- نَڪا جَهل نہ پَل، سَيڪو پَسي پرينءَ ڪي. (شاهہ)

2- نَڪا جَهلَ نہ پَلَ، جي آئياسي آگهيا. (شاهہ)

3- نَڪا جَهلَ نہ پَل، نَڪو راڙ ڏيہَ مِ. (شاهہ)

4- ڪڏهن اُترَ سامُهان، ڪڏهن دونهن جَهلَ،

ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي . (شاهہ)

جَهلَ بچاءُ.

1- جُهريَلَ مُنهجي جُهوپڙي، بِنا جَهلي جَهلَ. (سچل)

جهورِي ڳِٽتي.

1- ڏيـنـدا مـون ڏيـرَ وِيـا، جِهَجهڻُ ۾ جهـورِي، (شـاهـ)

2- جهورِي جهَجهُڻ جهانءِ، مون جَنين جي نہ لَهي، (شاهـ)

3- کر جهـورِي کيـٽـان، کـالُوٽـا اَڄُ گهـٽِي، (شاهـ)

چوڻي: مِنهُن مکڻَ جو، جهورِي جَهڻ جِي.

جهورِي سُستي يا ڍِرائي يا گيسَرِ.

1- چِڏَ جهورِي، ڏي جهاتَ، تہ هـوندِينءَ راتِ هُت مڙون. (شاهـ)

جُهرِي ڍَهي يا ڪِري.

1- مَتي جهوڪَ جُهرِي، پَوندَيس پاريـچنِ جي. (شاهـ)

2- جهونا ڳِڙه جُهرِي، پُوندِي جهانءِ جهروڪَ ۾، (شاهـ)

3- جُهرِي جِهجهنـدِي ڏَئي، سَنيهـا کـي سَجَٽين، (شاهـ)

4- اوهيري ڪَئيي اوڪَ، تُنهنجو جيءُ جُهرِي پيو. (شيخ اياز)

جُهرِي پَڳِي يا ٽُٽي.

1- يار! ٻانهَن جُهري پَئي آهي، تنهن ڪري لِکي بہ نٿو سگهان.

2- بَس يار! پياءُ جي وفات ڪري، هاڻي دل جُهرِي پيئي آهي.

چ

چارو — مال جو ڪاڙو يا گاهه.

چارو — گس يا رستو يا واٽ.

1- اَبا! اهو چارو وٺيو وڃ، سڌو وڃي زمين تي پُهچندين.

2- يارَ! ڪو چارو ڏس، منهنجو دماغ ڪم نٿو ڪري.

چوڻي: چارو ناهِ ڪو، بنديون بيشمار. (شاهه)

چارو — واهه يا وسيلو.

1- اوهان ڪان سواءِ منهنجو ڪو بہ چارو ڪونهي.

2- الله سائين ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو ناهي.

اُتي وڃي اڙيُون، جتي چوٽي نہ چارو. (شاهه)

چادَرَ — گُلن جي چادرَ.

چادر — پوتي يا گندي يا رَلو يا چُني.

1- چڏِ چادَرَ ٻَڌُ چمڙا، جُتي تو نہ جڳاءِ. (شاهه)

چادَرَ — بستري مٿان وڇائڻ وارو ڪپڙو.

چادرِ — لوهه جو پَتُرُ.

چاق — تندرستُ يا صحتمند يا چڱو ڀلو يا نئوبنو.

1- ادا! ڏي خبر ڳوٺ وارا سڀ چاق ٺيڪ ٺاڪُ هئا.

2- بس يار! هينئر مهينو کنِ ٿيو آهي جو چاق ٿيو آهيان.

3- پيارا! جڏهن بہ چاق ٿيس، تہ پهريائين تنهنجي حاضري ڀريندس.

چاڪُ — زخمُ يا ڦٽُ يا ورُ.

1- اڄ پڻ چڪيمِ چاڪَ، وَهين ويڙهيچن جا. (شاهه)

2- توڙي چڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلين عامَ سان. (شاهه)

3- چِڪيا چاڪَ چِيھُون ڪري، ڪڙيُون مُور نه ڪن. (شاھ)
4- مُنھن ۾ معشوقن جا چاڪَ چِٽڪا چَڪُ. (شاھ)

چاڪُ ڦيٿو.
ٻيل گاڏي جو چاڪُ، ريل گاڏيءَ جو چاڪُ، بسَ، موٽرڪار، سائيڪل، گڏھ گاڏيءَ جو چاڪُ.

چِتايو آگاھ ڪيو يا اطلاع ڪيو يا ڄاڻايو.
1- توھان اسان کي چتايو به ڪونه، نه ته گڏجي ڪراچي ھلون ھا.
2- صاحب! اھو چتايو ڪونھي، ته سياڻي ايندس يا نه ايندس.
3- مون توکي اڳ ۾ئي چتايو ھو ته تُنھنجي بدلي ٿيڻ واري آھي.

چِتايو غور سان ڏٺو.
1- ھمراھ تون مونڏي چتايو چوٽو نھارين.
2- سوير ڪان وٺي اھو ماڻھو مون ڏي چِتايو پيو ڏِسي.

چِتائي آگاھ ڪري يا اطلاع ڪري.
1- آئون مامي جن کي دعوت لاءِ چِتائي آيو آھيان.
2- يار! تون اسان کي چتائي ڪونه وئين، نه ته ڪو ڪڙو ڪم ھئو سو ڪيو اَچين ھا.
3- احمد تون وڃ مامي وارن کي چتائي اچ ته توھان جا صبحاڻي مھمان پيا اَچن.
4- ماڻھو ڪنھن به مائٽ مِٽَ جي گھر وڃي، ته اول در وٽ چتائي پوءِ وڃي.
پَکو ڪٽج پاڻ سِين، چگو چتائي.

چِتائي غور سان ڏسڻ يا چگي طرح.
1- اي ڪميٽا! نياڻين ڏانھن چتائي چوٽو نھارين؟

2- اڄ مون کي تون چٽائي چوٿو ڏسين؟
3- سامان جيڪو ٻه آئون شهر مان وٺندو آهيان ته چڱي طرح چٽائي وٺندو آهيان.
4- يار! مون ۾ چا ڏنو اٿئي، جو چٽائي پيو نهارين.

چِٽَ داغَ يا نشان.
1- يار! بدن تي گرمي ڪري چِٽَ ٿي پيا آهن.
2- مُنهن تي چِٽَ ماتا جي بيماري ڪري ٿيا اٿس.
3- ويچارو ٻچي ته ويو، پر باه سڄي بدن تي چِٽ ڪري ڇڏيا اٿس.

چِٽَ سينگار جي بڙائين.
چولي تي چِٽ، پيتين ۽ جاين تي چِٽَ.
اڳئين وقت ۾ جاين، بنگلن، مقبرن تي چِٽَ جو ڪم جنهن کي چِتسالي چوندا هئا، سو ڏاڍو خوبصورتي سان نهيل هوندو هو.
پائيءَ چِٽَ پُسائيا، داءِ نه جَهلي ڏَمال. (شاهه)

چِٽَ گرميءَ جي موسم جو پڇيون حصو.
چِٽ جي موسم ۾ ٻاجهري ۽ جوئر پچندي آهي ۽ سَرَ سُرندا آهن.

چِٽي چڱيءَ طرح يا پوريءَ طرح.
1- مون کي 1942ع ۾ ڪشمور جو جڏهن بند ٽٽو هو ته اُها ٻوڏ چِٽي طرح ياد آهي.
2- مون کي پنهنجون يادون چِٽي نموني ياد آهن.
3- آئون هوس ته ننڍو، پر بابا سائين مرحوم مون کي چِٽي طرح ياد آهي.

چِٽي بيماري جو قسم.
جنهن ماڻهو جو سڄو بدن چِٽيءَ جي داغن سان ڀريل

هوندو آهي يا سچو بدن سفيد (اَڇو) ٿي ويندو آهي.
چِتي انسان کي گهڻو ڪري غلط ڪاڏي ڪاڻ ڪري
ٿيندي آهي.

چِتي — مصوري ڪئي.
1- هيءَ تصوير مون چِتي آهي.
2- يار! هن مصور هيءَ ڪِئون واهه جو چِتي آهي.

چِتِي — کُلي.
1- بابا! ڪوبہ دپ نہ ڪر، ڳالهہ کولي چِتي ڪري ٻڌاءِ.
2- ڳالهہ تہ چِتي پَئي آهي، چئو تہ دوستن اڳيان ڪٺي
چِتي ڪيون.

چَتِي — زبان سان صاف ڪئي.
1- اَبا! هيءَ ديڳڙي ڪنهن چِتي آهي؟
2- تي سگهي ٿو تہ اها ٿالهي ڪُتي چَتِي هجي.
3- ٿالهي اهڙي چَتِي اٿس جو هاڻي صاف ڪرڻ جي
ضرورت ڪانهي.
1- چانگي چَتِي چَٽ، تہ پوءِ نہ رهندو پَڌَرِي. (شاهہ)

چَتِي — ڏنڊُ، سزا.
1- اوهان تي چَتِي اها آهي تہ برادر کان معافي وٺو.
2- مون تي اڄ يا سڀاڻي ڪوبہ حرف آيو، تہ آئون چَتِي
ڀرِي ڏيڻ لاءِ حاضر آهيان.
3- چوري جنهن ڪئي آهي اُن تي چَتِي وجهو، مون
مسڪين ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي.
4- پُٽ! هاڻي تہ خدا جي واسطي انسان ٿي. هيءَ
تنهنجي چوٿين چَتِي ڀَرِي اَٿم.
چوڻي: چَتِي پَئي چاڪَرِي، ڀَر وتايا تون.

چَتِي — بي ڪمو.

1- وري اهو ٻريان چَٽي کَٽڻ ويو آچي.
2- هن چَٽيءَ کي ٻه پاڻ سان گڏ ونيو وڃ.

چَپُٽي — آگرين مان نڪرندڙ آواز.
اهن چَپٽين وڄائڻ سان ڪُتو ءِ ڪڪڙ هليوا يندو آهي.

چَپٽي — ذرو يا ٿورڙو يا ٿوري يا ذري.
1- ڏيءَ! اٽي ۾ اڃا لوڻ چپٽي وجھ.
2- اما! چانھ ڦڪي آهي، کنڊ چَپٽي کنيو اچ.
3- پُٽ! ٻاهر فقير در تي بيٺو آهي، اٽي چَپُٽي خيرات جي ڏئي اچنس.
4- نانا! چَپُٽي ناسَ جي تہ ڏجانءِ، متي ۾ سور ٿي پيو اٿم.

چَپُٽي — هُشي.
1- ڪنهن جي تہ چَپُٽيءَ تي تون هي ڪم ڪرين پيو.
2- يار! تو کي بہ حيف هجي، جو وڏيري جي چَپُٽيءَ تي پيو نچين.

چَپُٽي — چَنبڙي پوڻ، خام خواه ڳچيءَ ۾ پوڻ.
1- يار! مون کي تہ هن مان جان آزاد ڪراءِ، خام خَواه چَپُٽي پيو آهي.
2- وِرهين کان پوءِ محبوب دوست ملي ويو، ڏسڻ سان ڪيس ياڪر پائي چَپٽي ويس.
3- ڳالھ تہ ڪابہ ڪانہ هُئي، خام خواه، هوتل مون کي چَپُٽي ويو.

چَپُٽي — عورت سان جنسي تعلق رکندڙ عورت.

چِچڙ — هڪ جيت جو قسم.
هي هڪ اهڙو جيت آهي، جيڪو چوپائي مال يا ٻين جانورن کي چَنبڙي سندن رَتُ پيئندو آهي. يا ڳيا مائهو

وڏي جدوجهد ۽ ڪوشش سان اُهي جيت (چَچَڙ) منجهانئن ڪڍندا آهن.
ڇُهتي آهي چيڙ (چچڙ) ڪارائيءَ جي ڪن ۾. (شاهه)

چچڙ — چنبڙي ويندڙ ماڻهو يا جُنبي ويندڙ ماڻهو.
1- جيستائين صاحب جي پويان چچڙ ٿي نه لڳنديـن، تيستائين ڪم ڪونه ٿيندو.
2- ڪم ٿيو ته واهُ واهُ، نه ته پاڻ چچڙ ٿي ڪونه لڳنداسين.
3- ڪلارڪ اهو ڏسين ڪوجهڙو ٿو، پر ڪم جو چچڙ اٿئي.
چوڻي: تون ته صفا چِچڙ آهين.

چِچڙُ — ڪَنجوس.
1- اهو چچڙُ اٿئي، حرام جو سنگت ۾ ٽڪو خرچ ڪري.
2- صبح سان چچڙ جو مُنهن ڏٺو اٿون، الله خير ڪري!
3- اهو چچڙُ ماڻهو آهي، اِن کي ڇڏي ڏيو.

چارِي — پيري.
1- ڏٿَ ۽ نه ڏيرن جا، چوڏاري چارِي، (شاهه)

چارِي — جاسوس.
1- چارِي چوگانَنِ ۾، واهيت ڪَنِ وزيرَ. (شاهه)

چارِي — ڪارائي.
1- ياءُ! سچي مينهن مون چارِي آهي، تڏهن وچي ڏسڻ جهڙي ٿي آهي.
2- سيٺ! پنج مهينا ٿيا تنهنجي دڪي چارِي اٿم، هاڻي اُن جي چارائي ته ڏيو!

چُڪَ — غلطي.
1- سائين! هن ڀيري معاف ڪيو، آئينده اهڙي چُڪَ

ڪانه ٿيندي.
2- تنهنجي هڪڙي ڇُڪَ ڪري، وري ٻئي ڏينهن ٻوٽي پٽجي وياسين.
3- بابا! پاڻ آزاد آهيون، ڇُڪَ نہ ٿو ڪَٿي آهي ۽ لوڙ بہ ٿون.

ڇُڪَ
چيلهہ ۾ سُورُ پوڻُ.
1- بس يار! اوچتو چيلهہ ۾ ڇُڪَ پئجي وئي آهي.
2- ان جي پيريل ڳوڻ کڻيم، تڏهن يار چيلهہ ۾ ڇُڪَ پئي آهي.
3- چيلهہ جي ٻئي دفعا مالش ڪراءِ، تہ ڇُڪ ختم ٿي ويندءِ.

ڇَڪُ
کوهَ جو ڇَڪُ.
هي ڇَڪُ ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي جيڪو کوهَ يا کُهي جي تَري ۾ رکي پوءِ مَٿس سِرُن جي اوساري ڪَبي آهي. ڇَڪَ جي بناوت گول ۽ جيتري کوه جي ماپ هوندي آهي، اوترو ئي ڇَڪَ جي سائيز هوندي آهي.

ڇَڪُ
کُنير جو ڇَڪُ.
هن ڇَڪَ تي کنيار يا کنيَرُ مِٽي رکي پنهنجي مرضي مطابق ٿانوَ ٺاهيندو آهي. معلوم هجي تہ ڇَڪَ کان سواءِ کنيار کوبہ ٿانءَ ٺاهي نٿو سگهي.
پاڻ کنير آوِي ٻٺيو، ڇَڪُ مِٽي، گهَٽُ، مَٽ. (سامي)

ڇَڪُ
ديهہ.
سنڌ ۽ پنجاب ۾ ديهن جا نالا آهن. مثال: ڇَڪُ 5، ڇَڪُ 6، ڇڪ چار. اهڙي طرح انهن ڇَڪَن ۾ ماڻهن جا ڳوٺ ٻَڌل هوندا آهن. ۽ هرهڪ ڇَڪُ پنهنجي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو آهي.

چَڪُ — چڙٻ ڏيڻ. چَڪُ جو جمع چَڪَ.
1- صاحب کي اڄ الائي ڇا ٿيو آهي، صبح کان وٺي رڳو چَڪَ پيو هڻي.

چَڪُ — ڪاٽڻ.
1- اَبا! تون مهمان سان گڏ وڃُ، متان ڪو ڪتو نه چَڪُ هڻيس.
2- يارمحمد کي ڇتي ڪتي چَڪُ هنيو آهي، سو اسپتال ڪٺائي ويا اٿس.
3- اَبا! خيال سان وڃجانءِ، متان ڪو ڪُتو چَڪُ هڻني.
4- زور سان چَڪُ نه هَڻ، متان ڏند نه ڀڄي پَوَنئي.
جمع ۾- 'ڪُتا ڦريَن جا، هَنُ نه چوريءَ چَڪَ'.

چَڪَرَ — گهمَڻ ڦرڻ.
1- يارَ! اسان ڪوئيتا وڃون پيا، تون به چَڪَر تي هلين ته صلاحَ اَٿِني.
2- رڳو گهر ۾ ڪڪڙ ٿيو ويٺو آهين، ٻاهر نڪرُ چَڪَرَ به ڏيندو ڪَر.
3- بس ماما! سرحد گهمي آياسين، ڏاڍا چَڪَرَ هڻي، هوا بدلائي، نوان سنوان ٿي آيا آهيون.

چَڪَرَ — ڪنهن جي قند ۾ ڦاسڻ يا دوکي ۾ اَچڻ.
1- خيال ڪجانءِ، انهن ماڻهن جي چَڪَرَ ۾ نه اچجانءِ.
2- منهنجو ڇوڙ ڪونه مَڃِني، آخر ٺڳن جي چَڪَرَ ۾ اچي وئين.
3- الله جي فضل سان، اجان تائين ته ڪنهن جي چَڪَرَ ۾ نه آيو آهيان.

چَڪَرَ — ڦيرا يا گُهمرا يا پيرا.
1- نوڪري لاءِ ڏاڍا، چَڪَرَ هنيان اٿم، پر نوڪري نٿي

ملي.
2- مان ته تو وٽ ڪيئي چَڪَرَ ڏنا آهن، هاڻي تون ٻه مون وٽان ٿي وَڃُ.
3- مون ته ڏاڍا تو وٽان چڪر هنيا آهن، پَر تون ملين نٿو.

چَڪَرَ نارَجا چَڪَرَ.
نار جا چَڪَرَ جيڪي ڪاٺ جا ٺهيل هوندا آهن ۽ اُنهن کي چَڪَرِيُون به چئبو آهي معلوم ٿُجي ته نارَجو سڄو سِسٽم انهن چَڪَرَن ۽ چڪرِيَن ۾ رکيل هوندو آهي.

چَڪِي جنڊ يا جانڊاڻ.
جنهن جاءِ تان، اَنُ پيهائبو آهي ان کي چَڪِي چئبو آهي.
1- ابا! عيءَ ڪڻڪ ته چَڪيءَ تان پيهائي اَچُ.
2- اَني پيهڻ جي وڏي ۾ وڏي چَڪي، حيدرآباد ۾ آهي.
3- ڪمائي نه هئڻ ڪري، پنهنجي ڳوٺ جي چَڪي بند ڪري ڇڏيائون.

چَڪِي ٻوٽو.
1- مون گذريل سال ۾ جي چَڪِي هنئين، ماشاءَ الله هاڻي وڻ ٿيندي پئي وڃي.
2- ڪَنهن به گل جي ٻوٽي پوکڻ لاءِ، اول ان جي چَڪي هڻبي آهي.

چَڪِي ٽڪي. جيڪا انساني زندگي ۾ هرروز استعمال ٿئي ٿي.
1- ابا! بازار وڃين پيو صابڻ جي چَڪي ته وٺيو اچجانءِ.
2- هتي منهنجي صابڻ جي چَڪي رکي هئي، سا ڪيڏانهن وئي؟
3- اڄ ڪَلهه هر صابڻ جي چَڪِي، مَهانگي ٿيندي پئي وَڃي.

چَڪِي ڪاڏي.
1- اَبـا! ڪُتـي چَڪِي آهـيـان، وڃان ٿـي اسپـتـال دوا ڪرائڻ.
2- اسان جو هاري ٻلا چَڪِي ڪـري وڌو. الله ڪيـو تـہ بچي ويو.

چَمڙو سخت، ڪَنجوس.
1- ابا! اهو همراه اهڙو پَڪو اٿئي جهڙو چَمڙو.
يار! چاچو اسان جو آهي، پر ڪنجوس اهڙو اٿو جهڙو ڪَرَ چَمڙو.
چوڻي: ماڻهو آهين چَمِڙو آهين.

چَمڙو ڪل يا چوڙو.
1- اَبا! شادي جي ڦـندرن جو جيڪو بہ چَمڙو ٿئي سو شهر ۾ جلد وڪڻي اچجو.
2- جانـورن جو چمڙو جيـڪـو بـہ لـهي، سـو خيـال ڪَري رکجو، متـن ڪو چورائي نـہ وَڃي.

چَمڙو هڪ قسم جو ساهوارو، جيڪو صرف رات جو اڏامي ۽ ڏينهن بنھ ڪونہ ڏسي. سندس رهڻ جي جاءِ پراڻا گهر، پِـٽيون، ڪامـون ۽ پـٽيون هـونديون آهـن، جنهن ۾ ابـتا ٽنگيل نظر ايندا آهن.

چَنڊُ ماهتابُ.
1- اڄ رات چوڏهينءَ جي چنڊَ جي اَٿِي.
2- آئون اول خير چَنڊَ جي رات ارهان جو مهمان هوندس.
چوڻي: چَنـڊَ جي چانـدوڪِي جيـارِي، سِجَ جي روشـنـي سـاڙي.
1- چوڏهين چَنڊَ! تون اُپرين، سَهـين ڪري سينگارَ. (شاھ)
2- تون چَنڊَ! اُهوئِي، جوهُتِ پـسـين تُو پرينءَ ڪي. (شاھ)

3- ڄَنڊَ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرينءَ سان. (شاھہ)
4- ڄَنڊَ سنڌي ڄانداڻ، آهي ٻنهي راتڙيون. (طالب المولىٰ)
5- ڪٿي ڄَھرو ڄَنڊَ جو، ڪٿي ڄَبين جادُو (طالب المولىٰ)
6- آڏيءَ رات اُلير، ڏني ڄنڊَ ڄَڪور کي. (شيخ اياز)
7- مان ٻونديءَ جي ڏار، سڙڻ سان ڄَنڊُ ڄري پيو. (شيخ اياز)

ڄَنڊُ سهڻو يا خوبصورت.
1- الله ڪو توهان کي ڄَنڊَ جهڙو پُٽُ عطا ڪندو.
2- اَٿي! ڏيءُ بہ ملوڪَ ڄَنڊَ جهڙي جائي اٿس.
3- يارَ! مبارڪون هجنئي، الله تو کي ڄَنڊَ جهڙو پُٽڙو ڏنو آهي.
1- تون تارَنِ ۾، چوڏهين جو ڄَنڊُ. (طالب المولىٰ)

ڄَنڊُ ذات. ذات جو ڄَنڊُ. جمع ۾ ذات جا ڄَنڊَ.
ڄَنڊَ ذات سنڌ ۾ مشهور آهي. ڳوٺ ڄتو ڄنڊُ ضلعو ٺٽو، ڳوٺ الهداد ڄَنڊُ، حيدرآباد.

چوٽَ نقصان يا ڇيهو.
1- هن سال واپارَ ۾ ڏاڍي چوٽَ کاڌي اٿم.

چوٽَ ڌڪ.
1- اسان جي ٻہ واري ۾ آيا، تہ چوٽ کان ٻچي نہ سگهندا.
2- اهڙي چوٽَ ڏينداسون، جو پوين کي ڏسَ ڏيندا.
3- چنچل ڏيئي چوٽَ، سڀ سامارو سِر ڪيو. (شاھہ)

چوٽَ ڌڪ، حملو، ڪاھہ، ويڙھہ.
1- گهاوَ گهاوَ ۾ گونجَ اُنهيءَ جي، جنهن جي چوٽَ اَجَلَ.
(شيخ اياز)
2- ڪير سَٽي ٿي اُن ۾ من جِي، گهڙي گهڙي چوٽَ؟
(شيخ اياز)

جن جن لئه ڏنم، سي نه ڪانڌي ٿيم، چوٽ ڏاڍي لڳي،
ڀر ڪيم ڊرگڏر. (اُستاد بخاري)

چوٽَ مَٿي، مٿانهون.
1- هرڻ تمام چوٽَ تي آهي، گولي ڪانه لڳندس.
2- سيٺ دين محمد ملڪيت جي لحاظ کان پوري شهر ۾ چوٽ تي آهي.
3- ڏنڌي جي خيال کان ڀاڻ وارن مائٽن جو دڪان چوٽ تي پيو هلي.
1- چڙهي جبل چوٽ تي، سڏڙا ڪندي سانءِ، چوندي سانءِ، رهي وَڃ رات ڀنڀور ۾. (شاهه)
2- چڙهي جبل چوٽ تي، ڏنم پيچ پِني (شيخ اياز)

چوٽَ مٿيون آواز.
1- اڄ تو محفل ۾ ڏاڍو چوٽَ تي ڳايو آهي.

چوٽَ رانَ يا سَٿرَ (گوڏي ۽ چيلهه جي وچ وارو حصو)
1- امان! ننڍڙي ڀاءُ کي ننڊ پئي اچي چوٽ تي ئي سمهاري ڇڏينس.
2- ادي! هي مون وارو ننڍڙو جيستائين چوٽَ تي نه سمهندو، تيستائين ننڊَ ڪانه ايندَس.
3- ادي! هاڻي چوٽ نه پِٽ! الله توکي وري ڀيو پُٽڙو ڏيندو.

چوٽَ بازِي يا شَرط.
1- اَڄ گهٽي تو چوٽَ رکين، يا تنهنجو ڪُڪڙ ڪٽي يا منهنجو ڪُڪڙ ڪٽي.
2- اڄ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڍڳي ڳاڏين جي چوٽَ ڏسڻ وٽان آهي.
3- بَس، بَس يارَ! مون چوٽ هارائي تو ڪٽي.

چوٽَ | ڊگها وارَ.
1- ڊگها چوٽ، عورت جي سونهن هوندا آهن.
2- مائي ڏاڍي خوبصورت آهي، پر چوٽ ۾ چوٽَ ڪانه وئي آهي.
3- پُٽَ! چوٽَ وڏا ٿي ويا اٿئي، حجام کان وڃي سنوارتَ ڪرائي اچ.

چوٽُون | نقصان يا ڇيھا.
1- بَس دوست! زندگيءَ ڏاڍيون چوٽُون ڏنيون آهن.
2- جيستائين چوٽون نہ کائيندين تيستائين پڪو پختو نہ ٿيندين.
3- پنھنجن کان سواءِ، ٻيو ڪير چوٽُون ڏئي نٿو سگهي.

چوٽُون | مقابلا.
1- پنھنجن حقن خاطر چوٽون کائيندا رهنداسين، چوٽُون ڏيندا رهنداسين.
2- اسان اهي چوٽون کاڌيو وينا آهيون. اسان کي ڇاٽو ٻڌائين؟
3- دنيا جون چوٽُون کائي کائي، تہ ماڻهو مَچي مُڙس ٿيندو آهي.

چوٽِي | جبل جي چوٽي، مٿاهين جاءِ.
1- دنيا ۾ اهڙا بہ بهادر ۽ دلير انسان آهن جو ڪي- ٽُو جي چوٽيءَ تي بہ پهچو وڃن.
1- چڙهي تنهن چوٽيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي. (سامي)
2- تنين جي چوٽي، پورب ٿينديءَ پڌري (شاهہ)

چوٽِي | ويڙهيل، ڊگها وار.
1- اڪثر ڪري زالون ڪليل وارن کي ڦٽي سان ٺاهي

چوٽي ناهنديون آهن.
2- هندو مرد ٻه وارن جي چوٽي ناهيندا آهن. اُها چوٽي عام وارن کان نمايان نظر ايندي آهي.
2- اَدي! واندي ته هونئي ويٺي آهين، منهنجي چوٽي ته ناهي ڇڏ.
3- پيڻ! تورو ترسو آئون چوٽي ڪري وٺان.
4- ادي! چوٽي کان سواءِ عورت نٺي نهي.
1- چوٽيءَ ۾ چيڙ پيس، پويئن رتَ ڇِنّون. (شاهه)
2- چوٽيءَ ۾ چيڙ پيس، مَرَ ميندڙن پٽي. (شاهه)
3- چوٽي سين چانگن کي، جَڙ زنجيرن جيئن. (شاهه)
4- ساڳي چوٽي ساڳي چڳَ، ساڳي مکڙي تي مايا. (شيخ اياز)

چوري — ڪاٽ هٽڻ، مال ڪاهي وڃڻ يا لڪي شئي کڻڻ.
1- يارَ! مون تنهنجي چوري ته نه ڪئي آهي جو ڪاوڙجين ٿو.

چورِي — لڪَ يا ڳجهه ۾.
1- هنن کان چوري چوري، لڪي اچي ملجانءِ.

چورِي — ڪولي يا ڪڏي يا ڇيڙي.
1- تو پاڻ ڳالهه چوري، آئون ته ماٺ ڪيو ويٺو هوس.
2- اها ڳالهه توهان کي هتي ڪرڻي ڪانه هئي، پر جي اوهان چوري ته مڙئي خير آهي.
3- شاديءَ جي باري ۾، نڪا هُنن ڳالهه چوري، نڪا اسان ئي چوري.

ڇيها — پکيءَ جو قسم، جنهن جو آواز ڏاڍو مٺو ٿئي ٿو.
چوٽي: يار! واهَ جو سَرُ اٿس جهڙو ڇيهو.
اڳوڻو مزو ناهي گلشن گلن ۾. نه ٻولي ٻڌان ٿو ڇيهن جي چمن ۾. (زمان شاه نئوي)

چِيها گاهہ جو قسم، جنهن کي جانور خوشيءَ سان کائيندا آهن. گهڻو ڪري ٿَرَ ۾ هي گاهہ جامَ ٿئي ٿو.

چِيها هڪ ذات جو نالو.

1- منهنجو تورُ تَلن ۾، چِيها تو چاري. (شاهہ)

چُڪِي تَڪَلَ يا ساڻي تيل.

1- چُڪِي توسِين چاءِ، پاسي پَر پيئي رڙهي، (شاهہ)

2- چُڪِيءَ کي چَئي، ڪاجا ڳائي جيڏيون! (شاهہ)

3- چُڪِي تي چِيسوم، سُواهُرُو سَڄڻين. (شاهہ)

چُڪِي چيلهہ ۾ سُور.

1- بَس بابا! عُمر وَڏي آهي، ٿورڙي ٿو ٿئي تہ چيلهہ ۾ چُڪِي پئجو وَڃي.

چُڪِي سُرڪي، سُرڪَ.

1- چُڪِي تَنهِن چَرِي ڪَئي، جو ڏِنسُ اُنَ ڏِهي، (شاهہ)

چُڪِي ٿوري ٿوري.

چُڪِي ڍُڪُ.

چِڪ چيلهہ جو سُور.

1- تَنِ ڪهَڙي چُڪَ چانگنِ؟ هوتُ حِماتي جِنِ جو. (شاهہ)

چُڪَ غلطي، ڀُلَ.

1- سائين! اِها برابر مُنهنجي چُڪَ آهي، آئنده ائين نہ ٿيندو.

2- بَس يار! اها مُنهنجي چُڪَ ٿي، جو توکي پنهنجي دل جو حالُ ٻُڌايُم.

چَڱا صحتمند، تندرست يا نوبنا.

1- تَرسي طَبيبن، چيني هوندَ چَڱا ڪئا. (شاهہ)

2- ڪَمَندَنِ ڳهَرِڪين، چَوندڙ چڱا نہ ٿيا. (شاهہ)

3- چَڱا ڀَلا سپرين، ڪ سُکِ وَسي سائيہ. (شاهہ)

چڱا
گهڻا يا ڪافي.
1- چڱا چَنبا! چنيج، سنيها ڪي سچٽين. (شاهه)
2- شادي تمام سُٺي ٿي، ماڻهو چڱا آيل هُئا.

چَڱائي
ڀلائي.
1- چڱائي وري به چڱائي آهي.
2- چڱائي ڪبي ته ماڻهو، چڱو چوندا.
3- ڪڏهن نه ڪڏهن ماڻهو کي پنهنجي چڱائي ڪم اچي ٿي.

چَڱائِي
تندرستي يا صحتمندي.
1- يار! اجا بدن ۾ چَڱائي ڪانه آئي آهي.
2- ماڻهو ۾ چڱائي هوندي، ته هرشيءِ پئي وڻندي.

چوري
شروع ڪري.
1- وِيچ ورائي ڀانهَن، چوري چاڪ نهارئا. (شاهه)
2- چوري چَنگُ، ٻَنگُ لَهي، حبيبَن هَنيوس، (شاهه)
3- چوري رکيُم چِتَ ۾، ڏِسِين جي ڏاتارَ. (شاهه)
4- ميان! مهربانَ! چوري چَنگُ چِنجِ ڪِي، (شاهه)

چوري
ڀڙڪائي.
1- زال چوري چوري، آخر مُڙس کي ڀائرن کان جدا ڪيو.
2- وري ڪنهن چوري موڪليو اٿئي!
3- يار! اَڄُ مُنهَن ڏئي نٿو ڳالهائين، ڪنهن چوري موڪليو اٿئي ڇا؟

چَنگُ
ساز، ڀيجل (چارڻ) جو سُرندو.
1- چارڻ تُنهنجي چَنگَ جو، عجبُ آهِم اِي، (شاهه)
2- چارڻَ چَنگُ ڪُلهي ڪري، ڀير ڀِري ڀاتا، (شاهه)
3- چارڻُ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، رَمي رَهيو رات، (شاهه)

چَنگُ
ڪمان کي ڪشي، ڇڪي، زور سان.

1- چوري چَنگُ، ٻَنگُ لَهي، حَبيبَنِ هَنيوس، (شاهه)

چنگُ هڪ قسم جو ساز، جيڪو ڏندن ۾ قابو ڪري وڄائبو آهي. هي لوهه جو ننڍڙو ساز گهڻو ڪري ٻهراڙيءَ جا ڏراڙ وڄائيندا آهن.

چِيهُون ذرا ذرا يا ٽُڪرا ٽُڪرا.

1- ڪُتن اوچتو ڪٽي رُومَڙُ ڪيو، ڪپڙا سڀ چيهون ٿي ويا.

2- سٽڻ ڍِنگهرنِ ۾ ڦاسِي پئي، تڏهن چيهُون ٿي پئي.

3- پَتڪو سڄو چيهون ٿيو پيو آهي، اهو ڪيئن ٻڌي شادي ۾ وَڃان.

چيهُون آواز.

1- طوطو صبح ڪان وٺي چيهُون پيو ڪري، پاڻي نه پياريوسِ.

2- صبح جي مهل پکين جون چيهُون ڏاڍيون وڻنديون آهن.

3- ٻليءَ جا ٻچڙا ڏس ڪيئن نه پيا چيهُون چيهُون ڪن.

1- چِڪيا چاڪَ چيهُون ڪري، ڪَڙيُون مُور نه ڪَنِ. (شاهه)

ڇ

ڇاتي سينو يا اَرَهه.

1- ڇاتيءَ ڇاتيءَ ڇپ آهه، ٽيو پيارُ پٿون، (شيخ اياز)

2- هيءَ ڇاتي جا آٽي آهي، تيز انهيءَ تي تاڻ. (شيخ اياز)

ڇاتي بَهادُري.

1- بابا! اِها تُنهنجي ڇاتي هُئي، جو صوبيدار کي سَچُ چَئي ڏنءِ.

2- ڇوٽي: ڇورَ ۽ سورَ (مرونءَ) تي ڪو ڇاتيءَ وارو ويندو.

ڇيڙَ ڇِرڪ.

1- ڦرين ڪاري نانگ جي، ڪو ڇِرڪيلُ ڇيڙ ڪَري، (شاهه)

2- بيهودي ماڻهوءَ سان ڇيڙ ڪرڻ، معنيٰ پنهنجي عِزتي ڪرائڻ.

ڇيڙَ ارَ يا آبتَ.

1- بحالي ڇيڙَ ڪرائي اٿون، ڪٽڪ ۾ لاپارو پوندو.

2- بابا! ڇيڙَ ۾ ماڻهو ٻڌايو ته اوتري ماني تيار ڪرايون.

ڇيڙَ ٻَچَ، مارائڻ.

1- ٻُڌي ڇَڏِ ڪميڻا! آئنده جي چوري ڪَئي اَٿئي ته ڪُتَنِ کان ڇيڙَ ڪرائيندوسانءِ.

2- سائين! توهان جي مهرباني، جو پوليس جي ڇيڙَ کا ٻَچايُوَ.

ڇني هڪ ڳوٺ جو نالو، جيڪو دادو ضلعي ۾ آهي.

ڇِني ڌار ڪري يا جدا ڪري.

1- ڪَري ڪوهيارو ويو، تَنُ چِٽي تانڪُون. (شاهه)

2- ڳنڍِن سارو ڏينهَن، چنڻُ مورُ نه سڪيا. (شاهه)

چوڻي: پنهنجن ٿي اسان کي چِٽي چڏيو، ڌاريَن تي کهڙي ميار.

چَٽِي ڪپڙي ۽ تارن سان ٺهيل ڇَتُ. جن کي عام طرح چِٽِي چئبو آهي.

اُس ۽ مِينهن ۾ ماڻهو بچاءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن.

چَٽِي مسلمان جي گهر ۾ ڪو ٻار ڄمندو آهي ته ستين ڏينهن چاول ٻار جا مائٽ خوشي ملهائيندا آهن.

خوشي جي رسم ۾ ٻار جو مٿو ڪوڙيو آهي، ٻارڙي کي نازڪ ٻانهُن ۾ ڪارا ڌاڳا (ڳانا) ٻڌا ويندا آهن ۽ بعد ۾ مٺائي وغيره ورهائي ويندي آهي. ته اهڙي خوشي جي رسم کي چَٽي چئبو آهي.

چِپَرُ وڏو پٿر.

لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ سر سسئي، سُر معذوري، سر حسيني سُر ديسي، سُر ڪوهياري ۾ چِپَرَ يا چِپَرَ لفظ گهڻو استعمال ڪيو آهي.

1- چِپَرُ چَمرُ پاتيان، ڪانيو ۽ ڪارو. (شاهه)

چِپَرُ ڇپرو. ڪاٺ ۽ ککن جي ٺهيل ڇت.

1- ٻهراڙي ۾ ماڻهو چوطرف گهر جون پٽيون ٺاهي، مٿان ڪامن ۽ پٽين جي بدران چِپَرُ ٻڌندا آهن.

1- رءَ ٽنيين ريءَ ٽوٽيين، تون چِپَرُ، تون ڇانءِ. (شاهه)

چوڻي: گهڻن هوندي، چِپَرُ به ڪجهيو پوي.

چِپَرُ لڪَ.

1- يار! مون وٽ ڪجهه پئسا آهن ضرور، پر اُهي چِپَرُ ڪري ڇڏيا اٿم ته ڏکئي وقت ۾ ڪم اَچَن.

2- في الحال تون ڇپر ۾ ٿي وڃ جيستائين ڪجهه ماحول درست ٿئي.

ڇَپَرُ بچاءُ، ڏڍَ يا سهارو.
1- توهان منهنجي لاءِ سچ ڪري پڇو ته ڇَپَرُ ڇانوَ آهيو.
2- منهنجا ڀائر ئي مون لاءِ ڇپر آهن.
3- هر ماڻهوءَ جو الله پاڪ ڇَپَرُ آهي.
1- ريءَ ٿنيين، ريءَ ٿوٽيين، تون ڇپر تون ڇانءِ. (شاهه)
2- ڇَپَرُ ڇَرَ ڀانيان، ڪانيوءَ ڪارو. (شاهه)

ڇَپَرَ ڇپر جو جمع ڇَپَرَ.
اصل ۾ ڇَپَرَ لفظ جون ڪيئي معنائون آهن.
مثال: جابلو علائقو، ڪڪائون گهر، ڇانوَ، بچاءُ، جهوپڙيون وغيره.
1- جڏهن پيئي باسَ، ڇَپَرَ هوت پنهونءَ جي. (شاهه)
ڇپون ڇَپَرَ ڪَٽَ، پهڻ پٿرائيون ڀانئيان. (شاهه)

ڇَپَرَ ڪکاوان گهر، پهاڙي يا جابلو علائقو.
1- اسان مسڪينن کي پڪيون جايون ڪونهن، پر اباڻا ڇَپَرَ نهيل آهن.
2- هن سال ڇَپَرَ ۾ برسات اصل ڪانه پئي آهي.
3- ڇَپَرَ (جبل وارن) جي ٻولي ۽ ثقافت پنهنجي آهي.

ڇَپَرَ پنبڻيون.
جيڪي اکين جي ڪڪ، پن ۽ مٽيءَ جو بچاءُ ڪندا آهن، انهن ڇپرن کي ڪي ڪي ماڻهو پنبڙيون به چوندا آهن.

ڇِڊو گهاٽي جو ضد.
1- اَما! اڄ ٻوڙ ڇڊو رڌو اٿئي.
2- کير ۾ پاڻي پيل آهي، تڏهن ته ڇڊو ڏسڻ ۾ اچي.

3- ههڙو پاڻيءَ جهڙو ڇڊو ٻوڙ ڪير کائيندو.

ڇِڊو پري رهڻ، دور رهڻ، پاسو ڪرڻ.

1- يار! ڇڊو رهڻ هن دور ۾ بهتر آهي.

2- بس يار! دوستن ۾ مزو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، تنهن ڪري ڇڊو ٿي ويس.

نوٽ: ڇِڊو لفظ کي ڪن هنڌن ۾ ماڻهن تي ڇِٽو به چوندا آهن.

ڇِڊو ڪڏهن ڪڏهن.

ڇڙو غير شادي شده.

1- اڃا تون ڇڙو آهين، شادِي ڪندين ته پوءِ خبرون پونديءِ.

2- جيستائين ڇڙو هوس، تيستائين ڪاٻه ڳڻتي ڪانه هئي.

3- جمعدار جاڙوخان سڄي عمر ڇڙو رهيو، پر شادي نه ڪيائين.

4- ڀلا سڄي عمر ائين ڇڙو رهندين ڇا، شادي به ڪندين يا نه؟

ڇڙو اڪيلو يا تنها.

1- دنيا ۾ ماڻهو ڇَڙو آيو آهي، ڇَڙو هليو ويندو.

2- في الحال ته ڇڙو ئي رهان، آخر ٻار ٻچا به وٺي ايندس.

3- دنيا ۾ ڇڙو رهڻ به وڏو عذاب آهي.

4- جنهن ماڻهوءَ سڄي عمر ڇڙو ٿي گذاريو هوندو، ان کي شادي مان ڪڏهن به مزو ڪونه ايندو.

ڏِکِي ڪاٺي. ڇَڙو جُو جمع ڇڙا.

1- ڇَڙا جاين ٺاهڻ جي ڪم ايندا آهن.

2- ڇڙن کي لَڪِڙا به چئبو آهي.

ڇڙو ٺلهو.

ڇڙو مرن وٽ ڪجهه بہ ناهي، ڇڙو ٻيو وڃان.

ڇوٽِ رعايت.

وڏا واپاري ننڍن واپارين سان ڪن شين تي ڇوٽ (رعايت) بہ ڪندا آهن.

1- بابا! هي ڪٽڪ ڏيڍ سئو روپيا مڻ آهي، تون کي ڏهہ رپيا ڇوٽ آهي، وڻئي تہ وٺ، وڻئي تہ نہ وٺ.

2- سيٺ پلا هنن شين ۾ ڪا ڇوٽِ وغيره بہ ڏينديءَ يا نہ؟

ڇُوٽِ جلدي، ترت يا جهٽ پٽ.

1- ڇوٽ ۾ وڃ ۽ ڇوٽِ ۾ اچ جو مهمان اچڻا آهن.

ڇُوٽِ ڦهرئين ڌڪ ۾.

1- مائٽن يار! ڇُوٽِ ۾ شادي ڪرائي، هاڻي تہ وڏو عيال دار ٿي ويو آهيان.

2- احمد ڇوٽِ ۾ دڪان کوليو تہ ڏاڍي توٽ پيس.

ڇُوٽِ بيجا آزادي.

1- تو پنهنجي پُٽ کي بالڪل ڇوٽِ ڏيئي ڇڏي، هاڻي تہ هو زورِ ٿي ويو آهي.

2- اولاد کي پيار ضرور ڏجي، پر ڇوٽ اصل نہ ڇڏجي.

3- بس هاڻي توکي بہ ڇوٽ آ، مونکي بہ ڇوٽ آ. پاڻهين پيا فيصلا ڏيندا.

ڇِتا ڇتا ڇَريا، دِيوانا يا پاڳل.

1- زمين جا چار پئسا مليا اٿن تہ هاڻي ڇِتا ٿي پيا آهن.

2- ڪُتا ڇِتا ٿين، تہ يَڪدم مارائي ڇڏجن، نہ تہ نقصان ڪندا.

3- پاڻ ۾ بهتر آهي تہ نَهي وڃو، هروڀرو ڇِتا نہ ٿيو.

ڇِتا تيز.

1- جبل جا ماڻهو، پنڌ ڪرڻ جا چِتا آهن.
2- شير مير بحر ۾ انب شيدي ڪارَي وارو پنهنجي دور جا چِتا مَلهه هئا.

چِتا ذهين.
1- بئي ڀائر مون کان حسابن ۾ چِتا هوندا هئا.

ڇُٽا آزاد ٿيا، آجا ٿيا.
1- ويچارا بي گناه پنج سال ٽيپَ کاٽي ڪالهه جيل مان ڇٽا آهن.
2- مس مس يار! ڦٽ ڇُٽا آهن.
1- رَهَ ۾ گڏبِن رامُ، پَنڌان ڇُٽا ڪاپڙي. (شاهه)

ڇُٽا ختم ٿيا.
1- ڪا جا انگُ اُڙي، جئن ڇُٽا ڦَٽَ ڇُڙي پيا. (شاهه)

ڇُٽا گم ٿيا، غائب ٿي ويا.
1- اَبا! اِهي هاٿي شهر ويا ڇُٽا، الائي ڪيڏي مهل اَچن.
2- اهي پئسا بہ هاٿي تنهنجا ڇُٽا، متي نهار تہ دل ڀڪي ٿيئي.
3- پنجن هزارن مان ٽي هزار ڇُٽا، باقي جيڪي بچيا سي تہ موتائي ڏيو.

ڇوهَہ تيزيءَ مان.
1- ڇَمڪيو سو ڇوهَ مان، ڪَڙ ڪَڙ ڪانْ ڪري، (شاهه)

ڇوهَہ جلدي، هڪدم.
1- ڇڏي وِيا ڇوهَ ۾، دعوائون ديوانَ. (شاهه)

ح

حاضرُ
انڪار نـہ ڪرڻ، جواب نہ ڏيڻ، هرحالت ۾ جيءُ جيءُ ڪرڻ.
1- بيحد ڪيان بندگي هَتَ ٻڌي حاضر. (شاهہ)
1- حاضر سائين! اهو ڪم صبحاڻي آئون ضرور ڪندس.
2- مون هميشہ اوهان کي حاضر ڇيو آهي ۽ ڪڏهن بہ جواب نہ ڏنو اٿم.
3- مان سائين! هر وقت حاضر آهيان، پر ٻين نوڪرن تي بہ نظر وجهندا ڪريو.

حاضرُ
موجود يا آمهون سامهون.
1- فقط هڪ الله پاڪ ئي آهي جو هرهنڌ حاضر آهي.
2- اوهان جي حڪم تي اڃي حاضر ٿيو آهيان.
3- احمد کي چئو تہ صبحاڻي ڪورٽ جي شنوائي آهي، ڪورٽ ۾ ضرور حاضر ٿئي.

حسابُ
انگن جي جوڙجڪ.

حَسابُ
ڏيتي ليتي، ڪار وهنوار.
1- سيٺ! اول منهنجو حساب ڪتاب چڪاءِ. مون کي پنهنجو حساب پورو ڏيو، توهان چاڻو توهان جو ڪَمُ جاڻي.
2- وڏيرا تو وارو ڪمدار منهنجو حساب کائي ويو آهي.

حسابُ
دماغي يا نفسياتي بيماري.
1- مريم کي حساب ٿي پيو آهي.

فيصلو، ليکو چوکو.
توسان تہ ايجا حساب ٿيندو، پر ٿورو ترس.
1- تن کھڙو ڏوھ حساب، جن ھينئڙي ھادي حَلَ ٿيو (شاھ)
2- کھڙي منجھہ حساب، ھئڻ منھنجو ھوت ري (شاھ)
3- حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندو مِ (شاھ)

حَلالُ قبول، مقبول.
1- ٿئين ھوندَ حلالُ، جي پَندِ اھائي پارئين. (شاھ)

حَلالِ ذبحَ ڪرڻ. (حلال جانور کي ذبحَ ڪرڻ)

حلالُ حق جي روزي.
1- پورھيت وِيچارو ھميشہ حلال جي ڪمائي کائي ٿو.
2- حرامَ جي پُلاءَ کان، حَلالَ جي دال وڌيڪ آھي.

حُجَتَ گستاخي، گھرائپ يا ويجھڙائپ.
1- مون سان ايڏي حجت نہ ڪندو ڪر، متان پوءِ دل ۾ ڪرين.
2- منھنجي تو وارن يارن سان، ايڏي حجت ڪانھي.
1- ڇڏي ويني ڇپرين، ھادي سپ حُجت. (شاھ)
2- ڇَڏيَمِ حُجْ ھَلَڻَ جي، ڇَکِيمَ چاڙھيڪا، (شاھ)

حُجت خيال، دليل، پنھنجائپ.
1- حُجت ھوت پنھونءَ سان، مون ڪميڻيءَ ڪيھي. (شاھ)
2- حَجَتَ نہ ھَل ڍي، وَسُ نھين چلدا. (رکيل شاھ)

حِقُ مُڙس يا گھروارو.

حق واجب، فرض، ضرور.
1- اھو ھر شخص تي حق آھي تہ ماٺھو ماءُ پيءُ جي دل سان خدمت ڪري.
2- اھو توتي بالڪل حق ڪونھي، تہ پاڻ وڏن سان تون گستاخ ٿيندو ڪر.

1- جن مـن مـيـهـار، هـلـڻ تنين حَقُ ٿـيـو. (شـاهـ)
2- چڙهي نور محل ۾، ڪيائين حق حاصل. (سامي)

حَقُ — الله پاڪ، رَب، خلقيندڙ.
1- وحدُ لاشريڪ لـه، ايُ هيـڪڙائي حَقُ. (شـاهـ)
2- ڏسـڻ ڏسين جي، تـه هَمَه ڪـي حـق چئين. (شاهـ)
3- هُئي جنهن ۾ حـقُ، تنهن نـفيءَ جهوناهِ ڪو. (شاهـ)

حَقُ — سچ، سونهن، برابر، صحيح، درست.
1- احـمـد ڳالهـ حَق جي ڪيي، تـو هُنن سان بي واجبي ڪئي آهي.
2- چڱو ٿيو جو هيترن ماڻهن ۾ تو حق چيو آهي.
1- جو حُسن سندو حَقُ، سر ڪورُ پروڙي ڪين ڪي. (شاهـ)
2- سَرهيون سي سرتيون، حاضر پاسي حق جي. (شاهـ)

حڪيم — رب پاڪ/ حڪمت جو مالڪ.
1- سو سـ ٰراه سچو ڏٺي، چئي حَمد حڪيـمُ. (شاهـ)

حڪيمُ — طبيب يا ويجُ.
1- يارَ! گهڻائي ڏينهن ڊاڪٽرن جو دوائون ڪيون اٿم، پر هاڻي هڪ حڪيم جي پيو دوا ڪَيان.
1- قـابل حـڪيـم مَري ويا، هـاڻي فقـط سندن نالـو وڃي رهيو آهي. اڳيان حڪيم طب ۽ حـڪمت کان بـ واقف هئا، پر پرهيزگار ۽ متقي بہ هُئا.
چوڻي: نيم حڪيم، خطري جان.
چوڻي: حڪيم ۽ حاڪم ۾ قادر وجهي نـ ڪَمُ.

خ

خارَ — ڪنڊا.

1- گلاب جو گل هوندو ئي خارن جي وچ ۾ آهي.

2- هيءَ دنيا سڄي خارن سان ڀريل آهي، تنهن ڪري هلڻو به خيال سان پوي ٿو، ته مباده ڪٿي خار نه لڳي پوي.

3- دنيا جيڪڏهن رڳو گلاب هجي، ۽ خار نه هجن ته پوءِ زندگي جو لطف ڪهڙو؟

”ڪبي جي گُلَ سان گستاخي ته آخر خارَ پيي سَهِبا.“

خارَ — چِڙ يا ناراضِگي.

1- بابا سائين هاڻي ته خارَ ختم ڪيو.

2- هينئر صاحب ڏي متان وڃين، صاحبُ خار ۾ وينو اٿئي.

3- اجا ته توتي خارَ اٿم، لٿي ڪٿي اٿم.

خانو — خواجا قوم جي گڏ ٿيڻ جو هڪ مخصوص هنڌ يا جاءِ. جتي هُو پنهنجي طريقي سان عبادت به ڪندا آهن.

خانو — ميز جو خانو، ڪٻٽ جو خانو.

خونَ — قتل.

1- ڏاڍو ماڻهو شريف هو، بنا سبب خُونُ ٿي ويو.

2- ڪا خبر نٿي پوي ته، هي خون ڪنهن ڪيو آهي.

3- جيڪڏهن سَڄڻ ماڻهو وِچ ۾ پون ها، ته هي خون نه ٿئي ها.

چوڻي: خون جو بدلو، خون آهي.

چوڻي: خونُ ۽ ڪٽوري ڪڏهن به لڪنا ناهن.

1- مِڙئي معاف ڪياسِ، خالق بدلي خُونَ جي. (شاهه)

خُونُ رَتُ.
1- ڌڪ لڳڻ ڪري ڏاڍو خونُ وهيو اٿس.
2- ڀريائين خونُ بند ڪرايو، تہ همراه بچي پوي.
3- جوانيءَ جو خون اٿس، ڪٽي ٿو بند ٿئي.
4- خونَ جي بوتل چڙهايوس، تہ گهڻو فائدو ٿي ويندس.

خُونُ عزازت وارو.
1- عرس منهنجو خون آهي، آئون هُن کي نٿو ڇڏي سگهان.
2- هو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي، جگر جو خون آهي، جيڪي وٽيس سو ڀلي ڪري.
3- خون جو رشتو ڪڏهن بہ ٽٽي نٿو سگهي.
چوڻي: خُونُ دانگيءَ تي بہ وري پوي.
چوڻي: اڄ ڪلهہ تہ خُونَ خونُ کي ٻاھہ لڳي وئي آهي.
چوڻي: اڳي تيل ٻرندو هو، هاڻي خونُ پيو ٻري.

خيرُ خيرات.
1- اَبا! سڀاڻي پرئين ڳوٺ وارن جي خير جي دعوت اٿوَ.
2- فصل لهي تہ اول خير اسان بہ خدا ڪارڻ خيرُ ڪنداسين.

خيرُ ڇاھُ يا ٻرچاءُ.
1- اسان جو هاڻي هُنن سان خيرُ ٿي ويو آهي.
2- ٻئي ڀائر پاڻ ۾ وڙهيل هئا، چڱو ٿيو جو پاڻ ۾ خيرُ ٿي وِيِنِ.
3- ڀلا اسان جو خير ڪير ڪرائي، ماڻهو تہ ان ۾ خوش آهن تہ ڀلي پاڻ ۾ وڙهيل هُجن.
4- ڏاڍو چڱو ٿيو خيرُ ٿي ويو، نہ تہ ٻنهي ڌرين جو ڏاڍو نقصان ٿئي ها.

خير آمن، سڪونُ يا آرام.

1- شُڪر آهي جو اسان جي ڳوٺ ۾ خير لڳو پيو آهي.

2- الله ڪري ته سڄي دنيا ۾ خيرُ ئي خيرُ هجي.

3- اَبا! خيرُ ته آهي، هن مهل ڪُمهلو آيو آهين.

خيرُ جو جمع خيرَ.

4- بس يار! الله جا احسان آهن خيرئي خيرَ لڳا پيا آهن.

5- بابا سائين کي نياپو ڏجو ته آئون ڪراچي خيرَ سان پهچي ويو آهيان.

ڊ

ڏُوسُ ٿُلهو، متارو.
1- نياڳا! چاٿو کائين، ڏينهُون ڏِينهُن ڏوسُ ٿيندو وڃي.
2- ماڻهو هرويرو بدن ۾ ڏوسُ بہ نٿو ٿي.
3- آئون تہ واقعي ئي بُک تي ڏوسُ ٿيو آهيان، پر تون حرام تي ڏوسِ جو ٿيو آهين.

ڏُوسُ دوست، يارُ، سنگتي يا جانبُ.
1- يارَ! اڄ ڪلهہ جا ڏوسَ سڀ لالچي ۽ خودغرض اٿئي.
2- عبدالله منهنجو ڏوسُ (جانبُ) هئو، پر جلدي گُذاري ويو.
3- دنيا ۾ ڪو ڪو وڃي ڏوسُ رهيو آهي، باقي سڀ پيسنگ لڳي پئي آهي.
1- ڏونهين پاسي ڏوسَ جي، ماڳهين ٻئان مَري، (شاهہ)
2- ڏوسَ مَنا دلدار عالمُ سَڀِ آباد ڪرين. (شاهہ)
3- ڏوسَ نہ سَهان ڏامُ، تون وندر ٿو ويلا ڪرين. (شاهہ)

ڏُهِري هيٺي ڳري.
1- هيءَ نَٿ هُن نَٿ کان ڏُهري آهي.
2- ادا! سونارا هيءَ ٻانهين تعام ڏُهري آهي ٻي ڪا هلڪي ڏيکار.
3- ادي! شڪر آهي جو اڳي کان هاڻي ڪجهہ ڏُهري ٿي پئي آهين.

ڏُهِري زيور جو نالو. ڏُهرين جا قسم ٿيندا آهن.
1- ڪا ڏهِري ٽي سَري، ڪا پنج سَري، ڪا سَتَ سَري. پنج سِري ۾ پنج داڳا ۽ سَتَ سِري ۾ سَت داڳا هوندا

آهن.

ڏهريون مضبوط، ڏاڍيون، سخت.

1- ان کي ناکيليون نڪن ۾، ڏهريون دليلا. (شاهه)

ڏهريون زيور، سون جي مٽين جي نهيل ڏهري.

اڳ ۾ اڪثر ڪري سهاڳڻيءَ جي وقت ۾ ماڻهو پنهنجن عورتن لاءِ سونيون دهريون ٺهرائيندا هئا، اڃا بہ ڪن ڪن گهراڻن ۾ گهرن ۾ دهرين جو رواج آهي.

دُنيا جَهانُ

1- جيڪو ماڻهو هن دنيا ۾ ڪندو، ان جو حساب ڪتاب هُن دنيا ۾ضرور ٿيندو.

2- نيڪيون ۽ ثواب جهڙا ڪَم، انسان ان لاءِ ئو ڪري تہ هُن دنيا ۾ ڪو چوٽڪارو ٿئي.

3- هُن تہ حياتيءَ لاءِ، مَرُ تہ مرِي مزا ماڻيون. (مخدوم امين محمد)

3- جيڪي ٿي سگهي تہ هن دنيا ۾ نيڪيون ڪندو رهَ.

4- هيءَ تہ دنيا ڏاڍي مَڪار آهي.

5- هيءُ ئي دنيا آهي، جتي ڪنڻ ۽ هارائڻ جو هنڌ آهي.

1- ڪِتين توڙي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ. (شاهہ)

2- دنيا جي دل جو مطلب، پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو. (قليچ)

3- دلبر! هن دنيا ۾، وڃي رهندو واسُ. (شاهہ)

نيا دولت، ملڪيت.

1- دنيا تہ اچڻي وڃڻي آهي، اُن تي فخر نہ ڪر.

2- اُهي ماڻهو اصل کان وڏي دنيا وارا آهن، اڄ ڪلهہ جا ڪونهن.

3- انسان جي اصل دنيا سندس اخلاق ء درگذر، معاف ڪرڻ آهي.

4- ماڻهو تہ دنيا جي ڪري، هڪ ٻئي کي ڪُهَن پيا. يا خدا! رَحَمُ.

1- دُنيا ڪارڻ دِينُ، وڃائي ولها ٿيا. (شاهہ)

دنيا — دَور.

1- اهاہ ڪا دنيا هُئي، جو تَڪي سيرُ پاڃي، تَڪِي سيرُ ڪاچا هُئا.

2- گذريل دنيا مان اسان ڪيئي سبق حاصل ڪري سگهون ٿا.

دِيوانُ — هندن جو لقبُ.

1- حيدرآباد ۾ هيرآباد جا ديوان پوري سنڌ ۾ مشهور هئا.

ديوانُ — محل يا خوبصورت جاءِ.

1- شاهجهان مغل بادشاه جون مشهور عمارتون، ديوان عام، ديوان خاص اڄ بہ ڏسڻ وٽان آهن ۽ مشهور آهن.

ديوانُ — خوشحال گهراڻو، عزت وارو خاندان.

ديوان — شاعري جو مجموعو.

1- جنهن ۾ الف کان وٺي ي تائين ترتيب وار شعر چيل هوندو آهي.

مثال: ديوان قليچ، ديوان طالب المولىٰ، ديوان غالب، ديوان اقبال وغيره.

دَنِ — ڍِڳَ.

دَنَ — کاڻ جي رکڻ جي جاءِ.

1- لاڙارو ڪري کاڻ کي هڪ هنڌ گڏ ڪبو آهي. ان هنڌ کي دَنِ چئبو آهي.

دَنِ — ٻَهہ جي دَنِ

دَنَ — پِريل.

1- يار! پيٽ ڏنِ لڳو پيو آهي، ماني جي طلب ڪانهي.
2- تون به پيٽ کي ڏنِ ڪري اُٿين، ايترو ٿورو ٿي کائيو آهي، هاڻي پيو لوڙ.

ڏنُ پيٽ ۾ موجود گهٻ.
چوڻي: دائي کان ڪهڙو ڏنُ ڳجهو آهي.

ڏنُ مرڪز.
1- ميرپورخاص انبن جو ڏنُ آهي.
2- سکر، خيرپور ۽ روهڙي کجين جي باغن جا ڏنَ آهن.
3- بابا! هاڻي توکي ڪراچي شهر جي ڏنَ ۾ وٺي آيو آهيان، جيڪي خريد ڪرڻو هجئي سو وٺ.
4- صدر وارو علائقو ڪراچيءَ شهر جو ڏن آهي، هتي اوهان کي هر ڏنڌو ۽ واپار نظر ايندو.

ڏمُ لکڻ جي نشاني (.)
1- جتي لکڻ ۾ جملو پورو ٿيندو آهي اُتي ڏمَ جي نشاني ڏني ٿي ڏبي آهي.

ڏمُ سهڪي جي بيماري.
1- بس يارَ! همراه کي ڏمَ جي بيماري ٿي پئي بچي نه سگهيو.
2- نه نشو ڪرين ها، نه ڏمُ ٿي ٿيئي ها.

ڏمُ ساه پَٽڻ.
1- هاڻي ٿورو ويهه ڏمُ پَٽ، پوءِ ٿا هَرُ هَلايون.
2- يار! ٿورو ڏمُ ته پٽڻ ڏي.
3- بس پيارا! ڇا جو ڏمُ، ڇا جو ڪَمُ، سڀ ڪجهه هِتي ڇڏي وڃبو.
1- فاني ٿي فاني، دنيا ڏمُ نه هيڪڙو. (شاهه)

ڏمُ فخر، وڏائي، تڪبر يا غرور.

1- ايڏو تون به دَمُ نه هَڻُ، متان ڪٿي ڪنڌ ڀر ڪِري نه پوين.
2- جن دَمُ هنيو تن جو ڪَمُ ختم ٿِي ويو.
3- توبهه يار! پاڻ ته دَمُ هڻون ئي ڪونه، پاڻ ته پاڻهي ۽ ڪي به پاڻي چوڻ وارا آهيون.
4- تون دَمُ انهن جي اڳيان هَڻُ، جيڪي توکي نه سڃاڻن.
5- اوهان جي اڳيان ڪهڙو دَمُ هڻان، اوهان ته منهنجي حال ۽ ڪال کان سڀ واقف آهيو.

دَمُ — خاموش، ماٺ يا ڪنهن سان به نه ڳالهائڻ.
1- هاڻي دَمُ جَهل، وڌيڪ نه ڳالهاءِ.
2- تون ٿورو دَمُ ته جهلين ها، خام خواه تڪڙو ٿئين.
3- بَس يارَ! پاڻ پنهنجو دَمُ جهليون ويٺا آهيون، نٽا ڪنهن جي ٻُڌن ته وجي ڏوڙ پائن.
دائم جَهليو دَمُ، لڪا پٽن لوڪ ۾ (شاهه)

دَمُ — گهڙي يا ساعت يا پلَڪ.
1- سڄڻن کان سواءِ هڪ دَمُ به ڌار رهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي.
2- يارَ! دَمُ ڪن ويهه، پوءِ ڀلي وڃجانءِ.
3- هر هڪ ماڻهو جو هر هڪ دَمُ، قيمتي ٿِي پيو آهي.
1- سٿو سينٺان آڳرو، سندو دوستان دَمُ. (شاهه)
2- دوسَ نه سَهان دمُ، تون وندر ٿو ويلا ڪرين. (شاهه)

دَمُ — ساهه.
1- بس سائين دَمَ تي آسرو ناهي، ڪنهن وقت به ماڻهو مَري سگهي ٿو.
2- جيستائين دَمَ م دَمُ آهي تيستائين اوهان سان سر

لڳي.

دَلِيلَ ثبوت، ثابتي.

1- تو وٽ ڪهڙو دليل آهي ته چوري هن ماڻهوءَ ڪئي آهي.

2- بهترين مقرر اهو هوندو آهي، جنهن وٽ دَليل هوندا آهن.

دَلِيَل ثابت ڪرڻ.

1- وڪيل به پنهنجن دليلن سان ڪيسَ ڪٽيندا آهن.

دَلِيل وهم، گمان.

1- درياه جي دَليلَ لڪين لَهوارا ڪيا. (شاهه)

2- تِي دوڙائي دَليل، ته پنهون ماڻهو موڪليون. (شاهه)

دَرَجا ڪلاس.

دَرَجا عهدا.

دَرِجا نيڪيون يا اُجورا.

1- رب سائين به دلين تي درجا ڏئي ٿو.

2- يار! الله پاڪ توکي درجا ڏيندو جو مون سان مشڪل ۾ مدد ڪئي اٿئي.

3- ادا! دنيا وارن ڪٿي نه ميچيو پرواه ناهي، ڏٺي ته ضرور درجا ڏيندو.

چوڻي: دلينَ تي درجا آهن.

دَسَ پاڻيءَ جا دَسَ جيڪي پخالي ڀريندا آهن.

1- اَبا! پاڻي جا ٻه دَسَ ته ڏئي وَڃُ.

2- اجا به هڪ دَسْ وڌيڪ کپي.

3- بابا! هڪ دَسَ جا ٽي رپيا اٿو، متان ٻوءِ مون سان ڦڏو ڪيو.

دَسَ ڪڪڙن جا دَسَ (ڪڪڙن جون ٻانگون)

1- ڀراڙيءَ جا ماڻهو ڪڪڙن جي دَسَن تي رات جو ڪم ڪار ڪندا آهن ۽ اٿندا آهن.

دَسَ ڍُهل جا آواز.

خوشين جي موقعن تي مڱڻهار فقير درن تي اچي ڍُهلَ وڄائيندا آهن. اهڙي وڄت کي دَسَ به چئبو آهي.

دائِي ويمَ ڪرائيندڙ عورت.

ڀراڙي ۾ ماڻهو ويمَ ڪرائيندڙ عورت کي دائِي چوندا آهن.

1- چڱو ٿيو جو دائِي يڪدم پهچي وَئِي.

2- ابا! تون دائي کي ڪار ۾ ويهاري سندس ڳوٺ ڇڏي اچ.

چوڻي: دائي کان پيلا، کهڙو ڏُنُ ڳُجهو آهي.

دائِي ٻانهي، نوڪرياڻي، ڪم ڪرڻ واري.

1- اَدي! آئون اُهائي تنهنجي دائي آهيان.

2- بَلي! تون به هاڻي دائِي مان ٻائِي ٿي ويئي آهين.

دائي جو جمع دائيُون.

دائيون ٻانهيون، نوڪرياڻيون.

1- دائيين ٻائيين دربابن، پَر ۾ ٿي پڇياس (شاهه)

2- دائيون درمانديون ٿيون، ٻاين ٻاڏايو (شاهه)

دائيون ويم ڪرائيندڙ عورتون.

1- ڳوٺن ۾ ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري، اڄاتائين دائيون عورتن جو ويم ڪرائينديون آهن.

ڏ

ڏَڻي
'الله' پاڪ جو اسم.
1- اول الله علـيـمُ، اعـلـيٰ، عـالَمَ جو ڏڻي! (شـاهـ)
2- اول ڏڻيءَ جو نالو وٺجي، پوءِ ٻيو ڪَمُ ڪارِ ڪجي.
3- جڪـرو جوڙي پـاڻ ڏڻيءَ پـيـدا ڪَيـو. (شـاهـ)
چوڻي: ڏڻيءَ جو ڪو، ڏِڻي آهي ئي ڪونه.

ڏَڻي
وارثُ يا مالڪُ.
1- آءُ راڻـــا راحَتَ! ڏاجَ ڏرتـــيءَ جا ڏِڻي. (شـــاهـــ)
2- ڪـيـچان آيـو قـافـلـو، سـاٿ ڏِڻي سـرواڻ. (شـاهـ)
3- ساريـو سَڏُ ڪَندومِ، ڪـوهيارو ڪيـچَ ڏڻي. (شـاهـ)
چوڻي: ڏَڻُ تہ ڏَڻي، نہ تہ وِڪڻُ ڪَٽي.

ڏارِيا
غير يا اوپرا يا پَراوا.
1- ڏاريا پـانـئـج ڏار، پـجُ پِريان ڪـر پـاڻُ تـون. (شـاهـ)
2- ڏُريـاڻي ڏاريـا، مِٽَ مُٽـيءَ جا نـــ ٿـيـا. (شـاهـ)

ڏارِيا
پاليا يا سانديا.
1- هاٿي ٻَـنِي اُٺَ ڏاريا اَٿمَ، اُنهن تي ٻيو گڏر سفر ڪيان.
2- ڪڪڙين جا ٻچا مون بہ ڏاريا هُئا، پَرَ اُنهن مان فائدو ڪونہ ٿيو.
ڪَرَمَ يا ٻلايون يا اَحسانَ.
ڏِٺ ڏِري ٻَٽ پـيـيُـون، وِڄِن ڪِيـا ڏَرمَ. (شـــاهـــ)

ڏَرَمَ
هندن جو مذهبُ.
1- هندو ڏَرَمَ ۾ ڳئون جو گوشت کائڻ وڏو گُناهہ آهي.

ڏَرَمَ
2- مـون کـي ڏَرَمَ جو قـســم آهـي، تـہ ڪـاڪـا! مـون تنهنجي چوري ڪانہ ڪَئي آهي.
1- دين، ڏَرمَ ڏِي لوڙ نہ ڪائي، اِڪِ درسن يارڪون لوڙان.
(غلام فريد)

ڏ

ڏکيُون تڪليف ۾ آيل.

1- ڏکيُون جان نہ مڙن، تان تان ڀَنڻُ نہ ٿئي. (شاھہ)

2- آيو سو اَتورُ، جَھنهن ڏکيُون ڏکَ وهاريُون. (شاهہ)

چوڻي: ڏکيون سُکيون ڀَلي ٿين، پَر سُکيُون ڏکيُون نہ ٿين.

چوڻي: کَريُون ڳالهيُون، هميشه ڏکيون لڳنديون آهن.

ڏکيُون مُشڪل.

1- اَڄ ڪَلهہ نوڪريُون، ملڻ ڏاڍيُون ڏکيُون آهن.

2- زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن، ڪي گهڙيون ڏاڍيُون ڏکيُون اينديُون آهن.

3- ڪي ڳالهيون بظاهر تہ آسانُ نظر اينديون آهن، پر بباطن نهايت ڏکيُون هونديون آهن.

ڏري اندران ٽٽي پوي.

1- جَنــدِي پــايــو جانِ ۾، ڏکي ڏکَ ڏري. (شــاهــہ)

ڏري ڊجي يا خوف ڪري.

1- هَلــڻ سَٽِي هــوتَ جو، ڏِکي، بَس! ڏري. (شــاهــہ)

ڏانوڻِ ڦاسائڻ وارو نوڙ.

1- ڏانوڻِ تَنهن ڏائينس، جِئن چَري ءِ چنگهي ڀِٽُو. (شاهہ)

چوڻي: سِگهو اَڄُ، ٽنگن ۾ ڏانوڻ اَٽڻي پيا؟

ڏانوڻ شاديءَ جي رسم.

لائن لهڻ لاءِ جڏهن گهوٽ اندر ڪنوار وٽ ويندو آهي تہ ڪي مايون ڳاڙهي سَٽَ سان، ان جو رستو روڪي بيهنديون آهن. گهوٽ اُهو سٽُ جو ڏانوڻُ، ڪاتيءَ سان

ڪَپي پوءِ اندر داخل ٿيندو آهي.
1- ڪيچِين آئون نہ ڪَڙِي، ڪنهن ڏڪيءَ ڏانوڻ ڏائيو. (شاهہ)

ڏيرا ڏير، پنهون جا ڀائر.

ڏيرا هڪ ذات جو نالو.
تہ ڪو هوتُ سَچوُ نيندا، هُو! ڏيرا.
ڪَلَ نہ پيَمِ ڪا. (شاهہ)

ڏارِ دال.
مٽرن جي دال، ڇٽن جي دال، مُهري جي دال. سنڌ جي نواب شاهہ ۽ دادو ضلعي جي ٻهراڙين ۾ دالِ کي ڏارِ بہ چوندا آهن.
1- اسان تہ يار، اڄ ڏارِ رڌي آهي.
2- روزانو ڏار کائي کائي بيزار ٿي پيا آهيون.
3- اَبا! اڄ ڪلهہ ڏار بہ مهانگي ٿي وئي آهي.

ڏارِ پيچ يا قوڙڻ.
1- اَبا! تون هن ڪاٺ کي ڏار تہ مان پيو ٻُنڍُ ڪٽي اچان.
2- پئسا ناهن تہ آڏچا کيان، ڪٽي منهنجو مٿو ڏارِ.
3- هيءَ ڪاٺي پراٺي ٿي وِئي آهي، ڏاري ٻاهہ ۾ استعمال ڪيو.

ڏاڙهي سونهارِي (سونهہ+ واري)، حضور جن جي سنت.
ڏاڙهين جا قسم: چاپِهين ڏاڙهي، ڊگهي عالمانہ ۽ مولويانہ ڏاڙهي، ٻُچي ڏاڙهي.
1- ابا! مُنهن م ڏاڙهي اچي لٿي اٿئي، پوءِ بہ عقل کونہ سکئين.
2- ادا! ماشاءَ الله تنهنجي پُٽَ کي هاڻي ڏاڙهي اچڻ واري آهي.
3- يار! ان همراہ کي چاپِهين ڏاڙهي ڏاڍي ٺهي ٿي.

1- ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گُلَ جِئن. (شاهہ)
2- وارو! وَرُ وِئي وِيا، ڏاڙهيءَ ٻِنيا ڏيرَ. (شاهہ)

ڏاڙهي واعدو ڪرڻ.
ڏاڙهي ٿو ڏيان تہ پئسا واپس ڪندس.

ڏاڙهي چڱو ماڻهو، بزرگ.
ڳوٺ ۾ ڪا ڏاڙهي هجي تہ فيصلو ڪريون.

ڏاڙهي ڪاڏل يا چڪيل.
خيال ڪجانءِ ڪالهہ پوڙهي مائي اِن ڇتي ڪتي ڏاڙهي هئي.

ڏيا رعبُ يا دَهشتَ.
1- درياهہ جڏهن چڙهندو آهي ۽ موج ۾ ايندو آهي تہ سندس ڏيا اهڙي هوندي آهي جو ڪناري تي ماڻهو گهڻو وقت ويهي نہ سگهندو آهي.
2- ڪنهن وقت ۾ استادن ۾ اهڙي ڏيا هوندي هئي جو شاگرد هنن جي مُنهن تي ئي نہ چڙهندا هئا.
3- هاڻي اهو تہ استاد ڇوڪرن کي پڙهائي، جيڏو پاڻ بيٺو آهي ايڏا شاگرد، مُنهن ۾ ڏيا ئي ڪانهيس جيئن شاگردن تي رعب ٽئيس.

ڏيِا هڪ ذات جو نالو (شورا قبيلي جو هڪ پاڙو)

ڏهر بيت جو قسم.
هنن بيتن ۾ خدا پاڪ جي ساراهہ لاءِ پنهنجي محبوب جي پلاءِن سان پيريل بيت ڳايا ويندا آهن.
اهڙيءَ طرح حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليہ جا مريد بہ پنهنجي مرشد جي ثنا ۾ ڏَهَرَ بيت چوندا آهن. جيڪي درگاهہ جي خاص ڏينهن تي ڳايا ويندا آهن.

ڏهر ٻن ٻيٽن جي وچ وارو هنڌ.

تہ ٻہ ٻن پٽن جي وچ ۾ ماٿري يا سڌي زمين هوندي آهي جيڪا ميدان جي صورت ۾ نظر ايندي آهي ان کي ڏَهَرُ چوندا آهن.
شاھ سائين تَرُ گھمندي ان هنڌ کي بالڪل مناسب سمجھي خود سَرَجو نالو ئي ڏَهَرُ رکيو آهي ۽ پنهنجو ڪلام چيو اٿن.
ڪنهن وقت ۾ اُهو ڏَهَرُ ڏاڍو آباد ۽ وڻج واپار جو مرڪز هو، ليڪن هينئر اُتي رڻ پيو واڪا ڪري. ڪا شيءِ ڪانهي.
لطيف سائين بہ ان دور ۾ ويو جڏهن ڏهر ويران ٿي چڪو هو. فقط اُتي هڪ ڪَندو بيٺل هئو، جنهن تي پاڻ ان ڪندي کي مخاطب ٿي دلسوز بيت چيا اٿن.

ڏهر: هندوري وانگر ڪاٺ جي خوبصورت ويهڻ جي جاءِ.

ڏولِي: اڳئين زماني ۾ راڻيون يا پرده نشين عورتون اُنهن ڏولين ۾ چڙهي هڪ جاءِ ڪان ٻي جاءِ تي وينديون هيون. انهن ڏولين کي کڻڻ وارا سندن ملازم هوندا هئا. ڏولي اهڙي تہ چؤطرف بند هوندي هئي جو نڪو ٻاهريون ماڻهو اندرئين کي ڏسي سگھي نڪو اندريون ماڻهو ٻاهرين ڪا شئي ڏسي سگھي. فقط ڏوليءَ کي هڪ دروازو هوندو هو، جنهن مان اچڻ وڃڻ جو رستو هوندو هو. اهو نمونو ٺٽي ۾ گھڻو هوندو هو. شايد اڃان بہ ٺٽي جي شهر ۾ ڪن خاندانن ۾ اها رسم هلندي اچي. شايد ان دور جي ڏولي اهڙي تہ آرام زده ۽ سڪون بخشيندڙ هئي جو لطيف سائين بہ فرمايو:
سيڻَن جيءَ سَهَنَ، ڏونگر ڏولي مون ٿيو. (شاهہ)

ڏولي: محل، خوبصورت، عمارت.

هتي ڏوليءَ جي معنيٰ محل ٻڌائي وئي آهي، جنهن جي شاهدي لطيف سائين جي زباني موجود آهي.

ڏولــي راءِ ڏيــاچَ جي، ڏوران ڏنــائين. (شــاهـ)

ڏولي ڏکايل، ستايل.

1- اڳ ۾ تـ ويچاري ڏاڍي سکي هئي، مگر هاڻي تـ ڏکن ڏولي آهي.

2- اجا تـ همت سان پئي جيان، ڇا ٿيو جو ڏکن ڏولي آهيان.

ڏُنبَ عذابَ ايذاءَ.

1- مون کي هميشہ زماني ڏنبَ ڏنا آهن.

2- ويچاريءَ ساهرن جا ڏنبَ سَهي سَهي آخر مَري وئي.

3- ڏيئـي ڏنبَ ڏڏن، پاڻان ڏيل ڏکـوئيـو. (شـاهـ)

4- ويچ! ڏنيئين ڪهُ ٻانهن؟ سور هڻئين ڪي سامهان (شاهـ)

ڏُنبَ نشان يا داغ، باھ جو ڏنل زخم.

ٻهراڙيءَ جا ء الوند ماڻهو پنهنجي چوپائي مال تي ڪي نشان يا داغ بہ ڏيئي ڇڏيندا آهن. تہ جيئن ڪو ڀور ڍڳو گم ٿـي وڃي تہ ماڻهو ان کي سڃاڻي سگهن تہ هي مال فلاڻي ڳوٺ جو يا فلاڻي ماڻهوءَ جو آهي. البت اُهي نشان ۽ داغ ڪنهن بالڪل تَتل لوهہ سان جانور تي ڪيا ويندا آهن. اهڙن نشانن ۽ داغن کي ڏنبَ بہ چئبو آهي.

ڏُنبَ مَهڻا يا طعنا.

1- غلطي تـي آهي، مڃان ٿـو، ٻـر اِهي ڏنبَ اوهـان جا هر گهڙيءَ ڏکوئين ٿا.

ڏَنڊَ وڃائڻ جون سگهيون.

1- پَٽ ڇڏيـائـون پَٽ ۾، ڏنـڊ ڇڏيـائـون ڏس (شـاهـ)

ڏَنڊَ سزائون.

1- وقت تي زمينن جون ڍلون كونہ ڏنيون، تنهنكري ڏنڊ پيا اٿن.
2- اسان مٿي دانهون كيون كورٽ سڳوري سڀ ڏنڊ معاف كري ڇڏيا.

ڏَسُ خبر، پتو، پڇا.
1- اَبا! كو مينهُن جو ڏَسُ پتو پيو يا نہ؟
2- ڇوكرو هفتو كن ٿيو آهي اڃا سندس ڏَسُ كونهي تہ كٿي آهي.
3- منهنجو ڏَسُ يارَ سولو اٿئي، كنهن كان بہ پُڇندين تہ سيكو توكي ٻڌائيندو.
1- هُتو جَنين جو ڏَسُ ڏورانهُون، اوڏو سو اَڄ آيو، (شاهہ)
دوس پيهي در آيو. (شاهہ)
2- ڏورڻ منجهان ڏَسُ، پونديءَ هوت پنهونءَ جو. (شاهہ)
3- ليڙن جو لطيفُ چئي، ڏنگر اَٿي ڏَسُ. (شاهہ)

ڏَسُ صلاح، رستو، گس.
1- ڏيندا پانڊِي ڏَسَ، كِينءَ جون آٿي خَبرون. (شاهہ)
2- ڏوٿِي ڏيندءِ ڏَسُ، اڳيان ٻاروچن جو. (شاهہ)
3- ڏونگر ڏي كو ڏَسُ، اوهان كو ڏنو منهنجي جانبُ جتن سان. (شاهہ)

ڏَسُ علاج يا دوا درمل.
1- يار! سياٹي ويندس ڊڳي جو ڏَسُ كرائڻ، بيمار ٿي پيو آهي.
2- پيارا! بيماري جا ڏاڍا ڏَسَ كيا اٿم، پر اڃا خاص فائدو كونهي.

ڏارُ وڻ جو ٽارو.
1- اَبا! هاٿي نِمُ جو ڏارُ ڀنَهہ وڏو ٿي ويو آهي، كپي

ڇڏيوس.
2- طوفان پوڻ ڪري، هي سڀ وڻن مان ڏارَ ڪِري پيا آهن.
3- اُٺَ کي هَڪل، متان انب جو ڏارُ نہ کائي وڃي.
ڏارُ جو جمع ڏارَ.
1- چارينءَ چَندن چوٽيُون، نايو مينديءَ ڏارَ. (شاهہ)
2- وهي منجهين وَڳَ، ڪٿوريءَ ڏارَ چَوي. (شاهہ)

ڏارُ ڦاٽي پوڻ.
1- مينهن جي پوڻ ڪري، پٽ ۾ ڏارُ پئجي ويو آهي.
2- ڪو تہ سبب آهي، جو اوهان پنهي جي وچ ۾ ڏارُ پئجي ويا آهن.
3- تو هنن کي ناهيو تہ ڪونہ، ويتر منجهن ڏارُ وجهي آئين.
4- همراه کي مَٽي ۾ ڏَڪُ اهڙو لڳو آهي جو مَٽي ۾ ڏارُ ٿي پيو اٿس.

ڏارُ هيڻائي يا ڪمزوري.
1- يار! ڏي خبر نيڪ تہ آهين، اکيون ڏارَ ڏئي ويُون اٿئي.
2- دوست! اهڙو بيمار هئس جو، اکين ۾ ڏارَ پئجي ويا آهن.
3- يار! جوانِي وئي هاڻي مُنهن ۾ ڏارَ نہ پوندا تہ پيو ڇا ٿيندو.

ڏِريو خوف زده يا ڊِنَلُ.
1- ماڻهو تمام ڀَلو اٿئي، متان ان کان ڏريو آهين.
2- بَدِ امني ڪري رات جو هميشہ ماڻهو ڏريو رهي ٿو.

ڏِريو ناراض.

1- يارَ! بابا جي مُنهن تي هينئر متان چڙهين، توتي ڏريو وينو آهي.

2- يار! هُو مون تي اڳ ۾ئي ڏريو وينو آهي، وري ٿو اُن ڏانهن موڪلين.

ڏِريو ڪٺڪ جو ڏريو. ڪاٽڻ واسطي استعمال ڪبو آهي.

گهڻو ڪري بيمار ماڻهو ڏريو ڪاٽيندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي دل چوندي آهي ته، گهر ۾ به شوقيه طرح ڏريو رڌائي ڪاٽيو آهي.

ڏريو ڦاٽو.

1- حيدرآباد جو تاريخي قلعو سڄو ڏريو پيو آهي.

2- هي سڄو دَرُ ڏريو پيو آهي، اِنهيءَ کي ڇا ڪندس.

ڏرو ٻچو.

ڏاڳها ڪي مَ ڏرو، اَچا آرياڻي اڳي تيو. (شاهه)

ڏرو ڪڏ يا ڦاٽُ.

1- اول ڏرو کوٽ، پوءِ ان ۾ ٽوڙي وجهي بند ڪري ڇڏ.

2- يار! پٽ ۾ ڏرو پئجي ويو آهي، سياڻي اچجانءِ ته بند ڪَيُون.

3- جيستائين اهو ڏرو بند نه ڪندا، تيستائين پاڻي ايندو رهندو.

ڏُرُ ٻِرُ.

زمين ۾ ڪڏ، پر اُها ڪڏ جيڪا اندر پوري هوندي آهي.

گهڻو ڪري جهنگلي جانور، نانگ بلائون انهن ڏُرن ۾ پناه وٺندا آهن ۽ رهندا آهن.

نانگَ نه ويندين نڪري، تو ڏُرَ مَٿي پيرُ. (شاهه)

ڏُرُ ڪپڙي جو حصو يا ڀاڱو.

اڳئين زماني ۾ ماڻهو سلوارون (سٿڻون) ڏرن جي حساب

سان پائيندا هئا.

1- اَبا! ڪتي اهڙو حملو ڪيو، جو سٺڻ جو ڏُر ڪڍي ڇڏيائين.

2- اُستاد! بس ڇڻن ڏرن واري سلوار ڪري سبجو.

ڏُرُ — گهٽو ڪائيندڙ يا هَيچي يا پيتي.

چوٽي آهي تہ فلاڻو ماڻهو تہ ڪائڻ ۾ تہ يار ڏاڍو ڏُرُ آهي. معنيٰ گهٽو ڪائيندڙ يا پيتي آهي.

ڏَرُ — ڊڄ، خوفُ ڪر، ڊپُ ڪر.

1- ٻيلي خدا کان ڏُرُ، ايڏو ڪوڙُ نہ هڻ!

1- سُڪين تـي ءُ مرَ سَنَري، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ. (شــاهــ)

ڏَرُ — پٽ شاهہ ويجهو هڪ ماڳ جو نالو.

1- ڏلهي ڇڏيائين ڏُرُ ڪي، پاڻي پَريائين پَلَ. (شاهہ)

ڏاها — حڪيم يا طبيب يا ويجَ.

ڏاها — سدورا، سياڻا يا نيڪ يا سُلڇڻا.

1- ادي! منهنجا سب پُٽَ، ڇني وارا ءِ ڏاها آهن.

2- پُٽَ! ڏاها بارضد اصل ڪونہ ڪندا آهن.

3- ڪي ڪي ماڻهو ڏاڍا ڏاها ءِ پيارا هوندا آهن.

ڏاها — اٽڪلي.

1- اَبا! اهي ڏاها ماڻهو اٿئي، ناني بہ چون ءِ چونڊٽي بہ هٽن.

2- يار! اهي اهڙا ڏاها اٿئي جو پنهنجن پئسن هوندي بہ، ٻين جي ڪيسن ءِ پئسن تي پيٽ پاليندا اٿوَ.

3- پاڻ ڪي هروڀرو تا ڏاها سمجهو، پر آهيو بالڪل بيوقوف.

ڏاها جو واحد ڏاهو.

چوني: ڏاهو ڪانءُ، پٽنگو ڦاسي.

ڏاها سياڻا.
الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيُون ڏُک ڏسن. (شاهه)

ڏُٿا ٿلها يا متارا.

ڏُٿا ڪوڙا دلاسا يا ڪوڙا آسرا يا گٿا.

ڏُڏُ بيوس! محتاجُ يا مسڪينُ.
1- ڏُڏُ ٿي ڏانُ گهُرج تون، ڇَڏِ وِڇا وجائي، (شاهه)
2- تون سَپَڙُ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏُڏُ. (شاهه)
3- آهيان ڏُڏُ غمن گڏُ، سچا سڏ سڻج تون. (ميان سرفراز)
4- جيڪي ڏُڏَنِ ڏني، ڳُجهيانِ ئي ڳُجهَ مِ. (شاهه)

ڏُڏُ جَڏو يا بي عقل يا چَٽُ.
1- هو نئون ڪلارڪ بـ صفا ڏُڏُ آهي، ڪجهه بـ نٿو اَچيسِ.
2- آئون ننڍي هوندي، حسابن ۾ صفا ڏُڏُ هوندو هوس.
3- استادن جائِي اڪَرَ ڏُڏُ آهن، تہ شاگردن جا وِرِي ڪهڙا هوندا.

ڏِڍُ تسلي يا خاطري يا آٿَتَ يا سَهارو.
1- ڏُکُ ڏُکي کي ڏِڍُ، جن ڏِني سي ڏِکيا ٿيا. (شاهه)
2- جَنهن کي ڏِڍ نہ ڏانءَ، سا ڪِيئن ڪاٽي ڏِينهڙا!
(شيخ اياز)

ڏِڍُ چمڙيءَ جي بيماري.
ڏِڍَ جي بيماري جسم جي چمڙي تي ٿيندي آهي. جيڪا ريٿي وانگر گول نظر ايندي آهي.

ڏاگهہُ ڏِگهو.
1- هيڏو ڏاگهہ اچي ٿيو آهين، پر عقل ڪونہ سَکيو آهين.
2- همراهہ تہ ڏاگهہ پيو ڏسڻ ۾ اَچي.

3- اهو ڏاگهہ اٿئي، عقل ڪونهيس، ڇڏي ڏيس.
ڇوڻي: ڏاگهہ (ڏِگهو) ماڻهو خام خواه جو معتبر.

ڏاگهہ ڏنڀ يا ساڙو.
آءٌ اوراهُون سُپـريـن، ڏکـيءَ ڏيـجَ مَ ڏاگـهـہ. (شـاهـ)

ڏُکُ اَرمانُ يا افسوسُ.
1- هُيَسِ جي سِيـاءَ، تـہ ڪَيُمِ ڏُکُ ڏيـرن تـي. (شـاهـ)
2- مـون مـاڙِيَ جو، سومـرا! ڀَنـيـن پـارين ڏُکُ. (شـاهـ)
1- پنهنجن جو ئي ڏُکُ ٿيندو آهي، ڌارين تي ڪهڙي ميار!
2- ڏُکُ رُڳو هڪ اٿم، جو اڄ تائين مون کي نہ سمجهي سگهيو آهين.

ڏُکُ تڪليف يا صدمو يا سَختِي.
1- نمـي ڪـمـي نـهـارِ تُون، ڏَمَرُ وَڏو ڏُکُ. (شـاهـ)
2- ڏُکُ تہ ڏنو هوم ڪونہ، سُکُ تہ سڄڻن جو مُور نہ سَنبران.
(محمد فقير ڪتياڻ)

ڏِيارِي هندن جو ڏڻ.
ڏَنـي ڏِيارِي، سـامـونـديُن سـڙه سنـبـاهـيـا. (شـاهـ)

ڏِيارِي وٺي ڏني.
1- بس يار! مَس مس الله نوڪري ڏياري آهي.
2- فيصلي وارن زمين مون کي ڏياري آهي، جو منهنجو حَقُ هو.

ڍ

ڍَنڍَ چڊو ٻوڙ.

1- امان! ٻوڙ اَهڙو رڌيو اٿئي جهڙي ڍَنڍَ.

2- اُستاد! هيڏو سارو خرچ ٿيو، پر ٻوڙ جي ديڳ اهڙي رڌي اٿئي جهڙي ڍَنڍَ!

ڍنڍ پاڻي جمع ٿيڻ جو هنڌ.

جهڙوڪ: منڇر ڍنڍ يا ڪينجهر ڍنڍ.

ڍنڍ پاڻيءَ جو قدرتي تلاءُ.

اها زمين جنهن جي چوڌاري سُڪي هجي ۽ وچ ۾ پاڻي هجي، تنهن کي ڍنڍ چئجي.

1- سائر ٻوڙي سهڻي، نه ڍوري نه ڍنڍ (شاهه)

چوڻي: ڍنڍ جا پکي ڪڏهن هِن طرف ڪڏهن هُن طرف.

ڍنڍ نغارن ۽ دُهلن تي وڄت جو هڪ انداز.

نغارن ۽ دهلن تي محرم مهيني ۾ ڍنڍ وڄائبي آهي ۽ ان وڄت تي ماڻهو يا حسين يا حسين چوندا آهن (ڍڍ)

ڍَڪِي پردي ۾.

1- پرين تُنهنجي پاند، ڍولا! ڍَڪِي آهيان. (شاهه)

2- ڍولي ڍَڪِي آهيان، هُنَ اُگهاڙي. (شاهه)

چوڻي: ڍَڪِي، ٻَلِي آهي.

ڍَڪِي پره ڦُٽي يا اَسُر.

1- اول خير! سِجُ اُڀرڻ کان اڳ ڍَڪِيءَ مهل هَرَ شروع ڪنداسين.

2- اسان هارِي هميشه ڍَڪِيءَ مهل اُٿندا آهيون ۽ پنهنجو ڪم ڪار ڪندا آهيون.

ڍِڪي بند ڪئي.
ڏيءُ! تو تڪڙ ۾ کير جي ڍَڪي ڍِڪي ڪانه، تنهن ڪري کيرُ ٻلاڙي ويا.

ڍورَ پاليل جانور.
1- مُنهُن ڪو منجهارا، ٻَهَرا ڍُونڊِ مَ ڍورَ جِنءِ. (شاهه)

ڍورَ ڍورو.
ڪَرِڪي ڳالهڙيُون، ڪنڌا! ڍورَ ڏٽِين جُون. (شاهه)

ڍارَ هيٺ ڏانهن ويندڙ واٽ.
1- ڍولُ تَنين ڍارَ، هيناهيُون هلن جي، (شاهه)
2- هِن مَنُد مارُو سَرا، ڍِنگرَ ڍارَ رَهَنِ. (شاهه)

ڍارَ هلڻ جو انداز.
1- ڍورَ نَہ اڳين ڍارَ، مَهَندِ مَلاحَن تڪيو. (شاهه)
2- اَڄُ نہ اڳين ڍارَ، ڪَرهو جيئن ڪالهہ هو. (شاهه)

ڍِڳَ ڍيرَ.
ويهي وڏي ڍِڳَ مان، ڏُٺِي وِچهج ڏُورِ. (شاهه)
چوڻي: اِها جي رَوشِ اختيار ڪيئہ، تہ وينو بہ ڍِڳَ هوندين.

ڍِڳَ گهٽا.
1- اَڄُ تہ شَهرَ ۾ اَنبن جا ڍِڳ لڳا پيا هُئا.
2- ڏِيءُ! مانيُون جا ايترا ڍِڳَ جو پچايا اَٿئي.

ر

رَتْ بيزار ڪرڻ.

1- رڻاري رَتْ ڪَياسِ، هن ڪَڏ اٺوري ڪَرهي. (شاهہ)

رَتْ مِٽي مائِٽي، عَزازتَ.

1- اسين سڀ پاڻ ۾ رَتْ آهيون ڪوبہ ڌاريو ڪونهي.

2- غريبُ آهن تہ ڇا ٿيو؟ پَرَ پنهنجو رَتَ تہ آهنِ.

چوڻي: رَتْ دانگيءَ تي بہ وريو پوي.

چوڻي: اڳي تيل پِرندو هئو، هاڻي رَتْ پِيو پِري.

رَتْ خُونْ.

1- جيڪي ماڻهو ٻين لاءِ رَتُ ڏين ٿا، سي وڏا نيڪ آهن.

2- هَلو تہ هَلِي اسپتال ۾ همراه کي رَتْ ڏِئي اچون، مَنَ حياتي بچي پويسِ.

3- ڌَڪُ اهڙو لڳو اٿس، جو رَتْ بهيسِ ئي نٿو.

رَسِيوْن ٻَهتيون يا ٻُڳيُون يا رَسي وَٽُون.

1- هِتان ڪَٽي هُتِ، جن رکيو، سي رَسِيوْن. (شاهہ)

2- ٻاسي ٻَئي ٻَنگُ، رِڙهي چام رَسِيوْن. (شاهہ)

رَسِيوْن نوڙيون.

1- رَسِيوْن قابو ڪري ٻڌ جو، مَتان ڦناڻون ڪِري نہ پَونِ.

2- بابا! ديڳيُون تيارْ آهن. رَسِيوْن ڪٽي اچو، ماني ڇَني ۾ ٻُڌچايون.

رِيتِ رسمَ يا رواجُ يا پَرِ.

1- اسان جي اها رِيتِ آهي تہ، دُشمن تَڏي تي ايندو تہ بہ عزت وَٺي ويندو.

2- سنڌي ماڻهن جي ريت آهي، تہ مهمان کي ماني ضرور کارائيندا آهن.
3- هر ڪنهن قوم جي ۽ ملڪ جي پنهنجي پنهنجي رسم ۽ ريت آهي.
1- ايءَ نہ مارن رِيت، جيئن سيڻ مٽائن سونَ تي. (شاهہ)

رِيتِ نمونو يا طريقو يا ڍَنگُ.
1- جهڙي رِيت تون ڳالهائين ٿو اها ريت سُني نٿي لڳي.
2- تو واري ريتِ کي آئون چڱي طرح سڃاڻان ٿو.
3- صبحاڻي ڪنهن بہ رِيتِ توکي مون وٽ پهچڻو آهي.
4- يارَ! صلاح ڏي، بابا سائين کي ڪهڙي رِيت پرچايان.
1- مون سين ماروئڙيُون، ڪهڙي رِيتِ رُسنديُون. (شاهہ)
2- سِکو سِپِن کان، سرتيون ريتِ سِڪَڻ جي، (شاهہ)

رُلي ڏَکا ڪاٽي، ٿاٻا کائي، هلي هلي، پِني پِني.
1- ابا هينئر شهر مان رُلي پني آيو آهين.
2- هيءَ ٻکري هتي ڪنهن جي رُلي مُئي آهي.

رُلي نياڻي، رُليل.
رُلي پانيئين راند، ٻانيڻ عشق ٻروچ جو. (شاهہ)

رَنگُ روحاني ڪيفيت.
1- لڳو رَنگُ، روحلُ چوي اندر آديسين، (روحل)

رَنگُ ميلو يا ميڙو يا محفل.
1- لڳو رنگُ روحل چوي، اُتِ آديسين اَپارَ، (روحل)
2- روحلَ لڳو رَنگُ، تن لاهوتين لقاءَ جو، (روحلُ)

رَنگُ حالُ يا همت.
1- دائودي ديُون ڪَري، دَنڪِنِ ڪونهي رنگُ، (شاهہ)

رِنگُ رگت.

رهو نکو، ترسو.
1- اَڄ رات اسان وٽ رَهو، صبحاڻي ٿي وَڃجو.
2- اَڃا ٻَه ڏينهن رَهو، مَس مَس تہ آيا آهيو.
3- اسان جا مائٽ ٿي وري ٻين وٽ ٿا رهو. اِها سُٺي ڳالهہ ناهي.

رَهو ٻوڙ جو رَس.
1- اَمان! ٻوڙ ۾ رَهو گهٽ ڏجانءِ. اڄ ڏاڍي بُک لڳي آهي.
2- پيڻ! ٻوڙ جو رَهو مڙوئي گهاٽو ڪجو، جو مهمان ٿا اَچن.
3- يار! هتان تہ منهنجي بَدلي ڪراءِ. هِتي تہ ڪمُ ڪري ڪَري منهنجو رَهو نڪري ويو آهي.

رِڻُ سُڃو پَٽُ يا ويران هنڌ.
1- اَبا! هِتي تہ رِڻُ لڳو پيو آهي، پاڻيءَ جو تہ ڍُڪُ بہ نَٿو ملي.
2- هن سال برسات ڪانہ پئي، جَبَلُ ۽ ٿَرُ ڄڻ رِڻُ لڳا پيا آهن.
1- پٽين پارَ ڪَڍِن، رِڻُ گجيو راڙو ٿيو. (شاهہ)
2- ڇپَرَ جتَن پَٽون، ٿَنَ رِڻُ ڳجهن رانئيو. (شاهہ)
3- رِڻَ ۾ رَتو چاڻ، چاڪان تنهين ڇيڳرا! (شيخ اياز)

رِڻُ ظلم يا ستمُ يا بيدادُ يا ناانصافي.
1- يارَ! رات جو ننڊ ٿي نٿا ڪَيون، چورن رِڻُ ٻاري ڇڏيو آهي.
2- بَس ويچاري لاءِ رِڻُ ٿي ويو! هڪڙو پٽُ هوس، سو بہ خدا ڪسي وَرتس.

1- راڻي رِڻُ ڪَيو، جيڏيُون مُنهنجي جيءَ سين، (شاهه)

رَهُون جبل ۾ اٿندڙ لَٽ.

1- رائو، رِڃَ، رَهُون، جتي نِيهان نِڪتِي (شاهه)

رَهُون تِڪون، تَرسُون.

1- يار! وَڃڻ جا مُنهن آهن، ڏسُون ڪيترو وقت ٿا رهُون.

راهو هڪ ذات جو نالو.

راهوءَ راڄَ سان رهائيندڙ، سَردارُ يا سَخِي.

1- ڏينديُ لَکَ لطيف چئي، راڄَ راهوءَ جي رَسُ، (شاهه)

2- راهوءَ جا رهيامِ، سنيها سريرِ ۾. (شاهه)

3- راهُو تنهنجي رِيتِ، پَرڪندين پَڌرِي. (شاهه)

رِڃَ ٽانوَ آويءَ (نهائينءَ) ۾ ڪنيار جا نهيل ٽانوَ.

1- پَڪا رِڃَ ڪنيار جا، پَڪي نِيهائين. (شاهه)

رِڃَ مضبوط جارَ.

1- سَبَرَ ڏارِ سَمُندَ جا، ڪي رائُون رِڳيُون رِڃَ. (شاهه)

رُلِي آواره گرد رهي.

1- آخر مينهن رُلي رُلي، رات جو پاڻ ئي پُهچي وئي.

نوٽ: هڪڙو پهاڪو آهي تہ پِلي پِلي پاڻ آئي، سا بہ نہ پِلي.

مون وري هڪ پنهنجو پهاڪو جوڙيو آهي تہ:

چوٽي: رُلي رُلي پاڻ آئي، سا بہ نہ رُلي.

رِلي پريشان ٿي، يا تڪليف ۾ اچي.

1- يار! رُلي رُلي ٿڪو آهيان، پر ڪٿي بہ نوڪري نٿي ملي.

2- هاڻي تہ يار رُلي وياسين، ڇاپيون (ڪنجيون) تہ الائجي ڪٿي، ڪري پيون.

رِهاڻ ناز بوءِ.

رِهاڻِ — ڪچهري، محفل.

1- پــيــهي جا پــاڻَ م، ڪــيــم رُوحَ رِهــاڻِ. (شــاهــ)

2- رَتــيءَ جي رِهــاڻِ، جيءَ اُڙايَم جت ســين. (شــاهــ)

رَستو — ڏَگُ يا واٽَ.

1- يار! هاڻي پاڻ واري ڳوٺ جو رستو تمام زبون ٿي ويو آهي.

2- جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اَڄ کان تنهنجو رستو الڳ ۽ منهنجو رستو اَلڳ.

3- پيارا. آئون ته مُنجهي پيو آهيان، ڪو ته رستو تون ٻه ڏسِ.

رَستو — طريقو يا نَمونو يا ڍَنگُ.

1- جيڪڏهن تو اهو رستو اختيار ڪيو ته پوءِ تو ٻه نوڪري ڪئي!

2- صاحب سان ملڻ جو رستو توکي مان ٿو ڏسيان، تون رڳو همت ڪر.

3- اَبا! اوهان وارو رستو ڏٺيو! مون کي هاڻي ڇڏي ڏيو.

4- پيارا! اهو جي رستو وَرتُوَ، ته پوءِ ڀاڪُون ٻَريو!

رَسِ — ڪمند جو رسُ يا انب جو رَسُ يا گُلن جو رَسُ.

رِسِ — نوڙ.

رس — ناهه يا خير ٿيڻ يا ڪير ڪندِ تي وَڃڻُ.

1- هاڻي ٻئي ڌريون پاڻ م رَسُ ٿي ويون آهن.

2- اڄا يارَ! ماما ۽ بابا وارا پاڻ م رَسُ نٿا ٿين.

3- جيــڪڏهــن وِچ وارا رَس نه ڪرائيــندا، ته يــار ٻــنهي ڳوٺن کي ڏاڍو نقصان رسندو.

4- اَدي! شُڪــر آهــي جو ٻَنــهي زال مُڙس پــاڻ م رَسُ

(خوش) آهن.

رَسُ ڳائڻ.

1- يار! اڄ هُن ڳوٺ ۾ رَسُ آهي ضرور ٻڌڻ هلنداسون.

2- يار! اُستاد سريلو ڳائڻو هئو واهه جو رَسُ لڳس.

3- اَبا! شاديءَ ۾ ڪو رَسُ ٻـ ٿيندو يا رڳو ڀَتُ ڪارائي روانو ڪندين.

چوڻي: راڳ، رَسُ ۽ ڀَتُ، ثريا ته ڇُتا.

رَسُ پهچ، پهچي وڃ، حاضر ٿي.

1- جي ڀِلايون پاڻ، تن کي رَسُ رسيلا راهه ۾ (شاهه)

2- جت انڌيون اوطاقون، تت ڪاهي رسج ڪارڻي (شاهه)

3- رهيس رَسُ لطيف چئي، تنهن ڪميڻي ڪاهي. (شاهه)

رَسُ ٻوڙ جو رَسُ.

جنهن کي سنڌيءَ ۾ ٻهراڙيءَ جا ٻهڳڻا ماڻهو رَهو ۽ لاس ٻـ چوندا آهن.

راٺو وڏندڙ شخص.

1- تون تـ منهنجو راٺو پُٽ آهين، ماءُ جو ڪَمُ تون نـ ڪندين ٻيو ڪير ڪندو.

2- ادي! هي منهنجو راٺو پُٽُ اَٿو، منهنجو وَڏِ ۾ وَڏِ خيال ڪندو آهي.

3- راٺي کي ڪنهن بہ وقت هَڪل ڪبي تـ هليو ايندو ٻيهندو ٻنه نـ. جهڙو راٺو نالو اٿس تهڙوئي راڄ ۾ راٺو آهي.

راٺو راٺو، مهندر سنگهہ يا ميندرو. مومل ءَ ڪاڪ محل جو فاتحُ.

راٺو پنهنجي شجاعت، بهاديءَ، عقلمندي، هوشياري، جمال ءَ ڪمال ڪان اهڙو تـ نامور، معتبر ۽ وڏو نانءُ آهي

جو لطيف سائين جهڙي عظيم کان عظيم شاعر بہ هن لاءِ خاص انداز ۾ شعر چيو آهي، بلڪ سُرُ بہ ڏنو آهي جنهن جو نالو سُرُ راڻو رکيو اٿس ۽ پنهنجي رسالي ۾ هِن سُرَ کي خاص جدا جاءِ ڏني اٿس.

1- سوڍا تو ۾ ساهہ، نہ تہ راڻا گهڻا ئي راڄ ۾. (شاهہ)

2- راڻو رات نہ آئيو، ويلَ ٽَري ويئي. (شاهہ)

3- هڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، پيو موٽيو تان نہ مينڌرو. (شاهہ)

راڻو سُرَ جو نالو.

هي راڳ بہ شاهہ سائين جو ايجاد ٿيل آهي. جيڪو اَسُرَ جي مهل ڳايو ويندو آهي.

معلوم هجي تہ هي راڳ سنڌ ۾ ڪچ وارن علائقن کان سواءِ مشرقي موسيقيءَ ۾ ڪٿي بہ ڳايو نہ ويندو آهي ۽ نڪو اُتي اهو سُرُ آلاپيو ويندو آهي. سنڌ ۾ خانصاحب استاد منظور علي خان راڻو ڳائي ويو. ان جهڙو راڻو اڄ تائين نہ ڪنهن ڳايو آهي نہ وري ڳايو ويندو.

البت محمد يوسف ۽ محمد جمن بہ راڻو واهہ جو ڳايو آهي.

افسوس جو اِهي ٽئي سنڌ جا سهڻا ڳائڻا اڄ اسان وٽ موجود ڪونهن.

1- اُستاد! اڄ تہ راڻو ٻڌاءِ، ڪافي ڏينهن گذري ويا آهن.

2- دوستو! هاڻي آخر ۾ اوهان کي راڻو ٿو ٻُڌايان.

3- راڻو ٿو ڳائين يا ڪڳُون ٿو هڻين، ائين راڻو ٿورِئي ڳائبو آهي، جيئن تون ٿو ڳائين.

رازُ شفقت يا عارُ.

1- صاحب! جو وڏي پِٽ تي وڏو رازُ آهي.

2- الله جي مهرباني آهي، جو سچائي ڪري ڳوٺ وارن

جو مڙوئي مَتَمِ راز آهي.

3- اڳي صاحب جو مون تي پورو ڀَروسو ۽ راز هئو، ليڪن هاڻي اڻين ناهي.

رازُ ڳجهه.

1- تون تہ يار! منهنجي اندر جو رازَ آهين.

2- اهو رازُ رازَ ۾ئي رهڻ ڏجان، متان پين نسان سلين.

3- ڏاڍي غلطي ڪيم، جو هُنن کي پنهنجو سمجهي مون پنهنجي دل جو راز سندن اڳيان رکيو.

راز حقيقت کولي پڌري ڪرڻ.

1- رَبابيءَ جو رازُ، خالص ذبيح خليل جو. (شاهہ)

2- رازُ ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچارِيءَ مَحَلَ. (شاهہ)

رازُ مرضي يا اختيارُ

1- اهو تنهنجو پنهنجو رازُ آهي، نوڪري ڪرين يا نہ ڪرين.

2- بابا! تون منهنجو وڏو پُٽ آهين، مون کي تنهنجو ئي راز رکڻو آهي.

3- اهو تنهنجو راز آهي تہ روزا رکين يا نہ رکين، آئون زور ڪونہ ٿو ڪيانءِ.

4- تون ڪڏهن بہ مون کي سمجهي نہ سگهندين، آئون پنهنجي رازَ جو راڻو آهيان.

زَنگُ ڪَٽُ.

پراڻن هٿيارن تي صفائي نہ ڪرڻ ڪري مٿن زنگُ (ڪَٽُ) چڙهي ويندي آهي. هوبهو ڪالوه يا رُڪ جي شئي هوندي آهي. ان کي صاف نہ ڪبو تہ مٿس ڪَٽ چڙهي ويندي.

1- لوهي دروازا آهن، زنگ چڙهي ويو اٿن، رنگ

لڳائي، پوءِ لڳايو.
2- بندوق تي زنگ چڙهي ويو آهي، صاف ڪري رکو.

زَنگُ دُشمني، مخالفت، وير.
1- اسان تہ توهان کي سڀ ڪجهہ معاف ڪيو، پر اوهان اڃان زنگ رکندا اَچو.
2- اوهان سان تہ اسان جو زنگُ آهي ئي ڪونہ، توهان تہ اسان جا مُحسنَ آهيو.
3- دل ۾ زنگُ رکڻ شڪست آهي ۽ دل صاف ڪرڻ فتح آهي.

زَبَرُونَ ڏَڪَ.
هَٺي حاڪِمِنَ کي، زور پيريُون زَبَرون. (شاهہ)

زَبَرُونَ اعرابُون.
ڪنهن اکر جي مٿان زَبرَ ڏبي آهي تہ ان کي اَعرابَ چئبو آهي.
زيرُون، پيش، زَبَرُن اهي سڀ ٻولي جون اعرابون آهن.

س

سَنگُ صُحبتَ.

1- جيڪا ڪندي سَنگُ، مون جنَن ٻاروچَن سين. (شاهه)

2- سامِينَ سگَ ڪُلهن تي، سَنگُ مڙوئي سُورَ. (شاهه)

چوڻي: سَنگَ تاري، سُنگُ ٻوڙي.

سَنگُ مِنو قلَ يا سُنو نَتيجو.

1- وينيَنِ ناه وراڪو، سُتيَنِ ڪونهي سَنگُ. (شاهه)

سَنگُ جوئَر جو سَنگَ يا ٻاجهري جو سَنگُ يا مڪائي جو سَنگ يا ڪڻڪ جو سنگُ.

سُنگَ سونَ جون ڏِبليُون.

1- جي اُڏمنو اَچُ، تہ وَسندو سُون سُنگَ. (شاهه)

سُنگَ گڏجي ڳائڻ يا ٽولن ۾ ڳائڻ.

صوفي بزرگن جي درگاهُنِ جا فقير، سُنگَ (گڏجي) ۾ ڳائيندا آهن. معنيٰ ٽولن ۾ پاڻ ۾ گهڻا تي گڏ ڳائيندا آهن.

سَرِي حاصل ٿِي، دستياب ٿي.

1- سُورَ جنين کي سريو، سَرِي تَنِ صحتَ. (شاهه)

سَرِي گُدرِي، پَلي.

1- اسان تان نہ سَري، تو ڪيئن سَري سپرين؟ (شاهه)

2- سَري نہ منهنجي سِير سواءِ، ساموندِيءَ سان منهنجو سنگُ! (شيخ اياز)

سَرِي ساري بدن جا زيور مليا.

سِري ٿاٽي ٻولا خان جو هڪ مشهور ڳوٺ.

1- تَنِ سَجِي ساهِ سَري، جنِ ماريو نَفسُ ماٺ سين. (شاهه)

سَري تَڳي يا هَلي چَلي.
1- وَنـهـيَنِ ويـڙيـچَن جي، سِنـائِنِ سَري، (شـاهـ)
2- سـوڍي رِءِ، سرتـيـون! هَڏ نـہ سـاهـ سَري. (شـاهـ)

سَري شراب.
1- سَري کين کيونِ، ويـڻ موکيءَ جي مـارَيا! (شـاهـ)
2- مَ کِرَ سَڏ سَري جِي، جي تون تـارئين توهُ. (شـاهـ)

سَري محبت ۽ سڪ جي چشمي مان.
جن تـي پيءَ پـيـاريـو، مـنـجـهـان سِڪ سَري (شـاهـ)

سَلو پوٽو.
هاري جڏهن زمـين ۾ ٻجُ ڇَٽي ڇڏينـدا آهـن، تـہ تـورن ڏينهن کان پوءِ ٻجَ مان سَلا اُپرڻ شروع کندا آهن.
چوڻي: سَلو اُهو پِلو، جو اَنگوران پِلو.

سَلو معاوضو.
1- هيتري توسان مدد کئي اٿم، پوءِ بہ وڙهين وري مون سان پيو. واه جو سَلو ڏنو اٿئي.
2- محنت جو سَلو، ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ملڻو آهي.
3- قدرت هر نيڪيءَ ۽ بَديَ جو سَلو ڏئي ٿي.

ساري ياد ڪري، ساريس.
1- مـوملَ ويـٺي مـيـنـڌرو، سـدائـين سـاري، (شـاهـ)
2- اڄ ڪِ ڪـالـهـ مَري، ساري سانـپـيـڙنَ ڪـي. (شـاهـ)

ساري سموري، سڄي، سموريون، سَڄيون.
1- سوڍي سِين سـاري، ڳالهيون ڪَنديَس ڳُجهہَ جون. (شاهـ)

سوڍو راڻو. راڻـو اصل ۾ ذات جو سـوڍو هو. مـومل واري راڻـي جو پيو نالو سوڍو هو.
1- سوڍا تـو ۾ ساهـ، نـہ تـہ راڻا گـهـٽـائـي راڄَ ۾. (شـاهـ)
2- سـوڍي رِءِ، سـرتـيُون! هَڏ نـہ سـاهَ سَري، (شـاهـ)

3- روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَيَنِ سُونهَن. (شاهه)

سوڍو — سياڻو يا دلير.

1- اڊي! منهنجو هيءُ پٽُ سوڍو اٿئي، مون کي ڪنهن به قسم جو جواب اصل نه ڏيندو آهي.

2- اَبا! تون ته منهنجو سوڍو پُٽُ آهين، گهرَ جو ڪم ڪار تون نه ڪندين ته ٻيو ڪير ڪندو.

چوڻي: سوڍا پُٽَ ڪُسندا آهن، پر جُهڪندا ناهن.

سَگها — تندرستُ يا صحتمند يا نوبَنا.

1- جي پَندي پاريائون، ته سِگهائي سگها ٿيا. (شاهه)

2- سَگها ساعَتَ نه هيڪڙي، چارئي پَهَرَ چُورِ. (شاهه)

سَگها — طاقت وارا يا زور وارا.

1- اسان فقير ماڻهو، توهان سَگها ماڻهو، پاڻ ڪٿهِن به گڏهلي نٿا سگهُون.

2- دنيا ۾ ڪي ڪي ماڻهو بظاهر طاقت وارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پرَ باطن ڏاڍا بزدل هوندا آهن.

سَنُ — سال، وَرهيه.

1- افسوس! جو تو کي پنهنجي ڄمڻ جو به سَنُ ياد ڪونهي.

2- مون کي اهو سَنُ به ياد آهي، جنهن سال سنڌ ۾ ڇيتي ءِ ڪاري ٻوڏ اچي.

سَنُ — هڪ جيڏو يا هَمُ عُمرِ.

1- احمد ءِ آئون پاڻ ۾ سَنُ آهيون.

2- بابا ءِ ماما به ذري گهٽ اچي پاڻ ۾ سَنُ ٿيندا.

سِنُ — هڪ شهر جو نالو. ضلعي ڄامشوري ۾ آهي.

سٽيا — سٽيَ وارا.

1- اَمان! اڄ اُقرانا ڏاڍا سٽيا پچايا اٿئي.

2- وارن ۾ اجايو گهڻو تيل وڌو اٿئي، تڏهن سٽيا ٿيا آٿئي.
3- تيلُ تو گهڻو استعمال ڪرين، تڏهن ٿا ڪپڙا بہ سٽيا ٿيننئي.
1- پانهوتا پانهنِ ۾، سينڌ سَٽيا وار. (شاهہ)
2- اَٽيا سَٽِيا نہ ڪري، سُونهَن وِڃانسِ سُورَ. (شاهہ)

سَٽيا دولت مند يا ملڪيت وارا.
1- تون سَٽيو، تہ تنهنجا دوست بہ سٽيا، اسان فقير تہ اسانجا دوست بہ فقيرَ.
2- اهي سَٽيا ماڻهو توکي سٽيا ٽُڪَرَ ڪارائي، جيڪو حال اٿئي سو بہ ڪَڍي ڇڏيندوءِ.

سَماءُ خبرچار يا حال احوال.
1- پُٽ! تون ٽي ڏينهن پنيءَ تي رَه، تہ مان ڳوٺان سڏ سماءُ ڪري اچان.
2- ادا! ڏي خبر ڪراچي جو سماءُ ڪيئن هو.

سماءُ نَظرداري ڪرڻ.
1- تون مينهُن جو سماءُ ڪر، تہ آئون تنهنجي گهران ماني ڪَڻي اَچان.
2- يار! دڪان تي پيو سماءُ ڪجان، آئون جيستائين گهران ٿي اَچان.
3- بابا! تون هن سامان جو ويهي سماءُ ڪر، تہ آئون ٽڪيٽون وٺي اچان ٿو.

سُلوڪُ رَويو.
1- اوهان جو سلوڪُ اسان سان اڳتين جهڙو بالڪل ڪونهي.
2- جهڙو ماڻهن سان اوهان سلوڪُ ڪندا، اهڙوئي

سلوڪ ماڻهو اوهان سان ڪندا.

3- منهنجو اڪثر ڪري هر دوست سان سلوڪُ ساڳيو هوندو آهي.

سُلوڪُ شعر ۾ چيل خيال.

سامي جا سلوڪ سنڌي ادب ۾ وڏو مَقام رکن ٿا. سنڌ ۾ شاهه، سچل ۽ سامي وڏا عظيم شاعر آهن.

سامي جا ڪي چند سلوڪ عرض رکجن ٿا.

1- محبت جي ميدان ۾، پئڙا جي پيغام،
سي جاڳڻ ڪان آڪرا، نيڻين ننڊ حرام،
اَنگ نہ اوڍِن ڪپڙا، طلب نہ رکن طعام،
جهڙا منجهہ ماتام، تهڙا عاشق عيدَ ۾. (سامي)

2- چَريا! چَڏِ چَوڻ، دَمُ ماري ويهہ دَمَ ۾،
سمجهي ڪر سامِي چوي، تنهن ساڪيءَ جو سُمِرَڻُ،
ڪِڍي وَٺ ڪُپت ريءَ، محبت ساڻُ مڪڻ،
پونڪڻُ بَهَڻُ، اَٿئي ڪَمُ ڪُتَنِ جو.

سَگهو صحتمند يا تندرست يا نوبَنو.

1- هاڻي مڙوئي الله جي مهرباني سان سگهو ٿيندو پيو وڃان.

2- ويچاري کي بيماري کائي وَئي آهي، سگهو ٿيڻ مشڪل اٿس.

سَگهو جو جمع سَگها، سَگهَنِ.

1- اگهائي سَگها ٿيا ويني وَٽ وِيجَنِ، (شاهه)
2- جي پَنِدِ پاريائون، تہ سگهائي سَگها ٿيا. (شاهه)
3- سَگهَنِ سُڌَ نہ سُورَ جي، گهايَلَ ڪيئن گهارين (شاهه)
4- سَگها ساعَتَ نہ هيڪڙي، چارئي پَهَرَ چُورِ. (شاهه)

سَگهو طاقت وارو يا همت وارو يا ٻاڏو ماڻهو يا مُڙس ماڻهو.

1- بابا! تون اسان کان سَگھو، پر رڳو جان ڇڏ.
2- آئون يار، توسان مَلھ ڪونہ وڙھندس، تون مون کان سَگھو آھين.
3- ڄامُ ڪائيُوخان واقع ٿي سنڌ جو سَگھو ماڻھو ھو.

سَڳا: ھڪ پيءُ ۽ ماءُ جو اولاد.
1- اصغر ۽ مظھر ٻئي سڳا ڀائر آھن.
2- ارم ۽ غزالا ٻئي سڳيون ڀيڻون آھن.
3- اڄ ڪلھ سڳا ڀائر بہ پاڻ ۾ گڏ نٿا رھي سگھن.

سَڳا: ڌاڳا.
سُٽ جا ڌاڳا، پَٽَ ۽ ريشم جا ڌاڳا.
1- بَس پيارا! ھي سڳا بہ ڪنھن درويش جا پاتل آھن.
2- ڌي خبر وجي ٿو ڳرندو، ڪنھن سڳا تہ ڪونہ پڙھيا اٿئي.
چوڻي: گھر ۾ ليسِ سڳو بہ ڪونہ، ھي ٿو مڙسُ شادِي ڪري.

سَکَرُ: سُنو يا وڏندڙ يا بھترِ.

سَکَر: سنڌ جو ھڪ مشھور شھر ۽ ضلعو.
1- علـيءَ جو مـيدانُ، سَکَرُ سـناسِين کـي. (شاھہ)
2- اُجاڙان ينـيـورُ، سَرتيُون! سَکَرُ ڀانـئيـان، (شاھہ)

سَکَرَ: سُنا، بھتر.
1- وري خدا ڄاڻي ھھڙا سَکَرَ ڏينھن اچن يا نہ اچن.
2- پرديس ۾ نوڪري وارا سال تمام سَکَرَ نمونـي گُذريا.
3- يار! اسان جا ڪڪاوان گھرَ، انھن ماڙين ۽ پڪين جاين کان ھزار دفعا سَکَرَ آھن.
1- سَکَرَ ڀانـئيان سومرا! ڪَتِي ڪـان ڪُھنبن، (شاھہ)

2- سَکَرَ سيئي ڏينهن، جي مُون گهاريا ٻَند ۾. (شاهه)

سَکَرَ سکيا ستابا يا خوشحال يا مڃيءَ مانيءَ وارا.

1- اهي ماڻهو اصل کان وني سَکَرَ آهن.

2- ماڻهو اهي سَکَرَ تا ڏسجن، پر دل جا الائجي ڪيئن آهن.

سُکِيو سولو.

1- ادا! آئون هن سيٺ وٽ ڏاڍو سکيو آهيان.

2- يار! ڳوٺ کان پرديس ۾ وڌيڪ سکيو آهيان.

3- بس يار! ويچارو گهر جو سکيو ڪونهي، تڏهن پيو در در جا ڌڪا کائي.

سُکِيو خوشحال يا پئسي وارو يا دولتمند.

1- محمد علي جو خاندان اڳ ۾ ئي سکيو هو.

2- بابا! الله ڪندو ته اڃا وڌيڪ سکيو ٿيندين.

3- ادا! سُکيو هوندو ته پاڻ لاءِ هوندو، اسان کي ڪٽي ڪونه ڏيندو.

چوڻي: ڏکيو سُکِيو پَلِ ٿئي، شل سُکيو ڏکيو نه ٿئي.

چوڻي: سُکئي کو سَهي ڪونه، ٻُکئي کي کو ڏئي ڪونه.

سِکو رعب، دبدبو.

1- اسلام جو پوري دنيا تي سِکو ڇانيلُ آهي.

2- انگريزن جو پوري هندستان تي پنهنجو سِکو ڄَميلُ هو.

3- ابا! هتي تو کان وڌيڪ اُستاد ويٺا آهن، تون ڇا سِکو ڄَمائيندين.

4- اهو سِکو تون انهن تي ڄَماءِ، جيڪي تو کي نه سڃاڻيندا هُجَنِ.

سَرندي مالي پهچ.
1- هي ماڻهو اصل کان وڏي سَرندي وارا آهن.
2- رب سائين شل توکي به سرندي وارو ڪري.

سَرندي گذرندي، گذري ويندي.
1- توکي خبر آهي ته منهنجي توڪان سواءِ ڪيئن سَرندي.
2- اهو تون پَليل آهين ته توکان سواءِ منهنجي ڪانه سَرندي.
3- تون ڪيڏي به ڪٺي پڪائي ڪرين آئون ڪيڏو به ڪٺي پاڻ کي روڪيان، پر سرندي وري به هڪ ٻئي کان ڪين.
1- وڻجارا! ويني، تو نه سَرَندي ساهه رِي، (شاهه)

سِڪو حڪومت جا ٺهيل نوٽ يا چاندي، سون جا روپيا.
هرملڪ جا پنهنجا سڪا يا سِڪو هوندو آهي. جنهن سان هو دنيا سان ڪار وهنوار ۽ ڏيتي ليتي ڪندا آهن.

سِڪو واجهائيو.
1- پنهنجي مينهن وڪڻي، هاڻي پيا کير لاءِ سِڪو.
2- هوندي سوندي به پيا هر شئي لاءِ سِڪو، اهڙي دولت تي لعنت هجي.

سرائي چڱا مڙس.

سِرائي لوهه جي هڪ مضبوط ٿلهي شيءِ. جنهن کي ڏري به چوندا آهن.
اها لوهه جي سِرائي بيل گاڏين، ٽانگن وغيره ۾ لڳل هوندي آهي. سڄو وزن ۽ بارُ ان سِرائي (ڏري) تي هوندو آهي.

سِرائي سرمي پائڻ جي سِرائي.

سِرُ — مٿو، سِسِي.

1- وَڃي دَرِ دوسنِ جي، سوري سِرُ هُجي، (شاهه)

2- سوڍي سِرُ نئو، هت ڪرنگهو سڪٿو، (شاهه)

3- سِرُ مَڱي، سِرُ گهُري، سِرَ رِءَ ٿئي نه صلاحَ، (شاهه)

سِرِ — مٿيرو.

1- باروچا ٻِئا گهڻا، منهنجو پُنهُون سِرُ سَيِنِ، (شاهه)

سِرِ — سرڪ.

1- پيارا! توروا اڳتي سِرِ، مون کي به ويهڻ جي جاءِ ڏي.

سَرُ — تير.

1- سَرُ جو سَڄِئو سڄڻين، پَرُ پيڏي ڏيئي، (شاهه)

2- سَرُ جو سَڄِئو سَڄڻين، ٻَنگا ٻاڻَ ٻِري، (شاهه)

سَرُ — تلاءُ.

1- تَڙ تَڙ ڪيمَ تَرَسُ، سَرُ نهارج سَيِرو، (شاهه)

2- سو پَکي سو پيجرو، سو سَرُ سوئِي هَنجُ، (شاهه)

3- جِتي رَهَنِ سَنجهه، سو سَرُ ڪَنِ سرُهو، (شاهه)

سَرُ — ڳجهه، اسرار.

شريعت جو سَر لهي، تن تهائين تار (شاهه)

سَرُ — رهڻ جو هنڌ، وسندي جاءِ، ڍوري.

وڳر اُڪيري، سَرُ ساريو سُور چري (شاهه)

سَرَ — سارَ، سنيارَ.

1- اچي پُڇنڌءِ سُپرين، لَهَنڌءِ سَرَ سَيَنُ، (شاهه)

سَرَ — گاهه جو قسم. جيڪو اڪثر جهنگن، واهن ۽ شاخن تي چمندو، ڦٽندو ۽ وڌندو آهي.

سَرَ جڏهن نسرندا آهن، تڏهن سندن قدرتي سَنگ ڏاڍا سهڻا ۽ خوبصورت لڳندا آهن.

1- سَرَ نِسريا پاندَ، اُتَرَ لَڳا، آءُ پرين! (شاهه)

سَرَ تلاءُ، ڍورا.

سيئي پريا سَرَ، پلر جي پالوٽ سين. (شاهه)

سِرَ ڪچي سِرَيا پڪي سِرَ.

رازا ڪچين توڙي پَڪين سِرنِ جون جايون ٺاهيندا آهن.

ڪاٻه جاءِ سِرن ڪان سواءِ نه ٺهندي آهي.

ڪنهن زماني ۾ وڏي ۾ وڏي ۽ خوبصورت عمارت ٻه ڪچين سِرَن مان ٺاهي ويندي هئي. چاڪاڻ ته ان وقت جي مٽي چيڪي ۽ ٻنا ڪلر جي هوندي هُئي ٻيو ته ڪَچين سِرَن جي جڳهه ٿَڌي ٿيندي آهي.

سَرَ تَرَ، وسنديون.

1- سَرَ اُهي ئي اڳيان، پڪي ٻيا ٻيا (شاهه)

2- جنگن چڏيو زور، سَرَ سُڪا سَونگهي گيا (شاهه)

سِرَ مٿا، ڳچيون، ڪنڌ.

1- اَبا اجا چوڪرن کي پرواهه ڪانهي، سِرَ تي ايندن ته پاڻهي خبر پوندن.

2- جڏهن ٻه سِرَ تي آئي مڙس ٿي منهن ڏنو.

3- غيرت مند ننگن تان سِرَ نثار ڪندا آهن.

1- سِرَ جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾ (شاهه)

2- سِرَ ڏني سَت جُڙي ته عاشق ائين اچن (شاهه)

3- اڳيان اڏن وٽ، پوين سِرَ نباهيا (شاهه)

سَتُ لَڄَ يا آبرُو يا عزت يا مانُ.

1- الله ڪري سَتُ رهجي اَچي.

2- اجايو گهڻو ڳالهائي. پنهنجو سَتُ وڃايءِ.

3- سائين! اوهان ئي منهنجو سَتُ رکيو، نه ته منهنجو حالُ الائي ڪهڙو ٿئي ها!

سَتُ جو جمع سَتَ.

1- سَتي تنهنجي سَتَ ۾، ڳالهہ گهرجي ڳجهہ. (شاهہ)
2- ٿوري قوت قراريا، رَهَنِ سَبر سَت. (شاهہ)
3- چورِي! چِڏِمَ سَتَ، همت هوت وڃائيو. (شاهہ)

سَتُ طاقت يا زور.
1- جڏهن تو ۾ سَت ڪونهي، تہ پوءِ مَلهہَ چوٽو وڙهين.
2- جواني وارو رَتُ ۽ سَتُ وري موٽي ڪونہ ايندو.
3- هاڻو يار! اسان جي ٻہ ڪا جوتِ هئي، ڪنهن تي اڪ ٻہ ڪانہ ٻڌندي هئي.

سَتُ طاقت يا زور.
1- صَبر وڏو سَتُ، سِگهاميڙي سپرين. (شاهہ)

سَتُ همت.
1- جيڪڏهن تو ۾ سَتُ آهي تہ پوءِ پَلي ٻي شادي ڪرِ.
2- اهو مُنهنجو پنهنجو سَتُ آهي، جو هر مشڪل کي مُنهن ڏيندو پيو اچان.
1- چورِي! چِڏِمَ سَتَ، همت هُوتُ وڃائيو. (شاهہ)

سَٽُ سنگت جو ٽولو.
1- هي سارو سَٽُ، پنهنجن دوستن جو آهي.
2- هميشہ ماڻهو پنهنجي سَٽَ ۽ ساٿَ سان سُهندو آهي.
سَٽُ جو جمع سَٽَ
سِڪن ٿيون سهاڳڻيون، سوڍا تُنهنجي سَٽَ. (شاهہ)
چوڻي: ٻڪريءَ کي ٻگهڙ تڏهن کائيندو آهي، جڏهن هوءَ سَٽَ کان ٻاهر هوندي آهي.

سَٽُ ڍِڳُ يا ڍير.
1- هيءَ ڪڻڪ هڪڙي هنڌ سَٽُ ڪري رکو.
2- بصرن جو جدا سَٽُ ۽ پٽاٽن جو الڳ سَٽُ ناهي پوءِ ماني ڪاٿي وڃو.

سعيو چاٽي واٽي يا ازخود يا هَرويرو يا هاسيڪار.

1- هِنن ماڻهن چاٽي واٽي پيٽ پَرائي ڪري هُنن مسڪينن تي ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي.

2- آئون پنهنجي دوست جي شادي تي چاٽي واٽي ڪري ڪونه ويس.

3- ڪي ڪي ماڻهو پاڻ کي چاٽي واٽي معتبر سمجهندا آهن.

سعيو تاڪيدُ.

1- يار! مون واري ڪم جو تو کي بلڪل سايو هُجي.

2- سايو ڪري مون واري پُٽَ کي چئج ته جلد ڳوٺ اچي جو سندس شاديءَ متعلق صلاح ڪرڻي آهي.

سايو هَٿُ يا ٻاجهه يا مهرباني.

1- الله پاڪ جو هر انسان جي مٿان سندس رحم ۽ ڪرم جو سايو آهي.

2- ٻوڏ ڪري سڀ دربدر آهن، اُنَ تي وينا آهن ڪوبه مٿن سايو ڪونهي جنهن جي هينان سِر لڪائي ويهن.

3- انشاءَ الله هڪ ٻئي سان سات ۽ سايو رهندو ايندو.

4- وڏيري جو مٿس سايو آهي، تڏهن ٿو پُستيون هٽي.

سايو پاڇولو.

سايو چاٽي واٽي، هرويرو.

1- هنن ماڻهن چاٽي واٽي، پيٽ پرائي ڪري هنن مسڪينن تي ڪوڙو ڪيس ڪرايو آهي.

2- آئون پنهنجي دوست جي شاديءَ تي سايو ڪري ڪونه ويس.

سانداڻ جنهن تي ٽنل لوهه رکي ٽپيو آهي.

1- سِرَ ساندانڻ ڪري، پُچج گهر لهارَ جو! (شاهه)

2- سَهسين جِتن ساندائُ، ڏَکن مَٿي ڏکڙا! (شاهہ)

ساندائُ آچارُ يا ساناڻو.

انبڙين جو سانداڻ، ليمي جو ساندائ، گجرن ۽ ليمن جو ساندائ.

1- اَبا! مانـي سان گڏ مـهمانـن لاءِ سـانداڻ بـہ کـنـيـو وڃجانءِ.

2- مون کي گجرن جو ساندائ ڏاڍو وڻندو آهي.

3- شڪارپور جو ساندائ پوري سِنڌُ ۾ مشهور آهي.

سائِي اُهائي يا ساڳِي.

1- جيڪا تو ڳالهہ ڪئي، سائِي هُن مسڪين مون سان ڪئي.

2- جيڪا مون کي خبر آهي، سائِي صاحبَ اڳيان پيش ڪندس.

3- جيڪا اوهان منهنجي لاءِ ڳالهہ ڪئي آهي، سائِي مون لاءِ ڪافي آهي.

1- سِڄ سـيـائي جا ڪَري، سـامِيءَ سـائِي روءِ. (شـاهہ)

2- سائِي پِر پاري، جا گهرِ سَمي جي سَپجي. (شـاهہ)

3- سـارنـگ سائِي سِٽَ، جهڙي لالِي لاکَ جِي. (شـاهہ)

سائِي سرسبز.

1- هائي ماشاءَ الله ٻائي اڃڻ ڪري ٻَني سائِي ٿيندي پَئي وڃي.

سائِي خوش.

1- اما! الله ڪندو تہ سدائين، سائِي ستابي هوندينءَ.

سائِي بيماريءَ جو قسم.

هـن بـيـماريءَ کي سـائي چوندا آهن، جنهن ۾ اکيون سايون ٿي پونديون آهن. جاٺو ماڻهن جو چوڻ آهي تہ

ماڻهو جي پتي ۾ جڏهن ڪا خرابي ٿيندي آهي تڏهن هيءَ بيماري انسان کي ٿيندي آهي.

سائِي پَنگَ.

ڪن ڪن هنڌن تي پنگَ کي سائِي بہ چوندا آهن.

1- يار! اڄ تہ اسان جي هٿن جو سائِيءَ ڏُکُ پيو وڃي.

2- اَبا! ايڏانهن وڃين پيو ڪو اسان لاءِ سائِي جو ٻُوٽو ڪنيو اچجانءِ.

سُتيُون ننڊ ۾ پيون.

1- جڏهن سُتيون جي، پَٽَرَ پير ڊِگها ڪري. (شاهہ)

2- ڪَٽي ڪانَ پَساهَ، سرتيون وڃي سُتيُون. (شاهہ)

3- تهان پوءِ قرار، سُتيُون ڪين سيد چئي. (شاهہ)

4- سنجن واريُون سُتيُون، وڃي پڙه وَرَن. (شاهہ)

سُتيُون سِپون.

1- چِلَر جي چوئين، تن سانڪوتا ءِ سُتيُون. (شاهہ)

سُتيون دوائون.

اَڳئين وقت ۾ مائرون پنهنجن ننڍڙن معصوم ٻارڙن کي سُتيون پياريندي هيون، جيئن ٻار وَڏي، ويجهي ءَ مضبوط ٿئي.

سَتيُون پاڪ دامن.

1- طعنا مهڻا چوتيون ڏيو، کهڙيون اوهان ۾ ستيُون سُتيون،

وَس تہ پنهنجي ۾ ناهيان اديون! (شاهہ)

2- هوءِ جي حَقَ پَچنِ، سي ڪِيئن سَتيُون سومرا!

سُتِي ننڊ ۾ پيئي.

1- ساد ڏنائين سامَ، سُتِي سگرَ پَٽين. (شاهہ)

2- آچي عزرائيل، سُتِي جاڳائي سَسُئي. (شاهہ)

3- آئون سُتِي هو هليا، وِئڙا ڪَرَهلَ ڪاهي. (شاهہ)

متان ڪاڀي لَنءِ لائي!
4- سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبة الله ۾. (روحل)

سُتي دوا- ٻارڙن کي پيارڻ جي دوا (سُتي)

سارِين ڳڻين، ڏسن، سنڀالين.
1- بابا! ياءَ ڪي چؤ تہ سيٺي ڳڏجي سمورو سامان سارِين.
2- ڪجھ سامان گاڏيءَ ۾ رهجي ويو، گاڏي ڇُٽي بہ وَئي، هاڻي ٿا تيڙ سارِين.
3- سيٺِ ڪي چؤ تہ روبرو اچي ان جون ڳوٺيون سارِين، ڪٿي ويون تہ پوءِ اسان ڀڃل ناهيون.

سارِين ياد ڪَن.
1- سي ساهيڙيون سارِين توءِ سيلُ جَنين جو سَڄُ. (شاھ)
2- سارنگَ کي سارِين، ماڙهو، مِرگھ، مينهيون. (شاھ)
3- سَجَڻُ سي سارِين، تن رويو وِهامي راتڙي. (شاھ)

سامَ قبر جي سامَ.
جنهن ۾ مَيت کي دفن ڪيو ويندو آهي.

سامَ پناه.
ابڙن سومرين کي سام ڏني.

سامهُون اڳيان يا روبَرُو يا مَهَندان.
1- بهتر آهي تہ آمهون سامهون ڳالهيون ٿين تہ فيصلو ٿي ويندو.
2- جيڪا بہ ڳالھ هجي سا صاحبَ جي سامهون وجي ڪر.
1- سي ڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هَنڌ خالي ناه. (شاھ)
2- جهيڙو يزيدَ سامهون، جنبي جوڙيائون. (شاھ)
3- موڪي مليرَ سامهون، وَني ٻانهن وجانِس. (شاھ)
چوڻي: سامهُون آئي کي، شينهُن بہ نہ کائي.

چوڻي: گلا سامهون ڪجي، نيڪي پَرپُٺِ ڪجي.

سامهُون وڙهيو يا منهن ڏئي بيهي رهيو.

1- آئون ڪانئس چار ڏينهن وڏو هُيس، پوءِ بہ منهنجي سامهون ٿيو.

2- تو واري وڏيري کي چئو تہ اليڪشن ۾ منهنجي سامهون نہ بيهي.

3- همراهہ منهنجي سامهون ٿيو آهي، ڪوبہ شرم نہ پيُس. هاڻي آئون کيس معاف نہ ڪندس.

4- اڙي لعنت هجئي! پيءَ جي سامهون ٿيو آهِين!

ساڪَ قَسمُ.

1- آئون هن ماڻهوءَ لاءِ ساڪَ ڪونہ ڪَڍندسُ.

2- تون اڳ ۾ بہ ساڪَ ڪڍي ڦِري ويو آهين.

3- آئون هن ماڻهوءَ لاءِ سؤ ساڪون ڪڍڻ لاءِ تيار آهيان.

ساک اعتبار يا ڀروسو يا پَتِ يا عزت.

1- شڪر آهي جو دوستن ۾ اجا ساکَ رهندي اچي.

2- تون ساک سان چؤ، تہ مون هيءَ چوري نہ ڪئي آهي.

3- تو تہ يار اسان جي ساک کي ٽِڪو لائي ڇڏيو آهي.

4- تون سَڀِن اڳيان ڀنهنجي ساکَ وڃائي وينو آهين. بهتر آهي تہ خود کي سڌار.

سارِي جانورن جي ٻوک، ساري. ساري جو جمع ساريون.

سنڌ جي اُتر واري علائقي ۾ ساريون جام ٿين ٿيون، بلڪ سارين جو ٻي فصل وڏي انداز ۾ ٿئي ٿو. ساريون لاڙ واري علائقي ۾ پڻ ٿين ٿيون.

سارِي ياد ڪَئي.

1- مون بہ تڪڙ ۾ بيگ ڪانہ ساري ۽ گاڏيءَ ۾ رهجي وَئي.

2- چڱو ٿيو جو تون دڪان تي واچ ساري، نہ تہ مون کي وسري وڃي ها!

سارِي تورتڪ.

تون مون کي سارِي پِئي آهين.

ساري عورت جو نالو، جنهن جو جمع آهي ساران.

سارِيا ياد ڪيا.

1- اَڄ دل پنهنجا پرين الائي ڇو ساريا آهن.

1- هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندمِ هيرَ؟ (شاهہ)

2- اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا. (شاهہ)

3- ويرون وِلوڙڻ جُون، سارِيان گهڻو صبُوحُ. (شاهہ)

4- ڏُڱرَ اُڪيسر سَرُ، ساريسو سُورَچَري. (شاهہ)

ساريا ڳڻيا.

1- بابا! تيڙ سڀ ساريا اٿم، سڀ پورا آهن.

2- مون تڪڙ ۾ نوٽ ڪونہ ساريا، الله ڪري پورا هجن.

3- پُٽ! هي دڪان تو ڪان اگر ساريا نٿا ٿين، تہ پوءِ مهرباني ڪري وڪڻي ڇڏ.

سارنگُ ميهوڳي.

1- سارنگ سائِي سِتَ، جهڙي لالِي لاڪَ جي. (شاهہ)

2- سارنگ لاٿي سوڙَہ، ساندہ سُهائو ٿيو. (شاهہ)

3- حُڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿَ ڪجن. (شاهہ)

سارنگ سُرُ.

هن سُرَ ۾ اهڙي تہ برڪت ۽ ٻَها آهي جو لطيف سائين پنهنجي رسالي ۾ خاص سُرُ سارنگ لکي ڇڏيو.

چون ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ سارنگ يا ملهار ڳائبو هئو تہ

يڪدم آسمان ۾ ڪڪر پيدا ٿيندا هئا ۽ مينهن وسندو هو.

ساري سموري، سڄي.
1- هيءَ ساري زمين رب پاڪ جي آهي.
2- تون ساري حقيقت سين اڳيان رکجانءِ
3- مون ساري ڳالهه ته اوهان کي اڄان ٻڌائي ڪانهي.
1- ساري رات سُبحان، جاڳي جن ياد ڪيو. (شاهه)
2- ساري رات سُبحانَ، سودو ڪن صاحبَ سين. (شاهه)
3- ساري سَبُ جَمارَ، گولي ٿي گذاريان. (شاهه)

سارَ يادگيري يا ڳڻ.
1- پيارا! مون واري ڪَمَ جي ٻه ڪا سارَ اٿئي، يا پنهنجن ڪمن ۾ ئي پورو آهين.
2- بابا! اسان غريبن جي ٻه ڪڏهن ڪڏهن سارَ لهندا ڪيو.
3- يارَ! همراه انبن جي پيتي موڪلي بيشڪ سارَ لڌي اٿس.
4- اسان مسڪين ماڻهو اوهان جي سارَ ۾ ئي ڪونه آهيون.
1- سارنگ سارَ لهيج، الله لڳ اُڃين جي. (شاهه)
2- منهنجي سَيڌُ سارَ لهندو، مون کي آهي اُميد الله ۾. (شاهه)

سارَ ياد يا دل جي چڪَ.
1- پرديس ۾ پنهنجن پيارن جي سارَ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ستائي ٿي.
2- يار! تو کي اسان جي ڪهڙي سار! اهي اسان آهيون جو زوري ڇنڊيا پيا آهون.

سارَ سنڀال.

1- تون ڇڏيس، آئون پاڻهين سارَ وٺندوسانس.
2- تون يڪدم ٻنيءَ تي وڃ ۽ وڃي پاڻيءَ جي سارَ لهي اَچ.
3- يار! رات سارَ ڪانہ ٿي، گاڏي تي ڪونہ پهچي سگهيس.

ساريو — ياد ڪيو، ياد ڪرڻ.

ساريو — هڪ ذات جو نالو.
1- توکي ساريو ساهُ، اُڪنڊيو آهُون ڪري. (شاهہ)
2- سانوڻ پَسي سرتيُون، سَڄُڻ ساريو مُون. (شاهہ)

ساڻُ — رسم يا رواج.
شادين ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار کي موقعي ۽ مناسبت سان ڪي ريتون ۽ رسمون بہ ادا ڪيون وينديون آهن جنهن کي ساڻَ بہ چئبو آهي.
مثال: گهوٽ جو پير سان ڍڪڻي يا ڍَڪڻُ ڀڃڻ (اهو بہ ساڻُ)
ڪنوار جي مُٺ مان ڪارڪَ ڇڏائڻ (اهو بہ ساڻُ)
لائون لهڻ (اهو بہ ساڻُ)
گهوٽ ۽ ڪنوار جو آرسي ۾ مُنهن ڏسڻ (اهو بہ ساڻُ)

ساڻُ — سينگار.
1- حُڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساڻَ ڪجن. (شاهہ)

ساڻُ — سنئون.
1- اَبا! اڄ مولوي صاحب ڏي وڃ ساڻُ ڪنديءِ ڪجهہ پڙهنديءِ پوءِ ڏِسُ تہ ڏاتَ جو سور ڪيڏانهن ٿو وڃي
2- مٿي جو سور نٿو لهي تہ وڃي مُلي کان ساڻُ ڪرائي اَچ.
3- همراه کي وڇونءَ ڏنگيو آهي، سو وڇوڻ ٿا ڪنهن

پاڙهي کان پڙهائڻ ۾ ساٿ ڪرائڻ.
4- يار! ساٿ ته ڪرائي آيو آهيان، پر اجا سُورُ نٿو لهي.
ڀراڙي جو اوجهه ماڻهو مٿي ۾ سور پوڻ، ڏاڻ ۾ سورُ پوڻ، ڪنهن جيت جڙي جو چَڪُ پائڻ ڪري ڪنهن مُلي مولوي وٽ ترت علاج لاءِ ويندو آهي. اهڙي ترت علاج کي ساٿ چوندا آهن.

سَهي ٻ.
1- ڪُتو جي قريبَ جا، آهيُون ساڏَ سَهي، (شاهه)
2- وِينديَسِ ڪيچ ڪَهي، سيڻن ساڻُ سَهي. (شاهه)

سَهي برداشت ڪري يا صبرُ ڪري.
1- وِهان ڪيئن ماٺِ ڪَري، هيڏو سُورُ سَهي، (شاهه)
2- سَهي نَه سَگهان ساٿ سِينءَ، تَنهن جي راسِ جي رونقَ، (شاهه)

سَهي سُجاڻي.
1- ڪريو سيڻَ سَهي، لِڪا پُڻِن لوڪ ۾، (شاهه)
2- سامِي سار سروپ ڪي، ڪيائين ڪِينَ سَهي، (سامي)
3- ماڻهو جي محلات جا، سوڍا ڪَجِ سَهي، (شاهه)

سَگهي تندرستُ يا صحتمند يا نوبَتي.
1- جي پَسي مُنهن ميهارَ، ته سَگهيائي سَگهي ٿئي. (شاهه)
2- ڪنهن ڪانَ سِئي، ته ڪا سَگهي گَڏي سجڻين. (شاهه)
3- سرتيُون! ڪِيئن سَگهي ٿئي! ويڙهي جا وَرهَن، (شاهه)

سَگهي طاقتور يا زورآور.
1- هوءَ ڏِر، هُنَنِ کان سَگهي آهي.
2- مينهِن اوهان ٻنهي کان سَگهي آهي، ايئن اوهان کان ڪانه جَهلبي.

سَلُ — سچي ڪر.
1- عُذرُ خواهيُون، عاجزيُون، سَنئي ڪه مَ سَلُ. (شاهه)
2- ڪوڙي ڪَج مَ ڪذهين، سَچي ڳالهه مَ سَلُ. (شاهه)

سَلِ — سوراخ يا ٽُنگ.

سِٽ — دل جي ڳالهه يا حالُ.
1- آمڙ! اوري اَڄُ، تـہ سِٽَ سُڻايَنِ سُورَ جِي. (شاهه)
2- توجا سَمجهي سِٽَ، سا سپنن جو سَنسارُ. (شيخ اياز)

سِٽَ — سَٽَ.
1- سِرُ تہ آهي سِٽَ مِ، پَرَ ٻيو ڪِي مَڱج دانُ. (شاهه)

سِٽَ — ريت.
1- ڏَنُ ڏارُڻ، ڏارَ رهَڻُ، ايُ نـہ سنگهارنَ سِٽَ. (شاهه)

ساٿي — مددگار يا واهر ڪندڙ.
1- سُڪيءَ ٻُڏن جي، ساهڙُ ساٿي تن جو. (شاهه)
2- جن کي حُبَ اُنهينُ جِي آهِ، ساهڙ ساٿي تن جو. (شاهه)

ساٿي — ٻي سَٿي.
1- عدد ناهِ عشق جو، سٿي ٿيءَ ساٿي. (شاهه)

سانگَ — لاءِ.
1- ڪنهن سٿاٿي سانگَ، پرين پرڏيهي ڪيا. (شاهه)
2- ڍولو ڏِٺ رهائيو، ڪنهن سٿاٿي سانگَ. (شاهه)

سانگَ — ميلا.
1- سيڻَنِ ڪارَڻِ سانگَ، مون تان گهيٺي ڪَيا. (شاهه)

سانگَ — خوبصورتي پيدا ڪرڻ.
1- سُورن لائيا سانگَ، سگهو موتج سُپرين! (شاهه)

سانگَ — جايُون، ماڳَ.
1- سيئي ڍونڍي سانگَ، جتي ساهڙُ سُپرين. (شاهه)

سانگَ — تماشا.

1- سامي ڇڏي سانگ، گڏيا گور ڪنات ڪي. (شاهه)

سانگ — لوڪ ناٽڪ.

سِتي — صحيح يا درست.

1- سَتي جي سيد چئي، ڪا سائيه منجهه سنيال، (شاهه)

2- سَتي سيئي ساريا، جي پاڙَ جا پهنوارَ. (شاهه)

سَتي — عزت واري يا آبروءَ واري.

1- سَتي سيلُ نباهه، ملير وِيندينءَ مارئي ! (شاهه)

2- لالَنَ جِي لطيفُ چئي، سُنهَ سَتي ساري، (شاهه)

سَتي — همت واري، ست واري.

1- تِي سَتي، ٻَڌُ سندرو، پِرت پنهون سين پار، (شاهه)

سَڳِيُون — نوڙيون. جيڪي جوڳي مٽي ڪي ٻڌندا آهن.

1- سونُ سيوڙي سَڳيونُ، پَسي ڪِينَ مَ ڪَٽُ، (شاهه)

سَڳِيُون — چوٽيون، جيڪي عورتون چوٽي ڪري ٻڌنديون آهن.

1- احمد جا پيءُ پٽ شاه جي ميلي تي وڃي پيو، مون لاءِ سَڳِيُون ضرور آڻجانءِ.

سَڳِيُون — هڪ ماءُ، هڪ پيءُ جو يا ساڳئي پيءُ ساڳي ماءُ جون ڏيئرون.

1- اسان ٻئي سڳيُون ڀيڻون آهيُون.

2- اسين ٻَئي ڀيڻون ته آهيون، پر سَڳيُون ڀيڻون ڪونه آهيُون.

سَڱيُون — نَفيلون يا ناد.

جيڪي سِڱَ مان نهنديُون آهن ۽ توتاري وانگرُ وَڄنديُون آهن.

1- سڱيُون، سيڙيُون، گبريُون، ٽيئي تولَ تڳوَ، (شاهه)

2- پُڇُو اينءَ پانءِ، تہ سڱيُون شُومَتَ هَتَ جيُون، (شاهه)

سِڱيُون — خَرابُ رَتَ ڪڍڻ جون سِڱيُون.

1- اڳئين وقت ۾ جڏهن سائنس ايڏي ترقي نہ ڪئي هئي، تڏهن طبيبن کان ماڻهو سِڱيون هڻائي بدن مان خراب رت ڪڍرائيندا هئا.

سُئي ٻُڌي.

1- اِها ڳالهہ بہ مون تنهنجي واتان سُئي آهي، مون کي ڪابہ خبر ڪانهي.
2- يار! تو اِها ڳالهہ سُئي آهي؟ تہ پاڻ وارِي صاحب جي بدلي ٿي آهي.
3- جيڪا تو ڳالهہ سُئي آهي، سا بلڪل غلط آهي، حقيقت اِجا ڪا ٻِي آهي.
1- تہ ڪَرَڪئن سُئي؟ جي سِيرَ نہ گهڙي سُهڻي، (شاهہ)
2- سَرتين سنجَهُ چڏيو، سَتين ڳالهہ سُئيي، (شاهہ)
3- ڪڏهن ڪانہ سُئي، تہ ڪا سَکهِي گڏي سجڻين، (شاهہ)
4- اِي سَڳَ مقابل سَسئي، سَندي تي سُئي، (شاهہ)

سُئي سبڻ جي سُئي.

1- اَئي ادِي! اها سُئي گهڙي کن لاءِ موڪل تہ چولي کي ٽوپو ڏئيي ورِي تِي واپس ڪيانءِ.
2- ادِي! هَٿ ۾ ٽوپو ڏيندي سُئي لڳي اٿم، هاڻي تہ ماني بہ پچائي نٿي سگهان.
3- ادا! سُئيءَ جيترو بہ حساب اسان ڏي ٿيو، تہ اکين سان ڀَري ڏينداسين.
1- سَنهِيءَ سُئيءَ سِبيو، مون ماروءَ سين ساهُ، (شاهہ)
2- پاچا هِي نہ پاڙِيانَ، سرتيون! سُئيءَ ساڱ، (شاهہ)

سُئي انجيڪشن.

ٻهراڙيءَ جا ماڻهو اُن کي سُئي چوندا آهن.
1- ڀائو! جيستائين سُئي نہ هڻائيندين، تيستائين تپ

ڪونہ ڇڏيندءِ.
2- يار! ڪو اندو ڊاڪٽر هئو، سُني اهڙي هنئين آتس جو ٻانهن سُڄي پئي آهي.
3- ادا! سُني هٿائي اٿم، تڏهن وچي بخار گهٽ ٿيو آهي.

سَنيُون — اُپيون.
1- لالائي جي لُوءِ ۾، سـارِي رات سَنـيُون. (شــاهــ)

سَنيُون — سڌِيُون.
1- سَچَڻَ سَنيُون ڪَنِ، لوڪان ليڪي ونگيُون. (شاهـ)
2- تي صَبر منجهہ سَنيُون، گونگيـون گوءِ ڪٽي ويـون. (طالب المولیٰ)

سَنيُون — صحيح يا درست.
1- ڳالهيـون تہ سنيُون پيو ڪري، ڪيئن ٿا چئو تہ چريو آهي.
2- اڳي سنيُون ڳالهيون ڪندو هئو، پر بيماري ڪان پوءِ غلط ٿو ڳالهائي.

سُئا — ٻُڌا.
1- مون پاڻ رات ڪُتَن جا آواز سُئا، تڏهن ٻاهر نـڪري آيس.
يارَ! مون سڀ احوال تنهنجا سُئا، برابر توسان ٻي واجِبي ٿي آهي.
1- ڪِ تو ڪَنين نہ سُـئا، جي گهٽَ اندرِ گهوڙا. (شاهـ)
2- تنـهان پـوءِ سُئا، سُهـڻيءَ سَڏَ مـيهـارَ جا. (شاهـ)

سُئا — ٻاجهيءَ جو قسم.
هڪ خوشبُودار ٻوٽو. جيڪو ٻالڪ رڌڻ مهل ان ۾ وجهبو آهي تہ جيئن ٻاجهيءَ ۾ خوشبُو پيدا ٿئي.

سُئا — لوهہ جا نوڪ وارا سُئا.

سُئا سِٻڻَ مهل استعمال ٿيندا آهن، خاص ڪري اُن جون ڳوٺيون ۽ ٻوڇا سُوئن ۾ سوٽيليءَ جا ڏاڍا وڃهي سَبِندا آهن.

سُئا — ڪير ڏيندڙ. گهرو جانور.

الحمدلله! مينهون، ڍڳيون هن وقت سُئائون آهن پاڻ ڪي ڪير، مکڻ ۽ ڏڌ جي پرواه ڪانهي. گنج لڳا پيا آهن.

يار! هڪڙي سُئا مينهِن آهي، جنهن مان پيو گهرَ جو خرچُ هلايان.

سيفُ — تلوار.

سيفُ — صاف، سچو.

1- احمد واقعي سيفُ ماڻهو آهي.

2- جڏهن ته تنهنجا هٿ سيف آهن، ته پوءِ ٻڀ چوڻو ڪرين؟

سِيڪُ — گرمي.

سَيڪُ — ڪا ڳالهه ڏکي لڳڻ.

1- ادا! سيڪَ لڳني ته پلي لڳيٽي، اهڙو آهين ته ياءِ جي ياران پئسا ڀَري ڏي.

2- ياءِ جو سيڪُ آيمُ، تڏهن ته ڳنڍجي پيوسانِ.

سيڪُ — سُکي ويل ڪلر.

ڪلر ۽ سيڪ ڪري زرعي نقصان ڏاڍو ٿئي ٿو.

سيتا — سَترُ واري يا پرهيزگار.

سَيتا ڦُل — هڪ خوشبودار ٻوٽو.

سِياهِي — اونداهي.

1- سَبَهَ سياهِي، آهي آريءَ جامَ رِيءَ. (شاهه)

سياهي — ڪارڙ.

سياهي — دياءُ

سِياهِي — مَسُ

سِير — درياهہ جو وَچُ.
1- ساهَڙُ ساڳاهيج، تہ ثابِتُ لنگهي سيرَ مان. (شاهہ)
2- تہ ڪَرَڪينءَ سُئي؟ جي سيرَ نہ گهڙي سُهڻي، (شاهہ)
3- پاڻي پِنيءَ ٻوڙ، سُهڻيءَ ليکي سِيرَ ۾. (شاهہ)

سِيرَ — ذَبحَ ڪرڻ يا حلال ڪرڻ.
1- ماما! ڪُڪڙ کي سِيرَ تہ وجهي ڏي.
2- ٻڪري ٻَچندي ڪانہ مري ويندي، بهتر آهي تي سِيرَ وجهي حلال ڪري ڇڏيوس.

سِيرَ — سنهو ڏارُ.
پيٽ ۾ سيرَ، پليٽ ۾ سِيرَ، ڪِتلي ۾ سِيرَ.

سِير — چهڪ.

سورِي — ڦاهي يا ڦاسي.
1- سُورِي مٿي سَيڻ، کهڙي ليکي سَنَرا؟ (شاهہ)
2- سُورِي جَنين سيجَ، مرڻ تن مُشاهدو. (شاهہ)
3- ساڳيا سَنڌُ وراڻيا، يارو، سُورِيءَ سيجَ سجايان، وو، ڪافر مومن ناهيان! (شيخ اياز)
چوڻي: نندَ سوريءَ تي بہ اچيو وڃي.

سُورِي — پيٽ جي خرابي.
دست، پيچ، پيچش، وَٽ، پيٽ جي بيماري جو قسم.

سَهائِي — روشنائِي.
1- رات سَهائي پُون سَنئين، پاڻي گهُرجي پَلُ، (شاهہ)
2- پَرَتوو پِنهونءَ جو، سَهائي سِياهُ، (شاهہ)
3- اڄ پڻ سَهائي، چوڏهينءَ ماه چنڊ جيئن، (شاهہ)

سَهائِي — آسرو لاهي ڇڏڻ، واپس نہ ملڻ.

1- ڇوري اڄا ڪانه سَهائي اٿئون، ڳوليئون پيا، مِن ڪٿان مُنهن نڪري پَئي.
2- يارَ! مون هاڻي پنهنجي قميص سَهائِي، وري تو ڪي ڪونه ڇوندس.

سَهائي — سهسائي.

سِٽِيا — سٽيءَ وارا.

سَٽِيا — خوشحال يا پئسي وارا يا مڃيءَ مانيءَ وارا.
1- اهي ماڻهو اصل ۾ غريب هئا، پر محنت ڪري هاڻي سٽيا ٿيا آهن.
2- اهي ماڻهو اصل کان وَني سَٽيا هئا، اَڄ ڪلهه جا ڪونهن.
3- هائو يار! هاڻي اسان کي ڇڏي، وڃي سٽيا دوست هَٿ ڪيا آٿئي.
ڇوڻي: سٽين جا سالا ٻه ڪوڙ، اٿين لاءِ پيٺويا ٻه ڪونه.
جتي تون سَٺيو ٺُڪُر تو ڏسين، اُتي تو مَرينُ،
اي ابنِ وقت اسان تو جيان نه خوارُ آهيون.
(شهيد سومرو)

سوالَ — منٿ ميڙ، عرض.
1- نه اهڙا ڪَمَ ڪرين ها، نه وري دردر سوال ڪرڻا پَوَنئي ها.
2- هر ماڻهو مجبوري کان ڪنهن کي سوال ڪندو آهي.

سُوالِ — پُڇت.

سوالَ — ڳالهه، حقيقت.
1- سوال آهي ته وڙهڻ کان پوءِ ٻه، ڪو فائدو نٿو ٿئي.
2- سوال (ڳالهه) هي آهي ته ڳالهيون گهٽيون ٿا ڪيون، ڪم گهٽ ٿا ڪيون.

سُهاڳُ — ساڻ.

سُهاڳُ — اعليٰ درجو.

1- سلطاني سهاڳُ، ننڊون ڪندي نہ ملي. (شاهہ)

2- سوڍا اِن سهاڳ ڪي، ويني واجهاياس. (شاهہ)

سُهاڳُ — مڙسُ يا گهرَ وارو يا ورُ.

1- گهورئو سهاڳُ، جِهِ مِ پسين پاڻ ڪي. (شاهہ)

2- وَس منهنجي ناهِ ڪا، سيڻن هَٿِ سهاڳُ. (شاهہ)

سَهِرا — ڳيچ يا لاڏا.

خوشين جي موقعن تي عورتون سهرا (لاڏا) چونديون آهن.

1- ادي! سياڻ ڪان وٺي اوهان ڪي شاديءَ تائين سَهرن جو سَڏُ آهي.

2- ادي! هاڻي تہ سِهرا ڳائڻ شروع ڪيو.

سَهِرا — هارَ.

1- سرَ ٻڌن ٿا سَهرا، پيرن ميندِيون لڳن. (طالب المولىٰ)

2- تہ پير نہ تيندا گهوٽَ، سهرا ٻَڌجَنِ سِرن تي. (طالب المولىٰ)

ش

شِريڪُ مِتَ مائِٽَ يا عَزيزَ.

1- توهان مون کي پنهنجو شريڪ نہ سمجهو، تڏهن ڏارين سان مِٽِي ڪَيوَ.

2- هن ڳوٺ ۾ مون کان وڌيڪ اوهان جو ٻيو شريڪ ڪير آهي.

3- ٻاءِ! تون ئي تہ منهنجو وڏو ءِ وڏ ۾ وڏ شريڪُ آهين.

4- پيارا! هن دنيا ۾ پنهنجي ڪان وڌيڪ ڪو شريڪ آهيئي ڪونہ!

چوڻي: پنهنجي سان شِينهن بہ شَريڪَ ٿيو پَرِن.

شريڪُ برابريءَ جو درجو رکندڙ.

شَريڪُ حاضر يا گڏ يا موجود.

1- ڏک اٿم تہ تون منهنجي دعوت ۾ شريڪُ ڪونہ ٿئين.

2- انشاءَ الله واعدي مطابق اڪين سان اچي شرِيڪُ ٿيندس.

شِڪارِي شِڪار ڪندڙَ.

1- چڙهيا چارئي يار، سُوڌا شِڪارِي، (شاهہ)

شڪارين جا قسم: پکين جا شڪارِي، تترن جا شِڪارِي، هَرڻن ۽ ڦاڙهن جا شڪاري، شينهَنِ جا شڪارِي، سوئرن ۽ مِرُن جا شڪاري. حُسنَ ۽ عشق جا شڪاري.

شڪاري ڪمذات.

شَرطَ اُصول.

1- يار! زندگي ۾ ٻه ڪي شرط هوندا آهن، جنهن سان ماڻهوءَ کي هلڻو پوي ٿو.
2- ڪنوارتن جا ڪي شرط آهن، بابا! اُهي پاڻ کي پورا ڪرڻا آهن. تڏهن ڪو وڃي قصو ٺهندو.

شَرطَ — گهربل ڳالهيون.
1- جيڪڏهن اِهي شرط قبول اٿئي ته پوءِ سڀاڻي ئي اچ ته توکي نوڪري وٺي ڏيان.
2- سائو مُنهن، سُونهن گَئي، سِڪَڻ اِيُ شرط. (شاهه)

شَرطَ — بازي يا گوءِ.
1- اچ سائين! ڪڪڙن جي ويڙهه تي وڏيون شرطُون لڳنديون. شرط جو جمع شرطُون.
2- اچ آئون به هن گهوڙي تي شرط لڳايان ٿو.
3- آئون ٿو چوان ته منهنجي خدا ضرور مدد ڪندو، گهڻي گهڻي ٿو شرط لڳائين.

شالَ — سدائين، هميشه.
1- اَبا! الله شال توکي خوش رکي.
2- پُٽ! شال پنهنجن ٻچڙن سان خوش ۽ آباد هوندين.
1- شال وسين اوسنڌڙي، تُنهنجا ڪيتَ وَسَنِ! (شيخ اياز)
2- وَڏُ وَڏُ جِيئين شال، مُڙي ڏِسُ نه ماڳَ کي. (شيخ اياز)

شالَ — الله ڪري، مَنَ ايئن ٿئي.
1- شال ٿئي! باقي ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي.
1- هـهڙو حالُ هَمَيـر! وَٺي شـال ويـڙهه وجان. (شـاهـ)
2- ٻرچن شال پنهوار، مارو منهنجا ٻرچن شال پنهوار (شاهه)
3- ماروءَ سين شلَ ماڻيان، کَٽيُون جَهڙيون ڪِيرَ! (شاهه)
4- شال لَيـئي لوءِ، آرِيءَ کي اوڏِي ٿِئين! (شيخ اياز)

شالَ — ريشم يا اُن مان ٺهيل اوڇڻ.

شالون هميشہ زالون پائينديون آهن.
1- ياءِ! ڪراچي مان منهنجي لاءِ شال ضرور آڻجانءِ.
2- ادي! هيءَ شال ڏاجَ ۾ مِلي هُيَم، تنهن ڪري ساهہ ۾ سانڍيو اچانس پئي.
1- سائي سالَ (شال) ڪُلهن ۾ سامِي سونَ سَرِي، (شاهہ)

شاهِي — اعليٰ.
جيئن: اردن جو شاهي خاندان، لبيا جو شاهِي خاندان، مغليہ دور جو شاهي خاندان.

شاهِي — وڏو يا گهڻو.
1- تنهنجي شاهِي دسترخوان مٿي، مهمانَ هزارين مان نہ رڳو. (مر ٍ ٍ ڌمايوني)

شاهِي — ڍگهو.
جمڙائوءَ جي ڪپر تي شاهي ٻڙ بيٺو آهي.

شاهِي — نالو.
شاهِي بازار، شاهِي قلعو، شاهِي باغ، شاهِي خان.

شاهِي — گهاٽو.
درياء جي ڪپر تي شاهي ٻيلو آهي.

شاهِي — چالاڪُ يا ٺڳُ.
1- اَبا! اِهو شاهي ماڻهو اٿئي، ان کان مڙوئي پاسو ڪندو ڪر.
2- بَس اهڙي شاهي ماڻهوءَ سان گڏيو آهين، جو هاڻي خدا خير ڪري!
3- تو کي ڪنهن صلاح ڏِني تہ اهڙي شاهِي ماڻهوءَ سان گڏ واپار ڪر.

شاخُون — سِجَ جا ڪِرڻا.
1- سورجَ شاخُون جهڪيُون، ڪُو ماٺُو قمر، (شاهہ)

2- ڳوڙها ڳلِ ڳاڙيامِ، سُورجَ شاخُون ڪڍيُون. (شاهہ)
3- گوندرَ وِسِريامِ، سُڪَنِ شاخون مُڪيون. (شاهہ)

شاخُون معنيٰ مبارڪون.

شاخُون انب جو وڻ جڏهن ڦِڙي راس ٿيندو آهي تہ شاخ ڏيندو آهي ۽ اها شاخ (انبُ) ڏاڍو مِٺو هوندو آهي. اُن مان باغائي محسوس ڪندو تہ هاڻي انبَ ڦِڙي ويا آهن.
شاخ جو جمع شاخون.

شاخُون ڀاڻيءَ جو ننڍو وهڪرو.
وڏن واهن مان وري ننڍڙا واهَ نڪرندا آهن جنهن کي شاخُون چوندا آهن.

شاخُون ذاتين ۽ قبيلن جون نُڪون.

شاخُون وڻ جا نوان نڪتل گُونچ ۽ ٽارِيُون.
1- آڪُون، ڊاڪُون، سِر ڪَنڊَ شاخون، جتِ چوڪا چَنڊَنَ ڪوُنرَ،
(شاهہ)

ص

صِرفُ فقط يا رُڳو.

1- صَرفُ پنهنجون ڳالهيون ٻڌايو ٿا، پر ٻين جون ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيو.

2- تـون جيـڪو اجايـو تـو خَرچُ ڪريـن، اهو تـون صرف پنهنجي جان تي ڪرين ته ڏاڍو صحتمند ٿي وڃين.

3- آئون صرف هي ٿـو عرض ڪيان ته ڪنهن سان دوکو يا دولاب نه ڪيو.

4- ٻيو سڀ سامان پُهچي ويو آهي، صرف غاليچا رهيل آهن.

5- جڏهـن ٻـه تـون آفـيس ۾ اچين، تـه صـرف تـون ايـندو ڪر، ٻين کي ساڻ نه آڻ.

صَرفُ استعمال.

1- سـائـين! اوهـان کـي فقـط زبـان صَرفُ ڪرڻي آهـي، انشاءَ الله ڪَمُ ٿي ويندو.

2- تو هيـترا سـارا رپيا ڇاتـي صرف ڪيا، حسـاب ڪري ٻڌاءِ.

3- هـي سڀ رقم، تـو بـيـڪار ڪـمـن تـي صرف ڪـئـي آهي، چڱو ڪم ته ڪيو ئي ڪونهي.

صَلاحَ ـ مشورو.

1- صوفِي چائين سَڏُ ڪرين! صُوفين ايَ نه صلاحَ. (شاهه)

2- سونَهنِ جي صَلاحَ، وَٽُ ته وِيرَ لَنگهي وڃين. (شاهه)

3- ساهِڙ جي صَلاحَ، ٻيڙا لنگهايَسِ ٻاجَهه سين. (شاهه)

صَلاحَ راضپو.

1- سوڍي جِي صلاحَ، ڪَوُنرَ چَرنديِنءَ ڪاڪِ جا.

صَلاحَ پلاڻي.

1- سِرِ مَگي، سِرِ گهُرِي، سِرَرِيَ ٿِئِـي نـہ صَلاحَ. (شـاهـہ)

صَمَدُ خدا جو نالو.

1- اديون عبداللطيف چَئي، ميڙيندمِ صَمَدُ.

اللهُ صَمَدُ بيپرواهَ، بي نياز.

1- اللهُ صَمَدُ، بي نـيـاز، سـا ڪري جا چاهـي. (شاهـہ)

صَمَدُ گهوڙي جو قسم.

صُوفِي اهلِ تصوف.

صوفي فڪر جا ڪي اهم ماڻهو هيٺ ڏجن ٿا.

شـاهـہ عبداللطيف ڀٽـائي رحـمت الله عـليـه، سچل سرمست رحمت الله عليـه، حضرت شاه عـنـايت شـهيد رحمت الله عـليـه، حضرت خواجہ غلام فريـد، حضرت رڪيل شـاهہ، حضرت قطب شاهہ ۽ حضرت روشـن علي شاهہ جهانيان رحمت الله عليهم وغيره.

1- صُوفِي سالم سِي ويـا، جي اڪثر سِين اَڏيارَ. (شـاهہ)

2- صوفِي تي ٿيا، جڻ ڪِينَ ڪنـيائون پاڻ سين. (شاهہ)

3- صُوفِـي لاڪُوفِي، ڪـونَ پـانـئيـس ڪـيرُ. (شـاهـہ)

4- صُوفِي صـاف ڪـيـو، ڊوئيـي وَرقُ وجُودَ جو. (شـاهـہ)

5- صوفِي سَچو سـو، جو حد لاحَد لنـگهـي وڃي. (سچل)

صوفِي صاف، اُجرو.

عـالمن جو چوڻ آهـي تـہ صـوفِي لفـظ صُـوفَ مان نـڪتـل آهي.

صُوفِي پير جو قـسـم. صُوفِي پير.

صوفِي ڪو بہ نشـو نـہ ڪندڙ.

ادا! يارو صـوفِي ماڻهو آهي، نشي ڪي هٿ بہ نـہ لائي.

ط

طالبُ — شاگرد.

طالبُ — ڳولائو يا ګھُرجائو يا تلاش ڪندڙ.

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنواريِن، (شاھہ)

2- طالبُ ڪٺر سونھَن سَرُ، اِي رومي جِي راءِ، (شاھہ)

3- حقان حق ٿيوس، ھُئي طالبُ حق جِي. (شاھہ)

4- ھُئي طالب حق جِي، توڏِي لانڪون تورَ، (شاھہ)

5- ڪتو طالبُ ڍوندَ جو، اَسِين ڪُتي ڪِيرَ، (شاھہ)

طالبُ — معتقد يا مريدُ.

جِيئن ڪي فقير چوندا آھن تہ:

1- بابا! اسان سچل سائين جي درگاھ جا طالبَ آھيون.

2- اسان وڏن کان وٺي جھوڪ شريف جي درگاھ جا طالب آھيون.

3- اَڄ اسان جي اوطاق ۾، رکيل شاھ جي درگاھ جا فقير ۽ طالبَ راڳ ڪندا.

طاماعُو — طعامن جي گھڻ.

1- سَمي سيِيئي، طاماعُو تارِ ڪيا، (شاھہ)

طاماعُو — لالچي يا مفاد پرست.

1- موتِي جي مھراڻ جا، تن جا طاماعُو، (شاھہ)

2- قُوتَ ڪَڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طاماعُو، (شاھہ)

ع

عيبُ نقص.

1- تاجي توريائون، تہ عيبَ نکتا اِگيان. (شاھہ)

2- مون ۾ عيبَ اَپار، آئون تہ سَڄَڻَ تنهنجي ٻانهڙي آهيان. (شاھہ)

3- ڍولڻُ آهي ڏَکُ، کَڏي عيبَ نہ کَنهن جا. (طالب المولیٰ)

4- ڍولڻ ڏَکَڻُ ٿيو، تو ڏَکي عيبَ اَپارَ. (طالب المولیٰ)

عليلُ گهڻو بيمار يا مريض.

1- دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو عذاب انسانَ جو عَليلُ ٿيڻ آهي.

2- صاف ءِ سُٺري کاڌي کائڻ کري، ماڻهو عَليلُ گهٽ ٿو ٿئي.

عَليلُ مست يا چريو.

1- اهو اِڳ ۾ ئي عَليلُ آهي ان جي دل نہ کَرِ.

2- دنيا هُن کي ايڏو پريشان ڪيو، جو آخر ويچارو عَليلُ ٿي پيو.

عَلِيلِ ڏکهو.

عهد واعدو.

1- جيکي آيس ڏانهن عَهدَ، سو پاري مُنڌ پاتارَ ۾. (شاھہ)

2- کَڄُ کمايمِ کوڙُ، ٻَڳمِ عَهدَ الله جا! (شاھہ)

عَهدَ دورَ يا زَمانا.

عَدَمَ فَنا يا نيستي.

1- عَدَمَ جي اوڙاهَ تي، کنا آسَڻَ آڏوتن. (شاھہ)

عَدَمَ آڳوتر.

ف

فرمانُ حڪم.

1- بابا سائين! اوهان جو فرمان ٻه اکين تي، پر اسان غريبن جي ٻه ڪجهه ٻڌو.

2- پيارا! ٻين کي تہ آئون جواب ڏئي سگهان ٿو، پر تنهنجو فرمان نٿو موٽائي سگهان.

1- اُوءِ فائِقَ مِ فَرمانُ، اَوَتَرِ ڪنهن نہ اوليا. (شاهہ)

فرمانُ جو جمع فَرمانَ

2- ڦريا نہ فَرمانَ کان، مُلهہ نہ موٽيئڙن، (شاهہ)

فرمانِ سَند.

فِڪرُ غُورُ يا سوچ.

1- هي جو مانڊيءَ منَڊ ٺاهيو آهي، ان تي تون غور ڪندو رهہ.

2- الله پاڪ جي هر تخليق تي فِڪرُ ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

3- جڏهن تون ڪنهن مسڪين جي مسڪينيءَ تي غُور ڪندين، تڏهن تو کي روحاني سڪون مِلندو.

4- جيترو تون ڪنهن بہ ڳالهہ تي غور ۽ فڪر ڪندين، اوترِئي تنهنجي دل ۽ دماغ تي تازگي ۽ شگفتگِي پيدا ٿيندي.

1- فِڪرَسين فرقان ۾، اسم عظم ڏور، (شاهہ)

2- ظاهر ۾ زانِي، فِڪر مَنجهہ فَنا ٿيا، (شاهہ)

3- فِڪر فرهِي هَٿَ ۾، ماٺِ مطالع ڪَنِ، (شاهہ)

فِڪرُ ڳڻتي.

1- بابا! جيڪو ٽيٽو هو سو ٿي ويو، هاڻي فِڪرُ ڪرڻ اجايو آهي.
2- جيستائين جيئرا آهيون، تيستائين ڪوبہ فِڪرُ نہ ڪر، مَري وياسين تہ پوءِ ڪَتَنوَ پاڳَ!
3- هڪڙو تون نہ آهين، پر دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو انسانُ ڪونهي جيڪو فِڪرَ ڪان خالي هجي.
1- فڪر فرهي هَٿ ۾، مات مطالع ڪَن. (شاهہ)

فِڪرُ پرواه.

1- بابا! توکي ڪهڙو فِڪرُ، جوندين تہ بابو وينو آهي.
2- بابا! ڪوبہ فِڪر نہ ڪر، اچي چڙهيا آهيون.
3- پٽ! تون روز ڦُليلي تي وهنجڻ تو وڃي، توکي پنهنجو ڪوبہ فڪرُ ڪونهي.

ق

قِٽ قَٽ پکين جي پَرَن هڻڻ جو آواز.
پکي جڏهن اڏامندا آهن، تڏهن پَرَن سان آواز قِٽ قِٽ
ڪري پوءِ اُڏامندا آهن.

قِٽ قَٽ اَبهرائي.
1- ماڻهو اجائي قُٽ قِٽ نه ڪري ته بهتر آهي.
2- اجائي قِٽ قُٽ، انسان جي عزت، آبُروءِ چاڙ ڪي
ڇيهو رسائي ٿي.
3- يارَ! منهنجي اڳيان هرويرو قِٽ قُٽ نه ڪر، پاڻ
هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح ڄاڻون سڃاڻون ٿا.

قُِٽي اُپري، پيدا ٿي يا ظاهر ٿي.
1- ڪٽڪ هاڻي قُٽي آهي، پکين جو خيال ڪجو.
2- ڇَپَرَ اوطاق ۾ هَننين اٿئون، اجا قُٽي ڪانهي.
3- جوئرَ هن سال ڏاڍي قُٽي هُئي، پر پاڻي نه ملڻ ڪري
سَڙي ويئي.

قُِٽي مَکڻ جو ڄاڻو.
1- اَمان! اڄ ته مانيءَ تي قُٽي وجهي ڏي.
2- يارَ! اسان دڪان تي گِيهه ڪونه وٺون، پنهنجي قُٽي
ٿئي اُن مان گُذرُ ٿيو وڃي.
3- ڳَئُن مان جيڪا قُٽي نڪري سا گِيهه ڪري وَڪڻي،
گهرَ جو خرچ هلائيندا آهيون.

قُِٽي وَڻڻ يا ڪپهه جو فصل.
1- هِن سال قُٽيءَ جو اَگهه ڏاڍو سنو ٿيو آهي.
2- بابا! پاڻ به هن سال قُٽي ٿا پوکيون.

3- ڀائو! هن سال اسان جي ڦٽي واه جو ڦِٽي هئي، پر پاڻي نه ملڻ ڪري سڄي سڙي ويئي.

ڦٽِي ٽٽي.
گهڙي ڦُٽي پيئي، پاڻي وهي ويو.

ڦُٽي ظاهر ٿي.

ڦِٽي خراب، بيڪار.
1- امان! اَڄ کير ڦِٽي پيو آهي.
2- اَبا! مون کي ڪهڙي خبر، جو شهر ۾ رهندين ته ڦِٽي پوندين!
3- خراب ماڻهن جي صحبت ۾ رهبو، ته ماڻهو آخر ڦِٽي پوندو.

ڦِٽي نياڳ، برائي، ڦِٽل.
1- منهنجي ٻه ان ڏينهن اچي ڦِٽي، جو ڏاڙيل منهن ۾ پنجي ويا.
2- تنهنجي ڪهڙي ڦِٽي جو پرائي جهيڙي ۾ وجي پئين.
چوڻي: ڦِٽيءَ کي ڦيٽوڻي نه لڳي.
چوڻي: ڳوهه جي ڦِٽي ته شڪارين جا گهر ڳولهي.
چوڻي: تنهنجي ٻه ڦِٽي بيٺي آهي.

ڦِٽي ٻرڙ ٻرڙ ٽيڻ، ڪپڙي جو ڦِٽڻ.
1- قسمت سانگي هڪڙو ڪپڙن جو وڳو ورتم سو ٻه ڏوئڻ ڪان پوءِ ڦِٽي پيو.
2- يار! ڏي خبر تنهنجو مُنهن ڦِٽي ويو آهي، چاڪ ته هئين.

ڦِٽي اُجلي ڇڏ، ڇڏي ڏي.
1- اهي خراب انب آهن، انهن کي ڦِٽي ڪر.
2- سگريٽ پيئڻ جي عادت ڦِٽي ڪر، نه ته اڳتي هلي

نقصان ٿيندئي.

1- فردا مَڏ ڦٽي ڪئي، نقد ڪنيو نار (شاهہ)

2- فڪر سان ڦِٽي ڪئي، سودي سو پاري (شاهہ)

ڦَرِيو ٻُهارو.

1- ادي! شهر وڃي پَئي مون لاءِ ڪو ڦَرِيو وٺيو اچجانءِ.

2- اَبا! اوطاق کي ڦريو ڏياري صاف ڪَيو، مهمان ٿا اَچن.

ڦَرِيو پينگ ڪريو.

1- اَبا! هي اڳ مِرئي مانيءَ کي ڦَريو ڏيو وينا آهن.

2- اَنبنِ کي ڀَڪو ڦَريو نہ ڏجو، ڪجهہ اسان لاءِ بہ بَچائجو.

3- بس ڀائو، پاڻ واري يارَجي رات چوري ٿي ويئي آهي، ڦريو ڏئي ويا اَٿس، ڪا شئي نہ ڇڏي اَٿنسِ.

ڦَرِيو نِسريو يا ٻُور جَهليو.

1- هن سال اَنبُ ڏاڍو ڦَريو آهي.

2- منهنجي باغَ جو زيتون بہ واه جو ڦَريو آهي، پر جيتَن جي بيماري لڳي وَئي اٿس.

3- بَس يارَ قسمت جي ڳالهہ آهي، هن سال تنهنجو باغ ايڏو نہ ڦَريو آهي، جيڪو پَرُ سال هئو.

1- ٻَريائي تہ ٻارِ، ڦوڪَ تہ لڳي اَنبرين، (شاهہ)

ڦَرِيو حمل ٿيو. ڳئن جو ڏڍ ڦريو آهي.

ڦيرِي مٿي ۾ چڪر اچڻ.

ڦيرِي وڏائو ٿيڻ.

1- ها يارَ! پئسو اَٿس، تڏهن مَٿي ۾ ڦيري ٿي اَٿسِ.

2- ايڏي دماغ ۾ ڦيرِي نہ ڏارِ، ڦيري ڪَرڻ وارا ڪيني ڦٽڪندا ڏٺاسون.

3- ڦيري ڪيئن نہ ٿيندس، پرائي ملڪيت جا هَٿِ آئي اَٿسِ.

ڦيري تبديلي ۽ انقلاب.

1- جڏهن ڪو ظلم ڪٿي ٿيندو آهي تہ، قدرت طرفان ڦيري ضرور ايندي آهي.

2- شايد ڪا ملڪ ۾ ڦيري اچڻ واري آهي.

3- افغانستان، ايران ۽ روس ۾ ڦيري اچڻ جا زنده مثال موجود آهن.

ڦيري گهوم.

1- اَبا! سچو ڏينهن گهَرَ ۾ ويٺو آهين، وڃي ڪا ٻاهر ڦيري ڏئي اَچُ.

2- بابا! توهان اِتي اوطاق ۾ آرام سان ويٺا هجو، آئون تہ وڃي زمين تان ڦيري ڪري اچان.

3- اسان وٽ ڳالھ هڪڙي اٿئي، ٻاڻ هيري ڦيري ڇاٿون ئي ڪونہ.

ڦوٽو پاڻيءَ جو ٻڙ ٻڙيو.

ڦوٽو ڀَليءَ جو ڦوٽو.

ڦوٽو ايلاچي، ڦوٽو جو جمع ڦوٽا.

1- ڦـرڦُلَ ڦـوٽـا پـارچا، پـاڻيـٺَ پـاتـاٿـون. (شـاهہ)

ڦوٽو ڦوٽهڙو.

چڻن جا ڦوٽا. چڻا جڏهن ساوا ۽ ڀَڪا ٿيندا آهن تہ ماڻهو اُهي پٽي ڪاٿيندا آهن. اهڙن ساون ۽ ڀَڪن چڻن کي ڦوٽا بہ چئبو آهي.

ڦوڪُون وات مان نڪرندڙ هَوا.

چوڻي: نرئي ٻَتَ کي ڦوڪون نہ ڏجن.

1- انسان جي وات جون ڦوڪون، ڳوهَ جو ڦوڪُون.

2- نانگ جون ڦوڪون، چِلَمَ جون ڦوڪُون.
شرناءِ، مُتو، الغوزو، ٻِنسري، تَڙُ اهي سَڀُ ساز ڦوڪُن سان وڄندا آهن.

ڦوڪُون ٻَناڪون يا ڊاڙُون.
1- يارَ! اجايُون پيو ڦوڪُون ڏينِ، اسان توکي چڱي طرح سڃاڻون ٿا.
2- پيارا! هاڻي تہ خدا جي واسطي ڦوڪون هڻڻ بند ڪر.

ق

قادَرُ الله جو هڪ اسم.
1- قادرُ پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم. (شاهه)
2- قادرُ ساڻ ڪَرَمُ، حاصل ڪري حاجَ تو. (شاهه)
3- ميان مَدارَنِ سين، مون کي قادر! وڃهه مَ ڪاڻ. (شاهه)
4- ڪونهي قادرُ ڪو ٻيو، اُنين جو اپاڳُ. (شاهه)

قادِرُ حاوي.
1- استاد منظور علي خان جو راڳ، سڄي محفل تي قادِرُ رهندو هو.
2- پيروي راڳ تي اُستاد! توهان پورا پورا قادِرَ آهيو.

قِريبُ محبوبُ. قَريبُ جو جمع قريبَ.
1- قُمرُ تي پُهچُ قريبَ کي اجلسُ تو نہ جڳاءِ. (شاهه)
2- جوڳي تِينَ نہ يارَ، ڪَنهين سين قريبُ ٿي. (شاهه)
3- ڪُهي سو ڪَرَلهي، ڪوئي سو قريبُ. (شاهه)

قريبُ مائٽ.
1- توسين چام! قَريبُ، ڪي ڏُنُ ڇَڏائي ڏيج مون. (شاهه)
2- هُوندَ نہ هتِ تَرَنِ، پر قرابَتَ ڪَمُ ڪيو. (شاهه)

قِريبُ ويجهو يا پرسان يا نزديڪ.
1- ڪوٽڙِي ءِ حسين آباد (گَڏو) هڪ ٻئي کي قريبَ آهن.
2- هيڏانهن قريبُ اَچ، تہ ڪي ڳالهيون ڪيُون.
3- ڀتيوالا اهڙا نياڳا اٿئي، جو صاحبَ جي قريبُ تو کي سَهَندا ئي ڪونَ.
1- ڪُهي سو ڪَرَلهي، ڪوئي سو قريبُ. (شاهه)

قِيامُ رَهَڻُ جو هنڌُ.

1- ڪراچيءَ ۾ اوهان جو ڪِٿي قيامُ آهي.

2- جيڪڏهن ٻئي هنڌ نتا رَهو، ته هلي رات مون وٽ قيامُ ڪيو.

3- نه تن قِيامُ، نه قُعودُ ۾، نه ڪو ڪَنِ سُجُودُ. (شاهه)

قيامُ نماز ۾ بيهڻ.

نه تن قيامُ، نه قعود ۾، نڪو ڪن سجود (شاهه)

قِيامَ ظُلم يا قَهرُ.

1- ڪيائُون قِيامَ، آئون نه جئندي اُنِ ري. (شاهه)

2- ڪاڪِيُون! رات قِيامَ، جيڏيون! جَتَ ڪري وِيا. (شاهه)

3- هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پَنا قولَ قِيامَ جا! (شاهه)

قِيامَ قيامت جو يا حشر جو ڏِينهُن.

1- درياه توتِي دانهن، ڏيندسِ ڏينهَن قِيامَ جي. (شاهه)

2- جي قِيامَ مڙَنِ، تہ ڪَرَ اوڏا سُپرِين، (شاهه)

چوڻي: قاضي جاڻي ته قاضي قيامَ جاڻي.

ڪ

ڪَارِ ڏَنڊو يا ڪَمُ.
1- يارَ! نڪو ڪم نڪو ڪارِ، ائين واندا ويٺا آهيون.
2- ڪِتان سِڪئين سُپرين، ڪا سائڪِي ڪارِ؟ (شاهہ)

ڪارِ جُٺ.
1- ڇوانءِ ٿو سِڏو ٿي هَلُ، نہ تہ اهڙي ڪار ڪندو سانءِ جو جڳُ ڏسندءِ.
3- پوليس اهڙي ڪارِ ڪئي آٿس، جو هاڻي انسان هوندو تہ چوري نہ ڪندو.

ڪارِ اونده، اونداهہ.
1- بَتي ٻارِي ٻوءِ ٻاهر وَڃ، جُهڙ ڪري ڪارَ لڳِي پئي آهي.
2- ڪڪرن جي ڪارَ لڳِي پئي آهي، شايد مينهُن پوي.

ڪارو جبل جو نالو.
ڇپر ڇمر پانئيان، ڪانيوءِ ڪارو (شاهہ)

ڪارو سياهہ.
چوڻي: ڪارو ٻڌ ڪمري سان، رنگَ نہ مٽائي، اوصاف ضرور مٽائي.
چوڻي: ڪارو الله جو پيارو.
چوڻي: ڪارڙو ڪمارڙو، اَنُ پاڻي ڏي تہ مينهُن وسي وسي.

ڪارو اندر جو پليت يا تعصبي يا بغضُ رکندڙ يا منافق.
1- مُنهن جو مِٺو ضرور آهي، پر اندر جو ڪارو آٿئي.
2- پلا جي هو اندر جو ڪارو آهي، تہ اسان کي ڇا

كندو، ڇيهو پاڻَ كي ڏيندو.
1- مُنهُن تہ آهيريانِ ئِي اُجرو، قَلْبَ مِ كارو. (شاهہ)

كارو زنا جو ملزم.
1- هُو كارو هئو، تڏهن ختم كيائونس.
2- هُو تمام اشراف ماڻهو هو، پر دشمني ۾ كارو كري ماري ڇڏيائونس.

كارا رنگ جا كارا.
1- آفريكا جا ماڻهو رنگ جا كارا ٿيندا آهن.
2- كارا كپڙا پائڻ، اڄ كَلهہ جو شوق ٿي پيو آهي.
3- هكڙا ماڻهو مُنهن جا ملوك، پر اندر جا كارا هوندا آهن.
1- اڄ پڻ اُتر پار ڏي، كارا كَكَر كيسَ، (شاهہ)
2- كارا رڱج كپڙا، ادا نيـر وتي، (شاهہ)
3- لهرن ليكو ناهِ كو، جِتِ كَپَرَ كُنَ كارا. (شاهہ)
چوڻي: اگرن جي واپار مان، هٿ بہ كارا تہ مُنهن بہ كارو.
چوڻي: اَبا! توبہ اَكَ كارا كيا، جو دنيا ڏسندي.

كاڙها سخت گرميون، ڏاڍا ڏينهَن يا تپشِ.

كاڙِها حكيمن ۽ پسارين جو كاڙهيل دوائون.

كوه ڇو؟ ڇالاءِ، ڇا كندين.
1- تِپي كندين كوهُ؟ ڏونگر! ڏكوين كي، (شاهہ)
2- ٻيون كوهُ ٻُڏنِ، ڇوڙي جي ڇڏيـنديون. (شاهہ)
3- روئي كنديـنءَ كوهُ؟ هاڻي ڪـو هوت وري، (شاهہ)
4- هوتُ تُنهنجي هنجَ مِ، پُڇين كوهُ پَهي؟ (شاهہ)
چوڻي: گهوٽ كنوار راضي، تہ كوه كري قاضي.

كوهُ جبل، كوهُ سليمان، كوه كيرٿر، كوهہ هماليا، كوهہ

هاڙهو، ڪوه ڪارو، ڪوه پپ ۽ ڪوه ڳاڙهو.

ڪوهُ بہ ميل.

1- سئو ڪوهَ ڪَري سَپِڪا، تون ڪُهي! ڪٺج وِڪ، (شاهہ)

ڪيچ گهٽا، جهجها، ڪافي، الاهي.

1- ابا! هن سال برساتيون پيون، بس ڪَريم ڪيچ ڪري ڇڏيا.

2- هن سال الله پاڪ ڪڻڪن جا ڪيچ ڪري ڇڏيا.

چوڻي: ڪَٽِي مان ڪيچ ٿي ويا.

چوڻي: دل نہ لاهِ، ڪَٽِي مان ڪيچَ ٿي ويندا.

ڪيچ ملڪ جو نالو، ڪيچ مڪران، پنهون جو ماڳ.

1- ٻانيڻ ٿي ٻوتيون تہ ڪُتا ڪيٺئي ڪيچ جا (شاهہ)

2- ڪيچ پهچي ڪير، وجڻ سين وس ڪريان (شاهہ)

3- اڳيان قوم ڪَپ، اي قالي آڏو ڪيچ ڪي (شاهہ)

4- ٻوءِ تان ڪونہ ڪيوم، هوند ڪشالو ڪيچ ڏي (شاهہ)

يارَ! توبہ ڪيچَ ڪيا!

ڪوڏ جشن.

1- آئون پنهنجي شهزادي پُٽَ جي شادي لاڏ ڪوڏ سان ڪَنديَس.

ڪوڏ نخرو ڪٽڻ.

1- گهڻي لاڏ ڪوڏ سان اولاد خراب بہ ٿي وڃي ٿو.

ڪوڏ خوشي.

1- پُٽ! تو اسان جو چوڻ نہ ورتو، تو پنهنجي ڪوڏ سان شادي ڪئي، هاڻي تون ڄاڻ تنهنجو ڪَمُ ڄاڻي.

1- ڪجي تان ڪوڏ ٿئي، سُڄي تان سيباءِ. (شاهہ)

2- ڪُنَ ڪَلاچِيءَ ڪوڏ، سُک نہ سُتا ڪَڏهين. (شاهہ)

3- پِيَسِ لوهَ لطيف چئي، لَتَسِ ڪوڏ ڪپُور. (شاهہ)

ڪوڏ ٻانيءَ سان ٻانيءَ ڪناري ليندڙ ڪچڪول.
ڪنِڍي در کي ايندڙ ڪنڊ.
ڪُنڍي مڇي مارڻ جي ڪُنڍي. جنهن سان ميربحر مڇيون ماريندا آهن.
ڪُنڍي پيچ.
ڪُنِڍي ٻنّي ڪان پوءِ زمين تي ٻچيل اَنُ.
ٻنّي ڪان پوءِ جيڪو اَنُ آس پاس ڏڙيل پکڙيل مَٽي سان پريل هوندو آهي. تنهن کي هاري صاف ڪري گهر کڻي ويندا آهن. ۽ اُن اَنَ ۾ زميندار جو دخل يا حصو نہ هوندو آهي. تہ اهڙي ٻچيل، ڏڙيل پکڙيل ۽ مٽي سان پريل ان کي ڪُنڍيءَ جو اَنُ چوندا آهن.
1- اهڙو تہ ٻکيو زميندار هئو، جو ڪُنڍي جو رهيل اَنُ بہ کڻي ويو.
2- ابا! هاڻي اِها ڪُنڍي ڇاڻو اوهان ڇاڻو. ٻنّي هاڻي پوري ٿي.
ڪُنڍي مينهن جو قسم.
ڪنڍيءَ جو کير پيءُ تہ خبر پوئي.
ڪوٽَ ڍالون، گرز.
اُن سين طبل باز، تيرُون، ڪُند، ڪنارا ڪوٽَ، (شاهہ)
ڪوٽَ محفوظ هنڌ.
ڪوٽُ بدن جو لباس، جيڪو اڪثر ڪري سياري ۾ ماڻهو پائيندا آهن.
ڪوٽُ قلعو.
مثال: رَني ڪوٽ، اُمر ڪوٽ، ڪلهوڙن جو ڪوٽُ، وڳهہ ڪوٽُ، ڪوٽ لالو، مطلب تہ سنڌ ۾ اهڙا ڪيئي ڪوٽ آهن.

1- اَڇي اَمَرَ ڪوٽ ۾، ڪَنديسِ ڪانـ ڪُريت. (شاهہ)
2- سونيُون ڪَڙيون ڪوٽَ جون، پيرن منجهہ نہ پاءِ،
(شيخ اياز)

ڪَنڊو — وڻ جو قسم.

ڪَنڊو — شڪايت.
1- ادا! پاڙي وارن کي جيڪڏهن اسان لاءِ ڪو ڪنڊو آهي تہ ٻڌائن ڇونہ ٿا؟
2- جيڪڏهن دوستن کي تنهنجي لاءِ ڪو ڪنڊو آهي تہ آئون بدلي ٿو ڪرائي وڃان.
3- الله ڪندو تہ منهنجي هوندي، تو کي ڪوبہ ڪنڊو نہ لڳندو.
1- تن جو ڪنڊوئي ڪَمُ ڪري، جو مَتس پيرُ پيو. (شاهہ)

ڪنڊو — بغض.
1- راڄَ وارن اسان جو ناہ بہ ڪرايو، پر هُو اڃان اندر ۾ ڪَنڊو رکندا اَچن.
2- پيارا! ڏس مون تو کان پيرين پئي معافي بہ ورتي آهي، پر تون اڃا دل مان ڪنڊو نٿو ڪڍين.

ڪَنڊو — ماڻهوءَ جي پُٺيءَ ۾ هڏين جو جوڙ.

ڪنڊو — رُڪاوٽ.
ڳالهيون ۾ ڪندا ڪيڏا پوندا نہ تہ قصو نہ هلندو.

ڪَنڌِي — سهارو يا واهہ يا وسيلو.
1- الله کان سواءِ، ٻي ڪابہ ڪَنڌي نہ آهي.
2- پيا ظلم سهون، پلا ڪاڏي وڃون، ٻي ڪا ڪَنڌي آهي ئي ڪانہ.

ڪَنڌِي — ڪنارو، ڪپر.
1- ساندہ سب درياءَ، پري ڪنڌي پار جي، (شاهہ)

2- ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، ساهَڙُ ساهڙ ڪن. (شاهه)
وائي: ڪنڌِي ساريان ڪانَ، يا امنُ امانَ
ٻاجهه ٻِلا تِي، پانئيان. (شاهه)

ڪُندَ نبد.
اُهي ماڻهو جيڪي دنيا جي ڪابه ڳالهه نٿا سمجهي سَگهن، سي ڪند ذهن آهن.
1- اهي ماڻهو اتي جواتي بيٺا هوندو، چاڪاڻ ته هُو ڪند دماغ آهن.
2- ماڻهن جا ڌُڪَرَ، ڪُندَ دماغ ڪري ڇڏيا آهن.

ڪُندَ پالا يا ڏڪا.
اُن سِين طبل، باز، تبرون، ڪُندَ ڪتارا ڪِيرَ. (شاهه)

ڪَنڌُ ڳِچي.
1- تيئي پرچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَتارو، ڪَنڌُ. (شاهه)
2- ڪَنڌُ ڪتارو، مُنهُن وَتي، عادت سَندِين اِي، (شاهه)
3- قربَ وارا ڪَنڌُ ڪِينَ ڪڍائن،
زهر جي ڏيندين ته به پِي ويندا. (شهيد سومرو)
چوڻي: اُٺ جو جيڏانهن ڪَنڌُ، اوڏانهُن پَنڌُ.

ڪَنڌُ بِلو.
1- بابا سائين! اسان جو به ڪو ڪَنڌُ ڪيو.
2- سائين! اسان کي به ڪنهن ڪنڌي ڪناري ڪيو، ڏاڍا ڏتڙجي ويا آهيون.
3- اَبا! هِن جو به ڪو ڪَنڌُ ڪر، سوير ڪان وَڃي ويٺو آهي.

ڪَمِي مزدور، پورهيت، ڪَمُ ڪَندڙ.
1- ابا! جي ساڳيا ڪمي نه آيا آهن، ته پِيائي وَڃي اچو.
2- سيٺ! اسان ڪَمِي پورهيت ماڻهو اوهان سان

کهڙي ٻولي ڪيون، جيڪو ڏنوَ، سو اکين تي.
3- هي ماڻهو اوهان ڏانهن ڪميءَ ڪمُ ڪري پيو موڪليان، منهنجو ضرور ڪمُ ڪري موڪليندا.
1- سوين هلن ساٿَ ۾، ڪَمي ءِ ڪوري، (شاهه)

ڪَمي

گهٽتائي، کوٽ.
1- الله جا احسان آهن جو ڪنهن شيءِ جي ڪمي ڪانهي.
2- انشاءَ الله اوهان کي ڪنهن بہ ڪم جي ڪمي محسوس نہ ٿيندي، دلجاءِ ڪريو.
1- لُطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانہ (شاهه)
2- مون وٽ مال متاع جي ڪمي آهي ڪانہ (شاهه)

ڪَمالُ

اوچائي.
(1) هي هِنَ ماڻهوءَ جو ڪمالُ آهي، جو هيڏيءَ وڏي عمر ۾ بہ علمي، ادبي ڪمُ ڪندو اچي.
2- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي بيشڪ ڪمال جو شاعر آهي.
1- پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻِهين حُسن ڪمالُ. (شاهه)

ڪَمالُ

حيرتَ يا عَجَبُ.
1- مون کي تہ تُنهنجو انهن ڪرڻ ۾ ڪمالَ ٿو اچي
2- ڪمالُ آهي، هي ننڍڙو ڪم بہ سنڌو نٿو ڪري.
3- پيارا! هي سڀ ڪَمُ پئسي جو ڪمالُ آهي.

ڪَمُ

مقصد پورو ڪرڻ.
1- ڙَڙَ تڪڙ تار گهڙَڻ، ايءَ ڪاتيارن ڪَمُ، (شاهه)
2- پيارا! ڪو ڪَمُ ڪار هجي تہ حڪم ڪر.
3- ڀلا اوهان نہ اسان جو ڪَمُ ڪندا تہ پيو ڪير ڪندو؟

كَمُ غرض.

1- جڏهن بـ تون مـون وٽ اچين ٿـو، كـو نـ كـو كَمُ كنيون اَچين.

چوڻي: كَمُ لٿو، ڏكڻُ وسريو.

چوڻي: الله كري تـ كنهن ۾ كَمُ نـ پوي.

چوڻي: اُميد ڀلي هجي، باقي كَمُ نـ پوي.

چوڻي: گدڙ ۾ كَمُ پوندو آهي، تـ وڃي جبل جي چوٽيءَ تي ويهندو آهي.

كَمُ ڌنڌو يا روزگار.

1- سڄو مهينو ٿيو آهي تـ گهرَ ۾ ويٺا آهيون، كَمُ ملي ئي نٿو.

كَمُ كِرت.

1- بس يارَ! نوكري كانـ مِلي، هاڻي موچِكو پيو كَمُ كيان.

2- شكر آهي يار! مهيني كَنَ جو كَمُ مِلي ويو آهي.

چوڻي: كَمُ نـ هجئي، تـ وڃي وڏيري جي اوطاق تي.

چوڻي: كَمُ اهڙو كـندوسانءِ، جئـن پـرڙو كـري ٻـارن سان.

كَلَ اِنجڻ.

كَلَ خبر يا سڌ يا پَروڙ.

1- كَنهن كِنهن پيئي كَلَ، تـ هَردوئي هيكُ ٿيا، (شاه)

2- كِنين كِنين ماڙهين، پيئي كَلَ كائي، (شاه)

3- هُنينءَ گهڻو هوشيارُ؟ كَلَ بـ هُيءِ كانڌ جي؟ (شاه)

4- آهي آساني، كَمَ پَئي تِي كَلَ پَوي. (شاه)

كَلَ عقل يا مت يا سمجهه.

1- خام خواه اَچي كَلَ ٽِڙي اَٿئي.

2- مَسَ مَسَ عهدو مليو اٿس، هاڻي الله ڪري ڪٿي ڪَلَ نه ٿڙيسِ.

3- تنهنجي ٿي آهي ڪَلَ خراب، تڏهن ٿو ماڻهن جون گلائون ڪندو وتين.

ڪَلَ گاهه جو قسم.

ڪِلي تڪبر، غرور، هَٺُ.

1- اوهان ڪي ڪِلي آهي، جيڪو ڪرڻو هجيوَ سو وڃي ڪيو.

2- ابا! ڪنهن ڳالهه ۾ ڪِلي اٿس تڏهن مُنهَن ڏئي نٿو ڳالهائي.

ڪلي ڪوڪو. جيڪو درن، دروازن ۽ ڪاٺ ۾ ڪم ايندو آهي.

ڪَلِي تنگِي.

1- ابا! هيءَ قميص ڪِليءَ ۾ تنگي ڇڏ.

2- پٽ! اهو ڪوٽُ ڪِليءَ مان ڪنيو اَڇُ.

ڪَسُ دل جي ڪوٽ.

1- اڄ ڪله ماڻهن جي دِلين تي ڪَسُ چڙهندي ٿي وڃي.

1- لاهي جو لطيف چئي، مٿان قلبَ ڪَسُ. (شاهه)

2- ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٽُ ڪٽي. (شاهه)

ڪَسُ نقصان، ڇيهو، ٽوٽِ.

1- ها! مون کي خبر آهي ته تون ڪَسُ ڪاڻ وارن يارن مان ناهين.

2- پيارا! نياڻو آهي ته پوءِ ڪَسُ ڪَسَرِ ڪي نه ڏسبو آهي.

چوڻي: ڪَسُ ڪاٽي، تڏهن رَسُ ٿيندو.

1- قربَ ۾ کهڙي آهي ڪَسُ،

وارِ سَجڻ ڪي وصالَ جون وايُون.

(طالب المولي).

ڪَسُ ڪَٽُ.

ڪَسِي گھٽتائي واري.

1- يارَ! ڳالھ تہ ھاڻي ڏاڍي ڪَسِي ٿي پيئي آھي.

2- اسان اجايو خسيسِ ماڻھن جي اڳيان ڪَسِي ٿيلسين.

3- بردبار عقلمند ۽ سچا ماڻھو ڪٿي بہ ڪَسِي ڳالھ نہ ڪندا آھن.

چوڻي: مڙسَ ڪَسِي ويندا آھن، پَرَ ڪَسِي نہ ڪندا آھن.

ڪَسِي پاڻيءَ جي نيڪال جو گسُ.

ڪَسِي عيبدار.

ڪَڪَ گھرَ.

1- يارَ! پنھنجا ڪَڪَ ڏاڍا ڏکيا ڇڏيا اٿئون.

2- مَري ويندا سون، پر پنھنجا ڪَڪَ ڪونہ ڇڏيندا سين.

3- خدا جا احسان آھن، جو پنھنجا اَبرا سَبرا ڪَڪَ آھن.

4- ھِنن اسان جا ڪَڪَ لتاڙيا آھن، اسين ضرور پلاندُ ڪنداسون.

ڪَڪَ گاڏ.

1- ھن سال بہ جَبل ۾ ڪَڪَ ڪونہ ٿيا، مال ڏھرو ٿيندو ويو.

2- يلا ڏيو خبر، جبل مان پيا اچو، مال لاءِ ڪي ڪَڪَ پَنَ ٿيا آھن يا نہ؟

ڪَڪَ سنھيون ڪائيون.

1- ڪَڪَ ڪانديرا، ڪائيون، ميڙي، بَڏمَ مَڏُ. (شاھ)

2- تون ٿو چوندين ڪَڪَ، مان اُڏران آڪاسَ ۾. (شيخ اياز)

چوڻي: ڪَڪَ جي چوري، لَڪَ جي چوري.
چوڻي: ڪَڪَ جو چور، لڪَ جو چور.

ڪَڪَ ڏنگ.
1- اڄ رات پاڻي ورائيندي، همراه کي ٻلا ڪکي وڌو.

ڪَڪَ ٽِرهو. جيڪو ڪَکَنِ جو ٺهيل هوندو آهي.
1- اُپِيُون اوڙئين پار ڏي، ڪوڙيُون ڪَڪَ پُچَنِ. (شاهه)

ڪُرسِي اقتدار.

ڪرسِي عهدو.

ڪرسي ڪونيت وڻ جي پاڙ.

ڪَڙِي قابو، مضبوط، سوگهي، قاتل، قيد.

ڪَڙي ڪاري. جيڪا شئي کائي به نه سگهجي.

ڪِڙي قابو ٿي.
1- ڪيچِينِ آئون نَه ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکيءَ ڏاڙهُ ڏائيو. (شاهه)

ڪَڙِي ٻانهن ۽ پير جي مُرين ۾ پوندڙ زيور.

ڪَڙي زَخَمَ جو چميل رت.
جمع ۾: چِڪيا چاڪَ چِيفُون ڪري، ڪَڙِيُون مُورُ نه ڪَنِ. (شاهه)

ڪَسَرَ گيسَرِ.
1- ڪرها ڪَسَرَ چِڏِ، وِکَ وِڏَنڊي پاءِ. (شاهه)
2- ڪَسَرَ چِڏِ ڪنوات، وِکُون وِخهه وڏنديُون. (شاهه)

ڪَسَرَ ڪَسُ يا زنگُ.
1- الاهي ڪَسَرَ ڪَٽُ، اَچِي ڪوڙِ قناتون ڪاڪ ۾. (شاهه)

ڪَسَرَ فائدو.
چوڻي: پِلي ڪَسَرَ هجِني، چا ياد ڪندين!

ڪَچَ بغل.

ڪچ ماپ.

1- اَبا! اھا زمين تپيدار سان گڏ وڃي ڪَڇَ ڪري اچو.
2- جيستائين زمين جِي ڪَڇَ نہ ڪبي، تيستائين ڪاٻہ ماپَ جي خبر نہ پوندي.

ڪَڇَ چيلھ وارو مٿيون ڍڪڻ.
مائرون ٻارڙن کي ڪَڇَ تي کڻي گھمائينديون آھن.
1- ماشاءِ اللّٰه ھاڻي تون جوانُ ٿي ويو آھين، مون تہ توکي ڪَڇَ تي کڻي بہ گھُمايو آھي.

ڪَڇِ ڏکڻ ڏانھن.

ڪَرمُ ٻاجھ.
1- اللّٰه جا لَکَ ڪَرَمَ آھن، جو وقت خير جو سُٺو پيو گُذري.
1- قادِرُ سائي ڪَرَمَ، حاصل ڪري حاجَ تو. (شاھہ)

ڪَرمَ مھربانيون.
1- پيارا سائين! اھي اوھان جا ڪَرَمَ آھن، جو غريب جي ڌڌي تي آيا آھيو.
2- يارَ! اھي اوھان جا ڪَرَمَ لاھي تہ ڪونہ سگھندسُ، پَرَ ڳائيندسُ ضرور پيو.

ڪَرَمَ قسمت.
1- ويچارِي کي اھي ڏک بہ ڪَرَمَ ۾ لکيل ھُئا.
2- يارَ! تنھنجا ڪي ڪَرَمَ اھڙا آھن، ٺھيل نڪيل ڪم بہ ڀِھيو وڃي.

ڪُتَڻُ جسماني سزا ڏيڻ.
1- اھڙين خراب عادتن کان توھان کي پنھنجي ڇوڪري کي ڪُتَڻُ گھُربو ھو.
2- امان! اھاڻي تہ مون کي بابي جي ڪُتَڻِ کان بچاءِ، آئنده مون تو يھہ ڪَئي.

ڪُتُڻُ وچ ڪُتر.
1- اهو ڪُتُڻُ توڪي ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور مصيبتَ ۾ وجهندو.
2- ڪُتڻ جيستائين ڪُتڻپو نہ ڪري، تستائين آرام ٿي نہ اچيس.

ڪُتڻ سٽڻ.

ڪُتڻ ورجاءِ ڪرڻ. ڪوڙ نہ ڪُٽ.

ڪُتِي ڪاٽڻ جي ڪُتِي.
گيهہ ۽ ڪَنڌُ مانيءَ سان مِلائي، اُن کي پوريو تہ ڪُتِي ٺهي پوندي. اها بہ شاديءَ جي رسم آهي تہ راتِ جو ڪُنواريتن طرفان گهوٽ کي ڪُتِي ڪارائيندا آهن ۽ ڪُتيءَ جي گهوٽيتن کان گهورَ وٺندا آهن.
چوڻي: ڪُتِيءَ ڪاٽڻ لاءِ بہ ماڻدا تا گهُرجَنِ.

ڪُتِي ماري، بيعزت ٿي.
چوڻي: ڪُتِيءَ ڪاٽڻ وارا منجنون گهٽا آهن.

ڪُتَ مارَ.
1- چورا! چڱو پٽهين کي رڳو گهر ۾ اچڻ ڏي، ڏِسُ تہ کهڙي نہ ڪُٽ ٿي ڪڍرايانءِ.
2- پوليس اهڙي ڪُٽَ ڪڍي اٿسِ جو انسانُ هوندو تہ آئينده اهڙيون حرڪتون نہ ڪَندو.

ڪُتَ ڪَسِي ڪرڻ.
ڏاندن ۽ ٻَڪَرن جي آنُورنِ کي ماٿهو ڪُٽَ ڪندا آهن تہ هو ڪسِي ٿي پوندا آهن. ان ڪري تہ جانور سگها ٿين ۽ گوشت ڏِينِ. پر اُهي ڦَرَ پيدا نتا ڪري سگهن.

ڪُتَ ڪُتيل ساريون.
جڏهن ساريُون لهنديُون آهن، تڏهن هاري ساريُون زمين

تي سَٽي اُن مان اَنُ (جانور) ڪَڍي ڪائيندا آهن ۽ اُنهن
ڪي ڪُٽ َ سُٽَ واريون ساريون چٽبو آهي.

ڪِتي لوتي. (اُنَ جي نهيل لوئي)
1- اُبانَن جي آسري، ڪِتي ڪانَ ڪَيامِ. (شاهه)

ڪَتي فصل جو قسم.
جنهن ۾ جوئر، تِرَ، چٽا، مٽر، ڪپهه ٿيندي آهي.

ڪِتي رات جو آسمان ۾ تارن جو هڪ جُهڳٽو.
ڪَتيءَ جي بالڪل پرسان ٽيڙو به هوندا آهن.
ڪَتي جو جمع ڪَتيُون آهي.
1- ڪَتنِ ڪَرَ موڙيا، ٽيڙو اُپيا ٽيئي، (شاهه)
2- تارا ڪَتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دِلبَرُ، (شاهه)

ڪَتارَ خنجر، ڪاتي.
1- ٽيئي پرچيا پاڻ ۾، تنڌُ، ڪَتارو، ڪَنڌُ، (شاهه)
2- ڪونڌرَ! هيءَ ڪَتارَ آهه، چونه هِٽين تو هاڻ؟ (شيخ اياز)

ڪَتارِ ساز جو قسم.

ڪَتارَ ڪن تار.
1- يار! ڇو پيلا، ڪتارَ پيو ڪرين، ناراض آهين ڇا؟
2- پَلي ڪيڏا به وڏا ماڻهو هجن، پر فضيلت نه هجِين
ته انهن کان ڪتار ڪندو آهين.

ڪَانِي ڪانُ، تير، ٻاڻ.
1- ابا! خدا جي ڪا ڪاني لڳين، هڪڙي مينهن هئي،
سا به ڪاهي ويا.
2- ابا! اهي بزرگ ٿي مري ويا، جن جي ڪاني ڪرامت
ڪم ڪندي هئي.
1- تنين ڪي تعليم جي، ڪُڙهه اندر ڪاني (شاهه)
چوڻي: جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني.

ڪانِي سَرَ جو ڪچو ڪانو (سَرَ کي ڪانهن بہ چوندا آهن)
1- ڪچي ڪاني ڪانهن، ٻُڌا ڪڍي ٻار مان (شاهہ)
2- ڪوڙ ءِ ڪاني، آهي سِرَ سيئ ڪنهن (شاهہ)

ڪانِي سرائي، جنهن سان اکين ۾ سُرمو وجهبو آهي، لاڙ جا ماڻهو، سَرائي کي ڪانِي بہ چوندا آهن.
1- ٿورو ٻاءِ ترس، رڳو سُرمي جون ٻہ ٽي اکين ۾ ڪانيون وجهي اچان ٿو.
2- يار! هي ڪاني خراب آهي، سُرمو نٿي ڪڍي، ٻي ڪا آڻي ڏي.
1- تون ڪا ڪاني پاءِ، وَنءِ ۾ وصال جي (شاهہ)
2- ڪاني ڪارائيءَ جي، مُڙس تي مَ پاءِ (شاهہ)

ڪانِي نڙاڻي.
1- جِنَن ڪا ڪانِي ڪانهَن، لُسنِدي لاتيُون ڪَري، (شاهہ)

ڪانِي پِٽَ يا بد دُعا.

ڪايَا شيشا.
1- اَبا حيدرآباد وڃي بہ پيو، اگ پوءِ ڪايا بہ وٺيو اچجانءِ.
2- در ءِ دريِن کي آهستي آهستي ڪري ڇنڊبو، متان ڪايا نہ ڀڄي پون.
ڪايا جو واحد ڪايو.
1- ڪايو ڪمايوم، موتِي مون نہ وٽجيا. (شاهہ)

ڪايا پَجَرَ.
جيڪي ڇَپَرَنَ ءِ مَنهَن ۾ لڳندا آهن. لاڙي زبان ۾ پَجَرن کي ڪايا چوندا آهن.

ڪايَا صحت يا تندرستي.
1- هاريا توهِري، ڪُپَجُ ڪايا سين ڪيو، (شاهہ)

2- سِر ڏنائون ست ۾، ڪايا، مايا، مال. (روحل صوفي)

ڪاڪا چاچا.

لاڙ ۾ چاچا يا ڇاچي کي ڪاڪا به چوندا آهن.

1- آئون هيڪلي حب ۾، نه مٽ نه ڪاڪو، (شاهه)

ڪاڪا ورلي.

1- ڪاڪا عورت جاڙن ٻارن کي به جَنم ڏيندي آهي.

2- مينهون ته سڀ مينهُون آهن، پَر ڪاڪا مينهن نهايت ڀَلي ۽ ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

ڪافِي بزرگانه اهميت رکندڙ جاءِ.

سيوهڻ شهر ۾ بزرگن، درويشن ۽ فقيرن جي رهڻ جون جايون آهن. جن کي ڪافي يا ڪافيُون سڏيو ويجي ٿو.

مثال، پناٿن جي ڪافي، بودلي بهار جي ڪافي، شير يا شينهن واري ڪافي- البت اها ڳالهه تحقيق طلب آهي ته اهو ڪافي لفظ انهن رهڻ وارين جاين تي ڪيئن پيو ۽ چو پيو.

پوري پاڪستان جي درگاهن تي ڪافيون ڪونهن فقط سيوهڻ شريف کي ئي ڪافين جو شرف مليل آهي.

ڪافِي شاعري، جي صنف.

ڪافي جو لکڻ ۽ ڪافي جو اوج. خواجا غلام فريد رحمة الله عليه ۽ حضرت بلا شاه جي دور ۾ گهڻو رهيو. البت هڪ صديءَ هن آخري دور ۾ مصري شاه، نصرپور وارو، زمان شاه ٽنڊي وارو، حمل فقير، طالب المولىٰ، شيخ اياز، استاد بخاري به ڪافيءَ تي ڪافي لِکيو آهي. مصري شاه نصرپور واري کي ڪافي جو بادشاه چون ٿا. ڪافي تي حضرت طالب المولىٰ به ڪافي نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي.

ڪافِي پوري آ يا پورو آ.
1- هيءَ جاءِ اسان جي رهڻ لاءِ ڪافي آهي.
2- هي ڪمرو ڪلارڪن جي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

ڪافِي گهربل تعداد.
1- هن شاديءَ ۾ ماڻهو ڪافي آيا هئا.
2- يار! ماڻهو ڪافي اچي ويا آهن، هاڻي مانِي شروع ڪيو.
ناگا ساڪِي ڪافي ناه،
سيڪجهه ناسُ ڪندو نادانُ! (شيخ اياز)

ڪَتَ فڪر، ڳڻتيون، هٻڪ.
1- جهاڳِيندي جَرَ پَتيُون، مَتان ڪرين ڪَتَ. (شاهه)
2- سِجُ سامُهون مُنهَن ۾، متان ڪرين ڪَتَ. (شاهه)
3- ملڻ جي مشتاقَ سِين، ڪانَ ڪيائون ڪَتَ. (شاهه)

ڪَتَ اندازو، غور، ڳڻ ڳوت.
1- وَڏو نانءُ الله جو، پَر جي ڪجي ڪَتَ. (شيخ اياز)
2- مون سيوئي سَڳُيون، پَسِي ڪينَ مَ ڪَتُ. (شاهه)
3- ڪَتَ نہ ڪَندو ڪاءِ، جُہ ٻلاڻيو تہ پرينءَ مڙي. (شاهه)

ڪَتَ منصوبہ بندي.

ڪِلي جَنگ يا ويڙه.
1- ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، هَيءُ! جي حَسنُ هَنو.
2- ڪونر ڪِلي جا ڪوڏيا! جا نڪي تائين جيُ. (شاهه)
3- ڪلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، سائو سَپِ نَہ هُون. (شاهه)
4- ڪُوپا ڪِلي ڪوڏيا، راوتَ ڪِينَ رَهَنِ. (شاهه)
5- ڪلي ويلَ ڪهو، جو سامهون تئي سَپَن ڪي؟ (شاهه)

ڪِلي مال ٻڌڻ جا ڪِلا. جيڪي ڪاٺَ جا نهيل هوندا آهن.

1- اَبا! هيءَ ميـنهن ڇڙي وِئي آهي، تنهن کي کِلي ۾ ٻَڌي ڇڏ.

2- سڄو ڏينهن ٻَڪري کِلي ۾ ٻڌي اَٿوَ. ڪوليـوسِ تہ ڪجھ تنگون تہ سَهسائي.

چوٿي: وَڃ بہ کِلي آهرِ ڪَڏُندي آهي.

ڪوٺيُون ڪمرا ۽ جايون.

1- ڪوٺـيُون قيـمت سَنڊيُون تَرَ ۾ تاڪِيائُون. (شاهہ)

ڪوٺيُون بندِيخانا.

1- مارن کي ملنڊياس، ڪوٺيُون ڇڏي ڪڏهين؟ (شاهہ)

2- جَهروڪَنِ جهورِيو هِنيون، ڪوٺِيَنِ آئون ڪُنياسِ. (شاهہ)

3- پـيـڪڙا پـيرن ۾، ڪـوٺينِ انـدر ڪيرَ. (شـاهہ)

4- ڪوٺيئنِ وِهان ڪِيئن، جي بَنديائي نہ هُئان؟ (شاهہ)

ڪوٺيُون سَڏيُون يا گهُرائيُون يا دعوت ڏيون.

1- صبحائي سَڄي راڄَ کي ٿا ڪوٺـيُون، پوءِ جيـڪو بہ فيصلو ڪَنِ.

ڪاٺَ قيدَ خانا.

1- هَٿڙِيُون هَٿَنِ، جَنگهُون ٻانـهُون ڪاٺَ ۾! (شاهہ)

ڪاٺَ مصِيبتَ يا آزارَ.

1- پاڻ تہ جند ڇڏائي ويا، پر اَسان کي ڪاٺَ ۾ وجهي ڇَڏيائون.

2- نٿو مَڃي تہ ڇَڏي ڏِيوسِ، پاڻهين وَڃي ڪاٺَ ۾ پوندو.

ڪاٺَ وڻن جا ڪاٺَ. جنهن مان عمارتي ڪاٺ ٺهندو آهي.

کَلِيُون هانوَ.

1- سٽيـو رَڙِ رَعَدَ جي، کَليُون ٽِيـون ڪَنَبِنِ. (شـاهہ)

کَلِيُون اڪيليون.

1- کَلـيُون کِينَ کُڄَنِ، ويـچاريُون وَرَنِ ري. (شـاهہ)

ڪَلِپُون مڇيءَ جون ڪليُون. جنهن مان مَڇي ساهه کڻندي آهي.

ڪَلِيون انسان جون ڪَلِيُون.
جيڪي ماٺهو جي ڇاڙيءَ جي ڀرسان هونديُون آهن ۽ جڏهن اُنهن ۾ سُورُ پوندو آهي تڏهن انسان ڪِٿي ڀي مشڪل سان سگهندو آهي.

ڪَلِيُون گُلن جون ڪَليُون (مُڪڙيون)

ڪُنڍِيون وَرِيلَ سنگَنِ واريون مينهُون.
1- ڪانڌَ مَ وِڪڻِ ڪُنڍيُون، ڏَنُ سَيوڻي ڏارِ. (شاهه)
2- ڪُنڍيُون ڪاهي گُس ڪَريو، وَڃُون ڪريو واٽَ. (شاهه)
3- ڪاريُون، ڪَڪيُون، ڪُنڍيُون، وارا ڪَٺو وِينِ. (شاهه)

ڪُنڍِيُون دَروازَنِ، دَرِيَنِ جي بند ڪرڻ جو ڪُنڍيُون ۽ ڪَڙا.

ڪُنڍِيون مڇيءَ مارڻ جون ڪُنڍيُون.

ڪورِي ڪورڪو ڪم ڪندڙ پورهيت.
1- سوين هَلَنِ ساٿَ ۾، ڪَمِي ۽ ڪورِي. (شاهه)

ڪورِي نئون ڪپڙو، جيڪو اڃان ڀهريون ڌوپُ بہ ٿيو نہ هجي.
استاد! هي سوڙ جي ڇَو بلڪل ڪوري اٿو، چڱيءَ طرح ڌوئجو.

ڪورِي ڀيري يا ٽُڪرو.
1- اَمان! مون کي تہ مڇيءَ مان هڪ ڪوري ڪڍي ڏي تہ آئون ڪِٿي ڪَمَ تي وڃان.
2- ادا! مهاڻا، مون کي سڄي مَڇي کپي، پَرَ اُهي ڪوريون ڪري ڏي.

ڪورِي ذات جا ڪوري.
حِوَيي: ڪوري مَت نوري.
حِوَيي: ڪوري بہ ٽا ترارون هڻن.
حِوَيي: تون بہ ڪورڪي ٽڪر ڇڏ.
1- سوين ملن ساٿ ۾ ڪمي ۽ ڪوري (شاهه)

ڪ

ڪِيرُون قطارون يا صفون يا ٽوليُون.

1- ويئُون ٻَـہ ٻَئي، ڪِيرُون ڪاهوڙِن جُون. (شاهه)

ڪِيرُون مبارڪون يا واڌايون.

1- ڪٿيو ڪيانتو خبرون، ڪيرُون ڏيو ڪِلي، (شاهه)

2- ڪيرُون ڪٿيرُن ڪي، وجي ڏيه ڏيان! (شاهه)

3- سَڄَڻ ڳِرِ لائي، ڪِيرُون ڏِينديَس جيڏِيين. (شاهه)

1- پيارا! ڪيرُون هجنئي، جو امتحان ۾ پاسِ ٿيو آهين.

2- يارَ! ٻُتَ چمڻ جون ڪيرون اٿئي، هاڻي تہ مٺائي ڪاراءِ!

ڪَرَ گنڍَ.

1- ڪَرَ ڪي ڪپڙُ ڪاءِ، نانگُ مٽيارو نِڪري، (شاهه)

2- ڪَرَ خرابُ ٿِيين، هَيا! هڇارا! (شاهه)

ڪِيرَنِ وڻ جو قسمُ.

ڪاٺي ڪِيرِنِ هيٺ، وينِي روءِ رَت ڦُڙا. (شاهه)

ڪِيرنِ ڪير جو جمع.

دعا ڪر ادا چونئريون ڪِيرِنِ سان ڀَريُون پيُون آهن.

ڪَڙَهَ لنگهُ.

ڀراڙي ۾ جن ماڻهن جي گهَرن ڪي چوڌاري لوڙها هوندا آهن. اتان وري اڃڻ وَجڻ جو دروازو ٻڻ ناهيندا آهن، جنهن ڪي ڪَڙَهَ چوندا آهن. ڪڙه ڪي ڪاٺ جو در دروازو نہ هوندو آهي فقط ان ڪي اچڻ وڃڻ واري جاءِ ڪي هڪ وڏو ڍنگرُ ڏئي ڇڏيندا آهن يا جتي ٻاهران ڪاشيءِ اندر اچي سگهي.

1- ڪَڙهَ اڳيان ڪَپُ، ڏهاڙي ڏاتار جي، (شاهه)
2- اسان جي هِنَ حراميءَ ڪَڙهَ لتاڙِي آهي، تنهن ڪري راڄُ اسان جو فيصلو ڪري.
چوڻي: جَتُ سچو تہ، ڪَڙهَ تي ڪير پيارِي.

ڪَڙهَ ڪُڪڙَ جون شيخون.
ڪڪڙ جي ڪڙه سندس ٻنهي ٽنگن ۾ هوندي آهي. ٻئي ڪَڙهُون اهڙيون تہ تکيون ۽ نوڪدار هونديون آهن.
ڪُڪَڙ جڏهن پاڻ ۾ وڙهندا آهن، تڏهن هڪ ٻئي تي ڪڙهون استعمال ڪندا آهن. ڪاڪا ڪَڙهَ تہ اهڙي مخالف ڪڪڙ کي لڳي ويندي جو پَٽي تي پيو ڦٿڪندو آهي ۽ ڇُري سان ڪيس حلال ڪبو آهي.

ڪَڙهَ اهڙي ٺوڪ جيڪا ٻئي کي نہ رنجائي.
1- ها يار! آئون ڏسان پيو تون ڪالهہ کان وٺي پيو ڪَڙهُيون هڻي.
2- تون اسان جي ڪَڙهَ پچائي ڪونہ سگهندين، تنهن ڪري اسان کان مُڙي لنگهہ.
3- اسان جي بہ ڪا ڪَڙهَ لڳئي، تہ يار! ڏينهن کي ڏسَ ڏيندين.
4- هائو يار! پيٽ پريل اٿس، تڏهن ٿو ڪَڙهُون هَڻي.

ڪِلَ ٺمڪ يا مُرڪ.
1- اَبا! ايڏي ڪِلَ ڪٿان آندِي اٿِي.
2- قادربخش منوءَ اهڙو ڪلايو جو ماڻهن جي ڪِلَ بند ئي نہ ٿئي.
3- يارَ! ڪجهہ سنجيده بہ ٿِي، ايڏي ڪِلَ بہ ڪوئي هرويرو نٿي نهي.
ڪِلُ تڏهن، جڏهن ڪَنجي.

دوست اٿين نہ مُنهن مَتجِي. (شاھ)

ڪِلَ ٺٺولي يا چٿَرَ يا ٽوڪَ بازِي.

1- آئون بہ ڏسان پيو تہ سويرَ ڪان وٺي مون تي ڪِلَ ڪندو پيو اچين.

2- يارُ! اھا تہ بالڪل ڪِلَ جهڙي ڳالھہ آھي جو توجهڙو ماڻهو بہ جوا ڪري.

3- اَجائي ڪنهن غريبَ تي ڪِلَ ڪرڻ، خدا ناراض ٿئي ٿو.

4- اھا ڪھڙي نہ ڪِلَ جهڙي ڳالھہ، جو اسان جي ڳوٺ مان چورِي ٿي وڃي!

ڪَرِي خراب ٿي يا بيڪار ٿي.

1- تو وانگر دوست هاٿي، ڪرِي پيو آهي.

2- يار! واٽ تي اسان جي ڪارِ ڪَرِي ٿي پئي، تڏهن دير ٿي آهي.

3- مون سمجهو تہ همراه لنڊن مان پڙهي سڌري ايندو، پر پاڻ ڪَرِي آيو آهي.

ڪَرِي سچي يا صحيح يا دُرستُ يا چٽي.

1- تو مون سان بالڪل ڪَرِي ڳالھہ ڪِئي آهي، پر هُو همراه اجايو ڪُوڙ هڻي ويو.

2- ماڻهو هميشہ ڪَرِي ڳالھہ ڪري، پوءِ ڪير رُسي تہ پلي رُسي.

3- بابا! فيصلو سچو توتي رکيل آهي، جيڪا ڳالھہ هجي سا سيني جي سامهون ڪَرِي ڪَرِي ٻُڌاءِ.

1- خَبرَ ڏي ڪَرِي، ڪا مومل جي منجازَ جي. (شاھ)

2- اُتان اوڻي آيو، خَبرَ ايَ ڪَرِي، (شاھ)

ڪَرا سَچا يا سَچُ ڳالهائيندڙ.

1- شايد منهنجا لفظ ڪَرا هئا، تڏهن منهنجون شڪايتون ڪن ٿا.

2- ڪَرا ماڻهون هرهنڌ وڻندا آهن ۽ ٻُرندا آهن.

1- ڪاهوڙي ڪَرا، سُوڌي خَبَرَ پَڪيا. (شاهه)

ڪَرا ڪَرا جو واحد ڪَرو.

2- چڏي ڪيتُ ڪَرُو، لوچي لاهوتِي ٿيا. (شاهه)

ڪَرا اَنِ جا ڏِڳَ يا ڍِيرَ.

ڪَريون خراب ٿيون يا بيڇڙيون ٿيون.

1- اَبا! اڄ ڪلهه ڪي زالون بہ نشي تي اچي ڪَريُون آهن.

2- ٻڪريُون ٻيلِ تي اچي ڪِريُون آهن، هاڻي تہ هڪ هنڌ ويهي نٿيُون چَرَنِ.

3- تو وارو ڇوڪرو هاڻي تہ اچي ڪَريو آهي.

چوڻي: پوڙهپڻ ۾ اچي ڪريُو آهي.

ڪَريُون سِڌيون، سَچيُون.

1- مون سان سڀ ڳالهيون ڪَريُون ڪيون اَٿس.

2- مون بہ اهڙيُون ڪَريون ڀِڏايون اٿمانسِ جو ياد ڪندو.

3- آئون سمجهان ٿو تہ تو جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن، سي سڀ ڪَريُون ڪونهن.

ڪَريون ڪرا جو مونث.

مثال: ڪڻڪ جو ڪَريُون، سارِين جو ڪَريون، اَٽي پيهَڻ جو ڪَريون، ڪپهہ صاف ڪرڻ جون ڪريون.

ڪَپَتِ ختم ٿيڻ.

1- اُتـي وَڃي لَڳيُون، جتـي جانِ ڪَپَتِ. (شاهه)

ڪَپَتِ جهوري يا ڳٽتي يا ڳاراٽو.

1- ڪپت ڪاهوڙِيَنِ، آهَ اُٿني پئي نہ لَهَي. (شاهه)

2- آهسِ پــائرَ پــارَجو، ڪِجَڻُ ءِ ڪَپَتَ، (شــاهـ)
3- مُنــدَ مــاروءَ جي نــه لَهــي، ڪَپَت ڪجاڻي. (شـاهـ)

ڪارا — مَڇُين رڪڻ جا ڪارا. ميڇين رڪن جا هَنڌَ.
1- چارا ءِ ڪــارا، مــال جَنين جو مَڪــڙيُون. (شـاهـ)

ڪارا — ڪَڙا.
1- وَرُسي ڪـارا ڪـوڏَ، سَنجِيَمِ جي ساڙيـهَ جا، (شـاهـ)

ڪاڌا — طعام.
سَتَرَ ڪـاڌا ڪيَڻ، جُه ڏئـو مُنـهن مَحـبـوب جو. (شـاهـ)

ڪاڌا — ڏِنگيا يا چَڪِيا. ڪُتَن ڪاڌا، نانگَنَ ڪاڌا.

ڪِهي — ننڍڙو ڪوهه.
ڪـنـهـن دور ۾ ڳوٺـن ءِ شـهـرن ۾ ڪِهيُون بـه ڪـوتـيـل هونـديون هيـون. جتان مـاٺـهو پـاڻـي پـريـندا هُئـا. هاڻـي بـه ڳوٺن ۾ اُهي ڪوهيـون آهن جتان ماڻـهو پاڻـي استعـمال ڪن ٿا.
1- اَبا وڃ ءِ وڃي ڪُهي تان پاڻي پري اَچُ.
2- يارَ! اسان جي ڪُهي جو تـه هاڻي، پاڻي بـه سُڪِي ويو آهي.
3- مون پـنهنجي ڳوٺ ۾ ثواب خاطر وڏي ڪُهي ڪٽائي آهي.
1- جتَن سـي ڪـوهـيءِ نـارَ، وهَنِ وارِيءَ گــاڏئـان، (شـاهـ)

ڪِهي — ٿڪجي يا هلاڪ ٿي.
1- ادي! آئـون سچو ڏيـنهـن گهر جو ڪم ڪَري ڪـڍي ڪُهي پَئي آهيان.
2- ادي! چڏ تـه گهرَجو ڪـم ڪـريـان، اجان ڪُهي ڪانـه آهيان.
3- پيـڻُ! شاباس هجئي، هيترو ڪم ڪيو اٿئي، پوءِ بـه

کِهي ڪانہ آهين.
1- کِهي جا ڪنيائين، وِکَ تَنهين ويجهي ڪئي، (شاهہ)
2- سَئو ڪوهَ ڪري سَيڪا، تون، کِهي! ڪڍج وِکَ. (شاهہ)
3- لنگهائي لطيف چئي، کَڍج چامَ کِهي. (شاهہ)

ڪَنڊو ڏيتي ليتي.
1- بابا! ويھُ تہ سمورو ڪنڊو لڪرايانءِ ءِ وڃي شهر مان وٺي اچ.
2- منهنجو مقبول سيٺ سان مهيني جو ڪنڊو هوندو آهي، توکي جيڪو سامان کپي سو منهنجي نالي وٺي ڪڻ.
3- آئون ڪڏهن بہ اُڌاري تي ڪنڊو ڪونہ ڪٽندو آهيان.
4- تو اِڳئين مهيني جي ڪنڊي جو حساب نہ چڪايو آهي پيو سامان ڪونہ ڏيندوسانءِ.

ڪنڊو بيزار ڪرڻ.
1- مختصر ڳالهيون ٻڌاءِ، اجائي ڊيگهہ نہ ڪر، متان ڪنڊو ڪٽي ويهي رهين.
2- تقرير مختصر ڪجانءِ، متان ڪنڊو ڪٽي ويهي رهين.
3- آئون جنهن ڳالهہ جو توکان پڇان ٿو، اُن جو جواب ڏي، تون وڃي پنهنجو ڪنڊو کولي ويٺو آهين.

ڪَڻُ جڳهہ جي ڇتِ جو حصو. ڪَڻُ جو جمع ڪَڻَ.
جاءِ ڇت ۾ ڪامون رکيل هونديون آهن. ڪامن رکڻ سان سڄي ڇت حصن ۾ ڀاڱن ۾ ٿي ويندي آهي. اهڙن حصن يا ڀاڱن کي ڪَڻَ يا حصا چئبو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ ڪامَ ڇت تي لڳل هوندي بہ ڪَڻ نظر ايندا. جي ٽي ڪامون هونديون چار ڪَڻ نظر ايندا.

ڪَڻ
بلا جو قسم.
چون ٿا تہ هي ايڏي خطرناڪ بلا آهي جو ان جي ڏنگڻ سان ماڻهو ترت مريو وڃي.
چوڻي: هڻ ڪڻ معنيٰ هوڏانهن بلا ڏڪ هڻي، هيڏانهن همراهہ ڪي ڪڻ. همراهہ جي بچڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

ڪَتِي
ڪَتڪو ڪم ڪندڙ.
سنڌ ۾ رنگ ۽ ڇَرَ جو ڪم اصل کان وٺي ڪَتِي ڪاريگر ڪندا آهن. اُجرڪون ٺاهڻ سندن وڏو فن ۽ ڪمال آهي. اصل ۾ ڪتڪو ڪم ۽ ڏنڌو سندس پورهيو ۽ گذرمعاش آهي. ورنہ هي ماڻهو اصل ۾ ذات جا سُومرا آهن.

ڪَتِي
بيزار ٿي.
1- روزانو دال کائي کائي دل ڪَتِي ٿِي پيئي آهي.
2- يار! اڄ ڪلهہ نوڪري ڪرڻ کان دل ڪَتِي ٿيندي پئي وڃي.
3- اَبا! جيڪڏهن اسان وٽ ملازمت ڪرڻ کان تنهنجي دل ڪَتِي ٿي پئي آهي تہ ڀوءِ ڀلي توکي اجازت آهي.

ڪُتِي
مصيبت يا آزار يا موتُ جو امڪان.
1- ڪُتِيءَ لِءِ ڪاٽِي، رَڪَيءِ پرت پنهونءَ سِين، (شاهہ)
2- توکي کهڙيءَ ڪُتِيءَ ڪنيو، جو پَرايو جهيڙو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيئي.
چوئي: ڳوہ ڪي ڪَٽِي ڪُتِي، تہ شڪارين جا گهَر ڳولي.

ڪُتِي
ڪوٽ ۾ اچڻ.
1- دُڪانُ ڪُتِي پَيس، هاڻي همراہ مزوري ڪندو وتي.
2- يار! يارو ڪُتِي پيو آهي، ڪجهہ ڏوڪڙ ڏي تہ ڳوٺ

سُڃاڻ.

ڪَتِي ذائقي جو قسم.

1- يار! انبڙي ڏاڍي ڪَتِي آهي.

2- آئون لَسِي ڪوند ٿو پيان، ڏاڍي ڪَتِي آهي.

ڪِتِي جيتي.

1- اِها جي تُنهنجي حالت آهي ته پوءِ تون بہ ڪِتِي هليو آهين.

2- آخر پاڪستان، هندستان کان ڪرڪيٽ راند ڪَتِي!

چوڻي: ڪِتِي ڪين آيو آهين، جو چانهِ پياريانءِ؟

ڳيت: جيڪو ڪِتِي آيو خير سان. هو جمالو!

1- ڪتِين توڙِي هارائين، هنڌ تنهنجو هِيءَ. (شاهہ)

ڪَتِي ڪمائي يا ملڪيت يا دولت.

1- ابا! اها سڀ تُنهنجي پيءُ جي ڪَتِي آهي، تڏهن پيو عيشَ ڪرين.

2- پُٽ! هاڻي اوهان سڀ ڪَتِي، ڪمائِي وارا ٿيا آهيو، هاڻي اسان کي آرام ڏيو، ۽ دنيا کي مُنهن ڏيو.

3- همراهُ وياج پيو وٺي ۽ حرام جي ڪَتِي پيو کائي.

4- پُٽَ! ايا ته وڏن جي پيو ڪتِي کائين، پنهنجي ڪتِي کائيندين تڏهن خبر پوندءِ.

5- پورهيت هميشہ حلال جي ڪَتِي ٻچڙن کي کارائي ٿو.

ڳ

ڳوءِ بازي.

1- بابا! اڄ ڳوٺ ۾ گهوڙن جي ڳوءِ آهي، ڏس ته ڪنهن جو ٿو گهوڙو ڳوءِ کٽي.

2- يار! تون ته اسان کان به ڳوءِ کٽي وئين.

1- جيڪي پڇين، پڇ، سر، ڳنگانين نه ڳوءِ. (شاهه)

2- طالب مولا طلب ۾، ڳوءِ کٽي ڳونگن. (طالب المولىٰ)

3- محبت جون ماريون، ڳونگيون ڳوءِ کٽي ويون. (طالب المولىٰ)

4- ڳوءِ کٽي نرواڙ، ٻاهه ٻره جي سنڌن کي ساڙيو. (بيدل)

ڳوءِ چِلمَ جي نڙي.

معني: چلم جي مرڪزي (روح) واري ڪاني، جنهن تي چِلمَ جي ٽوپي رکبي آهي.

ڪنهن وقت ۾ ڳوٺن جي اوطاقن ۾ چلمون هونديون هيون. چِلمَ اوطاق جي ڄڻ سونهن ۽ ثقافت هوندي هئي.

منجهند جي وقت يا شام جي پهر هر ماڻهو، هاري ناري ان اوطاق ۾ اچي ڦوڪڙي ڀري گهر روانو ٿي ويندو هو.

اهڙيءَ طرح هندن (واڻين) ۾ به چلم جو رواج عام جامَ هوندو هو. پر اُهي مسلمانن کي چلم ڇڪڻ نه ڏيندا هئا، ڇاڪاڻ ته ڌرمي خيال کان هُنن کي منع ٿيل هئي. مذهبي لحاظ کان هر ڪنهن جا پنهنجا اصول ۽ دستور هوندا هئا، تنهن ڪري نه هندو مسلمانن جي چِلمَ مان ڦوڪ ڀريندا هئا ۽ نه وري مسلمان هندن جي چلم مان

چَسڪو وٺندا هئا. خاص ڪري هندن جون چِلمون دڪانن ۽ ڪارخانن تي هونديون هيون.

گُونڌَرَ غَمَ يا دَردَ يا ڏکَ.
1- گُونڌَرَ جا گهوڙا، وَڃن جانِ جدا ڪَيو! (شاهه)
2- ڏيڪاريس ڏکن، گُونڌَرَ گَسُ پِرين جو. (شاهه)
3- گُونڌَرَ وِسرِيامِ، سُکن شاخُون مُڪِيُون. (شاهه)

گولِي ٻانهِي.
1- ٻولي گولي ناهه، "اياز"، اُنَ جو وَسُ فقط واڪو!
2- ٻانهِي ٻاروچن جِي، گولي! چَڏمَ گَسُ. (شاهه)
3- گولي تيان گُل ٻُوءِ، جي مون نيو پاڻ سِين. (شاهه)
4- الله آريچن جي، گولِي ميڙٿين گَسِ. (شاهه)

گولِي ڪارتوس.
1- بندوق صاف ڪندي، ويچاري کي اوچتو گولي لڳي، پر خدا ڪيو جو بچي ويو.
2- جيڪي ڌرتيءَ جا دشمن آهن، سي گوليءَ جا مستحق آهن.
1- ساڳي گانڌيءَ لِءِ گولي، ساڳيو لال لهوءَ سان گيانُ (شيخ اياز)

گولِي تيز وڃڻ يا تکو وڃڻ.
1- بابا بس هاڻي توکي خرچي ملي، گولِي ٿي وڃ.
2- بَس هاڻي دير نه ڪر، گولِي ٿي وڃ، گولِي ٿي اَچُ.

گُونِي گهڻن رنگن واري، گونا گون.
گولي ۽ گُونِي پِرين، پَٽائين گَنجَ جِنءِ. (شاهه)

گورَ قَبَرَ.
1- گورَ منهنجي سومرا! ڪَج پَنوهارن پاسِ. (شاهه)

گورَ آزاد، جِتي ڪوبه چوڻ يا آکڻ وارو نه هجي.

1- الله جي مهرباني سان اسان جو مال جهنگ ۾ گورَ پيو چَري.
2- تو پنهنجي پُٽَ کي گورَ چڙهي ڏنو، تڏهن تنهنجي هٿن مان نڪري ويو.

گورا — اَڇا، سفيد.

گورا — انگريزَ يا يُورپي.
1- جڏهن پوري هند و پاڪ تي انگريزن جي حڪومت هُئي، تڏهن مقامي ماڻهو اُنهن کي گورا چوندا هئا. ڇاڪاڻ ته هُو رنگ جا اڇا ۽ ڳاڙها هوندا هئا.

گورا — بادامين جا گورا. 'باداميون'

گورا — اُٺن جا ٻچا.
اڪثر ماڻهو گورَن کي اُٺ چوندا آهن، جو غلط آهي. گورا اڃا ننڍا هوندا آهن. ڏاچين جو کير پيئندا آهن. گورن جي عمر چئن پنجن سالن جي مَسَ ٿيندي آهي. مڪمل اُٺ ٿيڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سال لڳن ٿا.
1- دوڪ دَهليا جِت، گورا هَلن نه گسَ ۾، (شاهه)

گُجَرَ — سوڍي (مومل).
1- گُجَرَ کي گجميل جُون، تارن ۾ تبرُون، (شاهه)
2- گُجَرَ گاروڙين، اَچو آڏي اُپي، (شاهه)
3- آءٌ لانگوٽيا لال! ڪَنهن پَرِ ڏِٺيءِ گُجريُون؟ (شاهه)

گُجَرَ — مينهن جو قسم. گُجَرَ مينهن. خوبصورتي ۽ کير ڏيڻ ۾ پِلي هوندي آهي.

گندِي — پوتي يا رَئو.
1- اَمان! ٻاءُ پيو اچي مَٿي تي گندي ناهي رکُ.
2- بابا! حيدرآباد پيا وڃو، مُنهنجي لاءِ ڪا سُٺي گندي آڻجو.

3- ڏيءَ! گندي ميري ٿي ويئي اٿئي ڌوئنين نٿي!
1- جنهن سناسيءَ سانديو، گنديءَ گراهه، (شاهه)

گندي — ڪني، خراب يا ٻجڙي.
1- اها تمام تنهنجي گندي عادت آهي، جو وچ ۾ ڳالهائيندو آهين.
2- جيستائين گندي عادت نه ڇڏيندين، تيستائين نه سڌرندين.

گندي — ميري.

گگ — گف.
جيڪا انسانن ۽ جانورن جي وات مان ٻه نڪرندي آهي.
1- چگو هاڻي گهڻوئي ڳالهايو اٿئي، مورڳو گگ ٿي وات مان نڪرئي.
2- انهيءَ کي اها بيماري آهي، ننڍي هوندي کان وٺي گگ ڳاڙيندو اچي.
چوڻي: ڪتو چتو ٿئي، ته گگ ڳاڙي.

گگ — چنبڙي پوڻ.
1- ابا اهو گگ اٿئي، اصل جان ڪونه ڇڏيندءِ.
2- هاڻي اها گگ جيڪا پاڻ سان ڪئنين اٿي، منهن ٻه تون پيو ڏجائين.
3- وڏيڪ رهڻ لاءِ سيني کي گگ ٿي لڳو، تنهن ڪري ٻي رات ٻه همراه وٽ رهي پياسين.

گُل — وسائي ڇڏڻ، اجهائي ڇڏڻ.
1- ابا! اها بتي ته گُل ڪري ڇڏجانءِ.
2- جڏهن پڙهي بس ڪريں، تڏهن شمعدان گل ڪري پوءِ سمجهانءِ.
3- اجان بتي گل نه ڪجانءِ، پوءِ آئون پاڻهين وسائي

چڙهيندسُ.

گُلُ گُلاب جو گُل، موتئي جو گل، چَنبيلي جو گُلُ، وغيره.

چوڻي: پَري جو گُلُ سرهو ٿئي.

گُلُ جوارِي جُوا ۾ داڻ لڳائيندا آهن. اُن داڻ کي گُلُ چوندا آهن.

مثال: آ گُلُ، گُلُ آئيي.

گُڏ فصل جي صفائي ڪرڻ.

1- هاري ٻو ڪيل فصل جي پڻ گڏ ڪندا آهن، جيئن بيٺل فصل مان گند ڪچرو نڪري وڃي.

گُڏ سخت سزا، يا مارَ.

1- چورا! پـٺـهـين ڪــي رڳو اچڻ ڏي، اهــڙِي گُڏ ڪيرائيندي سانءِ جو ياد ڪندين.

2- پوليس اهڙي گڏ ڪيِي اَٿس، جو انسان هوندو تہ وِري چوري ڪونہ ڪندو.

3- يارَ! بخار اهڙي بدن ۾ گڏ ڪيِي آهي جو لِڱَ سور پيا ڪَنِ.

گَزَ تيرَ، ڪان.

اصل ۾ ڪَهُو جي ڪاني مان گزا ٺاهيا ويندا آهن، ان ڪري جو ڪَنوءَ جي ڪاني مضبوط ۽ ڳري ٿئي ٿي. ٻهراڙي جا شوقين ماڻهو گز ڪمان ٺاهي پکين جو شڪار بہ ڪندا آهن، گزُ ساڳيو تقريبن تير وارو ڪم ڪري ٿو. فرق رڳو اهو آهي، تہ تيرَ رُڪَ جا يا لوه جا ٿين ۽ گز ڪانيءَ جا هوندا آهن.

چوڻي: ڪونجن جا گز، ڪَبرن تي ڪونہ هٽيا آهن.

گَزَ وال.

1- سيٺ ڏہ گزَ بوسڪِي جا پورا ماپجانءِ.

2- پٽ لاءِ پنج گزَ، سٽڻ جي ڪپڙي جا پڻ وٺيو اچجانءِ.

گجُ عورت جو لباسُ، جنهن تي پَرتَ ۽ شيشن جو ڪم ٿيل هوندو آهي. خاص ڪري ٿَرَجا گجَ مشهور ۽ خوبصورت ٿيندا آهن. ڪي ڪي گجَ ته اهڙا خوبصورت ۽ نفيس هوندا آهن، جي هَرڪو ماڻهو خريد نٿو ڪري سگهي.

1- ادي! تولاءِ هي گجُ، بلوچستان مان آندو اٿم.

2- بابا! تُو گهمڻ پيا وڃو، جڏهن واپس وَرو، ته هڪ خوبصورت گجُ ضرور آڻجو.

گجُ گوڙيون ڪر.

1- پلي پيو يار! گجُ، هيءَ تنهنجي گجَڻَ جي محل آهي.

2- نَئن جڏهين وهندي آهي، تڏهن ڏاڍو گوڙ گجُ ڪندي آهي.

گنجُو جنهن جي مَٿي تي وار نه هُجن.

1- چوڻي: گنجو هليو ميت ملائي، وارَ ناهن چاڪي لائي.

2- چوڻي: گنجي کي نڪا جُون، نَڪا ليکَ.

3- پيارا! ڏي خبر تون گنجو ٿي پيو آهين، وار ڪيڏانهن وِيئي.

4- استاد! پاڪِي ڪَٽي صفا مَٿو گنجو ڪري ڇڏِ ته مٿو هلڪو ٿِئي.

گنجو بنا وڻن جي جبل.

1- پَنِي جا پرڪ، گنجي ڏونگر گامَ جي، (شاهه)

2- پيو جِنِ پَرو، گنجي ڏونگر گامَ جو، (شاهه)

گنجو بي اولادي، ڇڙو، اڪيلو، لَنب.

چوڻي: تون هونئن ئي گنجو آهين، توکي ٻاڙي ٻتي جي

کھڙي خبر.

چوٿي: تون ساري عمر گنجو رهين، هاڻي ٻيجاڙيءَ ۾ شادي ڪري ڇا ڪندين.

چوٿي: يار! مان نہ هوندس ٿي آهيان گنجو، ڪنهن لاءِ جاءِ جوڙايان، ڪنهن لاءِ بچت ڪريان.

ڳ

ڳاھُ تمام گھڻو ٽڪبجي پوڻ.
1- ادي! سڄو ڏينھُن ڪم ڪري ڪري، ڳاھُ ٿي پئي آھيان.
2- زيريين بيڙيين لوھَ ۾، ڳنن ڪيس ڳاھُ، (شاھہ)

ڳاھُ ڳجھارت يا پرولي يا شارو.
1- لڪيائين لطيف چئي، اُت ڳجھہ اندر ڳاھُ، (شاھہ)
2- جيڪا ڳاھُ ڳالھائين، سا سڀ سمجھيسُون، (شاھہ)

ڳاھُ ڪاڄُ.
1- ڳاھُ ڳجھن جو ٿئي، ويـنـي جن وَرہَ تيا. (شاھہ)

ڳاھُ ذرو ذرو ڏار ڪرڻ. ڏڳن جي پيرن سان ڳاھُ ڪرڻ.
1- هاري ڪٽڪ، جوئر ۽ ٻاجھري جو اول ڏڳن وسيلي ڳاھُ ڪري پوءِ اَنُ صافُ ڪندا آھن.
1- ڳاھي ڳاھُ فراق جي، ڪيس ڏارن ڏار، (شاھہ)

ڳنڍِ ھڙَ.
1- پُٽَ! اھي سڀ شيون ھڪ ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏ.
2- اَبا! چڱيءَ طرح ڏسُ، ھن ڳنڍِ ۾ ڪَنڊُ اَٽي ۽ ھُن ڳنڍ ۾ لوڻُ.
3- پُٽ! ھيءَ ڳنڍِ مٿي تي تہ رکراءِ.

ڳنڍِ نقد ۽ ھڙَ.
1- جيڪي ڏنائون، سو مان ڳڻُ ڳنڍِ ٿئو. (شاھہ)

ڳنڍِ ڪنھن شيءِ کي قابو ڪرڻ، مضبوط ڪرڻ.
1- اَبا! نوڙي کي ڳنڍِ ڏئي ڇڏ، ڪالھہ ڇڄي پئي ھُئي.
2- ھڙَ کي چڱي طرح ڳنڍِ ڏجانءِ، متان واٽ تي کُلي نہ

پوي.

3- يارَ! ڳالھ ٿي نہ پُڇُ، ھَڙَ جي ڳنڍ کُلي وئي، سمورو سامان مٽيءَ ۾ خرابُ ٿي ويو.

ڳنڍ — شروع ڪر.

ڳنڍ — ضد.

ڳنڍ — ڳالھين ۾ ڦاسائڻ وارو/ واري.

ڳنڍيُون — وَرَ.

1- جِنِ ڳنڍيُون منجھ ڳنڍيَر، تِنَ مون مَنُ ماروئڙن جُون، (شاھ)

ڳنڍيون — ملِيون.

ڳنڍيون — مائٽي ڪيائون.

1- ادي! چڱو ٿيو جو ٻنھي ڀيڻون پنھنجون پاڻ ۾ ڳنڍيُون.

ڳنڍيون — وڙھيون.

1- اوھان سان تہ اسان جو دليون ڳنڍيون پيُون آھن.

2- اَبا! اُٺُ، اُٺُ، مينھُون پاڻ ۾ ڳنڍيون پيون اٿئي انھن کي وڃي ڇڏاءِ.

ڳنڍيُون — ھڙُون.

1- اَمان! ھيتريون ڳنڍيُون ڪير کڻندو؟

2- پُتَ! ھي سڀ ڳنڍيُون ھڪ ھنڌ ڳڏُ ڪري رکُ.

ڳنڍيُون — ڳريون.

1- احمد جا پيءَ! بصر ختم ٿي ويو آھي، شھر مان ڪي بصر جون ڳنڍيون وٺيو اچجانءِ.

2- ادي! مون وٽ بہ ٿي بصرن جو ڳنڍيون پيون آھن ڪپڻني تہ کڻي وڃُ.

ڳنڍيُون — ڪنجوسي ڪرڻ.

1- ڀاڻ يار! ڀَئسن کي هروڀرو ڳنڍيون ڪونہ ڏيون، چاڪاڻ تہ ڀئسو هَٽَ جي مير آهي.

ڳنڍيون مِلون.

1- اوهان جي مخالفن سان اسان ڀاڙي جي لحاظ کان ڪٽي هَٽَ بہ ڳنڍيون، پر توهان تي اعتبار ڪونهي.

ڳهہُ زيورُ.

1- غلام علي جا ڀيءُ! اجان پُٽ جي شادي جا ڳهہَ بہ ڪونہ ٺهرايا اٿئي.

2- اڄ ڪلهہ ڳهہَ ٺهرائڻ بہ جَڻُ زمين جو ٽُڪر وڪڻڻو آهي.

1- سَجَڻُ ڏنو جَنِ، تن ڳچيءَ سِرِ ڳهہُ ڪيو. (شاهہ)

ڳهہُ لوڙ.

1- سائين! توهان وٽ سڄي عمر ڀيو ڳهہُ تہ بہ قدر ڪونہ ڪَندئو.

2- ڇيومانءِ تہ اِن نياڳي وڏيري جي اڳيان وَڃُ، هاڻي ڀيو مفت ۾ وَتس ڳهہُ.

3- آئون هميشہ تو کي چوندو هوسِ تہ انهن ماڻهن وٽان شادي نہ ڪر، تون منهنجي ڳالهہ ڪانہ مڃي، هاڻي ڀيو سڄي عمر وٽن ڳهہُ.

ڳهہُ گِروي.

1- مٿان ڪيس پيا هلن، پئسا جيڪي هئا، سي ختم ٿي ويا، هاڻي مجبورن زيور ڳهہ رکڻا پوندا.

2- پُٽَ ههڙو بيمار پيو آهي، پئسو ناهي تہ ڀوءِ مون واري ڌهري ڪٿي ڳهہُ رکي اچ تہ پُٽڙي جو علاج ڪرايون.

3- تون ڪيئن ٿي چوين تہ منهنجو توسان پيار ڪونهي،

آئون تہ ٻيلي تو وٽ ڳهہ ٿيو پيو آهيان.

ڳهہُ سينگار.

جانو سچي راڄ جو ڳهہ لڳو پيو آهي.

ڳَرِي وزندار يا وزن واري.

1- ادا! هيءَ پِري مون کان ڳِري آهي، کڻي کونہ سگهندس.

2- هيءَ ڳوڻ تمام ڳِري آهي، مون کان کانہ کڄندي.

1- وِصالان فِراقَ جي، سُڃي ڳالهہ ڳِري، (شاهہ)

2- قُرڙائي فِراق جي، سُڃي ڳالهہ ڳِري، (شاهہ)

چوڻي: پَري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳرو.

ڳَرِي واهَ يا چارو.

1- عاشق! معشوق جي، وَٺي ويہ ڳِري، (شاهہ)

2- کانهي ٻي ڳِري، مينهن کي ميهارَ ري. (شاهہ)

ڳَرِي رَڌي يا رَڌهي.

1- اجان پُٽَ! دال کانہ ڳِري آهي، جيڏي مهل رڌي پهريائين توکي ڏينديس.

2- چانهہ ۾ اجان کنڊ، ڳِري کانهي!

3- ويچاري بيماريءَ ۾ ڳِري ويئي آهي.

1- اوليُون پَسي اُن جون، پِشڙَمِ ڳچ ڳِري. (شاهہ)

چوڻي: تنهنجي ٻہ تہ دال کانہ ڳِري.

ڳَرِي نياڳي.

1- بابا! هيءَ جاءِ اهڙي ڳِري آهي، جو کوبہ ماڻهو منجهس رهي نٿو.

2- چون ٿا تہ هيءَ ٻير ڏاڍي ڳِري آهي.

1- مُلان مُعلمَن مون ڳِري سَٽي ڳالهڙي. (شاهہ)

ڳَرِي ڏکي.

1- يارَ! تو تہ ڳالھ ڏاڍي ڳري ٻڌائي آھي.
2- ھاڻ تہ ڳالھ ڏاڍي ڳري ٿي پيئي.
3- ڪابہ ڳالھ ڳري ڪانھي، فقط حوصلو ۽ ھمت ڪيو.
1- سُورَ سَليمِ تي، جيلان ڳالھ ڳري ٿئي. (شاھ)

ڳِري ھيٺو ٿي يا ڪمزور ٿي.
1- بس يار! بيمارِي ڪري ڳري ويو آھيان.
2- پاءُجي اوچتي موت ڪري ويچارو ڳري ڪَنڌا تي ويو آھي.
3- عمر جي لحاظ کان ماڻھو ڳري نہ ويندو تہ پيو ڇا ٿيندو؟
4- ڇوانءِ تو تہ ڳڻتيُون ڪندين تہ ڳري ويندين، نہ تہ ڪاءِ، پيءُ، ھَلُ، چلُ.

ڳڙو برسات ۾ برف جي ٽڪرن جي صورت ۾ وسندڙ ڦُڙا.
ڳڙو مينھُن ھڪ مينھَن جو قسم آھي، جيڪو برف جي ننڍڙن ٽڪرن وانگر زمين تي ڪرندوءِ ويندو آھي. ھي ڳڙي وارو مينھُن عام خطرناڪ ٿئي ٿو، جيڪو فصلن، جانورن ۽ انسانن لاءِ بہ نقصان ڪار ھوندو آھي. جنھن ڪري ڳڙي واري برسات کان ماڻھو خدا کان پناھ گھرندا آھن.

ڳڙو مصيبت.
1- نہ اھڙو غلط ڪم ڪرين ھا، نہ وري اسان سيني لاءِ ڳڙو پيدا ٿئي ھا.
2- پاڻ تہ پيڇي ويو، پر اسان لاءِ ڳڙو پيدا ڪري ويو.
3- ڳڙو تہ ھُن ڳوٺ وارن پيدا ڪيو آھي، اسان تي ھرو ڀرو ڇو ٿا مڙھين.

ڳيا ٽڪرَ ٽڪرَ يا ڀاڱا.

1- ڪانءَ کي ڳيا ڳيا ڪري، پوءِ مال کي ڏي.

2- ڪيڏو نه ظلم ڪيو اٿن، ويچاري کي ڳيا ڳيا ڪري ماريو اٿن.

3- پريان ريل گاڏي پئي آئي، اُن کي ڳيا ڳيا ڪري ويئي.

ڳيا مانيءَ جا ٽُڪرَ.

اوهان ٻنيءَ تي هلو ته آئون ٻَنِي مانيءَ جا ڳيا هنيو اچان.

ڏيءُ! ڳيي ٽُڪرَ ڏي، ته وري وڃي ٻيو ڪم ڪيان.

ڳُجَهه راز.

1- ڪبي اُت ڪيهي؟ ڳالهه پريان جي ڳُجَهه جي. (شاهه)

2- ڪڏهن سِڪانَ سَڎَّ کي، ڪڏهن ڳجهاندرَ ڳرهين، (شاهه)

3- جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ٿي ڳُجَهه ۾، (شاهه)

4- راٺو ڪا راتِ ويو، ڳجهي ڳالهه ڪري، (شاهه)

5- آهي نجوئي، ڳُجهه: ڳجهاندرَ ڳالهڙي. (شاهه)

ڳُجهَه قَبَرَ ۾ ڳُجَهه، قبر جي ڳُجَهه.

جنازي کي دفن ڪرڻ لاءِ قبر کوٽي ويندي آهي. قبر ۾ وري ٻه جايون جوڙيون وينديون آهن: هڪ سامي ٻي ڳُجهه. سامِي قبر جي وِچ ۾ ٺاهي ويندي آهي ۽ ڳُجَهه قبر جي هڪ پاسي کي کوٽي ڳُجَهه ٺاهي ويندي. پر اهو وري ميت جي وارثن ۽ مالڪ تي منحصر هوندو آهي ته ميت کي سامي ۾ دفن ڪن يا ڳُجَهه ۾ دفن ڪرائين.

ڳھ

ڳھاٽَ تَڙَ.
جنھن جڳھ تي ڪپڙا ڌوپندا آھن، ان کي ڌوٻي ڳھاٽُ به چئبو آھي.
1- اوستو ڌوٻي ڳھاٽَ تي ھوندو، اُتي ھلي ڪپڙن، جو پُڇُونس.
2- اڄ ڪلھ نہ اُھي ڌوٻي آھن، نہ وري ڌوٻي ڳھاٽَ ئي آھن.
چوڻي: ڌوٻيءَ جو ڪُتو، نہ گھرَ جو نہ ڳھاٽ جو.
1- ڌوٻي مـن جا نــ ميــرا، ســڪ جو ڳـھـاٽُ وســائِن.
(رشيد احمد لاشاري)

ڳھاٽَ ٽوٽ يا نقصان يا ڇيھو.
1- ھن سال آئون واپار ڪري ڳھاٽَ ۾ ويو آھيان.
2- تون جيڪڏھن مون سان صلاح ڪرين ھا، تہ ڳھاٽَ ۾ نہ پَوين ھا.
3- ويچارن لاءِ وري ڪھڙا ڳھاٽَ ڳھڙيا اُٿوَ.

ڳھاتو گھَرو.
1- آئون ھرويَرو ڪنھن سان ڳھاتو نہ پوندو آھيان.
2- ڪمال تہ تنھنجو ڳھاتو دوست ھئو، سو بہ دعوت ۾ ڪونہ آيو.
3- ٻڌايانءِ ٿو تہ اِن ماڻھوءَ سان ڳھاتو ٿئين، تہ ڦاسجي ويندين.

ڳھاتو نقصان يا ڇيھو يا ٽوٽ.
1- ھن پيري انين جي واپار مان ڏاڍو ڳھاتو پيمُ.

2- ڇگن جي صحبت مان، ڪڏهن به گهاٽو نـ پرندو آهي.
3- چوندو هوسانءِ تـ اُنهن ماڻهن سان هرويرو گهاٽو نـ ٿيءُ، ڏس گهاٽو پيءُ نـ!

گهاٽو
ڳوڙهو.
1- اوستا! دَرِن، دَرين ۽ پٽين ڪي رنگ بالڪل گهاٽو هڻجو.
2- اسان جنهن وٽاڻَ تان ڪيرُ وٺندا آهيون، سو بالڪل گهاٽو هوندو آهي.
3- وڏن ماڻهن سان بالڪل گهاٽو نـ ٿجي.
4- چيومانءِ تـ جيترو هُنن سان گهاٽو ٿيندين، اوترو گهاٽو پوندءِ.

گهارِيُون
جُدايُون يا وِڇوڙيون.
1- يار! سچ ڪري پڇين تـ اوهان جون ايڏيون گهاريون مون کان برداشت نٿيون ٿين.
چوڻي: ڏاريُون وِڇنِ گهاريُون.

گهارِيُون
ٽِڪون يا ترسُون.
1- ٻَني ڏينهن اسان وٽ گهارِيُون، پوءِ پلي ڳوٺ وڃو.
2- بس يار! ڏکيا سکيا ڏينهن پيا گهاريون، باقي مزو ملڪ ۾ ڪرنهي.

گهارِيُون
خالَ.
1- سيٺ ڪپڙو اهڙو نـ ڏجانءِ، جو منجهس گهاريون هجن.
2- نئون تاڪيو ڪٺي کوليان، تـ وِچَ ۾ ڪيئي ڪپڙي ۾ گهاريون هجن.

گهڙِي
وقت.
1- ٻَجي ٻَرَمَ گهڙِي،. ناٿُ ملي نِجُ ناٿَ سان. (سامي)

2- گهڙيءِ گهڙيءِ ۾ پَل پَل ۾، رُسين ته منتون ڪير ڪري.
(چندر)

گهِڙي ٿورڙو وقت.

1- گهڙي ڪن ته ترسو، پوءِ وڃجو.

2- گهڙي ڪن ترسي پوءِ اچجانءِ.

3- جَت پنهنجي جوءِ ۾، گهارين مانَ گهڙي. (شاهه)

گهِڙي ننڍڙي دِلي.

1- پَڃي پِرمَ گهَڙي، ناٿُ ميلي نِجُ ناٿُ سان. (سامي)

گهڙِي جوڙي.

گهَڙِي سازش ڪئي.

1- اوهان جيڪا هنن ويچارن لاءِ گهڙي آهي، سا ڳالهه درست ناهي.

گهگهه پکيءِ جو قسم. گهگهه پکي.

گُگهُ گهاٽي اونداهي.

گُهگهُ بي عقل يا بي سمجهه.

1- هو ڪم ڪونه ڪري ايندو صفا گُگهُ اٿئي.

2- تو به ڪٿي ان گُهگهه تي اعتبار ڪيو اٿئي.

گهورِي قربان ٿي يا جان ڏنائين يا فدا ٿي يا سِرَ تان آسرو لاٿائين.

1- ڪوءِ ٻولي! ٻَنِ ٻروچُ! گهوري ذات جتن جِي! (شاهه)

2- مِلي تان مليا سِ، نه ته گهورِي جان جتن تان. (شاهه)

گهورِي ڳولائو يا طلبگار.

گهوري جو جمع گهوريون.

1- گهوريون ڪاروُنيارُ، مانَ مِلَنئون سِپرين. (شاهه)

2- پَنِي ڪَرمَ پانهنجو، گهوري! آڏمَ گهَرو. (شاهه)

1- ادي! آئون پاڻ تنهنجي گهورِي هيس چڱو تيو جو ملينءِ وٺينءِ.

ل

لاڏو گهوٽ.

لاڏو سهرو.
اڪثر ڪري شادين جي موقعن تي چيو ويندو آهي.
سَهري ۾ خاص ڪري گهوٽ ۽ ڪنوار جي سُونهَن ۽
زيورن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

لَڄَ زال، گهر واري.
1- هُنَ تان لَڄَ لُٽي، هِنَ جو هلڻ هوتَ ڏي. (شاهہ)
چوڻي: لَڄَ پولڙي ڪي بہ پياري آهي.

لَڄَ عزت يا آبرو يا پَت.
1- جنهن کي پنهنجي لَڄَ جو خيال ڪونهي، تنهن کي
ٻئي جي لڄ جو ڪهڙو خيال ٿيندو.
2- اڄ يار! تو منهنجي لڄ رکي، نہ تہ منهنجو الائي
ڪهڙو حال ٿئي ها.
1- توتي لڄَ لطيف چئي، آهي سندي عام. (شاهہ)

لَڙيا آئيا.
1- الائي ڇو ماڻهَ ٿي بہ، اسان ڏي ڪونہ لَڙيا ۽ وچي ٻين
وٽ رهيا.
2- چڱو ٿيو جو چورن جا پير اسان جي ڳوٺ ڏانهن
ڪونہ لڙيا، نہ تہ آزار ٿي پوي ها.

لَڙيا وڙهيا.
1- ڳالهہ تہ اَهڙِي هُئي ڪانہ، جنهن تان اوهان پاڻ ۾ لَڙيا
آهيو.
2- ٻنهِي ڌُرِيُن ڪنهن جو بہ چوڻ نہ ورتو، آخر پاڻ ۾

لَڙيا ۽ وڃي ڪيسنِ ۾ پيا.

لَڙيا وَريا، لَٽا.

1- ايجان تہ سِج جا پاڇا بہ ڪونہ لڙيا آهن. تہ سوير ڪم تان ڇو لَٽا آهيو.

2- سياري جي سج پاڇا لڙيا تہ سمجھہ ڏينهَن ويو، رات آئي.

3- ڏيءُ! هاڻي سج جا پاڇا بہ لهڻ وارا آهن، اُٿي ڪو ڪم ڪار ڪر، ڇانور صافُ ڪر.

لَڪُ جبل مان اچڻ وڃڻ جو رستو.

وڏن جبلن ۾ وري لَڪَ ٿيندا آهن، جيڪي تمام خطرناڪ ٿيندا آهن. جتان اچڻ وڃڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي.

جبل جي حوالي سان لَڪُ معنيٰ ۾، ڏکيو هنڌ، مشڪل جاءِ، مشڪل رستو يا مشڪل گسُ.

1- ٿـي ٻانهين ٻَراوٿيون، لُڏَ مَ پَسِي لَڪُ. (شاهہ)

2- لانگِهي لَڪَ لطيفَ چئي، هَلِي ڏانهن حضورِ. (شاهہ)

3- لَڪَنِ تان لطيف چئي، آرِياڻِي آندِي. (شاهہ)

لَڪُ ڀاڳ، نصيب، قسمت.

1- هن ماڻهوءَ جو وڏيڪ لڪ آهي، جنهن بہ ڪَم سان جتي وڃي ٿو، اتي ٻيڙا پار!

2- بس يار! تو واري دوست جو لَڪُ اهڙو جتي ٿا سندس ڪم لاءِ وڃون، اتان ٿو جواب ملي.

لَکَ هڪ سؤ هزار.

لَکَ انتهائي قيمتي.

لَکَ جو واحد لَکُ

1- لَکُ لَهي ٿي لوڏَ. جيجان تن جَتَنِ جي. (شاهہ)

2- سالِڪَ لهي ٿي لَڪُ، جاتو ايندي اُن سين. (شاهه)
3- سچو تان، سَيِدُ چئي، لَهي لَڪُ سَوا، (شاهه)
4- ڪنڌا جي پيرن ۾، توڙي لَڪَ لڳن، (شاهه)
چوڻي: پوءِ ڏائي ڪان قرضُ نہ ڪڄجي، توڙي لَڪَ لُٽائي.
چوڻي: ڪَکَ جي چورِي، لَکَ جي چوري.

لَکَ
خَبَرَ يا پَتو.
1- مون کي ان وقت ڪابہ لَکَ ڪانہ پئي تہ آپريشن ڪيئن ٿيو.
2- هڪ تہ اوجاڳو هئو، ننڊَ ڪَچِي وَئي، لکَ ڪانہ پئي گاڏي ڇُٽِي وِئي.

لُنڊِي
چوٽِي.
1- استادَ! قميص منهنجي لنڊي سِبي اٿئي.
2- ٻاءُ! تو وارن سنڊ مون کي لنڊي آهي، تنهن ڪري ڪونہ ٿو ٻانيان.
چوڻي: تنهنجي لُنڊِي خوشامد کي سيڪو سمجهي ويو آهي.

لُنڊِي
بلا جو قسم.
جوڳين جو چوڻ آهي تہ هيءَ بلا بہ خطرناڪَ بلا آهي ۽ هن کي ٻي ڳُري بلا بہ چوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هيءَ اهڙي تہ پٽيل آهي جو پنهنجي ڳُرَ (ڳروءَ) کي بہ ڏنگيو هڻائين.
چوڻي: شل لُنڊيءَ تي پيرُ پوئي.
چوڻي: لَٽِ تي لنڊي ڪنيو پيو هلين.

لوڏي
تڙي وٺي.
1- هوءَ ويچاري بلڪل شريف هئي، پر خوامخواهہ گهر مان لوڏي وئي.

لوڏي هندستان تي حڪومت ڪندڙ هڪ مشهور گهراڻو.

لوڏي ٽولن ۾ شڪار ڪرڻ وارا.

1- لوڏي لڪَ اچَنِ، روءِ راڻي جي ناهِ ڪا. (شاهه)

2- لڪين لوڏي آئيا، سوڏي لاٿمِ شڪُ. (شاهه)

3- لُڏُوئَنا لوڏي، وَتَنِ مَنجهه وصال. (شاهه)

لُٽَ مَدهوش يا نشي ۾.

1- پيو ليٽين لُٽَ، سَچيون راتيون سُمهين. (شاهه)

لُٽَ طاقت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ.

1- ٻيلي! غريب جو خيال ٻه ڪيو، لُٽَ لائي ڏني اَٿوَ.

2- ويچاري جو سڄو گهرُ پورلُٽَ ڪري ويا آهن.

لُٽَ ڦُرِ.

لاڙي موٽائي ڏني.

لاڙي جهڪائي

لاڙي لاڙ جا رهڻ وارا.

لاڙي پراڻو ڪپڙو، يعني پردو.

1- ڏيئي لڪَ لاڙي، ڪَڪَرُ ڪيائينم ڪاڪ جو. (شاهه)

لاهَ وڻ جون ٽاڙون يا وڻ جو ٻُڻُ.

لاهَ ترو.

1- يارَ! تو ته مون کي بيهاري بيهاري لاهَ ڪڍي ڇڏيا آٿئي.

2- پوليس اهڙو ڪَمُ ڪيو آٽس جو ماري ماري لاهَ ڪڍي ڇڏيا آٽس.

لاهَ هيٺاهين، هيٺاهُون.

1- اوستا! جاين جي ڇتين جا لاهَ اهڙي طرح رکجو جو مينهَن جي پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به ڇتين تي نه رهي.

2- زمين سڄي لاهَ واري آهي، هن کي سنئون ۽ سڌو ڪرڻو پوندو

لاهَ — چالاڪَ يا مفادپرستَ يا دوکو ڏيندڙ.
1- اهي ماڻهو لاهَ آهني، انهن کان هميشہ خيال ڪندو ڪَر.
2- توبہ يارَ وجي لاهَ ماڻهن سان ڳڏيو آهين، الله خير ڪري!

لَڄَ — شرمُ يا حياءُ.
1- توکي بالڪل لَڄَ هئڻ گهرجي جو پنهنجي محسن سان مُنهن ماري ڪئي اٿئي.
2- ياءُ! بي شرم ماڻهو کي ڪڏهن بہ پنهنجي لَڄَ جو خيال نہ ٿيندو آهي.
3- پيارا! لَڄَ بہ ان کي ٿيندي، جيڪو لڄادار هوندو.

لَڄَ — عزت.
1- متان پنهون پوءِ، لَڄَ مُنهنجي لوءِ ۾! (شاهہ)
2- پَسيو لَڄَ لطف جَني، ڪيڏي ڪي ڪَکَن. (شاهہ)
3- پَلءِ گسر پايو سَڄ، آچيندي لَڄَ مران!

لاسِ — نقصان.

لاس — رَسُ.
1- ڀھراڙي ۾ ٻوڙَجي گريبي ڪي، لاسَ بہ چون، رَسُ بہ چون، ۽ رهو بہ چون.
2- ڏيءُ! اڄ تو ٻوڙَ ۾ لاسَ (رَسُ) گهٽ ڪئي آهي.

لُڙُ — پاڻيءَ جو ڏهو.
1- سولَڙُ لنگهيائين، جَني پارکَ پَکيا. (شاهہ)
2- لُڙُ لنگهائي سُهڻي! پِرتِ وَڄَندي پارِ. (شاهہ)

لڙُ — ميرو يا خراب يا گندو.
1- اَچو پاڻي لُڙُ ٿيو، ڪالوريو ڪَنگڻِ. (شاهہ)

لُڙُ — هَلُ.

1- بابا! لَڙُ نہ ڪَيو، ٻاهَرِ وڃي ڪيڏو، منهنجي ننڊ نہ ڦٽايو.

2- پُٽَ! ٻاهر وَڃي ڏِسُ، تہ اِهو ڇاجو لَڙُ آهي.

لامَ وَڻ جي ٽاري.

1- پارانيا پَچارَ، مَٿي لامَ لطيف چئي. (شاهہ)

2- ڪِي جو زاغَ زبان سين، لَنيو مَٿي لامَ. (شاهہ)

لامَ آسري يا سهاري يا پناري.

1- لڳِس جهن جي لامَ، سو دِلاسا دوستُ مُنجي. (شاهہ)

لامَ وڇت.

لارَ ليارَ.

1- لَيا ڏَنَم لارَ، ساٿيارا، ساهڙ جا. (شاهہ)

لارَ چِڙِي جي اَندرِ آواز ڪرڻ لاءِ ٻَڌَلُ هَڏو يا ڪاٺي.

1- تِنءَ چِٽڪَنِ چِتَ ۾، جِنءَ سا گهَنڊِيَ لارَ. (شاهہ)

لارَ ماڪيءَ جي لارَ.

1- ايڏو سهٽوءِ منو ٿي ڳالهايائين، جَڻ ماڪيءَ جون لارون پيون ڪِرن.

لَنگهي مگٿهارڻ.

1- آئون پڻ آهيان اُنَ جِي، لَنگهِي ءِ لورِي. (شاهہ)

لَنگهِي مَٽي يا گُدڙِي.

1- نيڻ هيراءِ ننڊَ سين، جَتَنِ لَنگهي جوءِ. (شاهہ)

2- ليڙن لَنگهِ لَسَ، مانائتا مَٿي وِيا. (شاهہ)

لَءِ تَنُ.

1- يار! هِتي تمام لَڏ ۾ ويٺا آهيون، ڳوٺ ۾ هاڻي مزو نہ رهيو آهي.

2- تون سمجهي ٿو تہ سون ڪي سرڪاري ڪارِ گاڏي ملي آهي سو وڏيءَ لَڏ ۾ آهيان، بابلا! وڏي مصيبت ۾

آهيان.

3- بابا! اڄ ڪلهه تنهنجي وڏي لهِ آهي، ٻيلي لهِ ڪرِ.
ڏسون گهٽا ڏينهن ٿو هَلين.

لَهِ ڪاڻ.

1- تون جنهن لاءِ آيو آهين، تنهن لاءِ آيو آهين، مون لَهِ ڪونه آيو آهين.

2- مون لهِ ڪو ڪم ڪار هجي ته پنهنجو سمجهي حڪم ڪندا ڪريو.

1- جانبَ لَهِ نه جَلُ، سُورُ وسارِ مَ سسئي! (شاهه)

2- لالَنَ لَهِ لطيف چئي، مَنجهِي ٿِي معذورِ! (شاهه)

3- لُڙڪَ لعل لطيف چئي، ورَ لَهِ وَهايان، (شاهه)
چوٿي: جنين لَهِ مُياس، سي ڪانڊِي ڪين ٿيا.

لورِي جهوري.

1- لڳي جن لورِي، ڏونگرُ سي ڏوريندِيون. (شاهه)

لورِي تيرُ، ٻاڻُ يا ڪانُ.

1- لورِي ٻِتِ لڳوم، اُتِ اُيوئِي آهيان، (شاهه)

ُورِي خانه بدوش.

1- آئون پڻ آهيان اُنِ جي، لنگهِي ۽ لوري، (شاهه)

لورِيُون ڳڻتيون، فڪر، غم.

1- توکي وري يارَ، ڪهڙيون لوريُون لڳيُون آهن.

2- ادا! لوريون انهن کي لڳل هونديون، جيڪي چوريون ڪندا.

3- پيارا! اُهو انسان ڪهڙو هوندو، جنهن کي لوريون لڳل نه هونديون.

لورِيُون تيرَ، ڪانَ، ٻاڻَ.

1- لوريُون لَڪَ مَٿاءِ، اَنَ مَٿيري موٽائِيُون، (شاهه)

لوريون راڳ جو قسم. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان کي لوري به چئبو آهي.

1- لوري يا لوئي امڙ جي مٺي آواز سان ٻارڙي کي ننڊ اچي ويندي آهي.

لورِيُون خانه بدوش عورتون.

1- جيڪڏهن تو کي خيرات ڏيڻو آهي تہ پنهنجي ڳوٺ ۾ گهٽيئي لوريون رهن ٿيون انهن کي ئي جيڪي ڏيڻو اٿئي سو ڏئي ڇڏ.

2- سي لورِيُون ڏِينِ نہ لاڳُ، جي اَجهي آيون ابڙي. (شاهه)

لوڙُهه پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ قدرتي ميوو.

هي قدرتي زمين ۾ ميوو اُتي ٿئي ٿو جتي پاڻيءَ جون ڍنڍون هونديون آهن. لوڙَهَ جي بناوت ۽ بيهڪ تقريباً گول جهڙي ٿئي ٿي. صوفي پير، ۽ چَڪوڻ جهڙو وزن تيئس تو ۽ کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ آهي. سنڌ جي هاڪاري عالم، برگزيده بزرگ ۽ شاعر قاضي قاضن لوڙهَ جو بيان پنهنجي هڪ بيت ۾ هن طرح ڪيو آهي:

هاڪَ وهندو هاڪڙو، پَچندي پَنڊَ اَروڙَ،
بِيهَ، مِڇي ۽ لوڙَهُ، سمي ويندا سوڪڙي.

لوڙُهه مڙُهه يا ميت يا جنازو.

1- اَڇي لالڻ لَٽِ، مٺيءَ جو لوڙُهُ لَڪَنِ ۾. (شاهه)

لباسُ ويس.

1- لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئي ڪَيو. (شاهه)

لباسُ ظاهري ڏيکَ.

1- ڇڏي سَڀُ لِباسَ لوچي لاهوتي ٿيا. (شاهه)

2- ٻَئي سَڀُ لوڪَ لباسُ، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو. (شاهه)

م

مَلَڪَ ملائڪ يا فرشتا.

1- نَڪو فلڪُ، نہ مَلڪُ ڪو، نَڪو رنگ نہ راءِ. (دلپَت)

2- اَڪيين مَلڪَ ڏٺاسِ، توءِ مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي. (شاھ)

3- پُنهونءَ ساڻُ پَهَچُ، تہ مَلڪ الموت مائٽين (شاھ)

4- نَڪا خَلقَ نہ ڪِي مَلڪ، نہ ها فلڪ، زِمينون. (ميان سرفراز)

مَلَڪَ خان، خطاب.

مَلَھہ پهلوان.

1- اڄ ملاکڙي ۾ مَلَھہ ڏاڍا آيا آهن.

2- اُتر جا ۽ لاڙ جا مَلھہ سَجي سنڌ ۾ مشهور آهن.

ڪنهن وقت ۾ اُتر جي مَلَھن (پهلوانن) جي اڳواڻي سنڌ جو مشهور پهلوان شير ميربحر ڪندو هو ۽ لاڙ جي مَلَھن پهلوانن جي اڳواڻي نالي وارو پَهلوان انبُ شيدي ڪاري چاڻ وارو ڪندو هو.

مَلَھہ راند، جنهن ۾ ٽنگن، ٻانهُن ۽ طاقت جو مظاهرو ٿيندو آهي.

چوڻي: مَلَھہ ۾ نڪا سيڌي، نڪا پيري.

مَلھَہ اٽڪل يا دوکيبازِي يا ڪيڏ.

1- توسان بہ اهڙي مَلَھہ ٿيندي، جهڙي تو مونسان ڪئي آهي.

2- ڪٿي تي ڳالھہ! اجا توسان هڪڙي مَلھہ ضرور ٿيندي.

مورو شاعريءَ جي هڪ صنف، لوڪ ادب ۾ شاعريءَ جي هڪ صنف.

اڪثر ڪري لاڙ ۽ جبل جا ماڻهو مورو وڏي درد ۽ آلاپ سان ڳائيندا آهن. موري ۾ جدائي، فراق، ميلاپ ۽ دعا جهڙا مضمون مختصر، پر جامع جملن ۾ مورائي (مورو چوڻ وارا) پيش ڪندا آهن.

1- مورو ويني ڏيان، ساجن مورو ويني ڏيان.

2- مورو ناهي تورو، سڄڻ مورو ويني ڏيان.

مِورو سنڌ جو مشهور شهر.

موڙِي ملڪيت، دولت، رقم.

1- وڏن جي جيڪا مُوڙي هُيَس، سا سَڀُ ڏُڦُ ڪري ڇڏيائين.

2- جتي پنهنجي مُوڙي مدد ڪري ٿي، اُتي پاءُ بہ ڪَم نٿو اچي.

3- ويچاري جيڪا پنهنجي محنت ۽ پگهر سان موڙي گڏ ڪِئي هئائين، سا سڀ چوري ٿي وَيَسِ.

مُوڙِي ننيڙي ڳنڍ، ننيڙي ويڙهي.

ساون ڏائن جي مُوڙي، پالڪ جي مُوڙِي، واڌَ جي مُوڙي.

موهَنُ وڻندڙ، حسين، سهڻو يا خوبصورت.

1- يار! اڄ تہ مَن موهنُ پيو لڳين.

2- پيارا! ڳوٺ پيو وڃين، مون واري دوست مَنَ موهن کي سلام ضرور ڏجانءِ.

موهِنِ موهن جو دڙو.

مِوهنِ ماڻهو جو نالو (هندن جو) موهن ڀڳت، موهن ڪلپنا.

مهارون واڳون.

1- مَهارُون مَين جُون، واڳُون وَس ڏَنِّين. (شاهه)

مَهارون ڏندن جُون مَهارون.

ڄن ۾ اِنسانِي ڏند مضبوط قدرتي طرح جَڙيل هوندا

آهن.

مونيو اکين جي بيماري.
موتيو (پاڻي) جڏهن اکين تي چڙهندو آهي تہ انسان اکين کان ويهي رهندو آهي.

موتيو گُلَ جو قسم. موتيو. نهايت خوشبوءِ دارُ گُلُ.

مور ڪڏهن بہ نہ، اصل نہ، هرگز نہ.
1- ڇڪيا ڇاڪَ ڇيهُون ڪري، ڪڙيُون مُورُ نہ ڪَنِ. (شاهہ)
2- ڪنهن جنهن ڪُنا ڪاتَ، جنَن سامِي مُورُ نہ سَنرا. (شاهہ)
3- رَضا راڄُ سَندونِ، مُورُ نہ مڳنِ ڪِي ٻيو. (شاهہ)
4- لاهوتُ جن لڳو، سي مَڙهيان مُورُ لِڳيا. (شاهہ)

مُورُ اصل رَقَمَ.
1- يارَ! هن سال واپار مان مُورَ کان سواءِ لَکَ کن فائدو ٿيو.
2- چڱو ٿيو جو يارَ، مُور جو مُورُ بچيو، باقي نفعو ڪونہ ٿيو. ڇاڪاڻ جو هن سال ميلي ۾ خلق گهٽ آئي.
چوڻي: منهنجو ڪم نہ ٿيو تہ مُورَسان گڏُ وياج بہ ڏيڻو پوندءِ.
چوڻي: مُورَ کان وِياجُ ڳرو.

مَنگلُ مَچُ، ڪورو، باهہ
1- مَنگل مُنهنجي مَنَ ۾، ٻاريو هوتَ حَمارُ. (شاهہ)

مَنگلُ ميڙو يا ميلو يا اجتماع.
چوڻي: جهنگل ۾ منگلُ ٿي ويو آهي.

مَٽيا موتي. هارن جا مٽيا، تسبيحَ جا مٽيا.
مَٽيا جو واحدُ مَٽيو.
1- سالوڻي ليلان جِنين مَٽيو جَنهن مِٽ ڪيو. (شاهہ)

مَٽيا سونهَن يا سوڀيا يا بُزرگي.

مَٿيا — طاقت.

مَلَھارَ — مِينھَن جي موسم، جُھڙن ڦُڙن جي مُندَ، وٺندڙ رُت.

1- اڪيُون ميگھه مَلھار (ملار)، صورت تُنھنجِي سڀ جڳُ موھيو. (شاھ)

2- جِھڙا منھنجا سپرين، تھڙا ميگھه ملھارَ (ملار). (شاھ)

مَلَھارَ — ھڪ سُرَ جو نالو (مَلَھارَ)

ڳالھه ڪيتري قدر سچي آھي، اُھا خدا کي خبر! باقي معتبر ماڻھن کان معلوم ٿيو آھي تہ ڪنھن وقت ۾ وڏا راڳِي (ڳويا) جڏھن ملھار يا ملھارِي ڳائيندا ھئا تہ مِينھَن وَسندو ھئو.

ملھارَ — ٻھاري.

مَنڊُ — جادو، طلسم، دوڪو.

1- پاڻ نہ آھي چاڻُ، مانديءَ مَنڊُ پڪيڙيو. (شاھ)

مَنڊُ — مايا، دولتَ.

1- ماڻھو راتِ ڪياءِ، مَنڊُ نہ پَسين مَنڊيو. (شاھ)

مِڙي — ڏُڏي، ڏُيي.

1- اڄا مينھن مِڙي ڪانھي، جڏھن مِڙي تڏھن ڪير وَڻي وڃجو.

2- ادي! اسان جي ڳٺون اڄ مِڙي ڪانھي ڪيرَ لَپَ ھجي تہ اڄوڪو ڏينھن ڪيرُ ڏيو.

3- ابا! پاڻ وارِي مينھن اَڄ ڪانہ مِڙي آھي، تنھن ڪري وڃي وٿاڻ تان ڪير وَڻي اَچُ.

مِڙي — ڳڏ ٿي.

1- مون اوھانجو کھڙو ڏوهُ ڪيو آھي جو منھنجي پٺيان مِڙي لڳا آھيو.

2- يار! خيال سان وڃجانءِ، ڪُتي ٻَچن تي ويٺي اٿئي،

متان پنيان مڙي نه پونئي.
3- اوهان سيني کي حيف هجي جو توهان سيني هڪڙي
ڇٽي کي مڙي ماريو آهي.

مَڙهُيون — خالي ٿيل اوتارا يا مڪان. (فقيرن جي رهڻ جا آستانا)
1- آديسي اُٿي ويا، مَڙهيون مُون ماريِن. (شاهه)

مُڙهيون — آثارِ قديمه.

مِڙهيون — پوڙهيُون يا جُهونڙِيُون يا وَڏڙِيُون.
1- اَبا! اسان هاڻي مَڙهيُون، نڪي ڪم جون نڪي ڪارِ
جون، دعا ڪيو ته الله اسان کي هاڻي پنهنجو ڪَري.
2- گهَرَ جون مَڙهيون، گهر ڏياڻيون ۽ دعائون ڪندڙ
آهن.

مَڙهِيُون — واڻيُون، ڪَتُنِ واڻُنَ جو ڪَمُ.
1- بَس بابا! ٻيو ته هن عمر ۾ اسان کان ڪم نٿو ٿئي،
ٻوءِ هاڻي ٻيا ڪتُون مَڙهيُون.
2- اُستاد! ڪتُون ته واهَ جو مڙهيُون اٿئي.
3- پُٽَ! سڄي حياتي ماڻهن جون ڪتُون مڙهيُون اٿئون،
هاڻي اهو ڪم مون کان نٿو ٿئي.

مِڙهيون — سيبا ڏنا يا ترپا ڏنا.

مستِي — مدهوشِي.
1- مَستَ هميشه پنهنجي مَستِي ۾ هوندا آهن، تنهن
ڪري انهن سان گهَرو نه ٿجي.
2- چريا مستِي ۾ جيڪو چَون سو چَني سگهن ٿا، انهن
تي مَيار ڪانهي.

مَستي — بي پرواهي.
1- بابا! جواني جي مَستِي اَٿس.
2- ڪڏهن يار! اسان جي به جواني هئي ۽ مَستِي هئي.

مَستِي تڪبرُ يا غرور يا هَٺُ يا وڏائي.

1- هائو يار! پئسو اٿس، تڏهن ئو مَستِي ڪري.

2- جڏهن، پئسو، پُٽ ۽ مَنِ ٿيندي آهي تڏهن ماڻهوءَ ۾ مَستِي پيدا ٿيندي آهي.

3- جن ماڻهن مَستِي ڪئي انهن جي قدرت هَستِي ختم ڪري ڇڏي.

مَڪُڙا ٻيڙيون.

مادر ملاحن، ماڳ نه ڊوئيا مَڪُڙا (شاهه)

مَڪُڙا گهوڙن جو هڪ نسل.

ماهي معشوق محبوب.

ماهَي ماڻهو جو نالو، ماهي خان.

ماهِي مڇي.

مستي شرارت.

1- يارَ! هينئر ته مَستِي ڇڏ، آئون پنهنجو ڪمُ پيو ڪيان.

2- تو ۾ ضرور هُن سان مَستِي ڪئي هوندي، تڏهن ته موچڙا کاڌا اٿئي.

3- سَڀُ دوستَ ٻُڌي ڇڏيو ته، نه آئون ڪنهن سان مَستي ڪندو آهيان، نه وري ڪو پيو مونسان مَستِي ڪري.

محتسب مَستِي نه ڪر، اَڄُ مان ۾ پِي موتيو آهيان.
هِن مَثَل دنيا اندر، مَس مس ته جِي موتيو آهيان.
(طالب المولي)

مُشڪِي مُرڪي.

1- مون سان جڏهن ۾ ملين، ته مهرباني ڪري مُشڪِي ملندو ڪَر.

2- مُشڪِي ملڻ سان اَڳلي کي قرب سان پنهنجي ڪرڻ

۾ مدد ملي ٿي.
3- اهو همراه ڪڏهن ٻه ڪنهن سان مُشڪِي نه ملندو آهي، قدرت هن کي رُڪو ٺاهيو آهي.

مُشڪِي گهوڙي جو قسم.
گهوڙا جيڪي رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن، انهن جي نسل کي مُشڪي گهوڙا چوندا آهن.

مُشڪِي ڪارسرو.
1- همراه جا ٻارَ پٽا ھِي اَٿئي رنگ سانئرو هوندس، مٿو صفا گنجو، قد جو ٻندرو. هي خط وٺي ڏيس اُميد ته تنهنجو ڪَمُ ٿِي ويندو.
2- مُشڪي ڏي خبر، اڄ خُشڪي چڙهيل اَٿئي، آهي ته خير!
3- يارَ! همراه رنگ جو سانئرو آهي، پر مُنهن ۾ نمڪُ اٿس.

مُقامُ جنازي دفن ڪرڻ جو هنڌ.
مُقامُ هي خاص ماڳ آهي، جتي فقط انسانن جي جنازن کي پوربو يا دفن ڪبو آهي. هر ڳوٺ ۾، هر شهر ۾ مُقامِ هوندو آهي، جيڪو آبادي کان ڪجهه فاصلي تي هوندو آهي. هونءَ ٻه جتي ماڻهو قبرون ڏسندو آهي ته پَڪَ سمجهبو آهي ته هي مُقام آهي. سنڌ ۾ ڪي مشهور ٻه مُقام آهن.
مثال: مَڪلي جو مقام، سَتين جو مُقام، سونڊن وارو مقام، ڪراچيءَ ۾ ميوا شاه مقامُ.
1- ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽُ، ڪڏهن مڙهُ مُقامَ ۾. (شاهه)

مُقامُ درجو يا حيثيت.
1- ماڻهو پنهنجو مقامُ پاڻ ناهيندو آهي.

2- شاعري ۾ لطيف سائين جو وڏو مقام آهي.
3- جيترو تون پاڻ کي سمجهين ٿو، اوترو تنهنجو مقامُ آهي ئي ڪونه.

مَٺي — مخالف.
1- ڏَيءُ! توکي آئون چڱائي تي چوان، پيلا ماءُ جو به ڪڏهن پنهنجي ڏيءُ جي مَٺي ٿي آهي!
2- پيڻ! تون ڪٿي مون لاءِ ڀلا به سوچين، ليڪن آئون تُنهنجي ڪڏهن به مَٺي نه ٿينديس.

مَٺي — خراب يا ڪَسي.
1- ادا! سونارا هيءَ چانديءَ مَٺي آهي، ٻي ڪا ڏيکار.
2- ادي! هڪڙي ڳالهه توکان پڇان، مَٺي ته ڪانه سمجهندينءَ.
3- هُن ڪڏهن به اوهان جي باري ۾ مون سان ڪا مَٺي ڳالهه نه ڪئي آهي.
1- چَندَ! چوانءِ سَچُ، جي مَٺي نه پائيين. (شاهه)

مِٺي — پياري.
1- الله ڪان پوءِ مِٺي مون کي تون ئي مُنهنجي ڏيءُ آهين.
2- دنيا ۾ ماءُ جهڙي ڪا مِٺي شئي آهي ئي ڪانه.
1- مِٺي مصيبت، آهي آريءَ جامَ جي. (شاهه)
چوڻي: ڏِٺي مِٺي آهي.

مِٺي — چُمي. پيار مان، چمڙي ءِ هَيڙي به چئبو آهي.
1- پُٽ! تورو هيڏانهن ته اَچُ ته هڪ مِٺي ڏيانءِ.
2- پُٽَ! ننڍڙي کي گهڙي کن مون کي ڏي ته هڪ به مِٺي ته ڏيانس.
3- امان! تنهنجي اِها مِٺي مون لاءِ دعا به آهي ته شفا به

آهي.
4- ماءُ جي مِني اولاد لاءِ جنت جي خوشبوءِ آهي.

مِني ذائقي ۾ مِصريءَ جهڙي شئي.

مِچ باهه.
1- يارَ! ڪو مَچُ ٻاريو تہ سيءُ لاهيون.
2- شڪار بہ ڪونہ لڳو، سيءُ بہ ڏاڍو هو، پوءِ مَچُ ٻاري ٻيلي ۾ ويهي رهياسين تان جو سج اُڀريو.
3- بابا! اُتو هلي اوطاق ۾ مَچُ ٻاريو، مهمان بہ آيل آهن تہ ڪا ڪچهري ڪيون.
1- پَتنگُ چائين پاڻ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽ. (شاهہ)
2- مُنهَن ۾ ٻرئي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشاني پرينءَ جي. (شاهہ)
3- محبت سندو مَنَ ۾، مالڪ! ٻارج مَچُ. (شاهہ)
4- مَتيان مَتي مَچُ، ٻَرِيمَ ٻاروچَنِ جو. (شاهہ)

مَچُ مصيبت يا پريشاني يا تڪليف.
1- توهان اسان لاءِ ڪنهن بہ طريقي سان مَچَ مچايو ڇڏيو.
2- اهو توئي مَچَ ٻاريو آهي، ٻيو ڪير نٿو ٻاري سگهي.
3- ٻين لاءِ مَچُ مچائي، پاڻ هائي لڪندو وتي.

مُرادي ڪمائي.
صبح کان شام تائين دڪان جي ڪمائي کي مرادي چئبو آهي.
ورهاڱي کان اڳ هندن جو واپار تي وڏو اثر هوندو هو. تنهن ڪري شهرن توڙي ڳوٺن ۾ سندن دُڪان هَتَ، هوندا هئا. صبح کان شام تائين جيڪو بہ ڪمائيندا هئا انهن کي هُو مُرادي چوندا هئا.
1- ڇوڪرا! مرادي ڳڻ ڪيتري ٿي آهي. هاڻي دڪان

بند ڪيو.
2- اڄ مرادي مڙوئي ڳهڻ تي آهي.
3- بابا! آئون هاڻي گهر هلان ٿو، دڪان بند ڪري، مرادي ڪنيو اچجانءِ.

مُرادِي دعاڳو فقير يا مراد وند يا مراد وٺڻ وارا.
1- بابا! اسان بہ اوهان جا مُرادي آهيون، پُٽَ ڄمڻ جي مرادَ وٺڻ آيا آهيون.
2- اسان جو شادي مُرادِي ڪان وٺي هِنَنِ ماڻهن سان پير پَنڌُ آهي.
3- رئيس! پُٽَ جي شادي جون مبارڪون هَجنوَ، هاڻي اسان فقيرن کي بہ مُراد ڏيو.
4- اسان وڏن ڪان وٺي اوهان جا مُرادِي (مرادوند) آهيون.

مري ناس، نابود، نيست.
1- ڏونهين پاسي ڏوس جي، ماڳهين پوان مري (شاهہ)
2- مچڻ مرين اڄ، ڪاڏي پاراتو پرين کي (شاهہ)
3- محروم تي مري ويا، ماهر تي نہ مٺا (شاهہ)

مري بلوچن جو هڪ قبيلو.

مِري شهر جو نالو. ڪوهہ مري.

مڙس گهروارو يا وَرُ.
1- اَدِي! منهنجو مُڙس اچي، تہ سمورو احوال اوهان جو ڪيس ٻڌائيندِيسَ.
2- ڀيڻ! مڙسَ جي سر بخت جو خير هجي، ٻي ڪابہ تڪليف ڪانهي.

مُڙسُ همت وارو يا مَهل ڪرڻ وارو.
1- مَهَلون هميشہ مُڙسُ ماڻهو ڪندو آهي.
2- يارَ! مڙسُ ٿي، پاڙيو نہ ٿي، اُٿ اسان سان گڏجي

هَلُ.

3- مُڙس تہ يارَ ڪنڌار هئو، پر حياتي ايتري نہ ٿيَس.

1- ڪانئي ڪارائيءَ جي، مُڙس ٿي مَرَ پاءِ. (شاهہ)

چوڻي: مُڙس ڪسندو آهي، جُهڪندو ڪونهي.

چوڻي: متان چوين تہ مون کي ڪو مُڙس پتو ئي ڪونہ!

چوڻي: پاڙئي ماڻهوءَ جي پيلَ مان بہ ڦاسي پئبو، مُڙسَ جي خونَ مان بہ ماڻهو آزاد ٿي ويندو.

مُڙس مرد.

مِڙي هڪُ ٿي يا گڏ ٿي.

1- سڀ مِڙي جڏهن هڪ ڳالهہ تي بيهنداسين تڏهن ڪمُ ٿيندو.

2- يارَ! خلق تہ ڏاڍي اچي مڙي، پر اوچتي مينهَن پوڻ ڪري ملاڪڙو ڪونہ ٿيو.

1- اَڱڻِ مِڙي اَچِ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ ڪي. (شاهہ)

2- پِري پتنگ آئيا، مِڙي مَتي مَچِ. (شاهہ)

مِڙي دوڙائڻ، بيعزت ڪرڻ.

1- چڱو ٿيو جو اهڙي ڪني ماڻهوءَ کي مِڙي ڪڍيوَ، نہ تہ پروگرام خراب ڪري ها.

2- ابا! اهو ڪتو گهر م تو گهڙي انهيءَ کي تہ مڙي ڪڍ.

مِڙي منٺُڙي.

1- سيپ گڏجي مِڙي ٿا هلي پرچايُونس. آخر ڪڏانهن ويندو.

مِڙي ڪير ڏنائين.

مينهن مڙي بيٺي آهي.

مُنِي ڏکويل يا ستايل.
1- مُنِي ! تِي مسڪين، همت هوت وڃائيو. (شاهه)
2- مُنِي تِي مَدَعا گهُري، موتُ تيو موجودُ. (شاهه)
3- مُنِي مهمانن سِين، ويهي راتِ وهاءِ. (شاهه)

مُنِي قاتي يا قاتلَ.
1- آئون ته اوهان مان اچي هائي مُني آهيان، خدا ڪو مون کي موت ڏئي.
2- مُنيءَ کي مون ڏاڍو سمجهايو ته اتي مِني مائني نه ڪر.
3- ڏيءَ! هاڻي ته مُنيءَ کي آرام ڪرڻ ڏيو، صبح کان وٺي ڪمُ ڪيو اٿم.
1- متان مُنِي ! چِڏئين، پريتڙو پاڻان. (شاهه)
2- ڪانيءَ مَر ڪانيو، مُنِيءَ مَنگُرمَ ڏيو. (شاهه)
چوڻي: مِني بَه ماتِ، ته مُني به ماتِ.

مُنِي نياڳي.
1- مُني ! پڙهيل هجين ها، ته هيترا سُورَ نه ڪاٽيِن ها.
2- مُني ! چيومانءِ ته گهڻو ڪم نه ڪر، نه ته بيمار تي پوندينءَ.
3- ادي! ننُهن ته چڱي ملي اٿم، پر مُنِي کي گهر جو ڪم چَئيس ته پَرو چڙهيو وڃيس.

مَتِيا ناراض ٿيا، ڪاوڙيا، رنج ٿيا.
1- اسان جو ڪوبه قُصور ڪونهي، خام خواه اسان تي اوهان مَتيا آهيو.
2- جيڪڏهن پاڻ وارا مائٽ هرويرو مَتيا آهن، ته هَلو ته ڪين هلي پرچايُون.
3- ڪاڻ هنن کي تڪليف يا شڪايت آهي، تڏهن ته

مَتيا آهن.

مَتيا لنگهيا.

مَنو ڪَسو.

1- مائهو گفتگو اهڙي ڪري، جو ڪنهن کي مَنو نہ لڳي.

2- هي سونُ هُنَ سونَ کان ڪجهہ مَنو ٿو معلوم ٿئي.

3- ڳالهہ توسان اِتي ڪري نٿو ڪيان، جو تون متان مَنو سَمجهين.

1- موڪيءَ مَنو نہ گهُريا، وهُ نہ وِهائيا. (شاهہ)

مَنو مخالف يا دُشمن.

1- مون اوهان کي هميشہ مَنو نہ سمجهو آهي.

توهان کي الائجي ڪهڙي غلط فهمي پيدا ٿي آهي، ليڪن آئون اوهان جو بالڪل مَنو ناهيان.

2- مون کي ڇا ٿو ڀڏائين؟ مون کي سَڀُ خبر آهي تہ منهنجو مَنو ڪير آهي.

مِٽي ڌوڙ يا خاڪ يا دَز.

1- اَڄ سڄو ڏينهُن آسمانَ مان مِٽي وَسِي آهي.

2- بابا! ڪپڙو کڻي هي سڀ مِٽي ڪرسين تان صاف ڪر.

3- هڪ ڏينهُن هرڪنهن کي مِٽيءَ ماءُ حوالي ٿيڻو آهي.

1- هنئون منهنجو هُت ٿيو، ۽ هت مِٽي ۾ ماهُ. (شاهہ)

2- ٿَڌي وَسائجانءِ ٿَرن جِي، مِٽي مَٽِي مٽاهُ. (شاهہ)

3- پاڻَ ڪنيرُ آوِيي ٻٽيو، چَڪُ، مِٽي، گهَٽ مَٽ. (سامي)

چوڻي: سَڀُ ڪَئي ڪمائي، مِٽيءَ م ملائي ڇڏيءِ.

مِٽي جيڪي مٽي.

مِٽي — عزازت يا مائٽي.

1- اَڄ ڪَلهه مِٽي مائٽيءَ ۾ اُهو مَزو نـه رهيو آهي.

2- پنهنجن پنهنجو نـه ڪيو، تنهن ڪري نئين مِٽي ڪرڻي پيم.

3- ڪوٽڙيءَ ۾ برابر اسانجا مائٽ رَهن، جن سان اسان جي مِٽي آهي.

مَٽيا — لنگهيا يا گذريا يا ڦريا.

1- ادا! ڏي خبر، هتان ڪي ماڻهو مَٽيا؟

2- توهان جي مُنهن مَٽيا، تـه اسان بـه ڪٽي پنهنجا قدمَ جهليا.

مَٽيا — بدليا.

چوڻي: ايجان هٽن جا نشان مٽيا ڪونهن.

مَٽي — ڦيرائي يا بَدلائي.

1- پيارا! اسان ان ساڳي جاءِ ۾ تا رهون، جڳهه مَٽي ڪانه آئيون.

2- بَس يارَ! هاڻي ڪُرسي مَٽي آهي، تنهنڪري مزو مڙوئي گهٽ آهي.

3- جڏهن تو پنهنجي رَوش مَٽي آهي، تڏهن دوستن جي بـه دل توکان ڪَٽي ٿي آهي.

مَٽي — لنگهي يا گُذري.

1- هاڻي هتان مَٽي تـه خَبرَ پَويس.

2- جڏهن اوهان ٿي مُنهُن مَٽي ويا، تـه اسان بـه پنهنجا پير ڪٽي جَهليا.

3- يار! اهو ڪهڙو ماڻهو هُئو، جو هتان مَٽي ويو.

4- بَس يار! غريب ٿي ويو آهيان، تڏهن دوست، مِٽَ، مائٽ مُهُن مَٽي ويا آهن.

مَٽي — تبديل ڪرڻ يا بدلائڻ.
1- سيٺ هيءَ ڪندُ سُٺي ڪانهي، ٻي ڪا مَٽي ڏي.
2- اوهان به اهو ساڳيو ڪير هاڻي نٿا ڏيو، بلڪ مَٽي ٿا ڏيو.
3- سيٺ هي نوٽ پراڻو آهي، ٻيو نوٽ مَٽي ڏي.

مِٽي — گهڙي.
1- اَبا! اِنَ مَٽيءَ مان پاڻي ڍُڪُ ته پيار.
2- ڪنيار ڏانهن وڃي پيسو ڪا ٺاهوڪي ٺڏي مِٽي وٺيو اچجانءِ.
3- اوطاق جي مَٽي پاڻيءَ سان هروقت ڀريل هجي ۽ ڪڏهن به خالي نه هجي.
4- يار! هَنَ مَٽيءَ جو پاڻي، ڪيڏو نه ٿڌو آهي.

مِٽي — ڪاوڙي.
1- اَڄ نانيءَ جي مُنهن تي متان چڙهين مَٽي ويٺي اَٿئي.
2- بابا! مامي وارا سڏُ ڏيڻ آيا، اوهان الائجي ڇو ڪونه سڏُ ٻُڌوليو، تنهنڪري اما به مِٽي ويٺي آهي.
3- ڇورا! توهان کي هزار ڀيرا سمجهايو اٿم، ته ماسي مريم مُهاڻي سان چَرچا نه ڪَيو.
4- هوءَ جڏهن به مِٽي ته رستا ٻيهاري ڇڏيندي.

مَتو — ٿلهو ٿيو يا متارو ٿيو.
1- حرام ڪاڻي ڪاٽي، ڏِسُ ته ڪيئن نه مَتو آهي.
2- اَبا! پاڻ وارو يارُ اهڙو ته هاڻي مَتو آهي جو موركو هلي به نٿو سگهي.
3- يارَ! تون ته اڳ ۾ ڏاڍو سَنهڙو هئين، هاڻي ڪيئن مَتو آهين.
1- مَتو آهين مَڇَ! ٿُلهو تو ٿونا هٽين، (شاهه)

مَتو پَريو.

1- هن سال لطيف سائين جو ميلو ڏاڍو مَتو آهي.

2- ابا! قلندر جو ميلو اهڙو مَتو آهي، جو پير رکڻ جي ٻہ جاءِ ڪانهي.

3- پَرُ سال سچل سائين جو اهڙو ميلو ڪونہ ٿيو هو، پر هيل واهَ جو مَتو آهي.

مِتو عروج تي پهتو.

مَتو ڪاوڙيو.

1- صاحب! ڏاڍهن هينئر متان وڃي، مَتو وينو آهي.

2- سَڄي آفيس تي صاحبُ مَتو وينو آهي، الله خير ڪري!

3- ياءِ! تون رڳو گهرِ وڃ، بابا توتي مَتو وينو آهي، پاڻهين خير وٺندءِ.

مَتِ پيڙا.

1- پوليس اهڙي مَتِ ڏِني اٿس جو ياد ڪندو.

2- يارَ! ٻُخارن اهڙي مَتِ ڏِني آهي، جو هلِي بہ نٿو سگهان.

مَتِ عَقلُ يا سمجهہ.

1- بَس خدا اڄي پيچاڙي ۾ مَتِ وجائي اٿس.

2- مَتِ هُجيسِ ها، تہ اهڙو جَڏو ڪَمُ نہ ڪري ها.

3- بَس پُٽَ! وڏيڪ توکي ڇا چوان ربُ ڪا مَتِ ڏِيئي.

1- ڪَلاَنٺُون ڪاءِ، مَتِ نہ سڪين مون هنئان! (شاهہ)

2- مَتِ عقل ڊِي مُنجهہ گِئي، آيا عشق امام. (شاهہ)

3- عقل، مت، شرمُ، تيئي نينهَن نهوڙيا. (شاهہ)

4- سِيلَ پَجَڻَ جي سومرا! مون ڪي مَتِ مَ آڇج ميرَ. (شاهہ)

چوڻي: اَسي مَتِ ڪَسي.

چوڻي: ڇَتَ کي ڀَتُ ڏجي، پر مَتِ نہ ڏجي.
چوڻي: رب رُسي، مَتِ کَسي، هٿي ڪونہ ترار.

مَت
صلاح.
اهڙي مت نہ ڏينس جو پاڻيءَ مان نڪري وڃي.

ماهُ
ماس.
1- سيخن ماه پچاءِ، جي نالو ڳيڙءِ نينهَن جو. (شاهہ)
2- سنڪي سندِي سُومِري، هَڏِ نہ چاڙهيم ماه. (شاهہ)
3- هنئون منهنجو هُتِ ٿيو، هت مٿي ۾ ماهُ. (شاهہ)
4- گَندِيءَ نينهُن نہ سَپجي، تَهَ نہ پَچي ماهُ. (شاهہ)

ماهُ
مهينو.
1- ڏنو محرم ماهُ، سَنڪو شهزادن ٿيو. (شاهہ)
2- چوڏهينءَ ماه چَندَ جِئن، ڪَيو ساميءَ سَهائو. (شاهہ)
3- چوڏهين ماه چند جئن، پڙ ۾ پاڳِرِياسِ. (شاهہ)

ماهُ
چندُ.
اڪيون آلو ماهُ، سدا سناسِيِن جون. (شاهہ)

مباحُ
روا.
1- پنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موتُ مُباحُ. (شاهہ)

مباحُ
معاف.
1- هر پيري توکي اسان، هر شئي مباحُ ڪندا آهيون، پر تو ان جو قدر نہ ڪيو.

مارِي
سَتِي.
1- يارَ سجڻ جي فراق، رِڃي جيڏيون! آئون ماري. (شاهہ)
2- اَڃي سارَ لهيج، ساڄَن! سُورَ تُماري آئون ماري. (شاهہ)
مٿيون ٻئي سٽون شاه سائين جي ٻن وائن جا ٿلهہ آهن.
3- حُسينيءَ جي هاڪَ، مادَر ماري آهيان. (شاهہ)

مارِي
شڪارِي يا شِڪار ڪندڙ.

1- بَغَلَ مَنجهہ بندوق، ماريءَ ميرا ڪَپڙا. (شاهہ)
2- ڏيلُ جَنهن جو ڏنجهہُ، سو ماري ٿو مَنجهہ ڦري. (شاهہ)
3- ماريءَ ماري لَڪَ، وَڳُرَ هٽي ويڇُون ڪَيا. (شاهہ)
4- ڪونجَ نہ لَکيو ٻاڻُ، ماريءَ سندي مَنَ ۾. (شاهہ)
5- ماري، مَريــن شـال! ڏَڀَ وَڄَنَي ڏِيــئُون. (شاهہ)
6- موٽيا نہ ماري، ڪوُنرَ لتاڙي ڪاڪ جا. (شاهہ)

چوڻي: ماريءَ جي گهرَ ۾ هَڏا!

ماري قتل ڪري ڇڏي.

1- توهان هڪ شريف عورت ڪاري ڪري ماري آهي، خدا اوهان کي ضرور غرقُ ڪندو ۽ حساب وٺندو.
2- ڪالهہ ڇگُو ٽيو جو ميونسپالٽيءَ وارن اها ڇِتي ڪُتي ماري! نہ تہ شهر وارن گهڻن ماڻهن کي ڪاٽي چَٽَ ڪري ها.

اها ڳوهَ جيڪا مُئي پَئي آهي، سا ڳوٺ جي ڪُتن ماري آهي.

چوڻي: اَبا! هيءَ بَلا ڪَنهن ماري؟
جنهن جا چارئي ڇَنبا ٻاري.

ماري ميربحر يا ملاح يا مُهاڻا.

اصل ۾ ميربحرن ۽ ملاحن کي بہ ماري چوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اُهي مڇيءَ ۽ پلن کي ماريندا آهن.
1- اَبا! ٿورو ترسو ماري اچڻ وارا آهن پَلا ڪوڙ!
2- اَڄ جمعي جو ڏينهن آهي، ماري درياهہ ۾ ڪونہ ويندا.
3- پريان اهي ماري بَتيلو ڪاهيو، پيا اچن، الله ڪري کي پنج پَلا هِنَنِ ماريا هُجن.

ماري دشمنَ.

1- پيو ڪير به اسان کي ماري نٿو سگهي، اسان ئي هڪ ٻئي جا ماري آهيون.
2- اسان کي هاڻي خبر پئي آهي ته اسان جا اصلي ماري ڪير آهن.
3- اسان ساڪَ ڏيڻ لاءِ اوهان کي تيارُ آهيون، ته اسان اوهان جا ماري ناهيون. دشمني جنَ سان آهي تنِ سان آهي.

ماري — ناس ڪئي.
1- جن نه ماري ميسَ، ناٿُ نه نمي تن کي، (شاهه)

مَرَڪُ — ناز، فخر.
1- سودا صبر تنهنجو، مَرَڪُ لڄاين (شاهه)
2- جي ڪچو چونو ڪوءِ، ته مَرڪ ڀانيان مهٺو (شاهه)

مَرَڪُ — لاڏ، ڪوڏ، شان (نخرو)
1- چت جنين جا چُور، سي مکي مَرَڪ نه ڪنديون (شاهه)

مَرَڪُ — هٺ، وڏائي.
1- مٺئي تي موهجي، مُوڙهي ڪيئي مَرَڪُ (شاهه)

مَرَڪُ — هَٺُ.
1- مَٺئي تي موهجِي، مُوڙهِي ڪَيَئي مَرَڪُ. (شاهه)

مُرَڪُ — اصول.
1- سودا! صبر تُنهنجو مَرڪُ لَڄايُن، (شاهه)
2- جي ڪَچو چُونو ڪوءِ، ته مَرَڪُ ڀانيان مهٺو. (شاهه)

مَرَڪُ — لاڏُ ڪوڏُ يا نازُ نخرو.
1- چِتَ جَنين جا چُور، سي لَکي مَرَڪ نه ڪنديون، (شاهه)

مَرَڪُ — آبرو يا عزتَ.
1- هٺڙ، هَڪِلَڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان اي مَرَڪُ، (شاهه)
2- ٻَچارون ٻِريَن جون، مَحَبَتِين مَرَڪُ، (شاهه)

مَرَڪُ فَرضُ.
1- مـعـرفَتَ مَرَڪُ، اَصـلُ عـاشِقَنِ کـي، (شـاهـ)

موڙَ ڳانا يا ڄهاپا.
1- تـلـيـارا تـوڏن کـي، ڳچيءَ سُونـهَنِ موڙَ. (شـاهـ)

موڙَ مروڙ.
1- سُکَنِ اَچِي ڏکـن کـي، مُحـکـمُ ڏِني موڙَ. (شـاهـ)

موڙ پيچ.
1- مَنَ جَنِين سان مـوڙَ، سي لاهُوتي لَڏي ويـا. (شـاهـ)

مَتيُون عقل يا سمجهه.
1- متيُون موڙهيءَ سسئي! ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌُ.

مَتيُون صلاحون.
1- مَتيُون موٽِ سنديُون، ڪاڪيُون! ڪيمَ ڏيوم، (شاهـ)

موريُون اُپريون يا ڦُٽيُون.
1- ڳالهيون اِنهيءَ ريتَ، سَلا ٻڏي موريُون، (شـاهـ)

موريُون نندا وهڪرا.
جتان، فصلن، برساتن ۾ ٻوڏن جو پاڻي نڪري ويندو آهي.

مورَنِ اُپرن، نڪرن.
1- اُٺـي جِتَن مـورِن، اوپَرَ ولـهـارن ۾، (شــاهــ)

مورَن پکيءَ جو قسم 'مور'.
1- اي انسانو! خدا جي واسطي مورَنِ کي نه ماريو!

مورَنِ جبل جا گيت.
1- رات مورَنِ جي واه جا رهاڻ ٿي.

مورن سُهڻن.

ماءِ ماڳَ يا منزلَ.
1- رِيءَ هَمراهِي هاديءَ جي، مُورِ نـه مـڙي ماءِ، (شـاهـ)

2- ماءِ ڀُڻتا ميرَ، ٻارِ لنگهيائون ٻاجهہَ سان. (شاهہ)

ماءِ — اَمڙ، اَما، جيجَل.

1- ماءِ! مُنهنجي ڪَرهي، پَڌَرِ پيگَ نَہ لڳ. (شاهہ)

2- وِينديس ماءِ! مَري ساري سامونڊين کي. (شاهہ)

3- وڻجاري جي ماءِ، وڻجارو نَہ پلئين؟ (شاهہ)

4- ڪيڙي ڪيڙي ڪَندَ، ماءِ! سامونڊي آئيا. (شاهہ)

مامَ — رَمزَ يا اشارو.

1- مانَ پروڙي مامَ، ساڳاهي سَئينءَ وَهين. (شاهہ)

2- مَ تہ آئين مڱڻا! مامَ پَروڙي مون. (شاهہ)

3- موڪَ مامَ نہ ٻُجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪَنِ. (شاهہ)

4- ڪاجا مامَ مُنَنِ، هِنَ پڻ هِئي هن سين. (شاهہ)

مامَ — لَڄَ يا شرمُ.

1- جَنهن تو ساماڻي، مامَ نہ پَکي مارئين. (شاهہ)

مَري — ناسُ ٿي يا نابودُ ٿي يا نيست ٿي يا ختم ٿي.

1- دونهين پاسي دوسَ جي، ماڳہ پوان مَري. (شاهہ)

2- مَچُڻ مَري اُڄَ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي. (شاهہ)

3- مَحرومَ ٿي مَري ويا، ماهَر ٿي نَہ مُئا. (شاهہ)

مَتِ — مَتاستا.

1- اَمُلُ آڇ مَ اُن کي، جي نہ پَروڙيننِ مَتِ. (شاهہ)

مَتِ — وڻج واپار يا سودو.

1- جِتِ گَڏجيئي جوهري، ماڻڪَ تَنهين مَتِ. (شاهہ)

مارو — دُشمنُ.

1- پيارا! آئون ڪنهن بہ صورت ۾ تنهنجو مارو ناهيان.

2- مون کي سڀ خبر آهي تہ منهنجو مارو ڪير آهي.

3- دستور آهي تہ دوست ئي، دوستَ جو مارو ٿيندو آهي.

مارو — حملو يا ڪاهَ.

1- هنَ سال مَڪَڙن اهڙو مارو ڪيو، جو فصل تباهُ ٿي ويا.
2- اِن ڪُتي جو خيال ڪجانءِ، متان اوچتو نہ مارو ڪَري.
1- مانجهين ڪِنو مارو، چڙهُ محمد عربي. (شاهہ)
2- معذور تي مارو ڪَيو، اولاڪَنِ اَچي، (شاهہ)
3- اولاڪَنِ اچِي، معذورِ تي مارو ڪَيو، (شاهہ)
4- مانجهِين ڪيو مارو، چڙهُ ميرمحمد عربي. (شاهہ)

مارو رازن جو هڪ اوزارُ.
جنهن سان رازا جايون لبندا آهن ۽ سيمينٽ جو پلستَرُ بہ ڪندا آهن، جنهن کي مارو چئبو آهي.

مِيانُ مڃي گڏ ڪرڻ جو ڪو هڪ هنڌُ.
ميربحر مڇيون ۽ پلا ماري هڪ هنڌ گڏ ڪري پوءِ وڪڻندا آهن ۽ واپاري بہ ان ماڳ جا مڇيون ۽ پلا ڪٽندا آهن. اهڙي هنڌ يا ماڳ کي مياڻ چئبو آهي.

مِيانُ تلوار بند ڪري رکڻ جو اوزار.
1- ٻن ترارن جاءِ، ڪا آهي هيڪ مِيانِ ۾؟ (شاهہ)
چوڻي: هڪ مياڻ ۾ ترارون ڪونہ پونديون آهن.

ميڙيا مِلايا يا گڏايا.
1- پرين جي پرديسِ، مون کي مِينهَن ميڙيا. (شاهہ)
2- جي پرين هُتڙا ڏُورِ، سي مون کي مينهَن ميڙيا. (شاهہ)

مَهلَ وقت.
1- رازُ ڪيائين راءِ سين، ڪَنهن موچاريءَ مَهلَ. (شاهہ)

مَهلَ ڏکيو وقت يا مشڪل وقت.
1- دوست! آئون تنهنجو شڪرگذار آهيان جو مَهلَ ۾ مدد ڪَيئي.
2- يارَ اُهي ڪهڙا چئجن، جيڪي مهل ۾ ڪَم نہ اَچن.
چوڻي: مهل هميشہ مردن کان ٿيندي آهي.

مَهِلَ — مدد يا پلاٽي يا همدردي.
1- يار! شاباس هُجئي جو منهنجي مَهلَ ڪَئِي اَٿئي.
2- تون ئي هڪڙو دوست هئين، جنهن منهنجي مَهلَ ڪئي، ٻين ته يار، ڪُتو جواب ڏنو.

مَهتَ — سَتَ يا جَهڙپَ.
سياري جي مَهتَ، گرمي جي مَهتَ، ڏينهن جي مَهت (تتل ڏينهن).
1- سخت سياري جي مَهت به ماري وجهندي آهي.
2- يارَ! گرمي جي توري مَهت لڳي آهي، جو اڃان ٺيڪ نه ٿيو آهيان.

مَهتَ — مالش.
1- تيل جي مَهتَ ڪرائي اَٿم، تڏهن وَڃي مَس مَس مٿي جو سُورُ لٿو آهي.

مَهِرَ — ٻاجهَ يا رَحمُ يا ڪَرمُ.
1- مَهِرَ نه هُئي ماڙهين، هو سَبُ هندوڪارَ (شاهه)
2- مون تان مَهِر مَ لاهه، آئون تُنهنجي آهيان. (شاهه)
4- مون تان مَهِرَ نظر، پرين لاهه مَ پنهنجي. (شاهه)
چوڻي: مِينهن به خيرَ جا ته مينهن به مَهرَ جا.

مَيلو — عرس شريف.
1- هن سال لطيف سائين جو ميلو وڏي ڌام ڌوم سان ٿيو.

ميلو — ماڻهن جا انبوه.

ميلو — ملاقات.
1- اُميد نه ڪانه هُئي، پر اوچتو توسان ميلو ٿي ويو.
2- الله ڪندو ته وري جلد ميلو ٿيندو، چڱو هاڻي خدا حافظ!
3- بهتر ٿيو جو توسان ميلو ٿيو، هاڻي وِيهه ته ڪي حال احوال ڪيون.

ن

ناحقُ ظلم يا ستمُ يا زبردستي يا بي واجبي يا بي انصافي.
1- ڪيڏو نہ ظالمن ناحقُ ڪيو آهي جو مڙس 60 سال جو ۽ نياڻي 20 سالن جي نياڻن نڪاح وجهي ڇڏيو.
2- بابا! پڻو فيصلو صحيح ڪجو متان مسڪينن سان ناحق ڪيو.

ناحقُ اَجايو يا خام خواه.
1- هتي نہ ناحق آئيس، ڪٿي تا هاڻي دوست ڇڏين!
2- هُن غريب کي ناحق ڪٿي ڦاسايو اٿن، هو تقرير مان ڇا ڄاڻي.

نيزا ڀالا يا ڏڦا.
1- جيري ڄنين جي، لڳا نيزا نينهن جا! (شاهہ)
2- سي نيزي پانڌ، اُچل تہ اَڌ ٿئي. (شاهہ)
3- لِن سَين طَبَلَ، بازَ، تبرون، نيزا ۽ نيشان. (شاهہ)

نيزا سڪل ميوي جو قسم.
1- سياري جي موسم ۾ ماڻهو استعمال ڪندا آهن. خاص ڪري پناڻ ڳاڙن تي ڪٽي وڪڻندا آهن.

نِيرُ رنگت ۾ ڪم ايندڙ فصل.
ڪنهن وقت ۾ نيرَ جو سنڌ ۾ وڏو واپار هلندو هو. انهيءَ نيرَ مان اجرڪون، چادرون، تَوال وغيره ڪاريگر رڱيندا هئا. نير جو رنگ نيرو هوندو هئو، تنهن ڪري محرم جي مهيني ۾ ماڻهو امامن جي غم ۾ نيرا ڪپڙا پائيندا هئا.

جيئن لطيف سائين فرمايو آهي تہ:

1- ڪـارا رڱج ڪـپـڙا، ادا نـيـرو تـي. (شـاهـ)
2- مُهايَنِ وَهُون، نيـرُ مـهـانگـو ڪـنـديـون. (شـاهـ)

نِيرُ — پاڻي يا آبُ.
1- سِپَ سَمَنَدِيـن سِپَجي، نَدِيءَ پيـي نـه نِيرُ. (شـاهـ)
2- پـيـو مَنـانـي نِيـرُ، اُپِيُون اَبـر آسِري. (شـاهـ)

نِيرُ — لُڙڪن جون ڇِهيرون.
1- لـڪـنـي لامُون ڪوڙِيُون، نيـڻـيـن وَهي نـيـرُ. (شـاهـ)

نورِي — نور وارا.
1- نـوري ءِ نـارِي، جو ڳِيـشـڙا، جهـانَ ۾. (شـاهـ)

نياڻي — ڌيءَ يا دُختر يا بنتِ.
نَياڻي — عورت.
نَنگ — زيورن جا موتي يا زيورن جا ٻِڙا.
نَنگ — عورتون يا زالون.
جڏهن نـنـگ بـه وَٺي آيا، منتـون بـه ڪـيـائون، تـه پـوءِ امـان سڀ ڪجهه معاف ڪري ڪين عزت سان روانو ڪيو.

ننگ — لڄون.
1- جي ننگ ڇڏي نانگا ٿيا، تن نانگن ڪهڙو ننگ. (روحل)

نَنگ — واسطا يا منتون يا ميڙُون.
1- گهڻئي نَنگ وڌاسون، پر اسان کي ڪونـه ميڙُون.
رمز رندن جي رولَ جا جاڻن، ننگ نـه سڃاڻن نـيـهي. (مصري شاهه)

نَنگ — عدد.
1- پنهنجا ننگ ڳڻيو تـه پورا آهن.

نَقُلَ — ڏسي لکڻ.
نَقُلِ — ڳالهيون يا آکاڻيُون يا پراڻا قصا.
نَقُلِ — کائڻ جي شئي.
نِمر — جُهڪَ.

1- رَب اڳيان نمُ، تہ سوپارو ٿئين.
2- خدا کان سواءِ ٻئي اڳيان هرگز نہ نمُ.

نِمُ — وڻ جو نالو نِمُ.
جيڪو نهايت ڪارآمد وَڻُ آهي، اڪثر سنڌ ۾ گهڻو ٿو ٿئي.

نمُ — نيازمندي ڪر.

نَارِي — باهہ وارا.
1- نوري ۽ ناري، جو ڳِتڙا جهان ۾. (شاهہ)
2- ڏولان هٿي ڏنگُ، نارِي، ڪارِي نانگڻي. (شاهہ)

نارِي — عورت يا زال.
1- نارِي ويچارِي، ڪري تہ ڇا ڪري مِيان! (شهيد سومرو)
ناري جو جمع نارِيُون.
2- نارِيُون ناڏُ ڪرينِ، راڄا رات رمگيو. (شاهہ)

نَاسَ — نَڪَ ۾ وِجهڻ واري ناسَ.
پوڙها مرد، پوڙهيون مايون گهڻو ڪري ناسَ استعمال ڪندا آهن. ڪي ماڻهو تہ ڏندن کي بہ ناسُ ڏيندا آهن.

ناسَ — نڪ جا سِنگهڻ وارا ٻئي حصا.
اڳئين زماني ۾ يا اڄان بہ ٻهراڙي ۾ ماڻهو نَڪَ کي ناسَ بہ چوندا آهن.
چوڻي: بي حيا ماڻهوءَ کي نڪو ناسَ، نڪو پتو.

نَاسَ — حيا، شرم.
1- هُنَ کي ناسَ هجي ها، تہ پنهنجي پيءُ جي سامهون نہ ٿئي ها.
2- ادب ۽ اخلاق بہ ڪنهن ناسَ واري ماڻهو کي ٿيندو.

نَالو — نانءُ يا نامُ يا اسمُ يا سڃاڻپ.
1- اِنسانَ کي گهرجي تہ جيڪو بہ ڪَمُ ڪري تہ اول رب

جو نالو وَٺي پوءِ ڪَمَ کي لڳي.
1- الله جٺن نالوءِ، تنهن مون وڏو آسرو. (شاهه)
2- نالو رب سندوءِ، رهيو آهِ روحَ ۾. (شاهه)

نالو
پاڻيءَ جي نيڪال واري جاءِ.
1- بابا! اسان جي گهٽي مان نالو نه ڪڍ جو متان اسان جي جاين کي نقصان ٿئي.
2- بهتر ائين آهي ته ڪِني پاڻيءَ جو نالو شهر کان بالڪل پَري هجي.

نالو
مشهوري يا شهرت.
1- دنيا ۾ ڪيئي ماڻهو اهڙا آهن جن چڱا ڪم ڪري پنهنجو نالو ڪڍيو آهي.
2- پٽ! ننڍي وڏي جو ادب ڪندين ته اُن ۾ تنهنجو نالو ٿيندو.
3- اَبا! شابس هجئي! هاڻي پنگ ٿو پين، واه جو ماڻٽن جو نالو ڪڍايو اٿئي.
4- نالو انهيءَ ماڻهوءَ جو ٿيندو آهي، جيڪو محنت، محبت ۽ سچائيءَ سان هلندو آهي.

نَذرُ
نذرانو.
نَذرُ ٻَنيءَ جامَ جو، چڙهندي چيائون. (شاهه)

نَذرُ
ڪنهن بزرگ هستي جي نالي خيرات يا خدا جي خلق کي کاڌو کارائڻ.
1- محرم جي مهيني ۾ هميشه مسلمان حضرت امام حسين عليه السلام جي نانءَ ۽ ياد ۾ نذرُ نياز ڪندا آهن.
2- خدا جي راهَ ۾ جهڙو حضرت امام حسين عليه السلام نَذرُ ڏنو اهڙواج ثابين ڪنهن به قوم جي هڪ به

ماٺڙوءَ نہ ڏنو آهي.

نَذرُ قربان ٿيڻ يا صدقي ٿيڻ.

نَذر حوالي ڪرڻ يا ٻلي ڪرڻ.

نِرتِ انصافُ.

1- ميتِ مَدايون موٽُ تون، ڪري نِرتِ نياءُ. (شاهہ)

2- ڄامان اڳي ڄائيُون، تن جي نِرتِ نوريءَ ناهِ. (شاهہ)

نِرتِ هوش.

1- يارَ! هو نِرتِ ۾ئي ڪونهي، تون پيو هُن سان بَحث ڪرين.

2- ويچارو جهونو ٿي ويو آهي، نِرتِ ۾ ڪونهي ڪو، هُن جي دل ۾ نہ ڪر.

نِرتِ سوجهرو يا روشنائي.

1- عمر جي لحاظ سان يار، اکين جي نِرتِ بہ گهٽي آهي.

2- ڪاڙهي ۾ رلنديين تہ، اکين جو نِرت گهٽجي ويندءِ.

نَظَرُ ٻاجهَ ڪرڻُ يا ڪَرمُ ڪرڻ.

1- اسان عبادتَ نَظَرُ، ناز پرين جو. (شاهہ)

2- نَظرُ نزديڪون، سَهي نہ سگهان ساعتَ سَئِن. (شاهہ)

3- جتي نَظَرُ ناتَ جو، اُتي اوتارانِ. (شاهہ)

4- ڪَٿي نيڻ خمار مان، جان ڪياٿون ناز نَظَرُ. (شاهہ)

نَظرَ نِهارڻ، ڏسڻ.

1- مون تان مهر نَظر، پرين لاهہ مَ پنهنجو. (شاهہ)

نَظَرَ سارسنڀال لَهڻُ يا نظرداري ڪرڻ.

1- يارَ! دڪان تي پيو نَظرَ ڪجانءِ، آئون ٿورو ڪَمُ لاهي اچان.

2- ابا! مَالَ تي نَظَر ڪجانءِ، متان ٻَني ۾ نہ پوي.

3- ٻائو! هاڻي شهر ۾ گهٽ پيا اچون، ٻني ٻاري تي نظرَ

ڪيو وينا آهيون.

نَظَرَ اکين جي روشني يا سوجهرو.

1- ياڻو! هاڻي عمر جي خيال کان اکين جي نَظرَ به اُها نه رَهي آهي.

2- يار! اکين جو آپريشن ڪرايو اٿم، هاڻي مڙوئي نَظَر تيز ٿي آهي.

نَظَرَ تَڪَڙُ، نَظرَ سان ڪنهن کي نقصان ڏيڻ.

1- يار! الائجي ڪنهن جي نَظَرَ لڳي آهي، هاڻي ڪونه ڪو نقصان ٿئي ئي ٿئي پيو.

2- پيليءَ شئي کي هون ئي نَظَرَ لڳندي آهي.

3- پيلو گهوڙو احمد وٽي آيو، پر ٻئي ڏينهن جي نَظَر لڳس، مندو ٿي پيو.

و

وارو مدد ڪرڻ يا همدردي ڪرڻ يا واهرَ ڪرڻ.

1- يارَ! وارو ڪيو، مون کي ڪُتو ٿو ڪائي.

2- سيٺي دوست جيڪڏهن وارو ڪندءِ تہ ڳوٺ جو اسڪول ٺهي پوندو.

1- وارو! مون وٽراهِ! ڪا سُڌِ سُونهپَ جي نہ ڏيو؟ (شاهہ)

2- وارو! وَرُ وٺي ويا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏيرَ. (شاهہ)

3- وارو! وَرُ وٺي ويا، آريچا اَظلامَ. (شاهہ)

وارو موقعو يا مَهلَ.

وڃڻ مون وارو، ڪينَ وِهنديَس وِچَ ۾. (شاهہ)

وارو مَلَهہ وڙهڻ جو هڪ اَنگ.

هڪڙو وارو، ٻيو وارو، ٽيون وارو ٺڪا جو ڪرائينس تہ همراه جا وچي پُٺا لڳا ۽ واه جا ملهہ ڪيائين.

وارو مَهَرِ ڪرڻ.

جي وَرُ ڏيئي وارو، تہ سُونهان سرتين وِچَ ۾. (شاهہ)

وارو موقعو.

1- اَبا! ياد ڪجو اَڄ ٻنيءَ ٻني پاڻي جو وارو آهي.

هاري فصل لاءِ پاڻ ۾ ويهي پاڻيءَ جا وارا ٺاهيندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي مرضي ۽ مناسبت سان اِهي مسئلا حل ڪندا آهن.

وارو خوشحالي.

1- يارَ! شڪر آهي جو هِنَ سال وَنئُن واهہ جو وارو ڏنو آهي.

2- بابا! هِنَ سال مامي وارن کي فصل ڏنو آهي وارو!

سو جڳھ بہ عاليشان ٿو ٺهرائي.
3- الله سائين جڏهن بہ وارو ڏنو تہ گنج ٿي ويندا.

وارو — وقت.
1- اسان جو بہ جڏهن وارو ايندو تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.
2- بس هن دنيا مان هرڪو وارو وڄائي وڃي ٿو.
3- هنن جهونن جو بہ ڪو وارو هئو، هينئر ويچارا بيوس آهن.
4- هرڪنهن انسان جي موت جو وارو مقرر ٿيل آهي.
5- توکي تہ دوست واه جو وارو مليو هئو، پر تو اُهو بيڪار ۾ اجايو وڃائي ڇڏيو.

وارِيُون — والاريُون يا پَريلَ.
بَس مان ڪابہ سيٽ خالي ڪانهي، سڀ واريون پيون آهن.

وارِيُون — واريءَ جو جمع.
1- هتي تہ رڳو واريون پيون وسن.
2- ٿرن ۾ جڏهن واريون اُڏامنديون آهن، تڏهن ماڻهو آرام سان ويهي نہ سگهندو آهي.
واريُون جو واحدُ واري.
1- ڪرڙا ڏونگر ڪَہ گهٽي جتِ واٽن تي واري، (شاهہ)

واريُون — خيرات ڪري ڇڏيون.
1- جنِين جي خميَس، واريـــون، واري ڇڏيـــون. (شاهہ)

واڄَ — طوفانُ، مٿي، ڏوڙِ.
1- يـارَ! اَهڙي واڄَ لـڳي جو گـهرن جون ڇتـيُون اُڏامي ويون.
2- يار! نقصان وڏيڪ اِن ڪري ٿيو جو مينهن سان گڏ

واڄ ٻہ لڳي.

وَاحَدُ (هڪ) رب جي ذات.

1- والِي، واحدُ، وحدهُ، رازقُ، رب، رحيم، (شاهہ)

2- واحدَ وڏائي ڪيا، مَتي گسن گاهہ. (شاهہ)

3- تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُترِ سيپيٺي ڪري. (شاهہ)

واحِدُ اڪيلو.

1- هي واحِدُ ماڻهو آهي جنهن هيڏو ڪم ڪيو آهي.

2- هي هيڏو سارو هيترو ڪمُ، اهي واحِدُ ماڻهو ڪري، سا وڏي ڳالهہ آهي.

3- هِي واحدُ ماڻهو آهي، جو سڄي گهرَ جو خرچ هلائي ٿو.

وَرنِدي موٽندي يا واپس ايندي.

1- مينهن تہ وَرائي وڃهنداسين، پر ڏاڍي مشڪل سان وَرَندي.

2- هِنَ ٻَڪري جي اها عادت آهي جو سڄو ڏينهن چَري چَري شام جو سڌو گهرَ ڏانهن وَرنِدي آهي.

وَريتيُون! ورو، آئون نہ وَرنِدي وَرَ ري، (شاهہ)

وَرَنِدي جوابُ.

1- مون جيڪا تو کان ڳالهہ پُڇي آهي، اُن جي وَرَنِدي چو نٿو ڏين؟

2- جنهن ڪَمَ لاءِ تو کي موڪليان ٿو، ان جي ورنِدي جلد وٺي اَچُ.

3- اهڙو تہ اشراف آهي جو جنهن ماڻهن ۾ چابہ چَئي ويندو سانسِ تہ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندو، پر وَرَندي ڪونہ ڏيندو.

وَرندي انڪار.

وَنڊَ حصو يا پتي يا ڀاڱو.
1- مون کي هاري جي حيثيت ۾ پنج ڳوٿيون ونڊَ ۾ آيون آهن.
2- سڄو ڏينهن ڏهن ڄڻن گڏجي شهر ۾ پورهيو ڪيو شام تائين هرهڪ کي سَٺ سَٺ رپيا ونڊ ۾ آيا.
پيارا! ونڊ ايمانداري سان ڪجو، ائين نہ ٿئي جو ڪنهن کي ڪَسُ لڳي.

ونڊَ ابتدائي تعليم ۾ حسابن سيکارڻ جو هڪ طريقو وَنڊَ (÷) معنيٰ حصا ڪرڻ. شروعاتي تعليم ۾ حسابَ سيکارڻ ۾ چار اهم اصول هوندا آهن. وَنڊ (÷) ضرب (X) جوڙ (+) ۽ ڪَٽَ (-).

ونڊَ خيرات جي ماني.
اڳئين وقت ۾ مڪتبن ۽ مدرسن ۾ خاص ڪري جتي ديني ۽ مذهبي تعليم ڏني ويندي هئي. اُتي ڳوٺن مان انهن مدرسن جي غريب شاگردن کي ونڊَ جي ماني ملندي هئي.
چوڻي آهي تہ:
1- ادا آئون تہ ونڊَنِ جي ٽڪرن تي پليو آهيان.
2- يار مون تہ ڳوٺ جا ونڊ کائي محنت ڪري هينئر شُڪر آهي جو هيڏي تعليم حاصل ڪئي اٿم.

وَڙُ احسانُ يا ٿورو.
هڪ وائي جي مصرع:
مون جي وَڙُ وِچائيو، اَئين پنهنجو وَڙُ ڪريجا. (شاهہ)
والي! ڪَجَ وَڙُڪو، تہ ٻاري لنگهيان ٻاجَهہ سان، (شاهہ)
وَڙُجو جمع وَڙَ.
پريَنِ جي پارا، مونسين وڏائي وَڙَ ٿيا، (شاهہ)

ٽُلـهـي ۾ ٽـوري، ويـچاريءَ سـان وَڙُ ٽـيـو. (شـاهـ)

وَڙُ سلوڪ يا ورتاءُ.

1- مون جي وَڙُ وڃائيو، اَئين پنهنجو وَڙُ ڪريجا. (شاهـ)

2- جو وَڙُ جڙي جن سين، سو وَڙُ سيـئـي ڪَنِ. (شـاهـ)

3- وهـڻ وَڙُ نـه اُن جو، پـائـي لَڙَ لَلاهُ. (شـاهـ)

4- مَتان وَڙُ وڃائيين، ڪنهن ٻئي دَرِ ليلائي. (شاهـ)

وَڙُ نمونو يا جِنس.

1- بابا! دڪان تي هر منائي جو وَڙُ رکيل آهي، جيڪو چئين سو توريان.

2- دڪان تـي سـڀ شئي جو وَڙُ رکـيـو اٿـنـون، جيـئـن گراهڪ موٽي نـه وڃي.

3- سائين! سڀ شيون اوهان جي سامهون آهن، جيڪو وَڙُ وڻيو سو وٺو.

وَسَ وَسَندي.

1- پـانـڌي پريـن پـهـنـوارَ جا! جان تو وڃي وَس. (شـاهـ)

2- وَسـي تـڏهـن وَس، مُـنـد مـٽـوئـي مِيـنـهَن جي. (شـاهـ)

وَس طاقت آهر.

3- هُـئـا وڏي وَسَ، پـاروچا پـيـنـيـور ۾. (شـاهـ)

وَسَ حيلا يا وسيلا.

1- ڪِئا ويچاريءَ وَس، ڪارڻ ڪوهياري گهٽا. (شاهـ)

2- ڪارُون وَسَ ڪيام ڙي! منهنجو هوتُ نـه موٽيو. (شاهـ)

3- پَسَڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وَسَ. (شاهـ)

4- ويـنـي ڪـريـان وَس، ايـڏانـهَن جي اَچڻ جا. (شـاهـ)

وَسَ مينهَن يا برسات يا وَسڪارو.

1- هـر سـال جبـل تـي وَسَ تي ڪـانـهـي تـنـهـن ڪري اُتـي ڏڪار جهڙيون حالتون آهن.

2- الله ڪري هن سال ڪا سُني وَسَ ٿئي، پَرُ سال تہ مينهَن پيائي ڪينَ.
3- ٿرَ، جبل ۽ ڪاڇي ۾ جڏهن وَسَ پوي، تہ ماڻهو بہ وَسَ ۾ آهن، جي وَسَ نہ ٿئي تہ ويچارا ٻنهہ ٻيوس ٿيو پَون.
1- وَرِي وَڏي وَسَ جُون، ڪيُون ڳالهيُون ڳنوارن. (شاهہ)
2- جي پاڻئين وَسَ چَران، تہ سنگهارن سين لَڏ. (شاهہ)
3- وطـن وَس وَسنـديُون، هيـٺرِي نِتُ هُري. (شـاهـ)

وَسَ اختيار.
1- اهو توهان وارو ڪَمُ منهنجي وَسَ کان ٻاهرِ آهي.
2- اوهان پنهنجي وَسَ وارا آهيو ۽ جيڪو بہ فيصلو هوندو سو اسان کي بہ قبول هوندو.
3- پيارا! جيڪا بہ ڳالهہ منهنجي وَسَ ۾ هوندي، ان لاءِ آئون ضروري مدد ڪندس.

وَرَنِ موٽڻ يا واپس اَچڻ يا وَرِي اَچڻِ يا اُٿلڻ.
1- ڪـو جو ٿَهـرُ ڪُنَنِ ۾، ويـا ڪـينَ وَرَنِ. (شـاهـ)
2- لـڳي اُتـر اُهَريـا، واهُنـدي وَرَنِ. (شـاهـ)
3- پَنجَن منجهان پَنڌرهَن ٿِيا، اِئن ٿا وَرَق وَرَنِ. (شاهہ)

وَرَنِ گهوٽَنِ يا مُڙسَنِ.
1- سـنـجَهہَ واريُون سٽيُون، وجي ويـڙه وَرَنِ. (شـاهـ)
2- وَجو سَڀِ مـوٽي، اَئين وَرَنِ واريُون. (شـاهـ)
3- واڳيُون جي وَرَنِ سين، تـن سَرَتَينِ سيجَ سُهاءِ. (شاهہ)
4- ڪَليُون ڪين ڪچَن، ويـچاريُون وَرَنِ ري. (شاهہ)

وَرَنِ وَڪَڙنِ يا ڏڪين پيچرن.
1- نيٺُنِ نندَ اُکوڙِ، جمَ مَتان، وَرَنِ م واڪا ڪرين. (شاهہ)

وَرَ مڙس، خاوند، ڪانڌ، ڀتار.
1- وريتيون ورو، آءُ نہ ورندي وَر ريءَ (شاهہ)

2- لڙ لال لطيف چئي، وَرَ لڪ وهايان (شاهه)

وَرَ ڦيرا، گھُمرا، اچڻ وڃڻ.

1- ويچاري ڏيئي وَرَ، پير نه لهي پرينءَ جو (شاهه)

وَرَ وڪڙ، ڏکيا گس، پيچيده پيچرا، آڏا ابتا پنڌ.

1- وَرَ وراڪا وچ ۾، لڪين آڏا لڪَ (شاهه)

2- هوءَ جي وَرَ وندر جا، ماريندا مونکي (شاهه)

3- آڏ ترا پچا آهڙا، وندر وراڪا وَرَ (شاهه)

وَرُ پَڳَ جو وَرُ يا پَٽڪي جو وَرُ.

1- ڪالهه ميان احمد علي کي علم جي دستارَ (پَڳَ) ٻڌائون، پهريون وَرُ سَندس استاد محترم ڏنس.

2- يارَ! پَٽڪي جو ته وَرُ واهُ جو هنيو اٿئي.

3- انهيءَ همراه جي مُنهَن ۾ سدائين وَرُ هوندو آهي، شايد ماءُ پيءُ جو پٽيل ٿو ڏسجي.

وَرُ تڪبر، غُرور، هَٺُ.

1- اَبا! همراه کي ڪَنڌَ ۾ اهڙو وَرُ آهي جو ڪنهن ڏانهن نهاري به نٿو.

2- اجان هاڻي ڪجهه فضيلت ۾ ٿيو آهي، اڳ ۾ ته يارَ کي ڏاڍو ڪَنڌَ ۾ وَرُ هوندو هو.

3- پوليس نيٺ ڪنڌَ مان وَرُ ڪڍي ڇڏيس.

وَرُ پَلِ يا پَلي.

1- سو وَرُ چشمَن تي چَلي، جو درياءِ دوسَ جو. (شاهه)

2- اَديون! وَرُ اگهاڙَ، وهانُ جنهن وساريو. (شاهه)

3- وَرُ سي وَطنَ چائيون، صحرا سَنڌُ جن. (شاهه)

4- وَرُ لَڪَنِ جي لوڏَ، گهوريا سُکَ پنيور جا! (شاهه)

وَرُ نَعمت يا سَعادت

1- وَرُ پريان سين پڪَ، پيا پاڻَ پَريائي گهوريان! (شاهه)

2- وَرَ لوئيءَ جي لُون، ڏاڏاڻن ڏِنيامِ جا. (شاھ)

وَرُ پاڪر يا ٻَڪَ.

1- وِجهيو وَرُ وَنجَهہ کي، روئي وڻجارِي. (شاھ)

واجَھہ حيلا وسيلا.

1- راڻي جي رهاڻِ کي، وِيئي وِجهان واجَھہ. (شاھ)

2- سانيِيڙن سَداءِ، وِينو واجَھہ وِجهي هِيون. (شاھ)

3- وِينو واجَھہ وِجهي هِيُون، پَرِ ۾ پهنوارِن. (شاھ)

واجَھہ نوڙَ يا رَسا.

1- واجَھہ کَٽي اچو تہ اُٺَ کي ٻَڌُون، نہ تہ سَيِنِ کي کائيندو.

2- شھر وِچين پيو، واجَھہ وِٺيو اچجانءِ.

وارَ مٿي جا وارَ.

1- وارَ وِڌي واڳُون کَيان، پَوان هوند پَلاڻَ. (شاھ)

2- چُوڙا پيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لڙهيسِ وارَ. (شاھ)

وارَ دير.

1- گهاتو گهرِ نہ آئيا، وَڏِي لڳيِ وارَ. (شاھ)

وَارَ مھل يا وقت.

الست برڪم، چياسُون جَنهِن وارَ. (شاھ)

وارَ ڀيرا يا دفعا يا گُهمرا.

1- تہ وارِيو وارِيو وَڏِيان، سِسيءَ کي سَو وارَ. (شاھ)

وَٽُ ڳَنڍُ.

1- جيڪا شئي وڻٽي اٿئي سا وَٽ، وري وقت ڪونہ ملندو.

2- پٽا هجَنئي تہ زمين پِلي وَٽُ.

1- سونهنِ جي صلاح، وَٽُ تہ وِيرِ لنگهي وجين. (شاھ)

2- وَٽُ ڪاتِي، وَڍِ آنگڙا، اَدبُ ڪرمَ ڪوءِ. (شاھ)

وَٽُ
مصيبت.
1- خدا جي ڪا مُئن ڪي وَٽَ پوي، هڪڙي ٻَڪري هئي سا به ڪاهي ويا.
2- خدا جا پنهنجا فيصلا آهن، هاڻي اهڙي ته اچي وَٽَ پئي اٿس جو سيئي پيو حساب ڪتاب ڏئي.

وَٽُ
قابو ٿيڻ.
1- اَبا! اهو همراه اجان ته ڪنهن ڪي به وَٽُ نٿو ڏئي.
2- اسان ته يار تو ڪي گهڻوئي ٿا چاهيون، پر تون وَٽُ ئي نٿو ڏين.
3- ڏاڍو هوشيار ماڻهو آهي، جنهن ڪي تنهن ڪي وَٽُ ڏيڻ وارو ڪونهي.

وَٽُ وَٽان
هڙ پٽ يا ڇڪَ ڇڪان.
1- شهر ۾ اڄ الائجي ڇا هئو، ماڻهن جي وَٽُ وٽان لڳي پئي هئي.
2- ڏسين ٿو ته آئون پنهنجي وَٽُ وَٽان ۾ لڳو پيو آهيان، تنهن ڪري وري ٻئي دفعي ڪچهري ڪنداسين.
3- اجان ته ٻَئي ڏريون وَٽُ وٽان ۾ لڳيون پيون آهن، الله ڪري ته پاڻ ۾ نهي وَڃن.

وِٽيون
پيالِيون.
سنڌ ۾ وَٽا ۽ وٽيون گهرن ۾ خاص ڪري هوندا آهن. وَٽا وڏا ٿين ۽ وِٽيون وٽن کان ننڍيون ٿين. ٻئي ٿانوَ پيئڻ ۾ استعمال ڪيا آهن. ٻهراڙي ۾ مائرون پنهنجن ٻارڙن کي کيرَ جون وٽيون ڀري پيارينديون آهن. ڀٽ لطيف سائين وِٽيون وِهَ (زهر) ۾ قلم بند ڪيون آهن.
1- گهڻن ۾ گهٽن، وَٽيون پين وِهَ گاڏيون. (شاهه)
2- وِٽيون ڏيئي وِهَ وات، متارا جنهن ماريا. (شاهه)

3- ايــنــدا تــو دريــار، وهَ پــيــنــدا وتــيُون. (شــاهـ)
4- ڪڙو جو ڪَکُوه، تہ بہ وَٽ سِر گهُرن وَتيُون. (شاهہ)
5- وهَ ســنــديــون وِتيُون، پَري چونــ پِنــين، (شــاهـ)

وَتيُون ڪتي جون ڪناريون يا رَئي، رِلي، پوتيءَ، چادر جون ڪناريون.

1- ڪَتيءَ وتــيــون ڪُتــيُون، سَتي سِيــٽــي سي، (شــاهـ)

وَتيُون شمعدانن جون وتيُون، ڏيَنِ ڏياتين جون وتيُون.

1- ابا! هِي وَتيُون نيُون وَتيُون اٿم، وجي گهر ڏِئي اَچُ.
2- اَبا! واندا وينا آهيون، وينا نوڙيون وتيون، پيو ڇا ڪَيون.
3- ڪجهہ حياءُ ڪر، وڃي ٻني ٻاري جو ڪم ڪر، رڳو ميڇون وَتيون پيو هلين.

وَٽَ زمين جي وَٽَ.

زمين کي اول پاڻي ڏِئي پوءِ ٻني هَرَ ڏبا آهن. ٿوري وقت کان پوءِ زمين جڏهن پوک جي لائق ٿيندي آهي ۽ وَٽَ ۾ هوندي آهي، تڏهن هاري ٻج پوکي فصل جي شروعات ڪندا آهن. اهڙيءَ تيار ٿيل زمين کي وَٽَ چوندا آهن.

وِٽَ موڙ يا پيچَ يا اٽڪلون.

وِٽْ اٽڪلون، ڳالهہ ۾ وٽ نہ وجهہ.

وَٽَ نئون لتل فصل.

1- بَس يار! انب تازا لٿا آهن، چيم تہ يارن کي وڃي اَنبن جي وَٽَ ڪرائي اچان.

وَٽَ تورا.

وَٽَ جو واحدُ وَٽْ: ٻاڻ واپاري وٽج ٿيو، ٻاڻ تارازي وَٽْ،
(سامي)

چوڻي: وَٽَ پراڻا، پر تورَ سوائي.

وَٽَ سَورَ يا آزارَ يا تڪليف.

آنڊن ۾ وَٽَ پيٽَ ۾ وَٽَ، ڪاڪوس جا وَٽَ.

وَٽَ امانت يا عنايت.

بزرگن، فقيرن ۽ درويشن ڪان ڪا دعا، عنايت يا نوازش عطا ٿيندي آهي ته ان کي به وَٽَ چوندا آهن.

1- ابا! انهي فقير کي به ڪا وَٽَ مليل آهي، ڪٿان ملي اٿس سا خدا کي خبر!

2- اَبا! مُلي ملوڪَ کي به پنهنجي مرشد ڪان وَٽَ مليل اٿئي، تڏهن ته ڏاڍو ڦيٽو ڪري پيو، پنهنجو پيٽُ گذر ڪري.

ٻيو پاسو وري زندگي جو هي به آهي ته جيڪو ماڻهو جنهن به فيلڊ ۾ يا جنهن به ميدان ۾ سچائي سان، قرب سان، پيار سان، انصاف سان ۽ محنت سان ڪمُ ڪري ٿو، ان کي قدرتي طرح ئي عظمت حاصل ٿئي ٿي. منهنجي خيال ۾ ان عظمت کي ئي وَٽَ چئجي ٿو.

نوٽ: مٿين منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي.

وَٽِ پرسان يا ويجهو يا اوڏو.

1- وَٽِ ڇڏي مون واڳهه، آري! وئين عشق جو. (شاهه)

2- واجي وَٽِ مَ وَڃُ، ٻُڌُ تہ ٻيائي لهي. (شاهه)

3- ڪَهان تان ڪيچان پري! وِهان تان وَٽِ مون. (شاهه)

وَٽِ ڏئي جي وَٽِ.

جيڪا ڪَپهہ جي نهيل هوندي آهي.

وَٽ شمعدانن ۽ بتين ۾ به هوندي آهي، پر اُها سُٽَ جي ڌاڳن ۾ پِٽيءَ وانگر نهيل هوندي آهي.

وَٽ سورِ ٻندي ولها، وِئو تيل ٻري. (شاهه)

وَٽِ ويڙهه.

1- نانا! هاڻي تون رڳو پيو نوڙين وٽ، توتي پيو ڪوبه ڪَمُ ڪونهي.

وايون ڳالهيون ٻوليون.
1- نہ سي ترَّ هوڙاڪَ، نہ وايون وڻجارن جُون! (شاھ)
2- اڄ پڻ وايون ڪَين، وڻجارا وڃڻ جون. (شاھ)
3- پِرهَ جو پَنڌ تي، ڪَنِ ولوڙا وايُون. (شاھ)
4- پرين پَسِي منجهہ خوابَ وِهاڻيءَ وايون ڪري. (شاھ)
5- مون ڪي جياريون، وايُون وڻجارن جون. (شاھ)

وايون سوچَ، سمجهہ، دماغ، عقلُ.
چوڻي: وايُون بتال تي ويون اَٿس.

وايُون شعر جي صنف.
جنهن جُون وايُون مينهَن ڦُڙيُون،
جنهن جا سُرَ سانوڻ جي شام!
(شيخ اياز)

ويلَ مَهَل يا وقت.
1- رڳون تيون رَباب، وَڄن ويلَ سَيڪَهين. (شاھ)
2- راڻو رات نہ آئيو، ويلَ تري ويئي. (شاھ)
3- سياڻو تيءَ ساڃاھ، اڃا ويلَ وَئي نہ آهي. (شيخ اياز)

ويلَ ظلم.
ڪيڏا ويلَ وَهِي ويا، تُنهنجن ٻچڙن سان. (شيخ اياز)

واهَ واٽَ، رَستو، ڳسُ.
1- وينو ڏسان واهَ، اَڄُ پڻ آيا ڪين ڪِي. (شاھ)
2- توريءَ تارِي ناھ ڪا، والِي توريءَ واهَ. (شاھ)

واهَ پاڻيءَ جا رستا، پاڻيءَ جا واهَ. جن جي وسيلي زمينون ۽ فصل آباد ٿيندا آهن. جهڙوڪ: جمڙائو واھ ۽ منڙائو واھ.

واهَ — پلو يا سنو.
1- اڄ رات واهَ جو راڳ ٻڌوسين.
2- يارَ! اهو تو واهَ جو ڪم ڪيو آهي، جو مسافر کي ماني ڪارائي آئني.
3- اڄ ته تو يار واهَ جو ڳالهيون ٻڌايون ائني، دل خوش ڪري ڇڏيئي.
1- لَتو ڪَٽُ قَلوبَ تان، تي ور وُهَڻَ واهَ. (شاهه)
2- آنديون ڪانگَ قريبَ جُون، اَڄ واڌايون واهَ. (شاهه)

واڙِ — واڙو جو مونث.
واڙ کي ڍنگرن ۽ ڪنڊن جو چوڌاري لوڙهو ڏنل هوندو آهي. جتي ٻڪريون آرام سان ٽيننديون، ويهنديون ۽ ڦولهڙيون لاهينديون آهن. گويا واڙ ٻڪرين لاءِ هڪ بچاءَ ۽ قلعو آهي جتي هو محفوظ آهن.

واڙِ — گدرن پوکڻ جو هنڌ. جنهن کي گدرن پوکڻ جي واڙِي به چئبو آهي.
جنهن جاءِ تي گدرن جو فصل پوکيل هوندو آهي، ان کي گدرن جي واڙ به چوندا آهن. ٺٽي ضلعي ۾ سال واري علائقي جهرڪن جي آس پاس ڪنهن وقت ۾ گدرن جون واڙيون گهڻيون هونديون هيون ۽ سالَ جا گدرا پوري سنڌ ۾ مشهور ۽ تمام مٺا هوندا هئا. هاڻي اُهي پڄ ختم ٿي ويا آهن، تنهن ڪري سالَ جي گدرن جو نالو به ختم ٿي ويو آهي.

واڳُون — گهوڙي جون واڳون يا اُٺن جون واڳُون.
1- اسان جون واڳون آهن اوهان جي وَسِ، جيڏانهن ڇڪيندا، تيڏانهن هلنداسين.
2- گهوڙي جون واڳون مضبوط ڪري جهلجانءِ، متان

کيرائي نہ وِڃهنئي.

1- وارَ وِڏي واڳون کيان، ڀوان هوند ڀَلاڻَ. (شاهہ)

واڳُون وَس.

1- واڳون ورائي، ڦيرِين مانَ فقير تي! (شاهہ)

والِي الله پاڪ جو نالو.

1- والِي واحد، وحده، رازقُ، رب، رحيم، (شاهہ)

2- ڀورهيو سندو ڀورهيتين، والي! ڪيمَ وِڃاءِ. (شاهہ)

3- وارِيين سي، والِي! هينئڙو جَنين هَتِ ڪيو. (شاهہ)

4- والِي! ڪَجِ وَڙُ ڪو، تہ ٻارِ لَنگهِيان ٻاجهہ سِين. (شاهہ)

والي بادشاه، حاڪمُ.

والَي زيور ڪَن ۾ پائبو آهي.

1- ادي! منهنجي ڪَنَ مان هڪڙي والِي ڪٿي ڪِري پئي آهي.

2- پيڻ! واليون تہ واهَ جون جوڙايون اٿئي.

والي وارثُ.

وائَي ڳالهہ ٻولهہ، خبرچار، سڌ سماءُ.

1- تون تہ رڳو پنهنجون پيو خبرون ڪرين، هن جي بہ وائي ٻڌ.

وائي ٻولي، گفتگو، آغاز.

1- ڪرهي ڪاڪ تہ چڙِهي، وريس نہ وائي (شاهہ)

2- اڄو آيا نِج، سمي وائي وات ۾ (شاهہ)

3- وڳر ۾ وائي، ڪالهہ تنهنجي ڪونجڙي (شاهہ)

وائي شاعريءَ جي هڪ صنف.

ويڙ ڳوٺ يا وسندي.

1- هَڄِڙو حال هميرَ! وَڃِي شال ويڙهِ وَڃان! (شاهہ)

2- مَن منهنجي ڪي، واڪو لَهي ويڙه جو. (شاهہ)

3- ويڙهه پَسان سو وَرُ، جيڏانهن عالم نه آسرو. (شاهه)
4- وَرُ سا سَنجي ويڙهه، جتي سَجڻ هيڪڙو. (شاهه)

ويڙهه — اهو ماڳُ جتي گهٽيون چاريون ۽ کپ ڙ هجن. مالوند ماڻهن لاءِ چاريون ۽ کَپَڙَ سهارو ۽ بچاءُ هوندا آهن.

1- سنجڻ واريون سَتيون، وچي ويڙهه وَرَن. (شاهه)

ويڙهه — جَنگ، لڙائي، فسادُ، جهيڙو.

1- جيڪو محبت ۾ مزو آهي، سو ويڙهه ۾ ڪونهي.
2- ويڙهه ۾ دشمن خوش ٿيندا آهن، سَڄڻ سُور سَهندا آهن.

ويڙهه — ويڙهڻ.

1- ڏيءُ! هَنڌَ سِپ ويڙهه، مينهُن پيو اچي.
2- پيارا! پنهنجا ٿَپَڙَ ويڙهه، بدلي جو آرڊر اچي ويو آٿئي.

وِير — سمنڊ جي مقرر وقت تي اٿندڙ وڏي ڇولي.

وير — درياءَ جي ڇولي.

1- تـوڏي تا ڪِنِ وچَ ۾، متان ويرَ وري. (شاهه)
2- جي توه ٿئي توڏانهن، ته ويرَ وَهيٺو ناه ڪي. (شاهه)

وِير — بهادر يا سورهيه يا دليرَ.

1- جسودن جها يارَ، پِٽڙا ويرَ وماسَ ۾. (شاهه)
2- صبح سگڙيون ڪٽي، ويا وَڃائي ويرَ. (شاهه)
3- هَٿُ نه ڪجي هيٺرو، هَٿَ وڃايا ويرَ. (شاهه)
4- اُسرِي اُتهين ويرَ! تون، آري جامَ اچيج. (شاهه)

ويرَ — مَهلَ يا وقت يا ويلَ.

1- ڏنائون ڏاتارَ کي، وڏيءَ ويرَ وهاڳُ. (شاهه)
2- وَرُ اُهائي ويرَ، جنَن ڏِٺُ نَسي تَڙ آئيو. (شاهه)
3- سنجَنِ سانيڪِنِ تي، وَڏيءَ ويرق وهُون. (شاهه)
4- واهيري جي ويرَ، چِلُون ڪريان ڇِپرين! (شاهه)

ويرُ دُشمني.

1- جنـين سـاٿـس ويـرُ، تِنـي تنـين جو واهرو. (شـاهـ)

2- هڪ هندو، ٻيو مُسلمان، وِچ وڏائون ويرُ. (روحل صوفي)

3- ڪَپَرَ! گـاروڙيَنِ سـين، وَڏو وڏوءِ ويـرُ. (شـاهـ)

4- سَمـوتَنِ سَڌُ ڪَري، جَن تـي وَڏو ويـرُ. (شـاهـ)

5- سُنـهاري صُبُوحَ سـين، وِجهي ويـٺـين ويرُ. (شاهـ)

وِيرُ بدلو يا پلاندُ يا عيوضو.

1- ظالمن سان مظلوم ماڻهو مُنهُن تہ نٿا ڏئي سگهن، پر قدرت هُنن کان ضرور ويرُ وٺندي.

2- تو جو هُنن کي هيترو نقصان رسايو آهي، سو تو کان اهو ضرور ويرُ وَٺندا.

چوڻي: ڪارو نانگ ٻارهين مهيني بہ پنهنجو ويرُ نہ ڇڏي.

گذارش!

وَرِيلَ نـالي هڪ شـخص شاعر ٿي گذريو آهي، آهي تہ الائجي ڪهڙي دور جو، سا ڳالهہ تحقيق طلب آهي. پر سندس هڪ بيت وير متعلق منهنجي هِڪَ دوست اٿين ڪچهري ڪندي ٻڌايو، جو منهنجي دل ۾ چڱ تہ ويهي ويو، بلڪ پيهي ويو. اوهان بہ ٻُڌو!

1- ڪـاتـيُون ڪُهَنِ سـپ ڪي، ڪـاتـيُن ڪُهي ڪـير، جي وَرِيـلَ ڇڏيـو ويرُ، تہ ڪـاتيُون سَپُ ڪُسِي پـيـون.

وَهِي هارجي.

1- رڳو چِتِ جي صفائي ڪري ڇڏيو، پوءِ نيسارن مان پاڻي سولائي سان وَهي ويندو.

2- ٽانڪي ۾ ڪو سوراخُ هئو، خبر ڪانہ پئي ڪاٿي ڪير وَهي ويو.

3- ڏيءُ! رڌڻي جو خيال ڪَج، متان اُيامي رَهي نہ وڃي.

وَهِي مدد، ساٿ.

1- پيارا! جَسُ هجئي جو اسان سان مشڪل وقت ۾ وَهِي ويو آهين.

2- اسان توسان هرحال ۾ وَهِي ويندا آهيون، پر تون اسان پيري هميشه نتائي ويندو آهين.

3- يار! مسڪين، غريب ۽ هٿين خالي هُئس، پر دوست مون سان واه جو وَهِي وِيا!

وَهِي گڏري ويا.

1- ڪيڏا ويلَ وَهِي ويا، تُنهنجن ٻچڙن سان. (شيخ اياز)

2- وَڳَرَ ويا وَهِي، ڪالهه تُنهنجا ڪونجڙي! (شاهه)

3- اولـيُون اُجَهڻ لـڳيُون، وِئـا وَتـجهَ وَهِي. (شـاهـه)

4- وئـڙا سي وَهِي، جَنـبُ گـڏاريم جَنَ سـين! (شـاهـه)

وَهِي جواني.

1- وَهِي ۾ ماڻهو سڀ ڪجهه برداشت ڪري ويندو آهي.

2- اسان جي به اوهان وانگر وَهِي هئي، پر تون وانگر دانهون ڪونه ڪيرايونسين ۽ نڪي مائٽن کي پريشان ڪيوسين.

3- ان ماڻهوءَ کي انوقت سخت چوٽ لڳي ٿي، جڏهن کو سندس پيءُ يا فرزند وَهيءَ ۾ وفات ڪري وڃي ٿو.

چوڻي: پڇاڙي واري پُٽ ڪان، وَهِيءَ واري ڌيءَ چڱي آهي.

چوڻي: ابا! تون پلي مستي ڪر، تُنهنجي وَهِي آهي.

وَهِي عُمر يا حياتي يا زندگي.

1- ايڏو تـه هُو شريـف انـسان هو، جو آخري وَهيءَ ۾ بـه ڪَنهن جي وارَجو به نالو نه ورتائين.

2- آبا! اسـان جي هـاڻـي اُها وَهِي ڪـانـهي، جو ڪـوڏر کڻي ٻَنيءَ جو ڪَمُ ڪيُون.

وَهَ — تيز وَهڪرو.
1- وَهَ تڪَ، واهڙ تڪَ، جت نيڻهُن، تڪَ نرالي، (شاهه)
2- ڏيندا مُون ڏُکَنَ، وَهَ وَجهندا جندڙو! (شاهه)
3- پاڻ اُڇلي آبَ ۾، وَهَ سِر وڌائين، (شاهه)
4- اورار نه پَرارِ، ويچارِي وِهَ وِچ ۾! (شاهه)

وِهِ — واهه جو، واهوا، وڻندڙ.

وهه — چَرٻِي، سٿِيُ.
متاري جانور ۾ وَهَ تمام گهڻي هوندي آهي. خاص ڪري مينهن جڏهن متاري (ٿُلهي) ٿيندي آهي تہ کير گهڻ ڏيندي آهي، تنهن ڪري مالڪ ان مينهن کي ڪاسائيءَ جي حوالي ڪندا آهن.
وَهَ گهٽي ۾ دنبي ۾ بہ فطري طرح گهڻي ٿيندي آهي.

وصالُ — ميلاپُ يا مِلڻُ.
1- لالَنَ جو، لطيف چئي، وِساري نہ وِصالُ، (شاهه)
2- وهائيءَ وِصالُ، اُتيان آرامِي ڪري. (شاهه)
3- رات ڏينهن هان روحل چوي، واليءَ ساڻ وصال، (روحل)

وصالُ — وفات يا لاڏائو.
1- ويجهڙائي ۾ ڪي دل وارا ماڻهو وصالُ ڪري ويا آهن، جن جيءَ کي جهوري ۾ پوري وڌو آهي.
2- لطيف سائين صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ سنہ 1165 هجري ۾ وصالُ ڪيو هو.

وَڍُ — غَمُ يا ڏُکُ.
1- جان تو هُنڙو وَڍُ، ڪندا! ڍورَ ڏٿين جوءِ. (شاهه)
2- وَري وَرَڻُ پِنو، گڏيم وَڍُ وصالَ جو، (شاهه)
3- تو جا سمجهي سِٽ، سا آهي وائيءَ وَڍُ، (شيخ اياز)

وَڍُ — چير يا زخم.

ھ

هَٿُ انساني عضوو. جنهن سان ڪم ڪار ۽ ڪاٻو پئبو آهي. (هَٿُ)

1- پاٻوهيو پُڇَنِ، ڪِٿي هَٿُ حبيبَ جو؟

2- پُڇو پيرَ پِرَي، تہ ڪِ ڙَئو هَٿُ حبيبَ جو؟

3- هاديِ! هَٿُ ڏري، اُونهي مان اُڪاريين.

چوڻي: هَٿُ هَٿُ ڪندؤ، تہ چَپَرُ ڪجي پوندو.

هَٿَ سهارو.

1- مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامل ڏِٺي ڪاڪِ جا! (شاهہ)

هَٿَ گهڙيل.

هٿ جون پيو هٽي، اعتبار نہ ڪرينس.

هيرَ هينئر يا هاڻ يا هاڻي.

1- هنئڙي سڄڻ ساريا، ڪِٿي هُوندمِ هيرَ. (شاهہ)

2- هي جي آيا هيرَ، مون اَڳُ نہ ڏٺا ڪڏهين. (شاهہ)

3- ناه جَمعيت جانِ کي، هوت پُڄاڻا هيرَ. (شاهہ)

4- اولي! ڳوڙي آڻيين، ڪو هُتي جو هت هيرَ. (شاهہ)

5- مڱ وهاڻيءِ مڱڻا! مٿو هيرَ موجُودُ. (شاهہ)

هيرَ عادَتَ.

1- ماءِ! منهنجي ڪَرهي، تازي ڦُلَنِ هيرَ. (شاهہ)

2- آئيون اڳئين هيرَ، اَصُلَ سندي آسري. (شاهہ)

3- ان در سندي مڱڻي، اڳي ايئن نہ هيرَ. (شاه ڪريم)

چوڻي: هيرائي سندي هيرَ، تنگ ٻَڳي نہ لَهي.

هَٺَ وڏائي يا تڪبر يا غرور.

1- هَٺُ نہ ڪجي هيترو، هٺ وڃايا ويرَ.

2- هَتَ مُنهنجي هاڻ، قدرُ لڌو جَنِ ري. (شاهه)

هَنجَ گود.
1- هوتُ تنهنجي هنجَ ۾، پُڇين کوهُ پَرياڻُ. (شاهه)
2- جي هتان هوتَ مَرَن، هوتُ تنين جي هَنجَ ۾. (شاهه)
3- چِرِيءَ منجهان چُونهَ، ڪَڍي هوتق هَنج ڪيو.

هَنجَ پکيءَ جو قسم.
1- سَرَ سُڪي سال ٿيا، هَنجَ هَريوئي پير. (شاهه)
2- ماڻڪَ چوڻو جَنِ جو، هنجَ حضوري سي. (شاهه)
3- هَنجَ مڙوئي هَنجَ، ميرو مَنجهن ناهِ ڪو. (شاهه)

هولَ ڊَپَ جا اوٿارا.
1- من اندر مهارَ جا، هيڙي اَچَنِ هولَ. (شاهه)
2- تو پڇاڻان سُپرين! هيڙي اَچَنِ هولَ. (شاهه)

هولَ تڪڙ، هَبچ.
1- بس يار! هولَ ۾ گهٽو ڪاٽي وينس، تنهنڪري بيمارُ ٿي پيس.
2- پاونگُ اُيو پڙ ۾، هَٽي هزاري هولُ. (شاهه)

هولُ لالچ يا هوس يا لوبُ.
1- جنهن هولُ ڪيوسو هٿَن مان ويو، جنهن شُڪرُ ڪيو تنهن کي سَبُ ڪي مليو.

هاڙهو جَبَلُ. هاڙهو جَبلَ جو نالو.
1- ڪوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! ڪوءِ پُنهون، ٻَنِ پريتڙو! (شاهه)
2- هوتن لءِ هاڙهو، رِجائيندِيس رَتَ سين. (شاهه)
3- هورن هاڙهو ڪنگهيو، تيءَ جُريدي جوءِ! (شاهه)
4- هاڙهو هيٺيءَ ڪي، لنگهائج لطيف چئي. (شاهه)

هاڙهو ناليوارو، ناميارو.
هاڙهو لفظ اڪثر ڪنهن وقت ۾ ڪنهن وڏي مشهور

چور يا ڌاڙيل کي چوندا هئا.

1- ابا! اهو ھاڙهو چور آهي، ڪنهن جي ٻه پرواهه ڪيندو ڪونهي.

2- ڪنهن وقت ۾ غلام حسين واڍو ھاڙهو ڌاڙيل هوندو هو.

3- چون ٿا تہ ڪانڊيري جو ڪاڪو ٻہ پنهنجي وقت ۾ ھاڙهو چور هو، پر هاڻي جهونو ٿي ويو آهي.

هَٽُ ذڪانُ.

1- ٻانيڻ چوي، ٻيائيءَ ري، ڪَڏي وينو هَٽُ. (سامي)

2- ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولڻ هَٽَ تي. (شاهہ)

3- موتِي مڇي هَٽَ تي، ڪوڏِن جنءِ ڪڍيائين. (شاهہ)

4- هَٽُ ڪڍيو آهي، سَنتن سودي سارَ جو. (سامي)

هَٽُ ٻوڻتي ٿِي.

هارَ گُلَنِ جا هار، موتين جا هارَ.

1- سيـنـي سُهاڳـڻـيون، سَيِنِي ڳچيءَ هارَ. (شاهہ)

2- سونا ڪُرَڪَنين ۾، ڳچيءَ ٻاڙها هارَ. (شاهہ)

3- ڪٽيو وِجهان مَچ ۾، هاٿيءَ هَٿان هارُ. (شاهہ)

هارَ شڪست.

1- نہ ڪا رات نہ ڏينهُن ڪو، نَڪا جيتَ نہ هارُ. (روحل)

2- هارَ جيتَ ڏک سک ڪون، اَگم اَلادِي. (سامي)

هارَ هارَڻُ، پاڻيءَ جو هارَڻُ.

1- اهو پاڻي پيئڻ جو ڪونهي، هارَ ويرَ جو آهي.

2- اهو بہ پاڻي چوتا هاريو، پِيو هُجي هارَ وير جي ڪم اچي ويندو.

هِيرَ ٿڌي هوا، وٿندڙ هَوا.

1- سدا وَهن سانهان، عاشق اُتر هيرَ. (شاهہ)

2- لڳي ڏڪَن جي هِير، مارو منهنجا ميرَ!
آئون هت بند ۾ بنديائي آهيان. (شاهہ)

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ ان جون حرفي پيچاڙيون متحرڪ ۽ سُر واريون آهن. اعرابن جي معمولي ڦير ڦار سان لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ واضح فرق سامهون اچيو وڃي. ڪيترائي لفظ تہ وري اهڙا آهن، جيڪي ساڳيون اعرابون رکڻ جي باوجود بہ پنهنجي اندر معنيٰ ۽ مطلب ۾ انفراديت رکندي نظر اچن ٿا. محترم عبدالخالق "شهيد سومري" پاران تيار ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي خاص لفظن ۽ اصطلاحن جي هيءَ تقابلي ۽ تشريحي لغت ان سلسلي ۾ هڪ جامع اپياس پيش ڪري ٿي. ان کان علاوه هن لغت ۾ مختلف جاين تي اهڙن خاص لفظن جي تشريح ۽ سمجهاڻي بيان ڪندي حوالي طور شاهہ لطيف جي بيتن کي پڻ ڪتب آندو ويو آهي. جيڪي جڻ تہ هن تحقيق جي سَنَد جون ساکون پرينديون نظر ٿا اچن. سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ۽ تقابلي اپياس واري موضوع تي تيار ڪرايل هن لغت جي ڇپائيءَ سان نہ صرف ٻوليءَ ۾ گهٽ ۽ ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن کي محفوظ ڪري سگهبو، پر ٻوليءَ تي تحقيق واري سلسلي کي پڻ هٿي ڏئي سگهبي.

مون پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو درس و تدريس ۽ گذر معاش جي سلسلي ۾ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن سان گذاريو آهي. انهن سادن ۽ صاف انسانن وٽ جيڪو ٻوليءَ جو خزانو آهي، سو ڊگريون ۽ سرٽيفڪيٽ رکندڙ پڙهيل لکيل ماڻهن وٽ مشڪل نظر اچي ٿو. مون کي ٻوليءَ جا گهڻا لفظ انهن هارين ۽ پورهيت ماڻهن کان حاصل ٿيا ۽ اهي موتين جهڙا لفظ جڏهن شاهہ سائين جي رسالي سان پيٽيم تہ ساڳيا لفظ هوبهو ملڻ شروع ٿي ويا. البتہ هن ڪتاب کي مڪمل لغت چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ مڪمل لغت لکڻ لاءِ وڏا علمي اصول ۽ قاعدا آهن. جتي ڏونري جهڙا ٿلها ڪارائتا لغت جا ڪتاب لکيل آهن، اتي هيءَ ڪتاب ٻانهون ٻڏيو بيٺو آهي. بس هڪڙي ادبي ۽ علمي جهوپڙي ناهي ان ۾ هڪ ڏيئو ٻاريو اٿم. الله ڪيس هوائن کان بچائي.

شهيد سومرو

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٿُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورئي پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيِن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ
کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ
اِن حسابَ سان اٽڪاڻي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڑھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪِجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڑھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڑھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڑھڻ، پڑھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا، بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڑھا ٿوڙي نيرا، ساوا ٿوڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منھنجا ياءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)